سون ورني ڌرتي



SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

عظمت ادبي اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

عظمت ادبي اڪيڊمي نمبر ۱۴

سون ورني ڌرتي

(ناول)

پرل بڪ

عمر ميمڻ

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

عظمت ادبي اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[ترجمي جا جملي حق واسطا اداري وٽ محفوظ]

نالو ڪتاب جو: سون ورني ڌرتي

مصنف : پرل ايس بڪ

مترجم : عمر ميمڻ

ڇاپو : پهريون، نومبر ۱۹۸۵ع

تعداد : هڪ هزار

آرٽسٽ : خدا بخش ابڙو

قيمت ۰۰-۲۵ رپيا

قيمت 30-00 روپيه

هي ڪتاب م. ع ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊمي، طرفان، سردار پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

مهاڳ

پرل ايس بڪ .... امريڪي خاتون، ڀر جنهن جي زندگيءَ جو گهڻو حصو چين جي سرزمين تي بسر ٿيو ۽ جنهن کي ادب ۾ نوبل انعام به مليل آهي تنهن جو لکيل آهي هي ڪتاب The Good Earth. هي داستان آهي هڪ چيني هاريءَ جي زندگيءَ جو .... جيئين هو هاري آهي، سندس زندگي گهڻي ڀاڱي سنڌي هاريءَ جي زندگيءَ سان ملي ٿي، جيتوڻيڪ اسان جا سنڌي هاري ريتن ۽ رسمن ۾ اهڙيءَ ريت گرفتار ٿيل آهن جو هو هن چيني هاريءَ وانگر بچت ڪٺا ڪري سگهن.

سخت محنت جي نتيجي ۾ سٺن فصلن "وينگ" کي انهيءَ قابل بڻايو جيئن هو ٻي زمين به خريد ڪري سگهي .... آهستي آهستي هو وڏو زميندار ٿو بڻجيو وڃي، جيڪا ڳالهه سنڌي هاريءَ جي معاملي ۾ ناممڪن آهي ڇو ته اسان جو سنڌي هاري، زميندار جي استحصال جو شڪار آهي.... ۽ ڪجهه سندس به ڏوهه آهي جو هو اجاين ريتن رسمن خلاف بغاوت نٿو ڪري ۽ انهن جي پورائيءَ لاءِ پنهنجو اجهو لٽايو ڇڏي .... زميندار ٿي وڃڻ کان پوءِ وينگ جون عادتون ۽ خصلتون سنڌي وڏيرن سان مشابهه آهن. اسان جو وڏيرو به فصل لهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کان پوءِ وڏن شهرن جو رُخ ڪندو آهي ۽ سموري پونجي تين وال ڪري، ڪيسا خالي ڪري، ڪوٺ موڙي ايندو آهي ۽ زمين جو ٽڪرو وڪڻڻ لاءِ تيار رهندو آهي .... ”وينگ“ عياشيون ته ڪري ٿو، ٻي شادي به ڪري ٿو، پر زمين ان وقت به نه وڪڻائين جڏهن بک وگهي هو پاڻ ۽ سندس ٻار مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي پهتا هئا، ۽ نه اهو قدم کڻڻ جي اجازت پنهنجي اولاد کي آن وقت ڏنائين جڏهن هو پنهنجي عمر پوري ڪري چڪو هو. وينگ چوائيءَ ڌرتي نه ماتا سمان آهي .... ماءُ ڪي به ڪير وڪڻندو آهي ڇا؟ پر اسين سنڌي ماءُ جو سودو ڪري رهيا آهيون .... ڌڙا ڌڙ پنهنجيون زمينون ڌارين جي حوالي ڪري رهيا آهيون، صرف وقتي آسائشن خاطر.... اهو ڏينهن به شايد جلد اچي وڃي جڏهن سنڌ جي زمينن تي سنڌين جو ڪو حق باقي نه رهندو!!

هن ناول ۾، چين جي خوفناڪ ڏڪار جو به ذڪر آهي ۽ ڊاڪٽر سن يات سين واري انقلاب جي جهلڪ پڻ.

ترجمو ۽ ڪتاب جي ٻيهڪ ڪهڙا آهن؟ تنهن سلسلي ۾ پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار رهندو.

سات سلامت

— عمر ميمڻ

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ وينگ لينگ جي شاديءَ جو ڏينهن هو- صبح جو جنهن وقت سندس اک کلي تڏهن اڃان اونده جو راڄ قائم هو. پر واريءَ ڪوٺڙيءَ مان سندس پيءُ جي کنگهڻ جو آواز اچي رهيو هو. پوڙهو سڄي رات پيو کنگهندو هو. صبح جو وينگ کنگهه ٻڌندو، پر ڪوٺڙيءَ مان ٻيسين ٻاهر نه نڪرندو هو جيسين پوڙهو کنگهندو کنگهندو سندس پرسان نه اچي بيهندو. پر اڄ هن انهيءَ جو انتظار نه ڪيو، اک کلندي ئي بستري مان نڪري آيو. دريءَ جي وٿين مان ٿوري ٿوري روشني اندر اچي رهي هئي. هو اڱڻ ۾ نڪري آيو ۽ اڱڻ جو دروازو کولي پنهنجي هنيءَ تي نظر وڌائين. اوپر لڳي رهيو هو ۽ هوا ۾ گهم هئي، اهي آثار مينهن پوڻ جا هئا. فصلن کي مينهن جي ضرورت پڻ هئي. وينگ موسم جي رخ کي ٿورو ٿورو سمجهندو هو. گهميل هوا محسوس ڪري هن اندازو لڳايو ته اڄ آسمان سندس زمين تي ڪ مهربان ٿيندو. سندس زال ياڳوان هئي جنهن بارش کي ٻاڻ سان نيو پئي آئي. اڱڻ تي هڏل ڍڳي جي ويجهو اچي هن سندس منهن ۽ ٻانهن تي پيار مان هٿ ڦيريو. ڍڳو ڪنڌ مٿي ڪري، زبان ٻاهر ڪڍي پنهنجي مالڪ کي چٽڻ لڳو. وينگ پوءِ وري ڪرڏڙيءَ ۾ آيو.

وهنجي ڪپڙا مٽايائين ۽ پوءِ اڱڻ تي ٻاهه ٻاري ڇانهه
تاهڻ لڳو. گذريل ڇهه سالن کان اها سندس ڊيوٽي هئي
ته صبح جو اٿي پوڙهي پيءُ لاءِ ڇانهه تاهي جنهن ۾
ٽالو ماتر پٽي هوندي هئي، پر گرم پاڻيءَ پيڻ سان سندس
ڪنگهه ۾ ٿوري ڪجهه فائدو ٿي ويندو هو. جڏهن کان
وينگ جي ماءُ دنيا مان لاڏاڻو ڪيو هو، وينگ پيءُ
جي خدمت دل و جان سان ڪري رهيو هو. پر هاڻ
شايد ڪيس ڪجهه آرام ملي وڃي. ڇو جو هڪ عورت
هن ڪچي گهر ۾ اچي رهي هئي ۽ سندس اچڻ ڪري
صبح جو اٿي ڪيس ڇانهه نه تاهڻي پوندي ۽ هاڻ هو
پيءُ وانگر ڪٽ تي ليٽيو پيو ڇانهه جو انتظار ڪندو.
زال جي تصور سان گڏ وينگ جي ذهن ۾ ٻارن جو
خيال آيو جيڪي سندس اڱڻ تي جنم وٺندا ۽ راند
ڪندا پوءِ هي گهر اڄ وانگر خالي نه لڳندو.

سندس گهر ٽن ڪوٺڙين ۽ اڱڻ وارو هو ۽ ماءُ
جي مري وڃڻ کان پوءِ هر وقت ڇڻ ته کائڻ ايندو
هو. ماءُ جيڪري هئي ته ڪونه ڪو مهمان پيو ايندو
هو، خاص ڪري سندس ڇاڇو سندس ٿلهي زال ۽ ٻار.
اهڙيءَ ريت گهر ۾ اڪيلائي ڪونه ٿيندي هئي.

هو ايان انهن سوچن ۾ هو ته پوڙهو کنگهندو ۽
کانگهارا ڪيندو اڱڻ تي نڪري آيو ۽ سندس آواز
تي وينگ خيالن جي دنيا مان نڪري آيو. ”اڃان ڇانهه
جو پاڻي گرم نه ٿيو آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وينگ وراڻيو، ”ڪاٺيون شايد آليون آهن. هوا
رات کان گهميل آهي نه.“

چانهه جا ٻه چار گرم گرم ڍڪ پرڻ کان پوءِ
پوڙهي جي ڇاتي ڪجهه صاف ٿي پر هن وري ٻه
شڪايت ڪندي چيو ”تون چانهه ۾ پتي گهٽي ٿو
وجهين- پتي ته چانديءَ جي اگهه تي وڪامي.“

”ها- ٻانيان ٿو ته اڄ مون ڪجهه گهٽي پتي وڌي
آهي. اندازو نه رهيو.

خير اچوڪو ڏينهن تون جيڪي ٻه ڪرين سو
جائز آهي. وچ ڏس مون واري ڪوٺڙيءَ ۾ تنهنجي
ماءُ جي پيتي پيئي آهي، شايد ان ۾ تنهنجي ڪنوار
لاءِ ڪو وڳو ڪپڙن جو پيل هجي.“

وينگ کي زال ملڻ جو ڪو آسرو ڪونه هو. هو
محنتي هاري هو پر غريب هو. ۽ سون چانديءَ کان
سواءِ زال ڪٿان ٿي ملي. پر سندس پوڙهي پيءُ ڪوٺ
جي وڏي حويليءَ جي مالڪڻ کي هٿ ٻڌي عرض
ڪيو هو ته هوءَ پنهنجي ڪا خريد ڪيل ٻانهي سندس
محنتي پٽ کي ڏي. پل ڪٿي اها سهڻي نه هجي. پوڙهو
رڌائر ٿيڻ کان اڳ پنهنجي سموري جواني وڏي حويليءَ
جي شاهي لوهي دروازن تي چوڪيدار ٿي رهيو هو. ۽
سندس انهيءَ خدمت عيوض، جاگيردارڻيءَ سالس واعدو
ڪيو ته هوءَ ضرور مٿس اها مهرباني ڪندي. ۽ اڄ
اهو ڏينهن اچي ويو هو. پوڙهي وينگ کي چيو ”تو کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زال ڪپي. هڪ عورت. پوءِ ڪٿي سندس ڇهري تي ماڻا جا داغ هجن يا سندس ڇپ قاتل هجي. پر اهڙين به نه آهي. تون وڏي حويليءَ جي ڦاٽڪ تائين پهچي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڪرائج. ڦاٽڪ تي چوڪيدار هوندو. ڪيس چئج ته تون پراڻي چوڪيدار جو پٽ آهين،" هو تو لاءِ دروازو کوليندو ۽ توکي اندر اچڻ ڏيندو.

پر بابا، ڇا مون کي بالڪل اڪيلو وڃڻو پوندو؟

ها پٽ. تنهنجو چاچو شايد انهيءَ ڪري نه آيو جو ڪيس ڪجهه ڏيڻو نه پوي ۽ اسان جو پاڙيسري ڇڄن سڄو ماڻهو آهي، پر اسان وانگر غريب آهي!!

پوءِ پوڙهي ڪيس پتل جا ڪجهه سڪا ڏنا ۽ هڪ چانديءَ جو سڪو به ۽ چيائينس ته بازار مان ڪجهه مٺائي وٺي گڏ ڪٿي ۽ ماڻس جو ٺهرائي رکيل ڪنوار وارو وڳو به گڏ کڻي وڃي.

وينگ لينگ پوءِ انهيءَ پيچري تي روانو ٿيو جيڪو وڏي حويليءَ ڏانهن ٿي ويو. مٿي تي اها پيتي کنيو جنهن ۾ ڪنوار وارو وڳو رکيل هو ۽ ٿوري مٺائي جيڪا هن رستي ۾ هڪ دوڪان تان ورتي هئي. وڏي حويليءَ جي ڦاٽڪ تي پهچي هن چوڪيدار کي موجود ڏٺو. ڪيس ٻڌايائين ته آءٌ وينگ لينگ آهيان. اڳوڻي چوڪيدار جو پٽ.

اڪيلو آهين؟ چوڪيدار پڇيو.

ها. پيو ڪير ڏيڻ سوران گڏ نه آيو.

ڪيسي ۾ ڪجھه اٿئي؟ چانديءَ جي ڪنجي هر دروازو کولي سگهي ٿي.

آءٌ غريب آهيان. توکان اڳ واري چوڪيدار جو پٽ.

شاديءَ لاءِ ڪوبه غريب خالي هٿين نه ايندو آهي پٽ، مون کي بيوقوف نه سمجھه.

نه پوءِ ڪٿي تلاشي وٺ. وينگ سمجھيو هو ته چوڪيدار سندس تلاشي نه وٺندو پر هن سندس ڪيسي مان پتل جا ۽ هڪ چانديءَ جو سڪو ڪڍي ورتا. وينگ جو منهن لهي ويو.

چوڪيدار چيو "آءٌ صرف چانديءَ جو سڪو ڪٽيندس." ايترو چئي هن دروازو کوليو ۽ چيائين اچ ته توکي اندر پهچايان.

وينگ جي دل ۾ آيو ته چوڪيدار جو مٿو ڦاڙي وجهي، پر پوءِ ڪاوڙ ضبط ڪري، هو پيتي ۽ مٺائي کڻي چوڪيدار پٺيان هلڻ لڳو. هو ٻنل تي لڳو ۽ گهبرائي رهيو هو. وڏي حويليءَ ۾ داخل ٿيڻ ڪا جهڙي تهڙي ڳالهه نه هئي. چوڪيدار کيس مهمانخاني ۾ ترسائي پاڻ اندر هليو ويو. پوپان وينگ کي هڪڙا ڳگهر لٽا ٽي ته پيا چڙهيا ٿي. ايتري ۾ چوڪيدار موٽي آيو ۽ کيس اندر وڃڻ لاءِ چيائين. وينگ جا چپ سڪي ويا هئا. جسم ڌڪي رهيو هو. هو ڊڄندو ڊڄندو اندر روانو ٿيو. هڪ وڏي شاهي ايوان ۾ جاگيرداريائي آرام ده

تخت تي ريشمي وهاڻن سان ٽيڪ لڳايو ويٺي هئي.
ٻانهيون ڪيس هوا هڻي رهيون هيون. ۽ هوءَ آفيم واري
چانهه مان لطف اندوز ٿي رهي هئي. هال جي
فرش تي نهايت قيمتي نرم قالين وڇايل هو جنهن تي
هلڻ جو وينگ کي ڪو تجربو نه هو. هن کي ائين
ٿي محسوس ٿيو ڄڻ ڏيڍي ۾ ڦاسي رهيو هجي. مالڪڻ
کي قيمتي ريشمي ساٽن جو لباس پهريل هو جنهن تي
سوني ڌاڳي سان ڀرت ڀريل هو ۽ چمڪ ايتري هئي
جو نگاهه بيهي ئي نٿي. امارت جي انهيءَ زبردست
مظاهري ۽ مالڪڻ جي چهري جي وقار اڳيان وينگ
هڪدم جهڪي ويو. هن سر جهڪائي تعظيم جو مظاهرو
ڪيو. مالڪڻ مخاطب ٿي چيس "سڌو ٿي بيهه. تنهنجي
تعظيم قبول پيمي. هو سڌو ٿي بيٺو. ويچاري غريب
هاريءَ کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڇا ڪري، ڇا نه ڪري.
مالڪڻ چوڪيدار کان پڇيو. هي نوجوان ڇو آيو
آهي؟ وينگ دل ۾ سوچيو "امير ماڻهن جو حافظو
ڪيترو ڪمزور ٿيندو آهي."

چوڪيدار چيو "هي شايد توهان جي ٻانهي اولين
جو ٿيندڙ مڙس آهي." چوڪيدار جي ياد ڏيارڻ تي
مالڪڻ کي به ياد آيو. "مون کان وسري ويو هو.
پر وسرڻ ته گهرجي هو. هي ته ڪڏهن ۽ ڪڏهن جي
شادي آهي. خير تنهنجو پيءُ اسان جو پراڻو نمڪ خوار
آهي. مون سائس واعدو ڪيو هو ته آءٌ سندس پٽ لاءِ

پنهنجي هڪ ٻانهي وقف ڪنديس. ها، تون ڪنڌو ڇا آهين؟

ماري آهيان سرڪار ٽورڙي ٻني آهي ذاتي.

مالڪڻ آفيم جي چسڪي پري ۽ هڪ ٻانهيءَ کي سڏي چيائين، ”اولين کي سڏي اچو.“ ڪجهه دير کان پوءِ وڏي، ٻاوڻي، سالن جي هڪ صحت مند ڇوڪري اندران ۾ داخل ٿي. هن کي عورت ته ڇئي سگهبو ٿي. وينگ ٽيڏي اک سان ڪيس ڏٺو. مالڪڻ چيو ”اولين اسان تنهنجي شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پنهنجي ور کي ڏسي وٺ.“ اولين ادب ۽ شرم وگهي پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون. اهو ڏسي مالڪڻ چيو ”يعني تو هن کي قبول ڪيو. ته پوءِ وڃ پنهنجي ڏيج واري پيتي کڻي اچ. ٻانهي ريشمي پردن پوياڻ غائب ٿي وئي. سندس وڃڻ کان پوءِ پوڙهي رئيسياڻيءَ چيو ”هيءَ اجان ڇهه، ست ورهين جي هئي ته اسان ڪيس خريد ڪيو هو. تن ڏينهن هنن جي علائقي ۾ ڏڪار پيو هو ۽ مائٽن پنهنجا ٻار وڪرو پئي ڪيا. سستو مال ته هرڪو خريد ڪري وٺندو آهي. هن جا مائٽ ان وقت بک ۾ ٻاهه پئي ٿيا، مون چانديءَ جا ڪجهه سڪا انهن کي ڏنا، هو پنهنجي ڌيءَ مون کي ڏيڻ تي راضي ٿي ويا. مون ان غريب گهراڻي تي رحم ڪرڻ چاهيو پر ڏٺم ته هن ٻارڙيءَ جي ڳلن تي چماٽن جا نشان هئا ۽ سندس جسم تي لباس به پورو نه هو. تنهن ڪري

مون کيس خريد ڪري ورتو. اولين سهڻي ڪونه آهي پر منهنجي خيال ۾ نوڪي خوبصورت عورت جي ضرورت به نه هوندي. انهن جي ضرورت صرف عياش مردن کي هوندي آهي. ۽ جيتري قدر آءٌ ڄاڻان ٿي، هن جي عصمت به محفوظ آهي. اڄ‌ان صحيح معنيٰ ۾ ڪنواري آهي، ۽ تنهنجو هر حڪم مڃيندي، ۽ تنهنجا ٻار ڄڻيندي. هي اڄ تائين منهنجي خدمت ڪندي رهي آهي ۽ مون کي ڪانئس ڪڏهن به ڪا شڪايت نه ٿي آهي. سندس آرهن کي ڪنهن هٿ به نه لاتو آهي ۽ هو ڪنهن سان به سُتي نه آهي.

مالڪڻ جي تقرير دوران اولين هڪ پيتي ٻُڌي ٿي ڪنيو هال ۾ داخل ٿي. مالڪڻ کيس ڏٺو ته مخاطب ٿي چيائينس، پنهنجي مڙس جو هر حڪم مڃج. هن لاءِ ٻار پيدا ڪج. پٽ ۽ جڏهن ٻهراڻون پٽ ڄمي ته ان کي ڪٽي هت اچجو.

اڻون ٿي ٿيندو. وينگ ۽ اولين هڪ آواز ٿي وراڻيو.

۽ پوءِ هو مالڪڻ جي اجازت سان روانا ٿيا. مٿائي اولين ڪنئي، ۽ پيتيون وينگ پنهنجي مٿي تي ڪنيون. پوءِ هو آهستي آهستي دروازي ڏانهن وڃڻ لڳا. رستي هلندي وينگ کي خيال آيو ته هو هڪ عورت کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي رهيو آهي. عورت- لذيذ گوشت، اهڙو گوشت جنهن کي اڄ ڪان اڳ ڪنهن چکيو به نه هو. انهيءَ سوچ اينديءَ ٿي سندس دل جي ڌڙڪڻ

جي رفتار تيز ٿي وئي. ۽ عجيب قسم جو احساس
سندس وجود ۾ گشت ڪرڻ لڳو. هو ٽڪرو ٽڪرو
گهر ڏانهن ويندڙ پيچري تي هلڻ لڳو. آسمان ڪڪرن
سان ڍڪيل هو. بارش ڄڻ آئي. گهر جي دروازي تي
پوڙهو سندن منتظر هو. پر جڏهن هو ويجها آيا ته هن
ڏانهن نهاريو ئي ڪونه ۽ آسمان ڏانهن نهارڻ لڳو.
پوءِ جڏهن سندس نظر ننهن جي هٿن ۾ جهليل ٽوڪري
تي پيئي تڏهن پٽ کان پڇيائين "ڇا آندو اٿئي" وينگ
ورائيو، کائڻ پيئڻ جو سامان آهي، اڄ مهمانن کي جو
گهرايو اٿئون، ته ڇا هو هتي اچي بکيا رهندا؟. ايترو
چئي وينگ ٽوڪرو کنيو ۽ گهر اندر داخل ٿيو. سندس
ڪنوار به ڪنڌ جهڪايو سندس پويان گهر آئي. وينگ
سڌو رڌڻي اندر ويو ۽ اولين کي چيائين، ٽوڪري ۾
گوشت ۽ مڇي آهي، کائڻ وارا ڪل ست ماڻهو هوندا
ڇا تون ماني ٺاهي سگهندئين؟

اولين ورائيو. آءٌ حويليءَ ۾ اهوئي ڪم ڪندي
هيس تون. چنتا نه ڪر.

مهمان، وقت کان ڪجهه اڳ ئي پهچي ويا. وينگ
جو چاچو، سندس پٽ، سندن پاڙيسري رچن ۽ ٻه مهمان
پر واري ڳوٺ جا واپاري هئا جن کان وينگ ٻج خريد
ڪندو هو ۽ پنهنجو فصل وڪرو ڪري ڏيندو هو.

وينگ مهمانن کي ويهاري، پاڻ رڌڻي ۾ ويو ۽ اولين
کي چيائين ته ماني ڪٿي اچي، هر زال جي واتان اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڌي ته ”آءٌ توکي ٽانءِ ڏيان ٿي، وڃي ميز تي ماني لڳائي، آءٌ غير مردن اڳيان ڪين اچان“. هـو ڏاڍو خوش ٿيو. سندس زال باحيا هئي. ۽ هوءَ صرف وينگ جي هئي، ٻئي ڪنهن مرد اڳيان وڃڻ به هـن پسـنـد نٿي ڪيو.

پوءِ وينگ مهمانن اڳيان ماني اچي رکي ۽ ڏاڍيان چيائين ”چاچا، ماني شروع ڪريو ۽ پاڻ تو هان به.“

چاچي پڇيو ”ڪنوار ڪٿي آهي؟

اڃان اسين هڪ ته ٿيا آهيون چاچا- ”زال مڙس وارو رشتو اڃان قائم نه ٿيو آهي.“ وينگ وراڻيو. انهيءَ جواب تي سڀ کليا ۽ پوءِ ماني کائڻ ۾ جنبي ويا. وينگ وچ وچ ۾ بار بار انهن به چوندو رهيو ته معمولي ماني آهي. خبر نه آهي منهنجي زال گوشت سٺو ٺاهيو به آهي يا نه. پر اهو چوندي به هو فخر محسوس ڪري رهيو هـو. گوشـت ۽ مڇي ڏاڍا لذيـذ ٺهيل هئا ـ ۽ وينگ کي پڪ هئي ته اهڙو لذيذ کاڌو سندس مهمانن اڄ کان اڳ ڪڏهن چکيو به نه هوندو.

پوءِ جڏهن مهمان هڪ هڪ ڪري ويا هليا تڏهن وينگ پنهنجي ڪوٺڙيءَ ڏانهن ويو. اولهن سندس انتظار ڪري رهي هئي. هن پنهنجي زال جو هٿ پڪڙي ورتو. اوچتو ڪيس شرم محسوس ٿيو. هن ميز تي ٻرندڙ ڳاڙهي رنگ جي ميڻ بتي روشـن ڪئي ۽ سوچيائين، هيءَ عورت هاڻي منهنجي آهي. هاڻ مون کي ڇا ڪـرڻ

گهر جي. ۽ اهو سوچي هو پنهنجا ڪپڙا لاهڻ لڳو. اولين
ڪٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي جسم تي ڪمبل وجهيو
ليٽي پيئي هئي. وڻنگ جي دماغي ڪيفيت عجيب ٿي
رهي هئي. سندس پوري وجود تي سرور ۽ ڪيف طاري هو.
دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي هئي ۽ هو تڪا تڪا ساهه کڻي
رهيو هو. بدن تي جڻ ماڪوڙيون سُري رهيون هيون.
هٿ ڏڪي رهيا هئس. پوءِ ميڻ بتي وسائي هن اولين
کي ڇڪي کڻي پنهنجي ڀاڪر ۾ ورتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٻيو

ڪنواري جوان مرد جي زندگي ۽ شادي شده زندگيءَ ۾ ڪيڏو نه واضح فرق آهي. هڪ باڪردار، باحيا عورت جي موجودگي، جيڪا ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين مرد جي وفادار هجي، گهر کي جنت بڻائيو ڇڏي. زندگيءَ ۾ خوشيءَ جا اڻ ميا خزانا موجود ٿيو پون! اولين اهڙي ئي زال هئي. وينگ پنهنجي بخت جي چڱائيءَ تي ڏاڍو خوش هو. سندس زال صبح جو سوير ئي اٿي کڙي ٿي ۽ بسترو ڇڏي پنهنجي جسم کي لباس ۾ لڪائيائين. ۽ گهر جو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي. پوڙهي جي کنگهڻ جو آواز اچي رهيو هو. وينگ اولين کي چيو. ”ٻهرين بابا کي گرم گرم پاڻي ڏي. پوڙهي جي ڦڦڙن ۾ ڦٽل ڪانگهارن کي گرم پاڻي ئي ڪڍي سگهندو.

گرم پاڻيءَ ۾ پتي ڪهڙو وجهبي چا؟ اولين پڇيو. وينگ سندس انهيءَ سوال تي منجهي پيو. هن چوڻ چاهيو ٿي ته چو نه اسين ڪو پينو آهيون چا. پر هو ڪجهه به چئي نه سگهيو. چو ته هن چاتو ٿي ته وڏي حويليءَ ۾ هر وقت چانهه جي ڪوپ ۾ پتي ترندي نظر ايندي هوندي، ۽ اتي ڪو معمولي ملازم به صرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گرم پاڻي نه پيئندو هوندو. پر هو پنهنجي پيءُ جي
فطرت کان واقف هو. جي پهرئين ڏينهن ئي اولين هن
لاءِ ڦهوو ڏاهي ڪٽي وٺي ته هو سندس فضول خرچيءَ
تي ناراض ٿيندو. پر هن سوچيو، پنهنجي غربت ۽
ناداريءَ کي زال کان ڪيستائين لڪائي سگهندو. پر
تڏهين به چپائين. ذ نه چاڙهه سان سندس ڪنگهه وڌيو وڃي.

اڄ ورهين کان پوءِ هو کٽ تي ليٽيو رهيو. اڄ
نه ڪيس ٻاهه ٻارڻي پيئي ۽ نه پيءُ لاءِ پاڻي گرم ڪرڻو
پيو. هاڻ اهو ڪم اولين جو هو.

اولين پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ ٻاهر وٺي هلي ۽ هو
انهيءَ بستري تي ليٽيو پيو گذريل رات متعلق ويچاري
رهيو هو جنهن سان بستري تي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو
ڪا عورت ساڻس گڏ ستي هئي. هو سوچي رهيو هو
ته ڇا اولين کيس پسند ڪيو؟ ڇا اولين کي راتوڪي
ملاپ مان تسڪين حاصل ٿي؟ صبح جو اولين جي
چهري جي تاثرن مان ڪابه ڳالهه ظاهر نٿي ٿي. پر
ايتري وڻنگ کي پڪ هئي ته اولين رات تائين واقعي
ڪنواري رهي هئي. وڏي حويليءَ جي عياش جاگيردارن
اولين کي انهيءَ ڪري هٿ نه لاتو هو جو هوءَ سهڻي
نه هئي ۽ سندس هٿ پير نرم نازڪ نه هئا. پر
انهيءَ سان ڇا ٿي ٿيو. وڻنگ ته اهو محسوس ئي
ڪونه ڪيو ته سندس زال سهڻي نه هئڻ ڪري ڪيس
لطف نه آيو. هو ته سڄي رات اولين جي اگهاڙي جسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي هٿ ڦيريندو رهيو. هو اڃان انهن ئي ويچارن ۾ هو
ته اولين ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿي. سندس هٿ ۾ چانهه
جو پيالو هو جنهن مان ٻاڦون پئي نڪتيون. هن پيالو
ڏانهس وڌائيندي چيو ”چانهه پي وٺ. بابا کي ته مون
صرف گرم پاڻي ڏنو آهي، جيئن تو چيو، پر تو لاه-
ويهڪ محسوس ڪيو ته سندس زال سندس خدمت جي
جذبي سان سرشار آهي.

اندازً ڪجهه مهينا هن زال جي چوڪسي ڪرڻ
۾ گذاريا. هن ڏسڻ ٿي چاهيو ته سندس زال واقعي
شريف عورت هئي يا اهو سڀ ڪو ڏيکاءُ هو. هو صبح
جو سج نڪرڻ سان پنهنجي ڏکي ۽ هر کي ساڻ کڻي
پنيءَ تي هليو ويندو هو. هن دفعي ڪڻڪ جو فصل
تيار ٿي رهيو هو. پهر ۽ ٽوم به پوکيا هئائين ۽ زمين
جي هڪ ٽڪر تي ڀاڄيون پڻ. اڳ جڏهن هو سڄي
ڏينهن جي محنت مزوريءَ کان پوءِ ٿڪل ٽٽل گهر
واپس ايندو هو ته پيءُ ۽ پنهنجي لاءِ ماني به کيس ئي
ٺاهڻي پوندي هئي. هو اڌ ڪچيون اڌ پڪيون مانيون
پچائيندو هو ۽ ڪجهه ڦڪو پوڙ ٺاهي رکندو هو ۽ هاڻ
ته ايترو وقت ٿي ويو هو اهڙي خوراڪ کائيندي جو
ڪهن مانيءَ جو ذائقو ئي وسري ويو هو. بس پيٽ
ڀرڻو هوندو هو. پر هاڻ زندگيءَ ۾ هڪ نواڻ اچي
ويئي هئي. هو جڏهن واپس موٽندو هو تڏهن ماني تيار
هوندي هئي. گهر جي صفائي ٿيل هوندي هئي، تازه ٿڌا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاف هوندا هئا، ميرا ڪپڙا ڌوتل هوندا هئا ۽ ٻاهر لاهه
سگهيون ڪاٺيون ٻه اولين ڀاڱي پرواري جهنگ مان
چونڊي ايندي هئي، يا وري رستي تان گهوڙن جي لڏ
۽ ڍڳن مينهن جا ٻوسا چونڊي ايندي هئي، انهن کي
ٿڦي، سڪائي ڇڏيندي هئي ۽ سڪل ڪلن ٻوءِ ڪجهه
ٻارڻ طور استعمال ڪندي هئي، ڪجهه وري زمين لاءِ
ڀاڻ طور ڪتب آڻيا هئا. وينگ شام جو جڏهن گهر
ايندو هو ته ڪيس هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ پاڻي ڏيندي ۽
ڍڪي اڳيان چارو وجهندي، ان کي پاڻي پيار يندي
۽ وهنجاريندي. ۽ انهيءَ سڀ ڪرڻ لاءِ وينگ کيس
ڪڏهن به نه چيو هو. هوءَ سڀ ڪجهه پاڻ پيئي ڪندي
هئي. اهو روز جو دستور هو. وينگ جو ٻيءَ ٻه
منجهانس خوش هو جو هوءَ سندس ضرورتن ۽ خواهشن
جو خيال رکندي هئي. ۽ ايترو ڪجهه ڪرڻ جي
باوجود هوءَ نه ٿڪ جي شڪايت ڪندي هئي نه ڪا
فرمائش ڪندي هئي، اجان زات جو جڏهن وينگ سندس
جسم تي هٿ ڦيريندو هو ته هن ڪڏهن سندس خواهش
کي اهو چئي نه ٺڪرايو ته آءٌ ٿڪل آهيان، ۽ نه وري
وينگ کي اهو احساس ٿيڻ ڏيندي هئي ته هوءَ
مجبوريءَ جي ڪري خاموش آهي! هن هر طرح پنهنجي
مڙس کي خوش رکڻ تي چاهيو ۽ بس وينگ اڪثر
سوچيندو هو ته اولين آخر ڪهڙي مخلوق آهي. نه ڪلي
ٿي، نه روئي ٿي، نه شڪايت ڪري ٿي نه ڪا فرمائش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ٿي. اهو سوچي هو پريشان ٿي ويندو هو. گهر ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ٿيندي ٿي نه هئي جنهن تي هو خوش ٿئي يا ڪلڻ جو موقعو ملي. صبح کان شام تائين جيئن ڏڪو هر ۾ جوٽيل رهندو هو تيئن اولهن کي به مختلف ڪم ڪرڻا پوندا هئا، آرام ۽ سڪون نه ڏينهن جو هو نه وري رات جو، جهتوٽيڪ رات جي مزوريءَ پڇاڙان هڪ عجيب فرحت ۽ سرور ضرور حاصل ٿيندو هو. پر وينگ اهڙو ڪو طريقو سوچي نه سگهيو جنهن سان پنهنجي زندگيءَ جي يڪسانيءَ کي دور ڪري سگهي. هو هاري هو. غريب هو... ڪيس پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ سڄو ڏينهن محنت ڪرڻي پوندي هئي. انهيءَ طرز زندگيءَ ۾ تبديلي اچي به ڪيئن ٿي سگهي!!

هڪ ڏينهن جڏهن وينگ ٻنيءَ تان موٽيو ته ٿڪ سان ڳڏوڳڏ سندس چهري تي پريشانيءَ جا آثار به هئا. سندس ذهن تي بار هو. جهڙيءَ ريت سنگ ٻچي وچڻ تي ڪڻڪ جا سلا بار ڪري نمي پوندا آهن! فصل تيار هو. لاباري جا ڏينهن ويجها پئي آيا ۽ هو اڪيلو هو! اوچتو محسوس ڪيو ته ڪير سندس پر ۾ بيٺو آهي. اولهن سندس زال. هن پڇيس. اڄ گهڻو ٿڪو آهين ڇا؟

نه ته...

ته پوءِ ڇا پيو سوچين؟

فصل تيار آهي. لاباري جو وقت آهي ۽ فصل ٿيو به سٺو آهي. سوچيان اهو پيو ته اڪيلو آءٌ لابارو وجهي

ڪيئن پورو پوندس.

پر تون هاڻ اڪيلو ڪٿي آهين؟

ڇا پيئي چوين؟

ٺيڪ پيئي چوان آءٌ توسان گڏ لابارو وجهندس.

پاڻ کي اڪيلو نه سمجهه.

ٻئي ڏينهن کان هوءَ وينگ سان گڏ ٻنيءَ تي وڃڻ لڳي. باقي ٻيا ڪم جيڪي اڳ ئي هن پنهنجي ذمي ڪٽي ڇڏيا هئا سي به پورا ڪندي هئي. ڪلهئي آسمان هيٺ سج جي روشنيءَ ۾ ڪم ڪندي سندس رنگ سانورو ٿي ويو هو. لابارو پيل ڪٽڪ جيان. هڪ ڏينهن شام جي وقت زمين تي ڪم ڪندي ڪندي اوچتو هن ڪوڏر زمين تي رکي ۽ نبل آواز ۾ پڪاريائين ”آءٌ گهر ويندس.“

ڇو؟

”شايد وقت اچي ويو آهي..“ اهو چئي ڄڻ هوءَ ڪاشيءِ سنڀاليندي گهر ڏانهن رواني ٿي. وينگ بيوقوفن وانگر وات ڦاٽيو کيس ويندي ڏسندو رهيو. اولين ابڙي وڏي خبر کيس اڳين ٻڌائي هئي ڄڻ چوندي هجي. ڇانهه ڪٿي اچان؟ پوءِ جڏهن خيالن جي دنيا مان نڪتو ته گهر روانو ٿيو. پيءُ جي ڪوٺڙيءَ ۾ وڃي پيءُ کي ٻڌايائين. شايد اسان جي گهر ننڍڙو مهمان اچڻ وارو آهي.

پوڙهي ڪلندي چيو ”مبارڪ هجيئي سٺي خبر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڏهون

جڏهن ٻار جي ڄمڻ جو وقت ويجهو اچي پهتو تڏهن وينگ اولين کي چيو، ”هن وقت ڪا عورت گهر ۾ هجڻ گهرجي“

پر اولين جيڪا ويم جي سورن ۾ ورتل هئي، تنهن ڪنڌ کي ناڪار ۾ لوڏيو. وينگ جو پوڙهو پيءُ پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ سمهيو پيو هو. ٻه ئي ٻئي اڪيلا هئا. ڪوٺڙيءَ ۾ ڏيئي جي جهڪي جهڪي ڏڪندڙ روشني پکڙيل هئي ۽ اولين جي چهري تي ايترو پگهر هو ڄڻ ستارن ڪنهن ٻانهيءَ جا مٽ هاري ڇڏيا هئا. پر اهو سڀ انهيءَ ڪري هو جو هن رڙيون نٿي ڪيون. سور کي برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ايترو پگهر ٿيو هوس. ”وينگ اهو ڏسي چيو“ پنهنجي ڳوٺ ۾ ته ڪا دائي به نه آهي.

اولين ورائيو ”دائيءَ جي ضرورت به ڪانه آهي.“ پوءِ ڪيئن ٿيندو. مون ته ڪڏهن ڪنهن ڳئون کي ٻه جنم ڏيندي ڪونه ڏٺو آهي؟

تون ڪو به فڪر نه ڪر. ايترو چئي، پوءِ وري ڄڻ هوءَ خيالن ئي خيالن ۾ ڪنهن سان ڳالهائڻ لڳي ”جي ٻٽ چاڙهو ته آءٌ ڪيس هنج ۾ کڻي وڏي حويلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندس ۽ مالڪڻ کي چوندس، مون کي پٽ ڄائو آهي، مون کي انعام ڏيو."

پوءِ جڏهن وقت بالڪل سر تي اچي ويو تڏهن اولين وينگ کي ٻه ٻاهر موڪلي ڇڏيو جيڪو ڪوٺڙيءَ جي دروازي تي ويهي ٻار جي آواز ٻڌڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. پوءِ هن اولين جو آواز ٻڌو جيڪا ڪيس مخاطب ڪري چئي رهي هئي "مون کي سرهءَ جي ڪاٺي آڻي ڏي ٻکي، جنهن سان آءٌ ٻارڙي کي پاڻ کان جدا ڪريان"

وينگ ڊڪڙو ڊڪڙو گهران نڪتو ۽ ڀر واري ٽلاءَ جي ڪپ تي بيٺل سرڻن مان اهڙي ڪاٺي ڪپڻ لڳو جنهن جي اولين کي گهرج هئي. پوءِ هو ڪاٺو ڪٽي گهر پهتو ۽ اهو اولين جي حوالي ڪيائين. پوءِ هو پوڙهي جي ڪوٺڙيءَ ۾ آيو. جنهن کيس پريشان ڏسي چيو "ڳڻتي نه ڪر، اڃان دير لڳندي، مون کي چڱي طرح ياد آهي ته، جڏهن تون ڄائو هئين ته تنهنجي ماءُ شام جو بستري تي ليٽي هئي ۽ جڏهن صبح جي سج ڪرڻي تي نور پکيڙيو تڏهن مون تنهنجي روئڻ جو آواز ٻڌو هو. پهريون ٻار سولائيءَ سان ماءُ جي جسم کي نٿو ڇڏي. پوءِ ڪجهه وقت رکي هن چيو "صبحائي صبح تائين آءٌ ڏاڏو بڻجي ويندس ۽ تون پيءُ!"

وينگ پوڙهي جون ڳالهيون غور سان نه ٻڌي رهيو هو. سندس ڌيان پنهنجي زال ڏانهن هو. جيڪا سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارث پيدا ڪرڻ جي عمل مان گذري رهي هئي. پوءِ هو اٿيو ۽ بي اختيار پنهنجي ڪوٺڙيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو. دروازي وٽ ئي تازي رت جي ڌپ سندس نڪ محسوس ڪئي ۽ هلڪيون ڏانهون ٻڌائين. هو اڃان انهيءَ ٻڌڻ ۾ هو ته اندر وڃي يا نه. ايتري ۾ ننڍڙي ٻـهر جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس.

اڌاولو ٿي چيائين. پٽ آهي يا ڌيءَ.

اولين هيٺي آواز ۾ وراڻيو. پٽ.

اهو ٻڌي وينگ جو سجو سرير خوشيءَ جي اڻ مٽئي احساس سان ڌمتار ٿي ويو. ۽ پوءِ هو تقريباً ڊوڙندو پيءُ جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن ويو ۽ خوشيءَ ۽ جوش سان ڀرپور لهجي ۾ ڪيس چيائين "مون کي پٽ ڄائو آهي بابا. اڄ پيءُ ۽ تون ڏاڏو ٿيا ٿا وئين.

"ڏاڏا... ها.. واهه.. اهو ته مون کي ٻڌڻو ٿي هو."

ير واري ڪوٺڙيءَ مان ننڍڙي جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. هو هن نئين دنيا سان خود کي مانوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. شايد ڪيس پتو پئجي ويو هو ته هاڻ جنهن نئين دنيا ۾ آيو هو. تنهن ۾ سندس جهڙن انسانن لاءِ ڏکن ۽ سورن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. انهيءَ ڪري ڪيس روئڻ جي عادت وجهڻ گهرجي جيئن ڪنهن به ڏک يا تڪليف وقت روئي ڏک هلڪو ڪري ونجي. وينگ جي ذهن تي جيڪو بار هو سو هاڻ لهي چڪو هو. ڪيس فخر پئي محسوس

ٿيو نہ هو هڪ ٻٽ جو ٻيءُ هو. پوڙهي کي خوشخبري
ٻڌائي هو وري پنهنجي ڪوٺڙيءَ ڏانهن آيو. ڪوٺڙيءَ
جي واپوسنبل ۾ رت جي ڏپ پکڙيل هئي. پر رت
ڪٿي به ڏسڻ ۾ نہ آيو، شايد اولين پاڻيءَ سان رت
ڌوئي ڇڏيو هو! ڏيئي جي روشني ڪمري ۾ پکڙيل
هئي ۽ اولين جي پير ۾ هڪ ننڍڙو وجود ليٽيل هو.
هن ابهم ڏانهن نهاريو. جنهن جو چهرو سراٽيل هو،
مٿي تي ٿورا ٿورا وار هئا، ۽ اکيون بند هوس. هن
اولين ڏانهن نهاريو. جنهن جا وار پگهر سان پسل هئا،
۽ چهري تي ٿڪ ۽ ڪمزوريءَ جا آثار ظاهر هئا. وپنگ
کيس ڏسندي چيو "صبحاڻي آءٌ بازار ويندس ۽ ڳاڙهي
رنگ جي کنڊ وٺي ايندس جنهن کي ٻي تون وري اکي
جوان صحت مند ۽ طاقت ور ٿي ويندينءَ" ايترو چئي
هن هڪ دفعو وري پنهنجي ٻٽ ڏانهن نهاريو ۽ سندس
چپن تي مرڪ پکڙجي وئي.-

وڪرو نہ ڪيو هو جو لاباري وارن ڏينهن ۾ فصل
جي قيمت گهٽ ملندي هئي، هوءَ اهڙن هارين مان
نہ هو جهڙڪي سڄو سال قرض تي گذارو ڪندا هئا ۽
لاباري کان اڳ ئي پنهنجي فصل جو پنهہ، ٽورو اگهہ،
۾ سودو ڪري وٺندا هئا. وينگ هڪ هوشياري هاري
هو ڪيس اجاين خرچن کان نفرت هئي. هن پنهنجي
گهراڻي جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڪاڏي پيتي جي معيار ۾ بہ
اجان ڪو ردوبدل نہ ڪيو هو. هن رقم آئي ويل لاءِ
بچائي تي رکڻ چاهي، فضول خواهشن پٺيان خرچ ڪرڻ
نہ. پاڻي بہ نہ هو صرف ڪي هئا. پوڙهي پيءُ جنهن کي
ڪنهن بہ نئين شيءِ جي ضرورت نہ هئي، پاڻ ۽ سندس
زال جيڪي، هر حال ۾ صابر رهڻ چاهيندا هئا ۽ سندن
ننڍڙو پٽ، جنهن لاءِ ماءُ جي ڇاتين ۾ اڃا تري خوراڪ
موجود هئي جو هوءَ هڪ ئي وقت اهڙن ٻين بہ ٻن
ٽن ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪري ٿي سگهي. وينگ
کي هينئر شديد سيءَ پوڻ جو انتظار هو جڏهن سندس
داڻن جي قيمت ٽيڻي ۽ چوڻي ٿي ملندي، وينگ جو
چاچو هميشه بيٺل فصل جو سودو ڪري ڇڏيندو هو
ڇو نہ هو هر وقت ضرورت مند رهندو هو ۽ جلد رقم
حاصل ڪرڻ لاءِ بيٺل فصل ئي وڪرو ڪري ڇڏيندو
هو جنهن جا ڪيس تمام ٿورا پئسا ملندا هئا. پر هو
ائين ڪرڻ لاءِ مجبور هو هڪ تہ انهيءَ ڪري جو
سندس زال اجايا خرچ ڪندي هئي ۽ ٻيو تہ هو پاڻ

جواري هو ۽ نشائي پڻ، ۽ انهن پنهي فعلن لاءِ ڪيس رقم جي هر وقت ضرورت رهندي هئي. جوا ۾ هو هميشه هارائيندو هو پر ڪنهن جي اميد ۾ پيو هارائيندو هو ۽ ڳالهه کي سمجهندو ڪونه هو. هاڻ شديد سيءُ به پوڻ لڳا. برفاني هوائون ڏکڻ ڪان اوپر طرف لڳڻ شروع ٿيون جن اصل جسم کي وڌيو ٿي. ۽ وينگ کي انهن ڏي ڏينهن جو انتظار هو. انهي وچ ۾ هن پنهنجي پٽ جي ڇهن مهينن جو ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ دعوت جو به بندوبست ڪيو جنهن ۾ صرف انهن ماڻهن کي گهرايائين جن کي هن پنهنجو سچو همدرد، هڏڏوکي ۽ غمخوار سمجهيو ٿي. سندس پٽ صحت مند هو. سهڻو ۽ ڪلمڪ... مهمانن سندس خلوص جي تعريف ڪئي ۽ ٻارڙي جي تندرستي ۽ وڏي عمر لاءِ دعا ڪئي. پوءِ وينگ پنهنجي فصل جو سودو ڪيو ۽ بدلي ۾ ڪيس ايترا چانديءَ جا سڪا مليا جن جو ڪو به غريب هاري تصور ڏي نٿي ڪري سگهيو. هاڻ مسئلو هو انهيءَ دولت کي لڪائڻ جو جنهن جي ٻئي ڪنهن عزيز قريب کي خبر نه هئي. نيٺ ٻئي زال مڙس گڏجي ويچار ڪرڻ ويٺا ته انهيءَ مسئلي کي ڪيئن منهن ڏجي. هيئنئر وري اولين جي ذهن ڪم ڏيکاريو ۽ وينگ به انهيءَ تي راضي ٿيو ته پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪ ڏ کوٽي سڪا پوري ڇڏجن. اولين اهو ڪم به ڪيو ۽ پوءِ ٻئي مطمئن ٿي ويا. ڇو ته سندن محنت ۽ پورهئي جي ڪمائي هاڻ محفوظ ٿي ويئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پنجون

نئين سال جي آمد جي موقعي تي وينگ ڪا به فضول خرچي نه ڪئي، جڏهن ته سندس واسطيدارن کيس ڪنجوسيءَ جا ڏاڍا طعنا به ڏنا. پر وينگ چاهيو ٿي ته نئين سال يا ڪنهن به ٻئي ڏڻ تي اجايو خرچ ڪرڻ بي فائدو آهي ۽ اهڙين فضول خرچين جي ڪري ماڻهو ٻين اڳيان جهولي ڦهلائڻ تي مجبور ٿئي ٿو ۽ ٻين جي زيربار ٿئي ٿو. تنهن کان سواءِ اها به هڪ ڳالهه هئي ته وينگ پنهنجي خوشحاليءَ جو ڍڍهو نٿي ڪهائڻ چاهيو. کيس اهڙي ڏيکاءَ کان سخت نفرت هئي.

اولين به کيس انهيءَ لاءِ مجبور نه ڪيو. پر هن ايترو ضرور ڪيو جو نئين سال جي خوشيءَ ۾ پنهنجن هٿن سان هڪ ڪيڪ ٺاهيائين ۽ ٻي ڪجهه مٺائي پڻ. هن چاهيو ٿي ته خوشيءَ جي انهيءَ ڏينهن تي هوءَ پنهنجي پٽ کي وٺي پنهنجي مالڪڻ جي خدمت ۾ حاضر ٿي اچي ۽ مالڪڻ کان پنهنجو انعام به وٺي اچي. انهيءَ کان وينگ به کيس نه روڪيو، هو به خوش هو انهيءَ ڳالهه تي ته جنهن حويليءَ ۾ سندس زال هڪ ٻانهيءَ جي حيثيت ۾ زندگي گذاري هئي، انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حويليءَ ۾ هوءَ هڪ اهڙي هاريءَ جي زال جي حيثيت ۾ مهمان بڻجي وڃي رهي هئي جيڪو پنهنجي قسمت جو پاڻ مالڪ هو، جنهن تي ڪنهن جو قرض نه هو ۽ جيڪو ڪنهن جو ملازم نه هو... انهيءَ خوشي واري موقعي تي هن پنهنجي لاءِ هڪ ڍڪهو ڪاري رنگ جو ڪوٽ سبرايو ۽ اولين لاءِ سائين جو نئون وڳو.

نئين سال جي پهرين ڏينهن هو صبح جو اڳي کان سوير جاڳي پيو. اولين ڪانئس به اڳ جاڳيل هئي ۽ هن ننڍڙي ڪي وهنجاري ڳاڙهي رنگ جو لباس پهرائي ڇڏيو هو جيڪو خوش قسمتيءَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. هوءَ پاڻ به وهنجي چڪي هئي. وينگ به جهٽ تيار ٿي ويو ۽ پوءِ اهو قافلو وڏي حويليءَ ڏانهن اسهيو. هڪ سال ۽ ڪجهه مهينا اڳ جڏهن وينگ پهريون دفعو اوڏانهن ويو هو تڏهن هو اڪيلو هو ۽ اڄ هو ٽي ڄڻا هئا. ننڍڙو وينگ جي ڪڇ تي هو ۽ مٿس جي نوڪري اولين جي هٿن ۾. جڏهن هو حويليءَ جي ڦاٽڪ تي پهتا ته ساڳيو چوڪيدار موجود هو. ڪن ڏسي پليڪار ڪندي چيائين، ”اڄ اچ پاڻو وينگ گهر واري به گڏ آنئي؟ پلي ڪري آيا“ ۽ پوءِ وينگ جي ڪڇ تي ننڍڙي کي ڏسي چيائين ”پاڻيان ٿو ته پٽ آهي؟ مبارڪ هجيئي.“

ها، پٽ آهي. مهرباني.

چوڪيدار حسد جي باهه ۾ سڙندي، پر متاثر رو

Scanned with CamScanner

مرڪندي چيو "پانهنجي ٿو ته گذريل سال توتي چڱو مهربان رهيو آهي" وري چوائين. اڄ– تون هيڏانهن منهنجي غريبائي جهڳيءَ ۾ ويهه. جيڪا تنهنجي لائق نه ڪونهي آءُ تنهنجي زال ۽ پٽ کي مالڪن جي خدمت ۾ پهچائي اچان.

وينگ کيس ڪو جواب نه ڏنو. ۽ اٿيئي بيٺو اولين ۽ پنهنجي پٽ کي حويليءَ جي ايوان ڏانهن ويندي ڏسندو رهيو. ۽ پوءِ پاڻ به چوڪيدار جي ڪوٺڙيءَ ۾ ويو جتي چوڪيدار جي زال سندس آڏرڀاءُ ڪيو ۽ چانهه جو پيالو سندس سامهون رکيائين جنهن کي ڪيتري دير نه هن ڇهيو به ڪين، ڇو ته ٻنيءَ جي خوشبو ڪا اهڙي ونڊڙ ڪونه هئي.

ڪن پل ڪان پوءِ اولين چوڪيدار سان گڏ ڏي موٽي آئي. زال جي جلد موٽي اچڻ تي وينگ کي عجب به ٿيو ۽ پشيماني پڻ. هن اولين جي چهري جي تاثرن مان سبب پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر اتي نه ڪو تاثر ڪونه هو. ننڍڙي کي اولين ڪان ونڊي هن چوڪيدار جا ٿورا مڃيا ۽ ڪانئن اجازت ورتي، ڦاٽڪ اڪري پار ڪري هن اولين ڪان پڇيو "پانيان تو پراڻي مالڪن توسان چڱو سلوڪ نه ڪيو..."

اولين جواب ۾ ڪجهه دير ته ماٺ ڪيو علندي رهي، پوءِ ورائيائين "حويليءَ وارن جي حالت چڱي

۽ آهي. مالڪڻ کي اڄ ٻہ اهائي شال اوڍيل هئي جهڙا
ڳنڍيل سال وٺس هوندي هئي. هن حويليءَ جا نوڪر
۽ ٻانهيون ٻانهيون ٻہ سال پراڻا ڪپڙا نہ ڍڪيندا هئا.

اهو ٻڌي وينگ چيو ”ڪا خبر پيئي تہ هو ڇو
ڪهڙي سبب ڪان غريب ٿي ويا آهن؟“

ها. آءٌ رڌڻي ۾ ٻہ ويٺي هئس، پنهنجي پراڻي استاد
کي سلام ڪرڻ. ان ٻڌايو تہ جاگيردار جي انيڪ پٽن
کي هر رات هڪ نئون جسم گهرجي. هتي روز نيون
نيون داشتائون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، انهيءَ ڪانسواءِ
سين کي آفيم گهرجي، ۽ مالڪڻ پاڻ بي اندازآفيم
استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جڏهن ائين آهي تہ
پوءِ هو غريب ڇونہ ٿيندا. مالڪڻ پنهنجي نينگريءَ
جي شادي هڪ وڏي رئيس جي پٽ سان پڪي ڪئي
آهي. هاڻي هن لاءِ ڏاج تيار ٿي رهيو آهي جنهن تي
اهڙي نموني دولت لٽائي پيئي وڃي. جو جيڪر ڪا
رياست بہ وڪرو ٿي وڃي. مالڪڻ مون کي چيو تہ
هو پنهنجي ڪجھہ زمين وڪرو ڪرڻ ٿي گهري. ڪوٽ
جي ڀرواري زمين. جتي ڀلن چانورن جو ڀلو فصل
ٿئي ٿو.

اهو ٻڌي وينگ خوشيءَ گاڏڙ جوش ڀرئي لهجي
۾ چيو ”اها زمين آءٌ خريد ڪندس پاڻ وٺنداسون
اها زمين“.

ڇا ڇيئي؟ ايتري قيمتي زمين پاڻ ٻلا ڪيئن وٺي
سگهندا سين؟

ڇو ڪونه وٺي سگهنداسين. پاڻ وٽ چانديءَ ج
ڪيترا سڪا آهن. انهن کي زمين ۾ لڪائي رکڻ ماڻ
ڇا هڙ حاصل؟ زمين وڪڻڻ، ماءُ وڪڻڻ برابر آهي
اسان جا اهي جاگيردار، رئيس بي غيرت آهن. جيڪي
ڌرتي ماتا جو سودو ڪرڻ کان به نٿا مڙن ۽ ڪو
عار نٿا محسوس ڪن. صرف پنهنجي خسيس خواهشن
جي پورائي لاءِ. آءٌ نه وٺندس ته ڪو ڌاريو وٺندو
جڏهن ته ڳوٺ واري زمين اسان جو حق آهي" مون
فيصلو ڪري ورتو آهي.

پر چاچي جي زمين ڇو نٿو وٺين؟ اها زمين ته
پنهنجي گهر کي ويجهي آهي ۽ هو وڪرو به ڪرڻ
چاهين ٿا.

"بيوقوف عورت تون نٿي سمجهين. چاچي واري
ٻنيءَ جي حالت اها آهي جيڪا ڍڳيءَ جي ٿڻن مان
کير جو ڦڙو ڦڙو ڪڍي وٺڻ کان پوءِ ٿڻن جي هوندي
آهي. ۽ ويجهي ٻا پري هجڻ جي ته منهنجي نظرن ۾
ڪا اهميت نه آهي. آءٌ پنهنجي گڏ ڪيل ڪل هڙموڙي
حويليءَ وارن جي قدمن ۾ ڍير ڪري ڇڏيندس ۽ ڪين
زمين مون کي ڏيڻي پوندي...

اولهن خاموش ٿي ويئي. فخر جو احساس رت ٻڻجي

سندس شرهاڻ وسيلي سڄي جسم ۾ پکڙجي ويو ته هوءَ هڪ اهڙي شخص جي زال هئي جيڪو علائقي جي وڏي ۾ وڏي جاگيردار کان زمين خريد ڪرڻ جي سگهه رکندڙ هو... انهي احساس تي سندس چپن تي دلفريب مرڪ طاري ٿي وئي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڇهون

ٻئي ڏينهن وينگ زين ڪوٺي چانديءَ جا سورا سڪا ڪڍي ورتا ۽ انهن کي هڪ ڳوٿريءَ ۾ بند ڪري پنهنجي لباس جي اندرئين پاسي ٿلهل ڪيسي ۾ رکيائين ۽ وڃي وڏي حويلي پهتو. چوڪيدار کيس ٻڌايو ته وڏو جاگيردار اڃان سمهيو پيو هو. اهو جواب ٻڌي وينگ کي عجب ٿيو. سج ڪيترو مٿي اچي چڪو هو ۽ جاگيردار اڃان آرام ڪري رهيو هو. چوڪيدار کيس ٻڌايو ته گذريل ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون سانده، جاگيردار پنهنجي عياشيءَ واري ايوان ۾ هڪ نئين نوجوان داشته سان گڏ داد عيش ڏيئي رهيو هو. "ٻر تون سائس ڇو ٿو ملڻ چاهين."

وينگ سوچيو "جي جاگيردارن جا ڪرتوت اهڙا ڪيڏا نه هجن ته اڪين پنهنجيون سون ورنيون ٻنيون ڇو ڪر وڪرو ڪرڻيون پون، ٻر خير.. مون کي ڇا.. ۽ پوءِ چوڪيدار کي جواب ڏنائين."

آئون اهو ٻڌي آيو آهيان ته حويليءَ وارا ٻني ڪر وڪڻڻ ٿا چاهين. مون وٽ چاندي آهي. چوڪيدار چيس "ته انهيءَ لاءِ جاگيردار سان ملڻ ضروري ڪونه آهي. وڃي وڏي منشيءَ سان حالي احوالي ٿي. ۽ ها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڌ... سودو هوشياريءَ سان ڪجان، منشي جي وڏي وات ۾ چند سڪا هٿندين ته هو پلي پنيءَ جو وڏو ٽڪر تنهنجي نالي ڪري ڇڏيندو. جاگيردار کي ته اها به خبر نه آهي ته سندس زمين جي اراضي ڪيتري آهي. سمجهئين؟

ها سمجهيم. مهرباني پر وڏو منشي ڪيتي ملندو؟

ذاتي لفظي مهربانيءَ سان ڪم ڪين هلندو. منهنجي نريءَ تي چانديءَ جو هڪ سڪو رک ته منشيءَ جو ڏس ڏيانءِ. دولت ملي اٿئي ته دولتمندن وارا اوصاف به ڌار. بخشش جي عادت وجهه.

وينگ چوڪيدار جي هٿ تي چاندي جو هڪ سڪو رکيو ۽ پوءِ توري ئي دير کان پوءِ هو سودو مڪمل ڪري چڪو هو.

هاڻي وينگ وٽ کيٽي زمين هئي. انهيءَ ڪري ڪين محنت به کيٽي تي ڪرڻي پيئي. پوڙهو وينگ جي پٽ کي سنڀاليندو هو ۽ اولين ٻه سچو ڏينهن مڙس سان گڏ زمين تي محنت ڪندي هئي. صبح جو اوير کان اپرنڊڙ سج انهن ٻنهي زال مڙسن کي ڌرتي ماتا جي سيوا ڪندي ڏسندو هو ته شام جو موڪلائڻ وقت به هي زمين تي ئي هوندا هئا... اهڙي ئي هڪ ڏينهن وينگ محسوس ڪيو ته سندس فصل جيان سندس زال جي جسم ۾ به هڪ نئون فصل تيار ٿيڻ وارو هو. ڪم جا ڏينهن هئا ۽ اهڙي وقت جڏهين ڪيس زال

جي مدد جي شديد ضرورت هئي هوءَ ٻار ڄڻڻ واري هئي. هن زال کي مخاطب ٿي ٺڪ ٺڪ لهجي ۾ چيو ”نه هن دفعي وري جڏهن فصل کي تنهنجي ڏاٽي جي ضرورت آهي، تون ٻار ڄڻڻ واري آهين؟

اولين چيو ”ڳڻتي نه ڪر. آءٌ ڏينهن ٻن ۾ چاڪ ٿي وينديس، پوءِ هن ٻار پيري ڪجهه ڏکيائي ٿئي ٿي، هاڻ ائين ڪونه ٿيندو.“

ٻئي ڏينهن جڏهن سج اڃان وچ آسمان تي هو. اولين ڏاٽو زمين تي رکي، سڌي ٿي بيهي رهي. وينگ نورو پريرو ڪم ۾ لڳل هو، هن ڪيس ڪجهه نه چيو ۽ اولين آهستي آهستي گهر ڏانهن وڃڻ لڳي. وينگ سمجهي رهيو هو ته سندس جفاڪش زال ڇو اڄ انهيءَ وقت گهر وڃي رهي هئي. هن خود کي اڃان گهڻو ڪم ڪرڻو هو، تنهن ڪري هو اولين سان گڏ نه ويو. شام جو جڏهن سج لٿي کان پوءِ هو پنهنجي گهر پهتو ته اولين ڪوٺڙيءَ ۾ بيحال پيئي هئي. جيئن تمام گهڻي محنت کان پوءِ مزور بيحال ٿيندو آهي. وينگ پڇيس. ”ڇا ٿيو؟ پٽ يا ڌيءَ؟“

اولين وراڻيو. ”پٽ“

انهيءَ کان وڌيڪ ڪا ڳالهه ٻولهه نه ٿي. وينگ خوش ٿيو ته سندس گهر ۾ هڪ ٻئي محنتي مزور جنم ورتو هو جيڪو وڏو ٿي سالس ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هر هلائيندو، زمين کي ٻج ڏيندو، گڏ ڪيڏيندو، فصل

اٽندو ۽ وينگ جي مدد ڪندو. پر هو ايترو ته ٿڪل هو جو پنهنجي تازي چانور ٻوٽ جي شڪل ڏسڻ جي ضرورت به نه محسوس ڪيائين. اولين پنهنجي ننڍڙي پٽ سان ڪٽ تي سمهي پيئي هئي- هي ٻار اڳئين ٻار کان ڪجهه هلڪو هو. ٻنهي ۾ هر. هلائڻ لاءِ ڍڳن جي ضرورت ٿيندي آهي ۽ ڍڳا ڀينسن سان ملندا آهن، پر اولين وينگ کي بنا ڀينسن جي محنت ڪندڙ هاري جڻي ڏيئي رهي هئي. سندس شاديءَ کي ٻيو سال مس پورو ٿيو هو ته ٻيو پٽ ٿيو هو ۽ اهڙيءَ ريت شايد هر سال هڪ نئون پٽ.. وينگ پنهنجو ٿڪ لاهي پوڙهي جي ڪوٺڙيءَ ۾ ويو ۽ کيس اها خبر ڏنائين بابا، تنهنجي ننهن ٽولاهه هڪ ٻئي پوٽي کي جنم ڏنو آهي ۽ تون چائين ٿو ته گهر ننڍو آهي سو هاڻي تنهنجو وڏو پوٽو توسان گڏ سمهندو.

وينگ جي پوڙهي پيءُ جي سرائيل چهري تي خوشيءَ جون ريکائون ظاهر ٿيون ۽ هن انهيءَ جي به منظوري ڏني ته وڏو پوٽو سائس گڏ سمهي.

هن دفعي به فصل ڏاڍو سٺو ٿيو. وينگ پنهنجي گذريل سال جي سموري ڪمائيءَ سان جيڪا ننڍين زمين ورتي هئي تنهن هڪ نئين فصل ۾ پنهنجي قيمت ڪڍي ڏني. وقت اچڻ تي وينگ سمورو اناج وڪيو ۽ سندس گهر ۾ سوني ۽ چانديءَ جي سڪن جو وڏو تعداد اچي گڏ ٿيو، جن کي هن اڳي جهان زمين کوٽي دفن

ڪري ڇڏيو. هاڻ ڳوٺ وارن کي به خبر پئجي ويئي هئي ته وينگ وڏو زميندار بڻجي ويو آهي، اهڙو جو هو وڏي حويليءَ وارن کان زمين خريد ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو، ڳوٺ وارا ڪيس ڳوٺ جو مکي بڻائڻ متعلق سوچڻ لڳا.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ستون

وينگ جو پوڙهو بيڪار چاچو هاڻ مٽي جو سور ثابت ٿي رهيو هو. ۽ انهيءَ جي وينگ کي اميد به هئي! جيسين وينگ ۽ سندس پيءُ غريب هئا ۽ سندس ڪفالت نٿي ڪري سگهيا تيسين هو پني سني ڪٽان ڏکو هٿ ڪندو هو ۽ بي دليءَ سان زمين ۾ هر هلائيندو هو ۽ ٻج ڇٽيندو هو، ۽ انهيءَ معمولي محنت عيوض به جڏهن ڌرتي ماتا هن لاءِ آن اپائيندي هئي ته هو جيسين اهي چند سڪا ڪيسي ۾ هوندا هئا وري نه پيو ڪو ڪم ڪندو ۽ نه زمين جي شڪل ڏسندو هو. جوا، نشو، ٻارن جي لاڏڪوڏ ۽ نڪمي زال جي خواهشن جي پورائي، اجايو، دعوتون، ميلن ٽيلن ۽ ڪاڇن تي اجايو خرچ ڪري هو جلد پنهنجي ڪل موڙي خرچ ڪري ويهندو هو ۽ باقي وقت قرض ۽ پن سن تي پيو گذارو ڪندو هو. وينگ جي چاچي جون ڌيئر جوان ٿي ويون هيون ۽ انهن مان ٻه ته ساماڻجي چڪيون هيون ۽ شادي ڪرڻ قابل هيون، پر چاچي کي انهيءَ ڳالهه جو ڄڻ ڪو فڪر ٿي نه هو، ڇوڪريون به مٽي اکهاڙيون، پنهنجي شباب جون ڀرپور دعوت ڏيندڙ نشانيون کنيو بنا هٽڪ ڳلين ۾ پيون رلنديون هيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ غير مردن سان ڳالهائڻ کان به نه ڪيٻائينديون هيون.
هڪ ڏينهن جڏهن راهه ويندي وينگ پنهنجي سوٽ کي
هڪ غير مرد سان ڳالهائيندي ڏٺو تڏهن هو ٻنيءَ تي
وڃڻ بدران چاچي جي گهر ويو ۽ اڱڻ چڙهندي ۽
ڪاوڙ مان چاچيءَ کي مخاطب ڪيائين ته هاڻ توهانجي
لاڏليءَ سان ڪير شادي ڪندو جڏهن ته هوءَ گلين ۾
ڪتر پيئي ٿي ۽ هر شخص سان رلي ملي سگهي ٿو؟
اڄ ڪيئن سامائي به ٽي چار سال ٿي ويا آهن ۽ اڄ مون
هڪ لوفر کي سندس ٻانهن پڪڙيندي ڏٺو، هوءَ ڪيس
ٿڦڙ هڻڻ بدران بيباڪيءَ سان کلڻ لڳي.

وينگ جي چاچي ٿلهي هئي ۽ سندس بدن ۾ صرف
هڪ عضوو اهڙو هو جيڪو حرڪت ڪندو هو ۽ خوب
ڪندو هو. سو هو سندس زبان. سو وينگ جون ڪڙيون
ڳالهيون ٻڌي هن به خار مان وراڻيو "ڪهڙو منهن
کڻي هيڏانهن آيو آهين؟ اسان وٽ ته ڪائي لاهه داڻا
ڪونهن سو هن جو ڏيج ڪٿان آڻيون. ٻنان ڏيج جي
ڪير سندس شادي ڪندو؟ آءٌ ڄاڻان ٿي تون وڏي
واڪ انهيءَ ڪري ڳالهائي رهيو آهين جو تو وٽ
تمام گهڻي دولت ٿي وئي آهي. هر فصل کان پوءِ
نئين زمين ٿو وٺين، ٻيا هاري به سڪيا آهن، پر تنهنجي
چاچي ته جڻ آسمان جو ڪو ڏوهه ڪيو آهي جو سندس
زمين ۾ داڻا ٿين ٿي ڪون." ائين چئي ٿلهي مائي
ڇاتي ۽ مٿو پٽڻ لڳي ۽ وٺي هاءِ گهوڙا مچايائين. وري

ساهي پئي چيائين ”ڪاش نون ڄائندو هجين ها ته مالڪن جا گهر ورهين کان زمين مٿان اڏول بيٺا آهن پر اسان جو هي گهر هر دفعي مينهن ۽ طوفان ۾ زمين برابر ٿيو وڃي. اسان جو پاڪ ٿي قتل آهي.

وينگ خاموش بيٺو اها واويلا ٻڌندو رهيو ۽ ماڻي جڏهن ماٺ ڪئي تڏهن چيائين، آءٌ توني ٽوڪون ڪرڻ يا نصيحت ڪرڻ ڪونه آيو آهيان، سون ته صرف ايترو ٿي چوڻ چاهيو ته نينگرين کي ان وقت گهر مان رخصت ڪري ڇڏڻ گهرجي جيسين هو اڃان ڪنواريون هجن ۽ سندن عصمت محفوظ هجي. ايترو چئي هو واپس روانو ٿيو. رستي هلندي سوچيائين ته چاچي جي گهر وڃي غلطي ڪئي هئائين. هن دفعي فصل لٿي پڄاڻان هن وڏي حويليءَ وارن کان ڪجهه ٻي به زمين خريد ڪرڻ ٿي چاهي ۽ پنهنجي اڱڻ تي هڪ وڏيڪ ڪوٺڙي ٺاهڻ چاهيائين، پر هاڻ چا ٿي ٿي سگهيو. تير ڪمان مان نڪري چڪو هو، ڪانئس اهو برداشت نه ٿيو ته سندس خاندان جي ڪا جوان نينگري اهڙي ريت بازار ۾ رُلي ۽ غير مردن سان ميل ملاپ رکي! پئي ڏينهن اڃان سج مس اڀريو هو ته وينگ جو چاچو ٻنيءَ جي انهيءَ ٽڪر تي پهچي ويو جتي وينگ ڪم ۾ لڳو پيو هو. اولهن موجود نه هئي، سندن ٻئي ٻار جي عمر ڏهه مهينا ٿي وئي هئي ۽ هاڻ ٽيون ٻار اچڻ وارو هو پر هن دفعي اولين جي طبيعت ٺيڪ نه هئي. ٻئن جي

پيدائش کان اڳ هوءَ چاڪ چڱي ڀلي هئي پر هن
دفعي سندس حالت هر سال آباد ٿيندڙ زمين جهڙي هئي
جيڪا ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي ويندي آهي، اولين
۾ رت جي هوئي ڪونه، جسم به لاغر ٿي ويو هوس
۽ ڪانئس زمين تي ڪم به نٿي پڄتو.

وينگ جي چاچي جي جسم تي نالي ماتر لباس هو
۽ تيز هوا جي ڪري اهو اڻ پورو لباس به اڏي اڏي
سندس جسم جي نمائش ڪري رهيو هو. وينگ کيس
ايندي نه ڏٺو. چاچو ڪجهه دير خاموش ويٺو وينگ
کي ڏسندو رهيو پر جڏهن وينگ ڏانهس متوجه نه ٿيو
ته کيس مخاطب ڪري چوڻ لڳو ”منهنجا ته نصيب
ئي کوٽا آهن. زمين ۾ جيڪو ٻج ڇٽيان ٿو سو به
سمورو زمين مان اسري نٿو جيڪي سلا نڪرن ٿا سي
به ڪمزور ۽ سڪل. هن دفعي ته شايد اسان کي پنهنجي
ٻنيءَ جو ان به نصيب نه ٿيندو. ۽ اسان کي پنهنجن
۽ ڀراون کان اوڌر سوڌر وٺي گذران ڪرڻو پوندو.

وينگ ڏاٽو رکي چاچي ڏانهن متوجه ٿيو. هو چئي
رهيو هو. تنهنجي چاچيءَ ته مون کي گهٽيون ڳالهيون
ٻڌايون آهن. پر آءٌ سمجهان ٿو ته تو جيڪي ڪجهه
چيو هو سو سچ هو ۽ تو اسان جي ڀلي جي ڳالهه
ڪئي هئي. منهنجي ڌيءَ. تنهنجي پيٽ جي هن وقت
تائين شادي ٿي وڃڻ گهربي هئي. هوءَ هاڻي سترهن
ورهين جي اچي ٿي آهي، هن عمر ۾ ته کيس ماءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڌجي وڃڻ گهربو هو. مون کي ڊپ آهي ته ڪٿي هوءَ ڪو اهڙو ٻار نه ڄڻي وجهي جنهن کي زمانو حرامي چوي، ۽ جيڪو پيدا ٿي پنهنجي خاندان لاءِ بدنامي ۽ رسوائيءَ جو سبب ٻڻجي.

وينگ وٽ انهن سڀني ڳالهين جو جواب هو، هن ڪيس چوڻ چاهيو ٿي ”گهر جا سمورا در ۽ دريون بند ڪري ڇڏيو، نينگرين کي گهر جو انتظام هلائڻ جي سکيا ڏيو. کين رڌ پچاءَ ۽ سلائي پرائيءَ ۾ مصروف رکو، پوءِ اهو سڀ ڪجهه نه ٿيندو. پر هو ڪجهه به نه ڪڇيو. چاچي جو ڪيس خاموش ڏٺو سو وري ڇيائين“ جي منهنجو ڀاڳ خراب نه هجي ها ۽ آءٌ اهڙي زال جو مڙس نه هجان ها جيڪا هر سال ڌيءَ ڄڻيندي رهي آهي ۽ جيڪو هڪ پٽ ڄائو اٿس سو به پٽ گهٽ ڌيءَ وڌيڪ آهي، ته آءٌ به اڄ تو وانگر سکيو هجان ها، تو اڳيان هٿ نه ڊگهاريان ها پر تون منهنجي در تي سوالي هجين ها، جي تنهنجون ڌيئر هجن ها ته انهن لاءِ لائق ور ڳولهيان ها، تنهنجو گهر ميڻهن ۾ ڪري پوي ها ته اهو ٿهرايان ها، تنهنجي گهر وارن کي ننڊ نه اچي ها ته آءٌ به اوهان سان گڏ اوجاڳا ڪريان ها! ان لاءِ ته اسان جو رت ساڳيو آهي، هڪ ڌر جي تڪليف کي ٻي ڌر به ايتروئي محسوس ڪري ها.

وينگ چاچي جي انهيءَ فصيح تقرير جو مطلب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهي رهيو هو، هن جلد چڏائڻ لاءِ چيو ”چاچا توکي خبر آهي ته آءٌ ڪو تونگر نه آهيان، مون کي به هڪ زال، ٻه ٻار جي پيٽ پالڻ لاءِ جاکوڙ ۽ محنت ڪرڻي ٿي پوي، مٿان وري ٽيون ٻار اچڻ وارو آهي. پوڙهي پيءُ جون به ڪي ضرورتون آهن جيڪي مون کي ئي پوريون ڪرڻيون ٿيون پون“.

چاچي چڙ مان چيو ”ڪير ٿو چوي ته تون امير نه آهين؟ تو وڏي حويليءَ وارن ڪان سندن اکين تي زمين ورتي آهي جيڪا ٻيو ڪوبه نٿي وٺي سگهيو. پوءِ به چوين ٿو ته امير نه آهين، اميرن کي پوءِ سنگ هوندا آهن ڇا؟

هاڻ وينگ کي به ڪاوڙ اچي وئي، خار مان چيائين ”آءٌ امير ڪونه آهيان چاچا، پر مون وٽ چانديءَ جا ڪجهه سڪا آهن، انهيءَ ڪري جو آءٌ محنت ٿو ڪريان، منهنجي زال به محنت ڪندي آهي، آءٌ تو وانگر جوا ۾ پنهنجو الهه تلهه نه وڃائيندو آهيان ۽ نه ئي نشي پوئان پنهنجي محنت جي ڪمائي ضايع ڪندو آهيان“.

چاچو اهو ٻڌي ڪاوڙ ۾ اگهتي وڌيو ۽ وينگ کي هڪ ئي وقت ڪيتريون چماٽون هڻي ڪيڏيائين ۽ چيائين تون اهو سڀ ڪجهه پنهنجي بزرگ چاچي کي چئي رهيو آهين بي شرم، ڇا خاندان جي بزرگن سان ائين ڳالهائبو آهي؟ ننڍن کي نه وڏن جا گناهه ۽ ڏوهه به

سنڌن سامهون ورجائي نه گهرجن!

وينگ مان ڪيو سڀ ڪجهه ٻڌندو رهيو، شايد ڪيس پنهنجن لفظن تي ندامت هئي، پر سندس دل ۾ لالچي چاچي لاءِ نفرت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو.

چاچي وري چيو ”آءٌ صبحاڻي پنچائت گهرائيندس ته مون سان گهٽ وڌ ڳالهايو، منهنجي نوجوان پاڪباز ڌيئرن تي ڪوڙا الزام هنيا آهن، آءٌ توکي ڏسي وٺندس. آخر تون مون کان ڇا ٿو چاهين؟ وينگ پريشانيءَ مان پڇيو...

اهو ٻڌي پوڙهو وري مٺ تي ٿيو، مرڪندي چيائين ”مون چاتو تي ته تون نيڪ ۽ صالح اولاد آهين. ٻڌ پٽ، مون کي پندرهن ويهه چانديءَ جا سڪا ڏي، پوءِ ڏسجان ته ڪيترو نه جلد آءٌ تنهنجي پيءُ جو گهر آباد ٿو ڪريان. آءٌ به چاهيان ٿو ته مئوي جي پڇي وڃڻ کان پوءِ ان کي وڻ تان لاهي وٺجي نه ته اتيئي بيٺي بيٺي سڙي ڳري ويندو ۽ هوا جي هلڪي جهوٽي تي ڪنهن جي هنج ۾ وڃي ڪرندو.

”اڄ مون سان گڏ آءٌ چانديءَ جا سڪا امرن جيان ڪيسي ۾ ڪڻي نه گهمندو آهيان. وينگ اهو چئي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. سندس چاچو پويان اچي رهيو هو. وينگ چاهيو ٿي ته ٻي زمين خريد ڪري، پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو، جيتوڻيڪ چاڻانئن ٿي ته اها چاندي ڪجهه ئي دير کان پوءِ جوا جي ميز تان ڪنهن

ٻئي جي ڪمسي ۾ منتقل ٿي ويندي. گهر ۾ وينگ جا
ٻئي پٽ اڱڻ ٿي راند ڪري رهيا هئا. هو انهن ڏانهن
ڪو ڌيان ڏيڻ بنا اندر هليو ويو. چاچي ٻنهي ٻارڙن
کي پاڻ ڏانهن سڏيو ۽ انهن کي ڇاتيءَ سان لائي پيار
ڪرڻ لڳو. ۽ ڪين دعا ڪرڻ لڳو. وينگ ڪوٺڙيءَ
۾ داخل ٿيو ته اندر اونده هئي. اولين ٽاٽ جا پردا
ڇڪي ڪوٺڙيءَ ۾ اوندهه ڪري ڇڏي هئي. وينگ
کي اندر تازي خون جي بانس محسوس ٿي. اولين کان
پڇيائين "ڇا وقت اچي ويو" اولين ورائيو "وقت گذري
به چڪو. هن دفعي پنهنجي اڱڻ تيءَ ڏيءَ آئي آهي.
ڏيءَ! وينگ سوچڻ لڳو! اهي منحوس نينگريون.
جن مان هڪ منهنجي چاچي جي گهر ۾ باهه ٻاري ڏني
آهي! ڇا منهنجي اڱڻ تي به ڪا اهڙي ئي ڏيءَ
آئي آهي؟

پر پوءِ انهن خيالن کي دل مان ڪڍي هن زمين
۾ پوريل دولت مان چانديءَ جا ڪجهه سڪا ڪڍيا.
اهو محسوس ڪري اولين چيو "ڇا پيو ڪرين؟ مون کي
ته ڪنهن به شئي جي ضرورت نه آهي.

"تو لاءِ نه. آءٌ اهي سڪا پنهنجي چاچي کي بطور
قرض ڏيڻ لاءِ مجبور آهيان" منهنجي خيال ۾ انهيءَ
کي قرض نه چئو. بس ڏيئا آهن. ملنداڻي توروڏي واپس
تنهنجي ڳالهه صحيح آهي، آءٌ چاڏن تو ته پنهنجو
گوشت ڪپي چاچي کي ڏيئي رهيو آهيان. ايترو چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وينگ ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪتو، سڪا ڇاڇي جي ٽري تي رکيائين ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو پنهنجي زمين ڏانهن هليو ويو. سنڌس ذهن ۾ رکي رکي اهو خيال گردش ڪري رهيو هو ته ٿوري ئي دير ۾ سنڌس محنت جي ڪمائي جوا جي ٽڪريءَ تي هارجي ويندي. اها دولت جيڪا هن ڌرتي ماءُ مان حاصل ڪئي هئي ۽ جنهن ۾ سنڌس پگهر ۽ رت شامل هو. شام ٿائين هو بي زبان جانور جيان ڪم ۾ لڳو رهيو. جڏهن اوندهه ٿي وئي تڏهين کيس ٿڪ جو احساس ٿيو ۽ هن واپس وڃڻ جو قصد ڪيو. هاڻ هو پنهنجي ڌيءَ متعلق سوچڻ لڳو، ڪاوڙ ۾ جنهن جي شڪل به نه ڏٺي هئائين. اها ڌيءَ جنهن کي پالي نپائي وڏو ڪندو ۽ ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪري ڇڏيندو ڇوڪرين جي پرورش ڪيڏي نه ڏکي آهي. هر وقت ڄڻ سر مٿان سنهڙي ڌاڳي ۾ ٻڌل تلوار لٽڪي رهي هوندي آهي. ڇوڪريءَ جو هڪ قدم غلط رستي تي اٿيو ۽ مائٽن جي نصيب ۾ خواري ۽ رسوائي لکجي وئي. اوچتو ڪانون جو هڪ ٽولو ڪان ڪان ڪندو سنڌس مٿي تان لنگهي ويو. وينگ جي دل اڻ ڄاتل خطري جي خوف کان ڪنبي وئي. هو وهمي هو. ڪانون جو ائين لنگهڻ ڪو نيڪ شگون نه هو.

باب اٺون

قدرت جا رنگ نرالا آهن. مهربان ٿئي ته سڀ ڏک ڏولاوا دور ٿي وڃن، رنج ٿئي ته ڌرتيءَ تي جيئڻ ئي حرام ٿي وڃي. هن دفعي قدرت پنهنجن ٻانهن تي ناراض ٿي لڳي. ڌرتيءَ ماءُ کي پاڻيءَ جي گهرج هئي. پاڻي ملي پوي ته ڌرتي ملڪ ملير ڪيو ڇڏي. پر جي سنڌس اڃ ئي ختم نه ٿي ته؟؟ آسمان تي پري پري ڪڪرن جا ڪي به آثار ڪونه هئا. سج پوري آب تاب سان چمڪندو پنهنجو سفر پورو ڪندو رهيو ۽ رات جو تارا بي رحميءَ سان سڪل، اڃايل ڌرتيءَ جي بي وسي ڏسندا رهيا. ڌرتي ماءُ پاڻيءَ لاءِ واجهائيندي رهي پر آسمان خاموش ئي رهيو. وينگ پنهنجو آرام تيج ڪري ڏينهن رات ڌرتيءَ تي محنت ڪئي هئي، ڪڻڪ جا ڪي سلا ڌرتيءَ جو سينو چيري مٿاڇري تي آيا پڻ، پر پاڻي نه هئڻ ڪري سڪي ويا. زمين جو سينو سڪي ٽوٽ ٿي ويو ۽ زمين ڪيترن ئي هنڌن تان ڦاٽي پيئي، وڏا وڏا ڏار پئجي ويا. ڌرتي هاڻ هڪ اهڙي ماءُ مثل هئي جنهن جي آرهن ۾ کير جو هڪ ڦڙو به نه بچيو هو. اهڙي حال ۾ هوءَ ابهم جي ٻڪ ميٽائي ته ڪيئن؟ آسمان کان نااميد ٿي وينگ پر واري ٿلاءَ مان

پاڻي آڻڻ جو فيصلو ڪيو. صبح کان شام تائين هو پاڻيءَ جا ڏول ڀريي، ڪانواڻيءَ وسيلي ڪلهن تي کڻي زمين جي آج ختم ڪرڻ لاءِ ڀيو پاڻ پتوڙيندو هو. سندس خيال هو ته اهڙيءَ ريت هو ڌرتي ماءُ کي راضي ڪري سگهندو، پر سندس اها سوچ خام خيالي ثابت ٿي. تلاءَ جو پاڻي به نيٺ سڪي ويو. سندس ٻنيءَ پرسان هڪ کوهه هو، ننهن جو پاڻي به خبر نه آهي ڪيڏانهن ويو.

هڪ ڏينهن اولين چيو ”پاڻي ختم ٿي رهيو آهي ڇا توهان پنهنجن معصوم ٻارن ۽ ٻوڙهي ٻيءَ جي آج ڪسي فصل ڏو اڪائڻ چاهين؟

اهو ٻڌي وينگ کي ڪاوڙ اچي ويئي. سندس اکين مان ٻي وسيءَ جا ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. سندس آواز روئڻهارڪو ٿي ويو. فصل نه لڻو نه اسين سڀ ٻک وگهي مري ويندا سون. زمين اجايل رهي ته ٻاڻ سڀن کي اجايل رهڻو پوندو.“ هو سچ چئي رهيو هو. ماءُ جا آرهه سڪل هجن ته هوءَ اولاد کي ڪير ڪٿان ڏيندي؟ اولين خاموش ٿي ويئي. انهيءَ کان پوءِ ٻن هفتن تائين وينگ زمين جي صرف انهيءَ حصي تي محنت ڪندو رهيو جنهن مان ڪيس داڻن ملڻ جي ٿوري گهڻي اميد هئي. وينگ کي هڪ خيال رکي رکي ستائي رهيو هو ته بدحاليءَ جي هن دور ۾ زمين سستي ملندي ۽ جيڪي چار داڻا زمين ۾ ٿيا ٿن کي وڪڻي زمين وٺجي. جڏهن

فصل لٿو تڏهن وينگ شهر وڃي پنهنجو فصل وڪڻي آيو جنهن جا کيس تمام گهڻا پئسا مليا. اهي پئسا کڻي هو وڏي حويليءَ طرف هليو. حويليءَ جو پوڙهو مالڪ هر طرف پئسن لاءِ واجهائي رهيو هو، ڇو ته پئسن کان سواءِ نه ته کيس شراب ٿي ملي سگهيو ۽ نه جوان خون! هو پوڙهو هو، جهور پوڙهو. منجهس مردانگي بالڪل نه رهي هئي پر تڏهن به هو پنهنجي عادت کان مجبور هو. کيس هر رات هڪ جوان عورت جي ضرورت پوندي هئي جيڪا سندس مئل ۽ ٿڌي جسم ۾ ٿورڙي جان وجهي سگهي ۽ سندس رت کي گرمائي سگهي. تنهن کان سواءِ سندس زال به آفيم واپرائيندي هئي ۽ اهي سڀ شوق اهڙا هئا جنهن لاءِ هو زمين ته ڇا پنهنجو روح به وڪڻي يا گروي رکي سگهيا ٿي. وڏي حويليءَ جي مالڪن کي زمين جي نه پر عياشيءَ جي ضرورت هئي. پوڙهي جاگيردار کي نوجوان، گرم خون وارين نامطمئن ڇوڪرين جي ضرورت هئي ڇو ته اهڙيون ڪچيون ڇوڪريون ٿورڙي مستيءَ سان ئي مطمئن ٿي ٿي ويون جڏهن ته پڪي عمر واريون تجربيڪار عورتون هاڻ صرف ڇيڙڇاڙ سان مطمئن نٿي ٿي سگهيون ۽ کين مڪمل لذت ۽ سرور گهربو هو جيڪو پوڙهي جاگيردار جي وس ۾ ڪونه هو ۽ اڇايل رهجي وڃڻ تي اهڙيون عورتون وري ڪر سڄي ڳوٺ ۾ جاگيردار جي نامردانگيءَ جي ڳالهه مشهور ڪري ڇڏين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مينهن زمين جي ڪنهن به حصي ۾ ڪونه پيو هو ۽ وڏي حويليءَ وارا به انهيءَ خشڪسالي کان بچيل ڪونه هئا، بک کان بيحال ۽ حيواني ۽ شيطاني خواهشن اڳيان مجبور. انهيءَ بدحاليءَ واري زماني ۾ وينگ حويليءَ جي وڏي منشيءَ وٽ پهتو ۽ ڪيس چيائين "مون وٽ چاندي آهي"....اهو اعلان بلڪل اهڙو هو جهڙوڪر ڪنهن هفتن جي بکايل انسان اڳيان اعلان ڪجي ته "مون وٽ ماني آهي"....اهو انسان جيڪر چا نه ڏئي، مانيءَ کپي خاطر؟ ڪجهه سڪا منشيءَ جي کيسي ۾ ويا ۽ باقي پوري رقم ڏيئي وينگ حويليءَ وارن جو هڪ تمام وڏو حصو پنهنجي نالي ڪرائي ورتو ۽ انهيءَ سودي جي خبر هن پنهنجي وفادار زال اولين کان به لڪائي.

آسمان جي نامهرباني اڃا جاري هئي. مينهن نه وسيو هو سو نه وٺو. ڌرتيءَ جو سينو چيريل هو، سڪل ڌرتيءَ ۾ خشڪيءَ جي ڪري وڏا وڏا ڏار پئجي ويا هئا، ڪوهه ۽ تلاءَ به سڪي ويا هئا، وڻن جا پن ڇڻي ويا هئا ۽ رکو سڪل ٻُنڊ پنهنجا وات پٽيو آسمان ڏانهن واجهائي رهيا هئا. وينگ ۽ گهر وارن کي احساس ئي ڪونه هو ته ڏڪار جو عفريت پنهنجو اجگر جيڏو وات پٽيو ڏانهن وڌي رهيو هو. انهيءَ عالم ۾ صرف ننڍڙي نينگريءَ کي ڪا پرواهه ڪونه هئي ڇو ته سندس خوراڪ ماءُ جي ارهن ۾ محفوظ هئي ۽ سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهه جا ارهه اهڙا هئا جن جي جلد خشڪ ٿيڻ جو ڪو
خطرو ڪونه هو... پر قدرت کي شايد معصوم جان جو
اطمينان به پسند نه پيو. اولهن وري پيٽ سان ٽي ويٺي
۽ سنلس چاتين ۽ کير ڪڍي ويو! هاڻ ننڍڙي معصوم
جي رڙهن سان سڄو گهر گونجڻ لڳو. پر هاڻ ڇا ٿي
ٿي سگهيو! پنهنجي کي پنهنجي ڏکي سان ڏاڍو پيار هو.
اهو بي زبان جانور وهنگ جو مزدور ساٿي هو هن پاڻ
بکيو رهي ڏکي جو پيٽ ڀرڻ لاءِ جتن ٿي ڪيا، پر
آخر ڪيستائين؟ وٽن ٿي ڪو هڪ پن به نه رهيو.
هنن ڏينهن ۾ زمين تي ڪم ڪرڻ جو نه ڪو سوال
ئي نٿي پيدا ٿيو، تنهن ڪري هنن اڄ لاءِ رکيل داڻا
به پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ ڪتب آندا. پر جلد ئي اهي
به ختم ٿي ويا. وهنگ ڏکي جي رسي کولي ڇڏي ته
جيئن هو پاڻ ئي پنهنجي لاءِ خوراڪ ڳولهي وٺي، پر
جڏهن ڏڪار ختم ٿيڻ جو ڪو آسرو نه ڏٺائين تڏهن
ڪجهه ڏهاڙن پڄاڻان، ڏکي کي وري ٻڌي ڇڏيائين.
انهيءَ ڊپ سان ته ڪٿي ڪو بکايل خاندان ڏکي کي
ڪهي کائي نه ڇڏي! ڏکو وچارو هاڻ صرف هڏهن جو
ڍانچو وڃي رهيو هو جنهن تي کل مڙهيل هئي. پوءِ
ليمٽ هڪڙو ڏينهن اهڙو آيو جڏهن گهر ۾ کائڻ لاءِ
ڪو هڪ داڻو به نه بچيو. وهنگ جو پوڙهو پيءُ جيڪو
بک ۾ اڃ وکهي وڌيڪ ڪمزور ٿي ويو هو تنهن
چيو "ڏکي جو وجود اسان لاءِ هاڻي بيڪار آهي. اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ڍڳي ڪي ڪاٺي پنهنجي ٻڪ مٿان کڻي گهرجي.“

وهنگ جڏهن پنهنجي مزور ساٿيءَ متعلق اهي لفظ ٻڌا ٻڌهن هو ڪاوڙ وچان ڏڪڻ لڳو ۽ چيائين ”اڄ ڏٺو ڪاٺون صحرائي وري هڪ ٻئي ڪي ڪاٺيندا سون. ڍڳو ڪاٺي وياسون ته هر ڪير وهائيندو؟ هي ڍڳو اڃان ننڍڙو ڳابو هو ته پٽس خريد ڪيو هو، ۽ وهنگ کيس ساڻدي وڏو ڪيو هو ۽ هيترن ڏينهن ۾ ڍڳي ڪڏهن ٻه ڪمس ڏوکو نه ڏنو هو تنهن ڪي ڪاٺڻ متعلق هو ته سوچي ٻه نٿي سگهيو...

پوڙهي چيو ”ڇا ڍڳي جي زندگي تنهنجي ٻارن ۽ پيءُ جي زندگيءَ کان وڌيڪ قيمتي آهي؟ ڍڳو سگين ڏينهن ۾ وري ٻه وٺي سگهجي ٿو، ساهه نه!

پر وهنگ ها نه ڪري سگهيو. هڪ صدين برابر ڏينهن پيو ٻه گذري ويو. هڪ قيامت خيز رات بي ٻه گذري. ننڍڙا معصوم هاڻ روئي ٻه نٿي سگهيا. اولين رحم طلب نگاهن سان وهنگ ڏانهن نهاريندي رهي ۽ نيٺ مجبور ٿي وهنگ ڪي اهو فيصلو ڪرڻو ٿي پيو جيڪو هن نٿي ڪرڻ چاهيو. پر ته ٻه هو خود ڍڳي ڪي ذبح نٿي ڪري سگهيو. اولين ڪي چيائين ”ڍڳي ڪي ذبح ڪري ڇڏ، پر آءٌ ائين نه ڪري سگهندس.“ ۽ ائترو چئي هو پنهنجي ڪوٺڙي ۾ هليو ويو ۽ مٿي ۽ ڪنڌ ڪي ڇڳيءَ رهت ڪمبل سان ويڙهي ڇڏيائين جو هن ذبح ٿيندڙ ڍڳي جون رڙيون ٻه نٿي ٻڌڻ چاهيون. اولين

ڪات ڪٺي ٻاهر نڪتي ۽ اڪيون پوري ڏکي جي ڪنڌ تي وار ڪيائين ۽ پوءِ ڪيتري دير تائين ڏکي جي ڪل لاهيندي رهي ۽ گوشت جا ٽڪرا ڪندي رهي. وينگ انهيءَ وقت تائين ڪوٺڙيءَ مان نه نڪتو جيسين اوائين قتل جي انهيءَ واردات مان فارغ نه ٿي ويئي. پوءِ هن ٿورو گوشت ڪٺي رڌڻ لاءِ ٻاهر ٿي رکيو ۽ باقي گوشت سنڀالي رکيائين. پوءِ جڏهن ماني ساڀون آئي ته وينگ گوشت نه کاڌي. سکيو. سندس پوڙهو پيءُ وڏا گرهه کائي پنهنجي بک ختم ڪري رهيو هو پر جڏهن وينگ کي ائين ڏي ويٺل ڏٺائين تـڏهن چيائين "ڏکو انسان نه هو بيوقوف. هڪ ته هو پوڙهو به ٿي چڪو هو ۽ مٿان وري ڏڪار ڪري اهـڙي حالت ٿي ويئي هيس جو اسين نه کاڌون ها ته به ڏينهن ٻن ۾ اوس مري وڃي ها. تنهن ڪري تون خود کي ظالم نه سمجهه. جيڪي ٿيو سو صحيح ٿيو.

پيءُ جي واتان اهي لفظ ٻڌي وينگ کي ڪجهه اطمينان ٿيو ۽ پوءِ هن به کائڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڏي ڏينهن ۾ ڏکي جو گوشت به ختم ٿي ويو. ڳوٺ وارا وينگ کان نفرت ڪندا هئا. هو سمجهندا هئا ته وينگ تمام کهٽي چاندي ۽ ان لڪائي رکيو آهي. سندس چاچو به اهائي ڳالهه سوچي پنهنجي زال ۽ ٽن ٻارن سميت وينگ جي گهر آيو ته ٿي ڪيس کائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ملي ويندو. پر سندس اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اميد پوري نہ ٿي. ويٽنگ مٽ کن جوئر جي داڻن جي چاچي ڏاڍهن وڌائيندي چيو ”يقين ڪر چاچا تہ انهن کان پوءِ منهنجي ٻارن ۽ پيءُ لاءِ بہ ان ڪٽو گهر ۾ نہ بچيو آهي.“ پر چاچي مٽس اعتبار نہ ڪيو ۽ ڪاوڙجي موٽي ويو. ۽ انهيءَ ڏينهن کان هو ويٽنگ جو سخت دشمن ٿي ويو. ڳوٺ جي گهر گهر وڃي ماڻهن کي آياريندو هو تہ ويٽنگ جي گهر ۾ چانديءَ ۽ اناج سان مٽ ڀريا پيا آهن پر هو هن ڏکيءَ ويل بہ ڪنهن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڳوٺ ۾ صرف هڪ شخص اهڙو آهي جنهن جا ٻار اڃا ٿلها متارا آهن. ڳوٺ وارا بک وگهي چتا ٿيا وينا هئا، انهن جو اهو ٻڌو سي لٺيون کڻي ويٽنگ جي گهر تي ڪاهي آيا، ويٽنگ ماڻهن جو گوڙ ٻڌي ٻاهر آيو تہ عوام جي مچريل هجوم کيس هڪ طرف ڌڪي گهر ۾ گهڙي آيو ۽ تلاشي وٺڻ لڳو پر اتي ڪجهہ هجي تہ ملي. مايوس ٿي ماڻهن ڪٽون، ڪمبل، مٽ ۽ ناديون کڻڻ شروع ڪيون. اهو ڏسي اولين انهن جي اکيان اڳي ٻيهي رهي!! ۽ چيائين، اسان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ تلاشي وٺڻ کان پوءِ تہ توهان کي پڪ ٿيڻ گهرجي ها تہ اسين بہ اوهان جهڙائي غريب ۽ بکايل آهيون. اسين بہ وڻن جا پن چباڙي گذران ڪري رهيا آهيون. پوءِ بہ اوهين پنهنجن گهرن جو سامان وڃي وٺو، اسان جي سامان تي توهان جو ڪهڙو حق آهي؟؟ اولين جنهن نموني ڪهن چيو

تنهن ماڻهن جا سِرَ ندامت مان جهڪائي ڇڏيا. هو سڀ اڄ ۽ ٻڪ جي ڪري ڇڙيا ٿي پيا هئا، بنيادي طور تي خراب انسان نه هئا. سڀ هڪ هڪ ڪري اتان ويا ويا هليا. صرف هڪ ماڻهو اتي ويٺو رهيو. اهو هو وينڪ جو شريف خاموش طبع پاڙيسري چن، جنهن جو جسم به هن وقت هڏائون پڃرو هو. سندس ننڍڙي ڌيءُ بک وگهي روئي رهي هئي، ۽ ان جي روئڻ چن کي اها ڪريل حرڪت ڪرڻ تي مجبور ڪيو جو هو پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر لٽڻ جي مال مان حصو وٺڻ آيو هو. هو نادم هو. شرمسار هو. هن پنهنجي ندامت جو اظهار ڪرڻ چاهيو پر ڪُڇي نه سگهيو ۽ پوءِ سر جهڪائي، آهستي آهستي اتان ويو هليو.

وينڪ اڱڻ تي اداس ويٺو هو. جنهن تي اولين ان ڇڙهيندي هئي ۽ زمين تي ان جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا. پر هينئر اتي ڪجهه به نه هو. اڱڻ اڱون خالي هو جيئن سندس پيٽ. سندس زال اولين ڏاڍي صابر عورت هئي، نه ان جي حالت سڀ کان وڌيڪ نازڪ هئي جو ڪيس پنهنجي پيٽ ۾ موجود ننڍڙي جان لاءِ به خوراڪ جو بندوبست تي ڪرڻو پيو. وينڪ وٽ ڪجهه به ڪين هو سواءِ زباني دلاسن جي ۽ سين چاڻو ٿي ته انهن دلاسن جي حقيقت ڪجهه به نه هئي. پر وينڪ کي انهن سڀني ڳالهين جي باوجود هڪ ڳالهه جو اطمينان هو ته هن زمين وٺي عقلمنديءَ جو مظاهرو ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي اڄ سون ۽ چاندي کهڻ ۾ موجود هجي ها يا هن
ان جو ذخيرو ڪمو هجي ها ته اڄ جيڪر سڀ ڪجهه
ڪاڻس ڦرجي وڃي ها ۽ ٻي وسيءَ سان پنهنجي لٽجڻ
جو تماشو ڏسندو رهي ها پر زمين سندس ملڪيت هئي،
زمين کهڻ به ڪاڻس ڦري نٿي سگهيو. هن سوچيو،
آسمان نيٺ مهربان ٿيندو. هي ڏکيا ڏينهن جيئن تيئن
ڪري گذري ويندا ۽ هڪ ڏينهن وري پنهنجي زمين
۾ ٻج ڇٽيندو، محنت ڪندو ۽ ٻيهر حاصل ڪندو.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڏهون

وينگ پنهنجي اڱڻ واري دروازي سان ٽيڪ لڳايو ويٺو هو ۽ ويچاري رهيو هو ته ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ گهرجي. ٻي وڏي لڙائيءَ جي عالم ۾ وڏي وڏي هن موت کي ڳلي لڳائڻ نٿي چاهيو، جيتوڻيڪ هو تمام گهڻو لاغر ۽ ڪمزور ٿي چڪو هو، پر هو هڪ باهمت انسان هو. هاريءَ کي ڪڏهن به مايوس نه ٿيڻ گهرجي. هن جي زندگي سخت ترين محنت ۽ مشقت جو داستان هوندي آهي سو وينگ به زندگيءَ مان مايوس ٿيڻ نٿي چاهيو ۽ زنده رهڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ ضروري هو. هن قسمت اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ نٿي چاهيا! منجهس حالتن سان مقابلو ڪرڻ جو آسرو ۽ حوصلو موجود هو. پر ڪجي ته ڪجي ڇا؟ ڪمزوري ڏينهون ڏينهن وڌي ٿي وڃي، هاڻ هلڻ به نٿي ٿيو، آن نه آن جي ماڳ هاڻ نه آسمان ۾ ڪو پکي پکڻ به نٿي ڏسڻ ۾ آيو نه ٿي جهنگ ۾ ڪو جانور بچيو هو. ٻارن جا پيٽ ڦوڪجي ويا هئا ۽ ڪو ٻار گهر کان ٻاهر راند ڪندي نظر نه ايندو هو! وينگ جا ٻار به ٻين ٻارن کان مختلف نه هئا. سندس سڀ کان ننڍي ڌيءَ هر وقت کٽ تي پئي هوندي هئي، اڳ هو، ٻڪ وچان سڄو سڄو ڏينهن

پڪي روئيندي هئي، پر هاڻي شايد ڪانئس روئڻ به نٿي
پڄتو. سندس، چپ نيرا ٿي ويا هئا، اکيون اندر پيهي
ويون هيون، ڳلن ۾ ڪُڏون ٿي ويون هيون. ڪيس ڏسي
وينگ کي ناڪاره ڏوهه جو احساس وڌي ويندو
هو. هن معصوم جان لاءِ به ته ڪجهه نٿي ڪري سگهيو!
ڪڏهن هو ڪيس هنج تي کڻندو هو ۽ چوندو هو.
"منهنجي ننڍڙي ڪڏي. ۽ جڏهن جواب ۾ ننڍڙي ڪومائل
ڪڏي پنهنجي بي‌جان نگاهن سان ڏانهس نهاريندي هئي
ته وينگ جي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا هئا ۽ هو ننڍڙي
معصوم جان سان اکيون ملائڻ جي به سگهه نه ساري
سگهندو هو. ۽ ڪيس ڪنهو اڱڻ تي نڪري ايندو هو ۽
پري پري تائين پکڙيل پنهنجي ٻنين کي ڏسندو جتي
ويراني ۽ سُڃ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه ايندو هو.
وينگ جو پوڙهو پيءُ اڃان حيات هو، شايد اڃان سندس
وقت نه پڄتو هو. پر هو هر وقت کٽ تي ويڙهو ٿيو پيو
هوندو هو. وينگ کي جهڪو ڪو داڻو يا ڪاٺ جهڙي ڪابه
شئي ملندي هئي ته اها آڻي پيءُ کي ڏيندو هو ۽ پوڙهو
ڍڳي وانگر پيو اوڳاريندو هو. وينگ چاهيو ٿي ته مرڻ
وقت پيءُ کي اهو خيال دل ۾ نه هجي ته سندس پٽ
سندس پوڙواري نه ڪئي. هن سوچيو هو ته جي ضرورت
پيئي ته پنهنجي جسم تان گوشت ڪپي به پوڙهي کي
کارائيندو.

هڪ ڏينهن پوڙهي مرڻينگ آواز ۾ چيو "مون اٿهي

ڪان به ڏکيو وقت ڏٺو آهي. جڏهن ماڻهو پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي رڌي کائي ويندا هئا.

نه نه... اهين ڪڏهن نه ٿيندو. اهڙو وقت ڪونه ايندو بابا.. وينگ پيءُ جي ڳالهه ٻڌي ڏڪي ويو هو.

هڪ ڏينهن چن وٽس لنگهي آيو. هو هاڻ صرف پنهنجي زنده وجود جو پاڇو ٿي لڳو. سندس چپ سڪل هئا ۽ اکيون ڏار ڏنل. هن چيو ”ڳوٺ ۾ ماڻهن ڪتا کائڻ شروع ڪيا آهن. گهوڙا ۽ ٻيا جانور اڳ ئي بک جو شڪار ٿي چڪا آهن. اسان پنهنجا مزور ساٿي ڍڳا به کائي ويا آهيون. جانورن جي خوراڪ گاهه ۽ ٻوهه به اسان انسانن پورو ڪري ڇڏيو آهي. وڻن جا پن به ختم ٿي ويا آهن. هاڻ کائڻ لاءِ ڇا رهيو آهي؟

وينگ ڪنڌ ڌوڻي سندس انهن خيالن جي تصديق ڪئي.

چن اچان ويجهو ٿيندي چپن ڏي چپن ۾ ”ٻڌو اٿئي هاڻ ڳوٺ وارا انساني گوشت کائڻ لڳا آهن. اهو به ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته تنهنجو چاچو به اڄين ڪري رهيو آهي نه نه جيڪر هو اڃان ڏاڍين زنده ڪيئن هجي ها؟ سندس جسم تي گوشت موجود آهي ۽ هو هلي ڦري به پيو.“

اهو ٻڌي وينگ وسامي ويو. هن کي چين ڪانئي خوف محسوس ٿيڻ لڳو. ٿورو ترسي چيائين ”اسين هن ڳوٺ مان لڏي ويندا سون. اتر ڏانهن هليا ويندا سون.

چڻ وراڻيو ”نون نه پوءِ ٻه جوان آهين. آءٌ ۽ منهنجي زال ته پوڙها ٿي چڪا آهيون. اسان کان نه اهڙو پنڌ هليو ٻه نه ٿيندو. تنهن ڪري اسان کي هت رهي اڄ ۽ ٻڪ وکهي مرڻو پوندو. بس هڪڙو خيال اچيم ٿو ته اسان جي معصوم نينگريءَ کي هن وهي ۾ مرڻ نه گهرجي، هن ويچاريءَ ته دنيا ۾ ڪجهه به نه ڏٺو آهي.

وينگ چيو ”نون پاڪ وارو آهين! مون سان ته پوڙهو پيءُ ۽ ٽي ننڍڙا ٻار آهن ۽ چوڻون ٻه اچڻ وارو آهي. اسان کي هر حالت ۾ هتان لڏڻ گهرجي متان اسين جانورن وانگر هڪ ٻئي کي نه کائون. لڳون ڏاڍو هيڻن کي چٽ نه ڪري وجي. پوءِ انهيءَ وقت هن اولين کي سڏ ڪيو. اولين جيڪا ڪو ڪم نه هجڻ ڪري کٽ تي ليٽي پئي هئي سا سندس آواز ٻڌي ٻاهر نڪري آئي ۽ در کي جهلي بيهي رهي. وينگ چيو ”اسان کي هتان لڏي وڃڻ گهرجي.

اولين وراڻيو ”ها، تنهنجو ويچار صحيح آهي. هلندي هلندي مرڻ هتي بي وسيءَ جي عالم مرڻ کان پوءِ به بهتر رهندو، پر اسان کي هڪ ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو شايد صبحاڻي تائين آءٌ فارغ ٿي وڃان. مون کي اميد آهي ته اٺين ٿي ٿيندو.“

چڱو ڀلا صبحاڻي. هڪ ڏينهن سان ڪهڙو ٿو فرق پوي. وينگ وراڻيو ۽ غور سان اولين جي چهري تي

نظر وڌائين. جنهن جي چوٽيءَ تي ڪائي چمڪندڙ شيءِ هئي. ۽
اڪيون ڏار ڏيئي وهون هيون. "پر تون ته هن حال ۾ پنڌ
ڪري ڏي نه سگهندينءَ؟ وڻڪ چيو ۽ پوءِ چوٽي ڏانهن
نهاري چيائين "ڇا تو وٽ ان جا ڪي ڏاڻا بچيل آهن؟
جي هجن ته خدا جي واسطي منهنجي ٻارن جي ماءُ جي
زندگي بچائڻ خاطر اها مهرباني ڪر."

ٻچن "چيو" آءٌ قسم کڻي تو چوان ته منهنجي گهر
۾ مُٺ کن سڪل داڻن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي،
۽ اهي داڻا به مون انهيءَ خيال کان اڱڻ ۾ دفن ڪري
رکيا آهن ته آخر وقت دل ۾ اهو خيال نه رهي ته
ڪو اهڙين بُکن وگهي مري رهيا آهيون، منهنجو هڪ
ٻه ٻچا نه آهي ۽ آءٌ جيان يا مران تنهن سان ڪهڙو
فرق ٿو پوي "اهو چئي هو هليو ويو ۽ ڪجهه دير
کان پوءِ موٽيو ته سندس هٿ ۾ هڪ رومال هو جنهن
۾ مٽيءَ گڏيل ڇڻا پڌل هئا. تنديرن ٻارن کي چڙ ته
ان جي خوشبو اچي وئي سي سُري اچي وڻڪ کي
وڃها ٿيا، پر وڻڪ کين پري هٽائي زال واري ڪوٺڙيءَ
۾ ويو ۽ ٿورڙا داڻا سندس تريءَ تي رکيائين. هن ڇاتو
ٿي ته جي اهي ٻه چار داڻا به اولهن کي نصيب نه ٿيا
ته هوءَ مري ويندي. دڻن مان ڪجهه داڻا هن پنهنجي
وات ۾ وڌا ۽ انهن کي چٻڻ لڳو. داڻا چٻڻ ۾ کيس
تڪليف ٿي رهي هئي، شايد ڏند چٻڻ وساري ويٺا هئا،
ڪافي دير سان جڏهن انهن داڻن کي ڏندن جي جنبد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ميدو ڪري ورنائين تڏهن ننڍڙي ڏيءَ ڏانهن وڌيو ۽ سندس ڪُل چپن سان پنهنجا چپ ملائي اهو ميدو سندس منهن ۾ ڏڪي ڇڏيائين. ڪجهه ساعتن ڪان پوءِ محسوس ڪيائين ته ننڍڙيءَ جي سرير ۾ جان نڪرڻ ساهه پنهجي ويو هجي. اها رات وينگ پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي در تي ويٺو رهيو، ۽ سندس ٻئي پٽ ڏاڏي سان گڏ ستا پيا هئا ۽ اولين ڪمري ۾ اڪيلي ويهه جا سور برداشت ڪري رهي هئي. ڪجهه دير ڪان پوءِ اندران نئين چاول ٻار جي ڪمزور رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. خبر نه آهي ڌيءَ هئي يا پٽ، پر هن وقت انهيءَ ڳالهه جي ڪا اهميت نه هئي، اهميت هئي ته صرف انهيءَ جي ته هڪ جاندار جو اضافو ٿي رهيو هو جنهن کي به زندهه رهڻ لاءِ خوراڪ جي ضرورت پوي ها جيڪا سندن گهر ۾ ڪونه هئي. ذهن ۾ خيال آيس ڪاش اهو معصوم دنياوي ڏکن ڪان اڄو ٿي وڃي. ۽ ٿيو به. اڻين ڪافي دير تائين جڏهن ٻار جي ٻي رڙ ٻڌڻ ۾ نه آئي تڏهن هن ٻاهران ئي پڇيو، ”تون ٺيڪ ته آهين؟ پر اندران ڪو آواز نه آيو. وينگ جي دل ٻڏڻ لڳي، ڪٿي اولين به سندس ساٿ ڪونه ڇڏي وڃي، پر ڪن ساعتن ڪان پوءِ اولين جو آواز آيو ”اندر اچ هو اندر ويو اولين ڪٽ تي اڌ مئي ٿي پيئي هئي. وينگ پڇيو“ ٻار ڪٿي آهي؟ اولين اشاري سان ٻڌايو زمين تي هڪ گوشت جو ٽڪر پيو هو. بي جان.

مري ويو؟

ها.

پر مون نہ هن جو آواز ٻڌو هو.

اولين ڪو جواب نہ ڏنو. سندس اکيون بند هيون. وڻنگ ڪجھ نہ ڪڇيو ۽ لاش کڻي اڳڻ تي نڪري آيو. اڳڻ تي هڪ ڪنڊ ۾ ٽات جو ٽڪر پيو هو. وڻنگ لاش کي ٽات ۾ ويڙهيو ٿي تہ سندس نظر ٻارڙي جي ڪنڌ وٽ ٻن ننڍڙن نشانن تي پيئي هن ٿڌي آھ ڀري آسمان ڏانهن نهاريو ۽ لاش کڻي قبرستان ڏانهن وڃڻ لڳو. قبرستان ويجھو ئي هو پر وڻنگ ائين محسوس ڪيو ڄڻ هو تمام گهڻو پنڌ ڪري آيو هجي. اوچتو وڻنگ جي نظر هڪ ڪُتي تي پيئي جيڪو ٿورو پرڀرو بيهي ڏانهس نهاري رهيو هو. ڪتي جي جسم تي بہ ملس موجود نہ هو پر سندس منهن تي گوشت ۽ رت لڳل هو. هو ڍ بکيو هو ۽ گوشت جي خوشبوءِ تي قبرستان اچي پهتو هو. وڻنگ زمين تان پٿر کڻي کيس هنيو، پر ڪتو جتي هو اتيئي بيٺو رهيو. وڻنگ ٽات ۾ ويڙهيل لاش زمين تي رکيو ۽ ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ٻي وسيءَ ۽ لاچاريءَ جي تصوير بڻيو واپس آيو. هن کي پنهنجو پاڻ تي رحم اچي رهيو هو. ٻئي ڏينهن سج وري ساڳي آب تاب سان اڀريو پر وڻنگ سوچڻ لڳو تہ ڇا هو هڪ لاغر پوڙهي، ٽن ننڍڙن ٻارڙن ۽ هڪ ڪمزور عورت سان گڏ سئو ميل ڏکيو سفر

Scanned with CamScanner

ان ڪٿان تو ملي؟ چاچي آسمان ڏانهن هٿ ڪٿي چيو” مون کي قسم آهي آسمان تي رهندڙ جو ته منهنجي گهر ۾ ان جو هڪ ڪڻ به نه آهي. تنهنجي چاچي ته سڪي ڪنڊا ٿي ويئي آهي، سندس جسم تي گوشت جو ڏالو به ڪو رهيو آهي ۽ ٻار سڀئي مان چار وڃي ٻچيا آهن، ٽيئي ننڍيون ڇوڪريون موڪلائي ويون، انهن کي مرڻو هو سو مري ويون.

ڇوڪرين کي ماري انهن جو گوشت ته نه کاڌو اٿو؟

ڇا اهو ڪوڙ ٿو ڳالهايان؟ خير ڇڏ انهن ڳالهين کي. مون کي ته هردم اوهان جو خيال ٿي رهيو. تنهنجي پيءُ جو، جيڪو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. هي ڏس مونسان گڏ ڪير آهن؟ اهي شهر جا واپاري آهن. انهن مونسان اڻ ڏٺي جو واعدو ڪيو آهي، پر انهيءَ شرط تي ته آءٌ کين زرخيز زمين وٺي ڏيان. هي توکي انهيءَ عيوض چانديءَ ڏيندا اناج. تنهنجي پيءُ، زال ۽ ٻارن لاءِ نئين زندگي.

وينگ اک کڻي واپارين ڏانهن نهاريو ٻه ڪسونه. ڪجهه دير ترسي چيائين ”آءٌ زمين ڪونه وڪڻندس. پر انهيءَ وقت سندس نظر پنهنجي ٻارن تي پيئي جيڪي بک ۾ پاهه تي رهيا ۽ قبر جي ڪنڌيءَ تي اچي بيٺا هئا. انهن کي ڏسي وينگ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيائين ”ڇا ڏيندا؟“

واپارين وراڻيو ”في ايڪڙ چانديءَ جا پنج سڪا.“

چا؟ وينگ کان رڙ نڪري ويئي. مون ھيءَ زمين في ايڪڙ سئو سڪن عيوض ورتي ھئي.

اڳ جي ڳالھہ ڇڏ. اھي پنج سڪا بہ توکي چند ڏينھن وڌيڪ زندھہ رکي سگھندا نہ تہ تون ۽ تنھنجو خاندان اڄ صبحاڻ ۾ مري ويندا.

نڪري وڃو. دور ٿي وڃو منھنجي نگاھن کان. ھيءَ ڌرتي اساڻ جي ماءُ آھي. ھن اسان کي جنم ڏنو آھي ۽ اھائي اسان کي پاليندي رھي آھي. ان کي وڪڻڻ کان بھتر آھي اسين ان جي پيٽ ۾ ٿي سمھي رھون. وينگ ڪاوڙ ۾ ڏڪندي چيو.

واپارين تي وينگ جي ڪاوڙ جو ڪو اثر ڪونہ ٿيو. ھنن سمجھيو ٿي تہ وينگ کي بک چريو ڪري ڇڏيو ھو. اڃان ڪجھہ دير کان پوءِ جڏھن سندس ذھن ٺڪاڻي تي ايندو تڏھن ھو نيٺ زمين ڪين ڏيڻ جو فيصلو ڪندو. ايتري ۾ اولين ڪوٺڙيءَ مان ٿـڙندي ٿاٻڙندي ٻاھر نڪتي- نجاڻ منجھس ايتري سگھہ ڪٿان آئي جو ھوءَ ايترو بہ ھلي سگھي. پوءِ واپاريـن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳي ”زمين اسين ڪنھن بہ قيمت تي نہ وڪڻنداسون. ڇاڪاڻ تہ ھڪ ڏينھن اسين پنھنجي ڏاڏائي ڏيھہ موٽي ايندا سون ۽ ان وقت زمين نہ ھئي تہ اسين ڇا ڪنداسين؟ ڪجھہ وٺو ٿي اٿو تہ گھر جـو باقي سمورو سامان وٺو. کٽـون، بسترا، ٿانوَ، ميـز، ڪرسي. بس زمين ۽ ھر جو نالو نہ وٺو.“ اولين جي

لهجي ۾ جيڪا خود اعتمادي ۽ پختگي هئي سا ونڪ
جي لهجي ۾ نه هئي. انهيءَ مان واپارين کي اندازو ٿيو
ته زمين هو واقعي ڪونه وڪڻندا. هڪ واپاري چيو
ڀون شهون ته ٻارڻ جي ڪم ايندڙون. خير ڇانديءَ
جي ٻن سڪن عيوض اسان کي اهو سودو ٻه منظور آهي.
منظور. ڏيو رقم. ايترو چئي هن پنهنجو هٿ اڳتي
وڌايو. واپارين گهر جي سمورين شين تي قبضو ڪري
ورتو ۽ ٻه سڪا ڏيئي روانا ٿي ويا. واپارين جي وڃڻ
کان پوءِ وينگ چوڌاري نظر ڊوڙائي. ڪمس پنهنجو پريل
پريل گهر پڙپارگ نظر آيو. رکيو هڪ ڪنڊ ۾ هير
پيو هو ۽ ٻيو بس. هن هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ مطمئن
لهجي ۾ چيائين "مون زمين ته نه وڪي. زمين ته
منهنجي آهي، مون پنهنجي اباڻي ته سودو نه ڪيو،
ڌرتي ماءُ کي ڪير وڪيو."

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڏھون

ھاڻ باقي ڇا رھيو ھو؟ کيس گھر کي در ڏيڻو ھو ۽ ٻي ڪنھن منزل لاءِ روانو ٿيڻو ھو. ھن کي ٻہ اٿمن ٿي. وٽن ڪوبہ سامان تہ ھو ڪونہ. جنھن کي کڻندي تڪليف ٿئي ھا پوٻان چڙھڻ تي ڏک ٿئي! سو ھي ننڍڙو قافلو روانو ٿي ويو. آھستي آھستي جھڙن جانور ڪوس گھر ڏانھن وڃندا آھن. ننڍڙيءَ کي وينگ ڪڇ ۾ کنيو ھو، سندس پٺ پيادا ھلي رھيا ھئا. سندس پوڙھو پيءُ بہ پير گھلي ٻئي اڳتي رڙھيو. اھو جڏھن وينگ ڏٺو تڏھن ڌيءَ اولين کي ڏنائين ۽ پيءُ کي ڪلھي تي کنيائين. پوڙھو ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو ھو پر تنھن ھوندي بہ وينگ جي ڪوڏن مان نڪاءُ نڪري ويو. ھو پاڻ بہ تہ ٿڪيو ھو نہ. پوءِ ٿڙندو ٿاٻڙندو ھو اڳتي وڌندو رھيو. ھلندي ھلندي ٻارن کي ٻـ ھمٿائيندو رھيو جيئن ھو ٿڪجي نہ پون. کين چيائين ٿي تکا ھلو. منزل تي پھچي توھان کي کٿڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ملندو. اڙٻل جانور ۽ مڇي. ھا ٻيو ڪجھ وينگ پاڻ کان بہ ھليو نہ ٿيو. ٻيءَ کي ڪلھي جي ڪري ھو پکھر ۾ شل ٿي ويو ھو جتوڻيڪ ھوا ٿڌي ھئي. اوچتو ھن بکايل انسانن جو ھڪ ٻيو گروھ ڏٺو

جيڪو سندس پونان اچي رهيو هو. جڏهن هو ڪين ونجهو پهتا ته وينگ انهن مان هڪ مسافر کان پڇيو، اوهين ڪيڏانهن پيا وڃو؟ مسافر ورائيو ”اسين اتر ڏانهن پيا وڃون. اتي شايد بکئي پيٽ لاءِ ڪجهه ملي وڃي. اڃهو هتان هڪ گاڏي هلڻ واري آهي جيڪا اسان کي شهر تائين پهچائيندي.“

وينگ اهڙي هڪ گاڏيءَ متعلق ٻڌو هو ته اها ڀِڦ تي ۽ انسانن ۽ جانورن کان تيز هلندي آهي ساڳئي مسافر کان پڇيائين ”ڇا اسين به انهيءَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي سگهنداسون؟

هن جواب ڏنو. ڇو ڪين؟ جي تو وٽ چانديءَ جا سڪا آهن؟

چانديءَ جا ٻه سڪا وينگ وٽ هئا. اهو ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو ته هاڻ سفر آرام سان ڪٽجي ويندو. اِتري ۾ پريان هڪ ڪارو ديو جهڙو انجڻ تمام گهڻو گوڙ ڪندو ۽ ڀِڦ ڪڍندو، لوهه جي پٽڙيءَ تان ايندو نظر آيو. سڀ مسافر وٺي اوڏانهن ڀڳا.

وينگ چانديءَ جا سڪا گاڏيءَ جي آفيسر جي حوالي ڪيا جنهن وري پتل جا ڪجهه سڪا کيس واپس ڏنا ۽ هو گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺا. گاڏي ۾ وينگل هڪ پوڙهو، جيڪو شايد اڳ به اتر جو سفر ڪري چڪو هو، پنهنجي پر ۾ وينگل هڪ ٺهي مالهوءَ کي سمجهائي رهيو هو ته شهر پهچي ڪجهه تڏا ۽ بانس جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪڙا وٺي هڪ جهڪي ڳاهي وڃان جنهن سان اوهان
جو رهائش جو مسئلو حل ٿي ويندو. پوءِ شهر ۾ وڃي
پنهنجو شروع ڪجو، اوهان جي حالت ڏسي شهري مڙيئي
ڪجهه نه ڪجهه پيا اوهان کي ڏيندا ۽ ائين اوهان جو
پيٽ گذر پيو ٿيندو.

وينگ به پوڙهي جون هدايتون ٻڌي رهيو هو. هن
زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن اڳيان هٿ نه ٽنگيو هو
۽ نه ئي سوال ڪيو هو. پوڙهي جي ڳالهه ٻڌي ويچار
۾ پئجي ويو. ڇا شهر ۾ محنت مزوريءَ جو موقعو نه
ملندو؟ هن وٽ اجان ايترا سڪا هئا جن سان هو ٽڏا
۽ بانس وٺي ٿي سگهيو پر پنهنجي ڪانگس ته نه پهچندو.
هن پنهنجي هٿن ڏانهن ڏٺو ۽ سوچيائين "ڇا هي هٿ
پنهنجي لاءِ آهن؟ ساڳئي پوڙهي کان سوال ڪيائين. "ڇا
شهر ۾ هٿن کي صرف پنهنجو ڪم ڪرڻو پوندو آهي؟
ڪو محنت مزوري وارو ڪم نه هوندو آهي؟"

پوڙهي ورائيو "ڇونه؟ تون شهر ۾ هٿ گاڏي هلائي
سگهين ٿو جنهن تي مسافرن کي هڪ هنڌان ٻئي منزل
تي پهچائبو آهي. انهيءَ عيوض چڱا چوکا پئسا ملي
ويندا آهن! اهو ٻڌي وينگ کي خوشي ٿي. هن جو جسم
مضبوط هو ۽ محنتي هو. هو شهر ۾ محنت ڪري
پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي ٿي سگهيو، ٻين وانگر
پنندو ڪونه.

گاڏي جڏهن شهر ۾ پهتي تڏهن ٻڪما مسافر هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻٽي ڪي ڌڪيندا، ڪيرائيندا جلد از جلد شهر ۾ ڪامي
پوڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا. سندن بکايل جسمن ۾ نه ڄاڻ
ڪٿان طاقت اچي وئي هئي. ويڱ ٻه پنهنجي خاندان
کي ڪاڏيءَ مان لاهي هڪ پاسي ٿيو ۽ پوءِ ڪين ويهاري
پاڻ ٽڏا ۽ بانس وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. شهر ۾ هر طرف
زندگيءَ ۾ هلچل ۽ جوش هو. ٽڪڙا ٽڪڙا ماڻهو
هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيا هئا. دوڪانن تي گوشت،
ڀاڄيون ۽ ميوا وڪرو ٿي رهيا هئا، خريدارن جو هجوم
هو. ڪنهن جي به انداز مان اهو نٿي معلوم ٿيو
ته هنن ڪڏهن به بک جو منهن ڏٺو هوندو. ويڱ اهي
لقاءُ ڏسندو ٽڏن واري دوڪان تي پهتو، ٽڏا ۽ بانس
وٺي واپس موٽيو ۽ پوءِ هن پاڻ ۽ اوين ڪڏجي هڪ
جهڳي ٺاهي ورتي. انهيءَ مسئلي ڪان واندا ٿي هو سڀ
خيراتي ڪيمپ ۾ پهتا. جتي شهر جي امير ماڻهن جي
چندي سان ڏڪاريل، بکايل انسانن لاءِ خيرات طور
ڪاڌو پئي ورهايو ويو. شهر ۾ ڪمترن ئي هنڌن تي
اهڙا ڪيمپ قائم ڪيا ويا هئا. هنن مان هر هڪ جي
هٿ ۾ جست جو هڪ وٽو هو. جيڪو چانورن
سان ڀرجي ملهن، ۽ هو چرين وانگر پنهنجي پيٽ جي
باهه وسائڻ لڳا. جڏهن پيٽ ۾ ڪجهه پيو تڏهن هنن
ٻيو دفعو چانور ورتا ۽ ڪٿي پنهنجي جهڳيءَ ڏانهن
وڃڻ لڳا ته هڪ شخص سندس رستو روڪيو ۽ چيائين
”هتان اوهين ڪجهه به پاڻ سان ڪٿي نٿا وڃي سگهو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيترو ڪاٿي سگھو، ڪاٿو، انھيءَ ڪان ڪا روڪ نہ آھي باقي ڪٿي وڃڻ جي اجازت نہ آھي."

وينگ چيس "اھو اسين ٻئي ڏينھن لاءِ ڪٿي پيا وڃون."

سپاھي چيو "ٻئي ڏينھن ٻہ ڪيمپ ۾ اچي پيٽ پري وڃجو توھان کي ڪير نہ روڪيندو. ايترو چئي ھن چانور ڪانئن ڪسي ورتا.

وينگ ۾ اولين پنھنجن ٻارن جا لڙڪ اگھندا پنھنجي جھڳيءَ تي واپس وريا. في الحال تہ سندن پيٽ پريل ھئا. پر خيراتي ڪيمپ مان آخر ڪيترو وقت ڪين ڪاڌو ملي سگھندو. ڪجھ، نہ ڪجھ تہ ڪرڻو ئي ھو. اھو ڏينھن گذري ويو، ٻئي ڏينھن جو سج پنھنجي سفر تي روانو ٿيو. وينگ پريشان ٿي اولين ڏانھن اھڙين نظرن سان ڏٺو جيئن ھو پنھنجي ويران ھنيءَ ڏانھن ڏسندو ھو. اولين سندس نگاھن جو مطلب سمجھندي چيو "آءٌ ھار ۾ بابا شھر وڃون ٿا ۾ شھرين اڳيان ھٿ ڊگھيريون ٿا، شايد ڪين منھنجن ڦاٽل ڪپڙن، بابا جي نبل جسم ۾ سفيد وارن ۾ ٻارن جي سوال تي رحم اچي وڃي. ۾ پوءِ ھوءَ چوڪرن کي پنڻ جو طريقو سيکارڻ لڳي. "ھر اينڊڙ وينڊڙ جي اڳيان پنھنجا ھٿ وڌايو ۾ روڏ ڏي روئندي چئو سائين الله جي نالي ھڪ سڪو. اسين بکايل آھيون سائين خدا جي نالي تي. اولين ٻارن کي پنڻ جا گُر سيکاري رھي ھئي تہ وينگ روئي پيو. نہ

هن پاڻ ڪڏهن سوچيو هو ۽ نه وري اهو خواب خيال ۾
هوس ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن سندس محنتي زال ۽ ٻارن ٻچن کي
انهن ڀنگ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو. هن اولين کان پڇيو
”توکي ڀنگ جي طريقي جي ڪهڙي خبر؟“ اولين ورائيو
”زندگيءَ مون کي سڀ ڪجهه سيکاريو آهي. جڏهن
آءٌ ننڍڙي هوس تڏهن به هڪ دفعو اهائي حالت ٿي
هئي. منهنجي ماءُ مون کي وڪڻڻ کان اڳ ڀنگ جا
ڪر سيکاري ڀنگ تي به مجبور ڪيو هو. ۽ پوءِ اولين
پنهنجن ٻنهي ٻچن جي ڳلن تي ڏڙاڏڙ چمائون ڏيڻ
شروع ڪيون. چمائن لڳڻ ڪري ڇوڪرا روئڻ لڳا
۽ لڙڪ زار و قطار سندن ڳلن تي وهڻ لڳا. تڏهن اولين
چيو ”وڃو هاڻ جلدي وڃو. شايد توهان جي لڙڪن
تي ئي ڪنهن کي رحم اچي وڃي. پر ياد رکو هر ماڻهو
اڳيان سوال ڪجو. ۽ انهيءَ نموني روئندي سوال ڪجو.“

وينگ کان اهو سڀ ڏٺو نه ٿيو. ۽ هو ٻچا ڪندو
انهيءَ هنڌ وڃي پهتو جتي هٿ گاڏيون مسواڙ تي
ملنديون هيون. هٿ گاڏين جو مالڪ هڪ بي انتها ٿلهو
ماڻهو هو جنهن جون گاڏيون ڪير به مسواڙ تي ڪونه
وٺندو هو ڇو ته شهر جي مزورن گاڏين ۾ ڪڏهن ۽
ڏڪن وانگر جوڙجڻ ڇڏي ڏنو هو. ٿلهي مالڪ سان
واپاري ناءُ طئي ڪرڻ ۾ ڪابه دير نه لڳي ڇو ته
مالڪ به بيڪار ويٺو هو ۽ وينگ به ضرورت مند هو
۽ سيٺ وينگ جي ڳالهائڻ مان صحيح ڪري ورتو ته

اهو جفاڪش انسان ڪيس دولاب نه ڏيندو. ڳڏهه صرف محنت ڪري ڏاڇي. دوکو ۽ فريب سندس سرشت ۾ شامل نه آهن.

وينگ هٿ گاڏي وٺي آيو، پر انهيءَ ڪي هلائڻ سندس وس جي ڳالهه نه هئي. هن اڄ تائين ڏڳن کي هر ۾ جوٽيو هو اڄ ڪيس خود ڏڳي جي پوزيشن سنڀالڻي پيئي هئي. ڪيس رڪي رڪي پنهنجي وفادار ڏڳي جو خيال اچي رهيو هو جيڪو سر جهڪائيو سندس اشارن تي عمل ڪندو هو. جڏهن ته سندس ڪنڌ تي ڪيڏو بار پيل هوندو هو. ڏڳي جي محنت جي اهميت ۽ تڪليف جو احساس اڄ وينگ کي ٿي رهيو هو. جڏهن هو پاڻ هٿ گاڏيءَ جا لڪڙا پنهنجن ڪلهن تي رکيو ڪيس ڇڪي رهيو هو. بهرحال هاڻ نخرن جو وقت نه هو. هو سڄو ڏينهن گاڏيءَ ۾ جوٽيل رهيو. پر ڪيس ڪوبه اندازو نه هو ته سوارين ڪان ڪيترو ڀاڙو وٺجي. سڄي ڏينهن جي محنت ڪان پوءِ جڏهن هو شام جو اڏي تي پهتو ته مالڪ پڇيس "ڇا ڪمائي آيو آهين؟"

وينگ ورائيو "پتل جا چوڏهه سڪا"

۽ پنڌ ڪيترو ڪيئي؟

خبر نه آهي. بس بازار ڪان چار ميٺار تائين ۽ اتان وري بازار تائين ڪيترائي دفعا.

تون ته ڪو صفا درويش آهين. سڄو ڏينهن وهيو آهين ۽ مزوري اها ڪمائي اٿئي. اڙي پوڪ سواري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چا؟ هتين کندو نہ طمي پاڙو اڪ کان وبهارڻ
ونڪ چيو ”نہ سيٺ جنهن جيترو ڏنو اهو ڪانئس
ورتم. وڏيڪ لاءِ ضد نہ ڪيم. ائين ڪيمي ته ڪير بہ
پوري مزوري نہ ڏيندو. هي شهر آهي، هتي هڪ ڪان
هڪ بي ايمان پيو آهي مزور کي سندس حق ڏيڻ پنهنجي
بي عزتي سمجهندا آهن. ُپٽ، پنهنجو حق ڪسڻ سڪ.
سواريءَ کي جي پڪ ٿي ويئي تون سندس بي عزتي
ڪرڻ کان بہ نہ ڪسندي ته ڏي هو توکي تنهنجو حق
ڏيندو، باقي جي پائين نہ ماٺ مٺي ۽ تنهنجي شرافت
کان متاثر ٿي ماڻهو توکي پوري مزوري ڏيندا نہ اها
تنهنجي پوراڻي ۽ خام خيالي آهي.
اهو نئون سبق هنئين سان هنڊائي ۽ سچي ڏيهن
محنت مان پنهنجو حصو فقط بہ سڪا ڪٺي جڏهن
جي ونڪ گهر پهتو تہ اولين ۽ پارڙا اتي موجود هئا. ۽ اولين
وٽ ڪل چاليهہ سڪا هئا. سندس، ننڍي پٽ پنجويهہ
سڪ ، وڏي ان ۽ اوٺين ست سڪا ڪمايا هئا. پوڙهن
خالي هٿين آيو هو. پٽ کي ڏسي پوڙهي شرمسار ٿيندي
چيو ”مونکي پنهنجي ڪونہ اچي. جيسين لنگن ۽ پاڻهن
ست هوم، تيسين مزوري ڪيم، آءٌ ڪنهن اڳيان
هٿ ڊگهاري نہ سگهيس ۽ نہ سوال ڪري سگهيس
ونڪ جڏهن اهو ٻڌو تہ سندس اکين مان لڙڪ وهي
هليا.“ ۽ هن پيءُ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو
”صبحاڻ کان تون پنهنجي نہ وڃجان بابا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٻارهون

ونگ ۽ سندس خاندان جا ڏينهن ڏکيا سکيا گذري رهيا هئا. وقت تي ڪين ماني ملي پئي ۽ سر لڪائڻ لاءِ اجهو به وڃڻ هو. اولين ۽ ٻار بدستور پڙهندا هئا ۽ هو ٻاڻ هٿ گاڏي ڇڪيندو هو. هاڻ هو شهر جي رستن ۽ خاص مرڪزن جو واقف ٿي ويو هو ۽ ماڻهن جو تجربو به ٿي ويو هو ته صبح مهل ڪا عورت سوار تي سمجهه، اما سودو صاف وڃڻ پيئي وڃي. ان ڪان وڌيڪ ملڻ جي اميد نه رکجي، جي ڪو مرد هجي ته معنيٰ هو آفيس وڃي رهيو آهي ۽ اهڙا ماڻهو به پورو پني مزوري ڏيندا آهن، باقي سج لهڻ ڪان پوءِ سٺي لباس ۾ خوشبو ۽ نيل قلميل لڳايل مرد هٿ گاڏيءَ ۾ وڃي ته سمجهه هو عياشيءَ لاءِ وڃي رهيو آهي، هو يا ته ڪنهن هوٽل ۾ جوا جي ميز تي قسمت آزمائيندو يا وري اهڙن گهرن ۾ ويندو جتان گهنگهروئن جي جهنڪار ۽ موسيقيءَ جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. انهن گهرن اندر ڇا ٿيندو هو تنهن جي ونگ کي خبر نه هئي ڇو ته هو ٻاهران ئي پنهنجي مزوري وٺي واپس ٿي ويندو هو ۽ اهڙا ماڻهو دل کولي مزوري ڏيندا هئا ۽ ڪوبه بحث نه ڪندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وينگ ۽ سندس خاندان جنهن شهر ۾ هئا سو سندن ڳوٺ کان صرف سئو ميل پنڌ تي هو. سندس رنگ ۽ نقش شهر وارن جهڙا هئا، سندن ٻوليءَ ۾ ڪو فرق نه هو، ها ڳوٺاڻا ڏيکھ ڏاڍي ڪندا هئا ۽ ترسي ترسي آهستي آهستي ڳالهائيندا هئا، جڏهن ته شهر ۾ ڪوبه ماڻهو ڏيکھ ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو هو، نه پاڻ ڏيکھ ڪندو ۽ نه ٻئي جي ڏيکھ برداشت ڪندو. ڇو ته هر ڪنهن کي هر وقت ڪو ضروري ڪم هجي. ڳوٺ ۾ ڪنهن کي ٻه ڏڪڙيون، بصر ڪڻڪ ملي وڃي ته هو رب جا لک ٿورا مڃيندو، پر شهر وارن کي ته هر ولي تي ست طعام گهربا هئا ۽ ڪنهن جي منهن مان بصر جي ڌپ آئي ته همراهه ڪٺي نڪ تي رومال رکندا يا منهن ٻئي پاسي ڪندا. اهو هو شهر ۽ ڳوٺ جي زندگيءَ ۾ واضح فرق. ۽ انهيءَ ڪري وينگ خودکي شهر ۾ پرديسي ڀيو سمجهندو هو.

جنهن هنڌ وينگ جي جهڳي هئي، اتي سئو کن ٻيون به جهڳيون هيون، جن مان به ڪي پن تي گذر ڪندا هئا ۽ ڪي وري محنت مزوري ڪندا هئا. انهن جهڳين جي رهاڪن کي هڪ ڏينهن هڪ هنڌ ميڙ جي صورت ۾ گڏ ڪيو ويو ۽ هڪ شهريءَ، اتي بيهي تقرير ڪئي ۽ هن چيو ”چين ۾ انقلاب جي ضرورت آهي، اسان کي گڏ ٿي، غير ملڪين کي پنهنجي ملڪ مان ڪڍڻ گهرجي.“ وينگ، جيڪو پڻ انهيءَ ميڙ ۾ موجود هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سو اهي لفظ ٻڌي اتان کسڪي ويو. هن سمجهيو ته هو به ڪو غير ملڪي آهي جنهن کي ڏيهه نيڪالي ڏيڻ جي ڳالهه ٿي رهي آهي. پر ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ وري اهڙي ٿي هڪ ميڙ ۾ هڪ ٻئي ماڻهو تقرير ڪندي چيو ”سفيد چمڙيءَ وارن غير ملڪين کي ڏيهه نيڪالي ڏيو. اهو ٻڌي هو مطمئن ٿي ويو ڇاڪاڻ ته سفيد چمڙيءَ وارو نه هو.“

هڪ ڏينهن هو بازار ۾ سواريءَ جي انتظار ۾ بيٺو هو ته هڪ سفيد رنگ جي عورت سندس گاڏيءَ ۾ سوار ٿي. منزل تي پهچي هن ڪيس بنا پڇڻ جي ٻيڻا پيسا ڏنا! ۽ وري هڪ ڏينهن سفيد رنگ وارو هڪ مسافر سندس گاڏي ۾ سوار ٿيو جنهن جو قد ڊگهو هو ۽ ڪيس ڊگهو ڪوٽ پهريل هو پر وينگ اندازو نه لڳائي سگهيو ته سندس مسافر مرد هو يا عورت. هو پنهنجو پورو زور لڳائي گاڏيءَ کي تيز هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته ايتري ۾ سندس پرسان هڪ ٻي هٿ گاڏي اچي لنگهي. وينگ گاڏي ڇڪڻ واري کان پڇيو ته ڇا ڪيس اندازو هو ته سندس گاڏيءَ جي سواري ڪير هئي ته هن ورائيو ”اها هڪ امريڪي عورت آهي، تون ڀاڳ وارو آهين، شام تائين تون امير ٿي ويندين! اهو ٻڌي وينگ گاڏيءَ کي اجهان به تيزي، سان ڇڪڻ لڳو. پوءِ ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن هن سواريءَ کي هڪ شاندار بنگلي ٻاهران لاٿو ته هن چاهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا ۽ ٻه سڪا کيس مزوريءَ طور ڏنا. چاندي جا سڪا ڏسي وينگ جون اکيون ڦاٽي ويون. کيس اڄ تائين ايتري مزوري ڪڏهن نه ملي هئي.

سندس دل ۾ سفيد چمڙيءَ وارن انهن انسانن لاءِ عزت پيدا ٿي ويئي جيڪي کيس سندس حق کان ٻه وڌيڪ مزوري ڏيندا هئا. هو جڏهن گهر پهتو ته اها ڳالهه اولين کي ٻه ٻڌايائين. اولين اهو ٻڌي چيو ”مون ٻه اهڙا ڪيترائي مرد ۽ عورتون ڏٺيون آهن ۽ انهن کان آءٌ ضرور خيرات گهرندي آهيان ۽ هو ٻه ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڏيندا آهن.“ پر ٻئي اهو سمجهڻ کان قاصر هئا ته آخر ڪجهه ماڻهو انهن جي خلاف ڇو هئا ۽ کين ڏيهه نيڪالي جون ڳالهيون ڇو ٿي ڪيون ويون.

زندگيءَ جو گاڏو چڪندو رهيو. هاڻ وينگ جي پٽن ننڍيون ننڍيون چوريون ٻه ڪرڻ شروع ڪيون هيون. انهيءَ ڪم ۾ ننڍو پٽ وڌيڪ قابل هو. پر ڪڏهن ڪڏهن هو پڪڙجي ٻه پوندا هئا ۽ مار کائي گهر موٽندا هئا پر اولين کين روڪيندي ڪونه هئي. وينگ کي انهيءَ جي خبر ئي نه هئي ته سندس پٽ چوري ڪرڻ ٻه سکي ويا هئا. هڪ ڏينهن جڏهن هو گهر موٽيو ته اولين باهه تي ٻڪري جي ران پچائي رهي هئي. گوشت کاڌي کيس تمام گهڻو وقت ٿيو هو. سو گوشت جي خوشبو سندس نڪ ۾ پهتي ته وات ۾ پاڻي ڀرجي آيس. اولين کان پڇيائين پاڻيان ٿو ته

اچ ڪنهن اڇي چمڙيءَ واري تو ڪي چانديءَ جا سڪا بطور خيرات ڏنا آهن.

انهيءَ تي سندس نندي پٽ چيو ”اهو گوشت مون آندو آهي. ڪاماٺي هڪ پوڙهي مائيءَ کي گوشت وڌي ڏيڻ ۾ مشغول هو ته مون اها ران کسڪائي ورتي ۽ پوءِ ڊوڙي گهر کڻي آيس.

اهو ٻڌي ونگ باهه تي ويو. ڪيس ڪهڙي خبر ته اڳ ۾ سندس پٽ ڪيترڀون چوريون ڪري چڪا هئا. ڪاوڙ مان ڇپائين. اهو گوشت نه پچندو ۽ ران کڻي ٻاهر اڇلي ڇڏيائين. اولين سندس ڪاوڙ کي نظرانداز ڪري ران کڻي آئي ۽ ان تان مٽي صاف ڪري وري باهه تي پچائڻ لڳي. ونگ ڏند ڪرٽيندو هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو. گوشت جڏهن پچي ويو ته اولين هڪ نرم ٽڪر پنهنجي سهريءَ کي ڏنو جيڪو هڪدم کائڻ کي جنبي ويو، ونگ جو حصو بچي پيو ڇو ته هن چوريءَ جو گوشت کائڻ کان انڪار ڪيو ۽ بکيو رهيو. پوءِ جڏهن سڀ کائي پي واندا ٿيا ته ونگ پنهنجي چور پٽ کي هنج تي کڻي گهر کان ٻاهرو پري ويو جتان سمجهايائين ته سندس رڙيون اولين نه ٻڌي سگهندي ۽ اتي پهچي کيس سزا ڏيڻ شروع ڪيائين، ڏاڍي مار ڏيڻ کانپس واعدو ورتائين ته آئنده چوري نه ڪندو ۽ جي وري به چوري ڪيائين ته اجان به سخت سزا ملندس. واپس جهڳيءَ ۾ اچي ونگ کي اهو خيال ويڙهي

وڏو نہ شهر ۾ جي وڌيڪ وقت رهيو تہ سندس اولاد ڪرجي ويندو. تنهنڪري بهتر اهو ٿيندو جو هو جلد از جلد واپس پنهنجي ڳوٺ هليو وڃي. ڳوٺ جتي هڪ چور نہ هو، جتي چوريءَ جي ضرورت بہ نہ هئي، جتي شرافت هئي، نيڪي هئي، سڀ ۾ سک هو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻاب ٻارهون

شهر ۾ مزوري ڪندي وينگ کي ڪيترا مهينا ٿي ويا هئا. اولين ۾ هئي ٻٽ بدستور پنهنجو ٻڌ وڃن ويندا هئا. سندس پوڙهو پيءُ سچو ڏينهن جهڳيءَ ۾ سمهيو پيو هوندو هو ۽ سندس ڏيءَ به اتي ويٺي ليٽڙيون پائيندي هئي. وينگ جي ڏيءَ اڃان نه ته ڪپڙا ڌوئڻ سکيو هو ۽ نه وري هلي سگهي ٿي جڏهن ته سندس عمر هاڻ ايتري ٿي چڪي هئي جو ڪيس ٻڳلا ڏيڻ کپندا هئا. اولين جون ڇاتيون جيڪي اٿلنديون نديءَ جيان کير پيدا ڪنديون هيون سي اڄڪلهه وري کير کان خالي ٿي چڪيون هيون ڇو جو اولين وري اميد سان هئي. هوڏانهن وينگ هاڻي ڏينهن رات انهيءَ خيال ۾ رهندو هو ته جلد از جلد شهر ڇڏي واپس زمين تي وڃجي پر ڪيس ڪا خبر نه هئي ته هيل به مينهن پوندو يا نه. مينهن نه پيو ته زمين تي وڃي ڇا ڪبو. انهن ئي ڏينهين هڪ ڏينهن جڏهن وينگ گهر موٽيو ته هوا ۾ اها مخصوص خوشبو محسوس ڪيائين جيڪا مينهن جي اڳ ۾ ٿي ڪندي آهي. هن بي صبرائيءَ مان پيءُ کي ننڊ مان جاڳايو ۽ چيائين. ڏس بابا. هوا ۾ ڪهڙي خوشبو آهي. ٻوڪيءَ جا ڏينهن به آهن، پاڻ کي پنهنجي زمين تي هلڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻوڙهي ورائيو ”منهنجو تجربو ٻڌائي ٿو ته هيل مينهن گهٽ پوندو.“ پر پاڻ وٽ زمين ڪانسواءِ ٻيو آهي ئي ڇا؟ ڍڳو، هر، ٻج.

اهو ٻڌي وينڪ اداس ٿي ويو. ٻوڙهي جي ڳالهه صحيح هئي. جيتوڻيڪ هو مزوريءَ وسيلي ۽ اولين ٻئي رستي روز ڪافي ڪمائيندا هئا پر ته به هو ڪجهه به بچائي نه سگهندا هئا. ٻصر جي ڪنڊي به شهر ۾ ڳوٺ کان چئوڻي قيمت تي ملي ٿي. ۽ زمين لاءِ ته هر به گهربو هو، ٻج به گهربو هو.

اولين انهيءَ وقت ٿانو ملي رهي. وينڪ کيس مخاطب ٿي چيو ”سوچيان ٿو جيڪي ڪجهه پاڻ وٽ آهي سو وڪڻي هليا هلون. زمين مون کي سڏي رهي آهي.

اولين جواب ۾ چيو وڪڻن جهڙي ڪهڙي شيءِ پاڻ وٽ آهي؟ بس اها هڪ ڏيءَ آهي، تنهن کي مارڪيٽ ۾ ڪٿي وڃي ۽ وڪڻي اچ.

اهو ٻڌي وينڪ جا رونءَ ڪانڊارجي ويا چيائين ”نه. اهو آءٌ نه ڪري سگهندس.“ اولين چيو ”آءٌ به ته هڪ ڏينهن وڪالي هئس. هڪ دولتمند خاندان مون کي انهيءَ ڪري خريد ڪري ورتو جو منهنجي مائٽن به ڳوٺ واپس وڃڻ تي چاهيو پنهنجي زمين ئي تون به ڏيءَ کي وڪڻي ڇڏ. زمين ماءُ مثل آهي ۽ ماءُ خاطر ڏيءَ جي قرباني ڪا وڏي ڳالهه نه آهي.

پر وينڪ ڏيءَ کي وڪڻڻ واري ڳالهه ٻڌڻ لاءِ به

ٺوار نه هو. ۽ انهيءَ ڪان سواءِ ڳوٺ واپس وڃڻ جي ڀي ڪا صورت نه هئي.

رات پنجي چڪي هئي. وينگ پريشانيءَ ۾ جهڳيءَ ڪان ٻاهر نڪري آيو. هڪ ٻر واري جهڳيءَ مان ٻه هڪ ڏاهو متارو همراهه ٻاهر نڪتو وينگ کيس ڪيترا دفعا ڏٺو هو. هو ڪوبه ڪم نه ڪندو هو، نه مزوري نه پنڻ، پر تنهن به سندس گهر ۾ روز گوشت رڌو ويندو هو ۽ سندس صحت سندس خوشحاليءَ جو داستان ٻڌائي رهي هئي. اهو ڪيئن ممڪن هو. سا ڳالهه وينگ جي سمجهه ڪان ٻاهر هئي.

وينگ کي ٻيٺل ڏسي اهو ماڻهو ڏانهس آيو. سندس منهن ۾ سگرٽ هئي جنهن مان تماڪ ۽ آفيم جي بو اچي رهي هئي وينگ کي ويجهو اچي هن ٻه ٽي سوٽا هنيا ۽ کيس مخاطب ٿي چوائين "اني چو بهتو آهين. ائين ٿي. گهر ۾ سک نه آهي.

ٻانيان ٿو غريبيءَ جي ڪري پريشان آهين. ها ڪجهه ڪجهه. آءٌ واپس ڳوٺ وڃڻ ٿو چاهيان پنهنجي زمين تي، پر مون وٽ انهيءَ لاءِ ڪوبه ٿمر ڪونه آهي.

"نه پوءِ ٻڌا. اهو جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي سو سدائين نه ٿيندو. هميشه ساڳيو وقت ۽ ساڳيون حالتون نٿيون رهن. جڏهن امير، اميرتر ۽ غريب غريب‌تر ٿي ويندا آهن تڏهن ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿيندو آهي.

گذريل سال سياري ۾ مون ٻه ڌيئرون وڪيون هيون
جيئن سياري جا سرد ڏينهن ۽ راتيون سٺولي نموني
گذاري سگهان. منهنجي گهر واري هيل وري اميد سان
آهي، جي وري ڌيءَ ڄڻيائين ته ان کي به وڪڻي
ڇڏيندس. پنهنجن ٻارن جي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي يا کين
ٻڪ وگهي مارڻ مان ڪهڙو فائدو. جيڪو ٻار زنده
رهڻ لاءِ زمين تي اچي ٿو تنهن کي زنده رهڻ جو حق
آهي ۽ سندس اهو حق انهيءَ ريت برقرار رهي سگهي
ٿو جو کين اميرن وٽ وڪڻي ڇڏجي، جتي کين کائڻ
لاءِ ماني ۽ پهرڻ لاءِ ڪپڙا ته ملندا.

ڪجهه ترسي وري چيائين ”ڪجهه ماڻهو اهڙا
هوندا آهن جيڪي ائين نه ڪندا آهن. اهي وري پنهنجي
اولاد کي ماريندا آهن. هڪ ننڍڙي گناهه کان بچڻ لاءِ
هڪ رڏو ۽ ڀيانڪ گناهه ڪندا آهن. هوڏانهن ڏس-
هو جيڪي جهر جهر ڪندڙ روشنيون پيون نظر اچن
ٿيون، اهو هڪ مختلف قسم جو شهر آهي. سونهن، جواني
۽ پئسي جو شهر، اتي جون ٻانهيون ٻه سونا زيور ۽
موتي ٽانڪيل ڪپڙا ٿيون پهرين، چانديءَ جي ڇڄن
سان مانيون ٿيون کائين. جا ٻار کي ٻڪ وگهي مارڻ
کان اهو بهتر نه آهي ته انهيءَ بازار ۾ وڪڻي ڇڏجي؟
ايترو چئي وهنگ جو ٻاڙيسري سلفيءَ مان سوٽا
هڻندو هليو ويو. رات جو وهنگ سمهي نه سگهيو. کيس
اهو خيال پريشان ڪري رهيو هو ته هو ڌيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کهڙيءَ ريت زندهه رکي سگهندو؟ وٽس ڇا آهي؟
ممڪن آهي ته هوءَ بک وگهي نيٺ مري وڃي. انهيءَ
کان ڇا اهو بهتر نه ٿيندو جو هو کيس ڪنهن امڙي
گهراڻي کي وڪڻي ڏي جتي کيس کائڻ لاءِ قسمين
قسمين کاڌا ملن ۽ پهرڻ لاءِ بهترين لباس مهيا ٿين؟ ۽
سندس مشڪل به دور ٿي وڃي، هو واپس پنهنجي زمين
تي وڃي سگهي؟؟

سيارو ختم ٿيو ۽ بهار جي مند آئي، سيءَ گهٽيا
ته جهڳين ۾ رهندڙ مزور ۽ پينو رات جو ٻاهر کليل
آسمان هيٺ اچي سمهڻ لڳا. جڏهن هو ٻاهر گڏ ٿيندا
هئا ته سمهڻ کان اڳ ڪچهري ڪندا هئا، اوپاريون
لهواريون ڪندا هئا، سڄي ڏينهن جي ڪارگذاريءَ جو
هڪٻئي کي حال احوال ڏيندا هئا. جهڳين واري انهيءَ
وستيءَ ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو يا ته مزور هئا يا ٻڻن تي
گذارو ڪندا هئا. وينگ به مزور هو. سندس زال ۽ ٻار
پينو هئا، پر هو ته به پاڻ کي انهن ماڻهن کان ڌار
سمجهندو هو. هو خود کي خودمختيار هاري تصور ڪندو
هو جيڪو هڪ خريد ڪيل زمين جو مالڪ هو ۽ جنهن
کي حالتن شهر اچي مزوري ڪرڻ تي مجبور ڪيو
هو. هو پري ۽ الڳ ٿلڳ ويهي مزورن جون ڳالهيون
۽ داستان ٻڌندو هو ۽ انهن ۾ پاڻ حصو نه وٺندو هو
ماڻهو گهڻو ڪري پنهنجي غريبي، ناداري ۽ مفلسيءَ
جو ذڪر ڪندا هئا، مهانگائي جون ڳالهيون ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا. اميرن ۽ دولت مندن خلاف ڳالهائيندا هئا ۽
نفرت سان پريل لهجي ۾ اميرن جي جوا کيڏڻ، شراب
پيئڻ، وڏين، اپريل اپريل گول چاڙهين ۽ سـبول رانن
وارين عورتن کي خريد ڪرڻ ۽ انهن جي جسم جي
مدد سان پنهنجون نفساني خواهشون پوريون ڪرڻ ۽
آني بهاني دولت لٽائڻ جا قصا هڪٻئي کي ٻڌائيندا
هئا. وستيءَ جا سمورا ماڻهو اميرن جا دشمن هئا،
سانن نفرت ڪندا هئا. پر وينگ انهن جي ڪچهريءَ
۾ حصو نه وٺندو هو. هو سيني کان ڏار، پنهنجن سوچن
۾ گم رهندو هو. سندس سوچون به ڪهڙيون؟ بس
ڪنهن به نموني واپس زمين تي پهچي. پر اهو اڃان
ممڪن نه ٿي سگهيو هو. ۽ سندس بيتابي، بيقراري
ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي، انهيءَ عاشق وانگر جنهن
جو محبوب رُسي يا وڇڙي ويو هجي. هو سڌو سادو
شريف انسان هو. ڳوڙها ورچار ۽ فڪر سندس دماغ ۾
جاءِ نه والاري سگهندا هئا. پر انهيءَ جي باوجود هو
اهو محسوس ڪري رهيو هو ته شهر جي فضا ڪجهه
بدليل هئي. شهر ۾ ڪي ماڻهو اڪثر ڪري ڪي ڪاغذ
ورهائيندي نظر ايندا هئا، ڀتين تي به وڏا وڏا ڪاغذ
لڳل هوندا هئا، ٻه ٽي دفعا کيس به ڪاغذ مليا. پهريون
دفعو جيڪو ڪاغذ کيس مليو تنهن تي هڪ اگهاڙي
انسان جو فوٽو هو جنهن جي جسم تي ڪپڙا ۽ گوشت
بالڪل ڪونه هو ۽ جنهن جو جسم رت سان وهنجيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو، ۽ ڪاغذ تي ڪجهہ لکيل بہ هو. جيڪو پڙهي نہ سگهيو ڇو تہ هو اڻ پڙهہ هو، نہ وري هو ان تصوير مان ڪو مطلب ڪڍي سگهيو. ٻيو دفعو جيڪو ڪاغذ ڪيس مليو ان تي هڪ لاش جي تصوير هئي ۽ لاش جا مهانڊا هوبهو وينگ جهڙا هئا. ۽ ڪيس وينگ جهڙائي قاتل ڪپڙا پهريل هئا ۽ لاش مٿان هڪ ٺلهو سان جهڙو ماڻهو بيٺو هو جنهن جي هٿن ۾ خنجر هو ۽ ٻيو ڪجهہ لکيل بہ هو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو وينگ کي پنهنجي اڻ پڙهہ هجڻ تي افسوس، ٿيو. پوءِ هن پر مان لنگهندڙ هڪ ماڻهو کان پڇيو تہ ڪاغذ تي لکيل ڇا آهي؟ ان ماڻهوءَ کيس ٻڌايو لاش هڪ غريب ماڻهوءَ جو آهي جنهن کي ٺاهي دولت مند ماريو آهي جيڪو جاگيردار آهي" سرمايادار آهي ۽ غريب جي مرڻ کان پوءِ بہ هو مٿس خنجر سان وار ڪري رهيو آهي.

ڪاغذ ورهائڻ وارو هاڻ وڏي واڪي ماڻهن کي مخاطب ڪري تقرير بہ ڪري رهيو هو. هو چئي رهيو هو "مينهن نہ پيو... ڇا ٿيو؟ انهيءَ ۾ غريبن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ڪو غريب بک وگهي نہ مري ها جي واپارين ۽ اميرن اناج جو ذخيرو نہ ڪيو هجي ها! جي امير ماڻهو ان غريبن ۾ ورهائي ڇڏين ها تہ ڏڪر نہ پوي ها، غريب انهيءَ ڪري بک وگهي مئا آهن ۽ اجان مرن پيا جو امير نانگ ٻڻجي پنهنجين تجورين ۽ خزانن جي حفاظت ڪري رهيا آهن. غريبن جا فصل انهن جي

نه، خانن ۾ لٽيل آهن ۽ غريب پاڻ بک مري رهيا
آهن. آهي امير جيڪي اوهان کي ماري رهيا آهن اوهان
جو خون چوسي رهيا آهن تن کي زنده رهڻ جو ڪو
حق نه آهي.

تقرير ڪرڻ واري جي چوگرد چڱو خاصو ميڙ گڏ
ٿي ويو هو. ماڻهو، مزور ۽ پيٺو غور سان سندس تقرير
جو هڪ هڪ لفظ ٻڌي رهيا هئا. پيو ڪجهه سمجهيائون
يا نه، پر ايترو ضرور سمجهي رهيا هئا ته ان جي ڪوٺ
۽ مهانگائي، بک ۽ تڪليفون قدرتي آفت ڪونه هيون،
اهي صرف دنيا جي امير ۽ دولتمند انسانن جون پيدا
ڪيل هيون. امير، غريبن جا قاتل هئا، جاگيردار، زميندار
سرمايادار، هارين ۽ مزدورن جو رت چوسي رهيا هئا ۽
اهي رت چوسيندڙ جوڙون زنده رهڻ قابل نه هيون.
اميرن خلاف هاري، مزدور ۽ بک ۽ پاهه ٿيندڙ پيٽ
بيروزگار انسانن جي دلين ۾ نفرت جا ألا ڀڙڪڻ لڳا.

وينگ جي ڪيفيت ٻين کان مختلف نه هئي.

هاڻي هر وقت شهر جي ڪنهن نه ڪنهن حصي
۾ تقريرون ٿيڻ لڳيون. رڪي رڪي شهر جي ڪنهن رخ
کان نعرا گونجڻ لڳا ٿي. شهر ۾ هر گليءَ ۾ سپاهي
گهمي رهيا هئا. جن وٽ بندوقون هونديون هيون. ڏنڊا
هوندا هئا. انهن سپاهين جو ڪم مارڪٽ ڪرڻ هوندو
هو. هو بيگناهه عوام کي گهيري وٺندا ۽ مٿن ظلم
ڪرڻ لڳندا. جي ڪو دل وارو ڪين سامهون ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه ماري ماري ڪيس چورو ڪري ڇڏيندا. ويٺڪ ڪي اڃان ڪنهن سپاهيءَ ڪجهه نه چيو هو، پر جن ڪي مار ملندي هئي، جن تي ظلم ٿيندو هو سي ويٺڪ جهڙائي هئا، مزور، غريب، بيروزگار. انهيءَ ڪري ويٺڪ جي دل ۾ هر وقت ڊپ ويٺو هوندو هو. هو سپاهين کي ظالم ۽ جابر سمجهندو هو ۽ خود کي مظلوم ۽ مجبور. ۽ اهو به سمجهندو هو ته ظالم ۽ جابر انسان، مظلوم ۽ مجبور انسانن جي خاندان مان نه هوندا آهن.

هڪ ڏينهن ويٺڪ پنهنجي انهيءَ پاڙيسريءَ کان پڇيو، جيڪو پڙهي ڄاڻندو هو ”هي سپاهي بي گناهه، رستي هلندڙ ماڻهن کي پڪڙين ۽ مارين ڇو ٿا؟“

پاڙيسريءَ جواب ڏنو ”سپاهين جو ڪم ئي اهو آهي. هو سمجهن ٿا ته اسين جيڪي مزور ۽ هاري آهيون، جيڪي غريب ۽ بي گهر آهيون سي سڀ باغي آهيون، حڪومت جا غدار آهيون ۽ اسان پنهنجن ڦاٽل ليڙون ليڙون ٿيل لباس ۾ خطرناڪ ظلم لڪايو ٿا گهمون.

ڪجهه دير ترسي وري چيائين ”هن دفعي ڪجهه نه ڪجهه ٿيندو. حڪومتون جڏهن اهڙن ماڻهن ۽ ٽولن جي هٿن ۾ اچي وڃن جيڪي خود کي ڪا خاص مخلوق سمجهن ۽ غريبن جا حق غصب ڪن ۽ غريبن جي زندگي موت کان به بدتر ڪري ڇڏين، تڏهن اهوئي ٿيندو آهي. اهوئي ٿيندو آيو آهي. اهو تاريخ جو سبق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، تاريخ جو فيصلو آهي.

وينگ اڻ پڙهه، سڌو سادو انسان هو، پاڙيسريءَ جون اهي ڳوڙهيون ڳالهيون سمجهيائين يا نه پر گهر اچي اولين کي چيائين ”هن شهر ۾ چئني پاسن ظلم ڏيڏ جي بادشاهي آهي. جلد ئي شهر ۾ ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.“ اولين سندس ڳالهه پڌي سادگيءَ سان ورائيو ”ڇا اڃان به ڪجهه رهيل آهي جيڪو پاڻ سان ٿيندو؟“

سپاهي مون کي گرفتار ڪري سگهن ٿا. وينگ جواب ڏنو.

ڪهڙي ڏوهه ۾؟

بغاوت ۽ غداريءَ جي ڏوهه ۾.

اهي وري ڇا ٿيندا آهن.

خبر نه آهي. پر شهر ۾ روز ڪيترا مزور، هاري ۽ غريب ماڻهو پڪڙيا وڃن ٿا انهي ڏوهه تحت.

”نه ڇو نه پاڻ واپس هليا هلون. پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي زمين تي. جتي امن ۽ سڪون نه آهي.

پر هلڻ لاءِ اسان وٽ ٿمر ڪٿي آهي؟ اڌانگو پنڌ پوڙهو پيءُ ۽ ننڍڙا ٻار، مٿان وري اميد سان آهين. ڪاش پاڻ وٽ چاندي جا ڪجهه سڪا هجن ها، پوءِ نه ڪو مسئلو ڪونه هو.

آءٌ وري ٿي چوان نه ڇوڪريءَ کي وڪڻي ڇڏ اولين صلاح ڏني وينگ اهو پڌي ڌيءَ ڏانهن نهاريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن جي چپن تي معصوم مرڪ هئي، شايد انهيءَ ڪري جو هن ماءُ ۽ ڌيءَ ۾ ٿيندڙ گفتگوءَ جو مفهوم نه سمجهيو هو. وينگ ڇوڪريءَ ڏانهن نهاري رهيو هو ته ٻاهران نعرن جو آواز بلند ٿيو. هڪ زبان، بلند آواز نعرا. ڄڻ سڄو شهر ڦاٽو ٿي. جهڳين جا رهواسي به نعرا هڻندا شهر ڏانهن وڌي رهيا هئا پر وينگ پنهنجي جهڳيءَ مان ٻاهر نه نڪتو، ڪيس ٻاهر نڪرڻ جي همت ئي نه ٿي.

هي ڏينهن شهر جو نمونو ئي ٻيو هو. شهر ۾ رهندڙ ڏاريان ماڻهو جيڪي امير هئا، سي پنهنجي قيمتي سامان ۽ ٻارن ٻچن سان شهر ڇڏي رهيا هئا. هنن دريا جي ڪپ تائين پهچڻ لاءِ هٿ گاڏيءَ وارن کي ٻيڻو ٽيڻو ڀاڙو ڏنو ٿي ۽ پوءِ ننڍن جهازن، آگبوٽن ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن پئي آسهيا. ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ شهر ۾ ڦرلٽ شروع ٿي ويئي. اميرن جي جن گهرن کي تالا لڳل هئا ۽ جيڪي پنهنجو سامان سڀ پنهنجن گهرن ۾ ئي ڇڏي ويا هئا تن گهرن کي ڦرڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ڪا روڪ ٽوڪ، ڪو ڊپ ڏاءُ ڪونه هو. لاقانونيت جي حڪمراني هئي. جنهن کي جيئن پئي وڻيو تيئن پئي ڪيائين. پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن فوجي شهر ۾ ڪاهي آيا. هر هنڌ فوجين جي ڊيوٽي لڳي ويئي ۽ هو رستن تي گشت به ڪرڻ لڳا. فوجين جي اچڻ کان پوءِ ڦرلٽ جو سلسلو ختم ٿي ويو، ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ گم ٿي ويا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رستي تي ڪو ماڻهو ڇيڙو نظر ڪونه ايندو هو، هرڪو هڪ ٻئي کان پيو لهرائيندو هو، ڪاروبار ختم ٿي چڪو هو. غير ملڪين جا وڏا وڏا دوڪان بند هئا، ۽ جيڪي مقامي ماڻهن جا دوڪان کليل هئا. انهن جو به ڏنڌو ڪونه ٿي ٿيو. مزور بيڪار هئا، ونگ به بيڪار هو. سنڌس هٿ گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ ڪو مسافر ڪونه هو. شهر ۾ جيڪي غير ملڪي رهيل هئا سي هيسيل ۽ ڏنل هئا، انهن کي هر وقت پنهنجي ساهه جو ڌڙڪو لڳو پيو هو پنهنجي مال سان گڏوگڏ ڪين جانين جو به خطرو درپيش هو ۽ هو نه جيئرن گڏ هئا نه مئن گڏ. هوڏانهن تقريرون ۽ جلوس ختم ٿي چڪا هئا، ڪاغذ ورهائڻ وارا خبر نه آهي ڪهڙي ڪنڊ ۾ لڪي ويا هئا. شهر جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن به وقت نعرن جو ڪوڙ نه ٿي ٻڌڻ ۾ آيو.

ونگ ڪيترن ڏينهن کان بيڪار هو. ڏهاڙي لڳي ٿي نه ٿي، سو جيڪي به ٻه چار سڪا ڪوٺ وچڙ لاءِ بچائي رکيا هئائين سي پيٽ جي کوهه ۾ ڪم ٿي ويا ۽ وري شروع ڏهاڙن وارو قصو اچي بيٺو. هاڻ ته شهر جي بدليل صورت حال اچي ڪري شهر مان سمورا خيراتي لنگر به ڪجي ويا هئا ۽ ان وقتن جي مانيءَ جو حصول به ناممڪن ٿيئي نظر آيو. بيڪاري ۽ بيروزگاري وارن انهن ڏينهن ۾ ونگ ڪيترا دفعا اولين جي انهي صلاح متعلق غور ڪندو رهيو ته ڇوڪريءَ کي وڪڻي

هيون پر وڏو ٿي سندن جهڙڪو به حشر ٿيندو هو سو تمام برو هوندو هو.

اولين جون اهي ڳالهيون ٻڌي وينگ ننڍڙيءَ کي کڻي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ چيائين ”نه پاڻ پنهنجي ڌيءَ کي ڪونه وڪڻنداسون.

اڃان هو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته اوچتو هڪ هنيانءَ ڦاڙ ٺڪاءُ ٿيو. ڄڻ زمين ڦاٽي هجي يا آسمان ڦاٽو هجي.

پوڙهي پنڪيمن مان سجاڳ ٿيندي چيو ”اهڙو ٺڪاءُ مون سڄي عمر ڪونه ٻڌو. ننڍا ٻار رڙيون ڪري روئڻ لڳا. اولين چيو ”اهو توپ جو ٺڪاءُ هو. شايد دشمن شهر تي حملو ڪري ڏنو آهي.“

وه شهر مان انيڪ قسمن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، ڄڻ شهر هڪ ڊگهي ننڊ کان پوءِ بيدار ٿيو هجي. جهڳين ۾ رهندڙ مزور ۽ پينو رڙيون ڪندا، ڊوڙندا شهر ڏانهن وڃي رهيا هئا، هڪ ماڻهوءَ ويندي ويندي ڪين مخاطب ٿي چيو... جنهن وقت جو انتظار هو، سو اچي پهتو. امرن جي گهرن جا دروازا ٽٽي ويا آهن، اچو اچو... اوهين به اچو.

وينگ ۽ اولين به بنا سوچڻ سمجهڻ جي انهيءَ جلوس ۾ شامل ٿي ويا جيڪو ٻوڏ جي پاڻيءَ وانگر اڳيان ڪاهيندو پئي ويو. ۽ جيئن جيئن اهو جلوس اڳتي پئي وڌيو ماڻهن جي ڳتپ ۾ واڌارو پئي ٿيو. ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ اميرن جي گهرن تي ڪاهه شروع ٿي ويئي ڄڻ
ماڪڙ فصلن تي حملو ڪندي هجي. بيروزگار ۽ بکين
انسانن جي انهيءَ هجوم اميرن جي حويلين ۽ محلن
جا لوهي دروازا ڀاڙون ڀڃي ڇڏيا، جنهن کي جهڪي ٿي
وليو، ۽ جهڪي ٿي مليو تنهن کي ڪٽي ٿي قابو ڪيائون.
وينگ به هڪ گروه سان گڏ هڪ شاهي حويليءَ ۾
داخل ٿيو. حويلي خالي پيئي هئي ۽ ڪوبه ساهوارو
اتي موجود نه هو پر معلوم ٿي ٿيو ڄڻ حويليءَ جي
رهاڪن تڙ تڪڙ ۾ حويلي ڇڏي هجي. ماڻهن سامان
تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ ته
وڌ کان وڌ غنيمت جو مال قابو ڪجي، هو هڪٻئي
کي به ڪتن وانگر چيرڻ ۽ ڦاڙڻ لڳا. وينگ هڪ ڪنڊ
۾ خاموش تماشائي بڻيو بيٺو هو. هن جي نه سمجهه کان
ٿي اهو معاملو ٻاهر هو ته آخر اهو سڀڪجهه ڇا ٿي
رهيو هو. هو ڀال هڪ شريف انسان هو ۽ اڄ تائين
هن ٻئي ڪنهن جي مال ڏانهن اک کڻي نهاريو به
ڪونه هو، مٿان وري هتي هرڪو هڪٻئي جو مٿو
ڦاڙڻ جي ڪوشش ۾ هو سو وينگ انهيءَ جهيڙي کان
پري رهيو. اوچتو هجوم جي ريلي ۾ لڙهندو هڪ وڏي
ايوان ۾ اچي پهتو. ايوان ۾ هلڪي روشنيءَ وارو فانوس
جلي رهيو هو جنهن ۾ هڪدم ڪيس ڪجهه به نظر نه
آيو پر جڏهن اکيون ڪجهه ڏسڻ جي قابل ٿيس، تڏهن
ڏٺائين ته هڪ وڏي پلنگ تي هڪ بي انتها ٿلهو ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪپڙن جي قيد کان آزاد ٿيندو ويو هو ۽ ساڻس گڏ
هڪ سهڻي جوانڙي به بالڪل اگهاڙي پلنگ تي ٿلهي
سان ڇهڻي پيئي هئي. ٿلهي جي بدن تي گوشت جا
ڇڻ ٿها چڙهيل هئا ۽ سندس اکيون سوئر جي اکين
وانگر ننڍڙيون هيون. وينگ کي ڏسي هو ڏڪڻ لڳو
۽ آهه زاري ڪرڻ لڳو. جيتوڻيڪ وينگ جي هٿن ۾
ڪوبه هٿيار نه هو، تنهن به هو پلنگ تان اٿي، پنهنجي
حالت جي پرواهه نه ڪندي وينگ جي پيرن تي ڪري
پيو ۽ پنهنجي جان بخشيءَ لاءِ ليلائڻ لڳو. سهڻي جوان
اگهاڙي عورت پلنگ تي ڏڪي رهي هئي ۽ رحم طلب
نگاهن سان وينگ ڏانهن نهاري رهي هئي جيئن ڪا ٻڪري
هرڻي شڪاريءَ ڏانهن ڏسندي هجي.

ٿلهو چوڻ لڳو، ”مون کي بچائي. مون کي مار
نه. آءٌ توکي سڀ ڪجهه ڏيندس، سون ڏيندس. تمام گهڻو.
سون؟ دولت جو لفظ ٻڌي وينگ کي ڄڻ بيهوشي
مان هوش اچي ويو. هن ته اهڙي ڪا ڳالهه سوچي
ئي ڪونه هئي. ڪمس ته وهم گمان به نه هو ته ڪو
هن ريت هو پئسن وارو به تي سگهيو ٿي، سو سڪن
جي ڪمس سخت ضرورت هئي. ڪا اڻ ڄاڻ هستي رڙيون
ڪري سندس ڪنن ۾ چوڻ لڳي. ”توکي ڏيءَ نه
وڪڻڻي پوندي. تون ڳوٺ وڃي سگهندين. پنهنجي
زمين تي.

اهي خيال ايندي ئي هن رعب دار آواز ۾ چيو ”نه

پوءِ ڪير پاڻ. ڏسان ته تون پنهنجي جان جي ڪيتري قيمت ٿو لڳائين.

اهو ٻڌي ٿلهو ٻي انتها ڦڙتيءَ سان اٿيو ۽ پلنگ جي هڪ ڪنڊ ۾ رکيل پنهنجي لباس جي هڪ ڪيسي مان مُٺ ڪن سونا سڪا ڪڍي وينگ ڏانهن وڌايائين. وينگ اهي ڪاٺيس ڪسيندي وري رڙ ڪئي، ”بس“؟

ٿلهي وري ٻئي ڪيسي مان اوترائي پيا سڪا ڪڍي وينگ جي حوالي ڪيا ۽ چيائين ”بس، هاڻ مون وٽ ڪجهه به نه رهيو آهي، قسم آهي مون کي پنهنجي جان جو جيڪا هن وقت تنهنجي قبضي ۾ آهي.“ ايترو چئي هو وري ڏڪڻ لڳو ۽ ايلاز ڪرڻ لڳو ”هاڻ ته مون کي معاف ڪر، منهنجي جان بخشي ڪر.“

وينگ ته ڏيکي ڪي به ذبح ڪونه ڪري سگهيو هو. اهڙو نرم دل ماڻهو پاڻ جهڙي ڪنهن انسان کي جيڪر ڪيئن ماري ها، پر ٿلهي کي ته انهيءَ حقيقت جي ڪا خبر نه هئي؛ سو هو بدستور منٿون ڪندو رهيو. وينگ مصنوعي رعب سان چيو پيڇي وڃ. دور ٿي وڃ منهنجي نگاهن کان، متان ڪٿي آءٌ تو کي ماري نه وجهان.

ٿلهي اهي لفظ ٻڌا ته وٺي ڀوڳان پير ڪيائين. ساڻس گڏئي اگهاڙي جوانڙي به ڊوڙندي ويئي. وينگ ڪجهه دير انهيءَ ٻيٺو انهن سونن سڪن ڏانهن نهاريندو رهيو جيڪي سنڌس مٺين ۾ هئا ۽ پوءِ اهي سڪا پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لباس جي اندرئن ڪسي ۾ وجهي ھو ۽ ٽڪرو ٽڪرو
اتان ٽڪري ويو.. شھر ۾، رستن تي اجان ۽ ساڳي
حالت ھئي. ڪٿي ڪٿي لاش پيا ھئا ته ڪٿي زخمين
جو رت ڪتان وري قتيل انسانن جون رڙيون پئي
پيون ۽ آيون. ۽ انهن مثل، ۽ زخمي انسانن ۾ صرف
امير ماڻهو ڪونه ھئا. اهي غريب مزور ۽ ھئا جيڪي
قرلت ۾ شريڪ ھئا پر وڏ ۾ وڏ مال حاصل ڪرڻ
جي ڪوشش ۾ هڪبئي سان وڙهي پيا ۽ پنهنجي جانين
کي ۽ نقصان رسايائون. وينگ اهي نظارا ڏسندو ٽڪرو
ٽڪرو پنهنجي جھڳيءَ ڏانهن وڃي رهيو هو، هاڻ سندس
ذهن ۾ صرف هڪ خيال هو، ڳوٺ واپسيءَ جو خيال،
هن وقت ولس سونا سڪا موجود ھئا ۽ ھو آرام ۽
سولائيءَ سان ڳوٺ وڃي ٿي سگهيو. وڏيڪ وقت شھر
۾ ترسي قرلت ڪري وڌيڪ مال ميڙڻ جو ڪيس ڪوبه
خيال نه هو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٽيرهون

شهر ۾ ٻوه ڇا ٿيو، تنهن ڳالهه جي وينگ کي ڪا سُڌ نه هئي. هو ته انهيءَ ڏينهن ٻار ٻچا ساڻ ڪري پنهنجي ماءُ، ڌرتي ماءُ جي قدم ٻوسيءَ لاءِ روانو ٿيو جنهن کان جدا ٿئي ڪيس جام ڏينهن ٿي ويا هئا. زمين وينگ جي ماءُ به هئي، محبوبه به هئي، زندگي به هئي. زمين سان بي انت پيار هو. زمين جيڪا سندس زندگيءَ لاءِ ان اپائيندي هئي، پر انهائي مجبوريءَ ۽ بي وسيءَ وچان ڪيس ايترو عرصو پنهنجي ماءُ کان دور رهڻو پيو. هاڻ اتفاق سان جڏهن قسمت جي ديوي مٿس مهربان ٿي ۽ ڪيس وڻي وهاري چڱي چوکي رقم هٿ اچي وئي ته هن شهر ۾ رهي وڏيڪ قرآت ۾ شامل ٿي امير ترين ٿيڻ بدران ڳوٺ جو رستو ورتو جتي پنهنجي پنيءَ تي محنت ڪري هو سڀ ڪجهه حاصل ڪري ٿي سگهيو. سون جي ڪجهه سڪن عيوض هن اتر ڏين شهر جي منڊيءَ مان چانورن ۽ ڪڻڪ جو نهايت پلو ٻج هٿ ڪري ورتو هو ۽ سندس ارادو هو ته پنهنجي زمين تي چانورن ۽ ڪڻڪ جي اوچي نسل جي پوک ڪري جنهن جو ٻج ڏي حاصل ڪرڻ انهيءَ ٽر جي هارين ۽ زميندارن جي وس ۾ ڪونه هو جڏهن ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وينگ هائي سونن سڪن جو مالڪ هو. هن
ڳوٺ واپس ويندي رستي ۾ هڪ هاريءَ کان پنهنجن
سونن سڪن عيوض هڪ ٿلهو متارو، پلو ڍڳو به وٺي
ڇڏيو هو. رستي ۾ انهيءَ ڍڳي تي سندس نظر انهيءَ
وقت پيئي جڏهن مالڪ ڪيس هر ۾ وهائي رهيو هو.
وينگ کي ڍڳي جو مضبوط ۽ سهڻو جسم وڻي ويو ۽
هو سودي جي خيال سان وڏي هاريءَ کي ويجهو ٿيو،
۽ ڪنهن چالاڪ واپاريءَ جي لهجي ۾ چيائين ڍڳو
وڪڻندين؟ منهنجو ڍڳو ويچارو مري ويو آهي، انهيءَ جي
جاءِ پُر ڪرڻ لاءِ مون کي هڪ ڍڳي جي گهرج آهي.
هاريءَ ورائيو "پوتار، زال کي ته وڪڻي سگهان
ٿو باقي هن ڍڳي کي سو وڪڻڻ جو سوال ئي ڪونه
ٿو پيدا ٿئي." ايترو چئي هاريءَ ڍڳي کي هڪليو.
وينگ جيڪو خود کي دولت مند سمجهي رهيو
هو، سو هاريءَ جي روئي تي شرمسار ٿيو ۽ ڪنڌ
جهڪائي پيءُ وٽ آيو ۽ کانئس پڇيائين "بابا توهانجي
خيال ۾ اهو ڍڳو ڪهڙو آهي؟"
پلو آهي. ڪيترو تو گهري مالڪ.؟
چوي ٿو ڪونه وڪڻندس.
ڏٺ پيو هٺي. ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا وڪائو
نه آهي؟ توري لالچ ڏينس، سونا سڪا ڏيکارينس ته ڏس
ڪيئن نه پاڻ کي به وڪڻڻ لاءِ راضي ٿو ٿئي.
وينگ جي همٿائڻ تي وري وڃي هاريءَ کي ويجهو

ٿيو، ڀر هو اصل ٻيءَ ئي نہ پيو ڪوڙي. پر آخر جڏهن سونا سڪا ڏنائين تہ همراهہ ڀگهرجي ويو. هر ڪٿي ڍڪي جي ڪنڌ تان لاٿائين ۽ ڍڪي جي رسي وينگ جي هٿن ۾ اچي ويئي.

منجهند ڌاري جڏهن هو پنهنجي ڳوٺ پهتا تہ اهو ڏسي واڳڙا ٿي ويا تہ سندن نئين نڪيل گهر جي جاءِ تي رکو ڀتيون سلامت بيٺيون هيون، باقي در، دروارا ۽ ڇتين جا تڏا ۽ لڪڙا سڀ غائب هئا! وينگ گهر وارن کي اتيئي ڇڏي ڳوٺ جي بازار ۾ ويو، جتي هاڻ چڱي خاصي هلچل هئي ۽ ڏڪار جو اثر آهستي آهستي ختم ٿي رهيو هو. هن بازار ۾ ڏڪ بالڪل نئون مضبوط ۽ ررنو، گهر جي ڇت لاءِ بانس ۽ تڏا ورتائين ۽ ڪجهہ ٻيو ضروري سامان خريد ڪري سج لهڻ کان اڳ ڳوٺ واپس موٽي آيو. شهر کان ڳوٺ تائين جي مسافري ۽ وري ڳوٺ جي بازار جي ٻنڌ وينگ کي ٿڪائي ڇڏيو هو پر هن کي اچوڪي ٿڪ جي ڪا پرواهہ نہ هئي. اڄ تہ هو پنهنجي وڇڙيل محبوب سان مليو هو، پنهنجي ماءُ سان مليو هو، تنهن کي پلا ٿڪ جي ڪهڙي پرواهہ. بهار جي مند هئي ۽ ٿڌڙي هير گهلي رهي هئي جيڪا وينگ کي فرحت رسائي رهي هئي. گهر جي پر واري تلاءَ واري رخ کان ڏيڏرن جا راڳ ٻڌڻ ۾ پئي آيا ۽ آسمان جي آفق تي چنڊ آهستي آهستي روشن ٿي رهيو هو ۽ سندس مٺڙي چانڊاڻ جو

نور، ڌرتيءَ تي پکڙجي رهيو هو. وڻن تازو تازو ڦوٽ ڪڍي هئي ۽ نرم نرم خوشبودار پن ۽ گل اڀري رهيا هئا. جن جي خوشبو واءُ منڊل کي معطر ڪري رهي هئي. انهيءَ موسم ۽ نظاري ڪافي لطف اندوز ٿيڻ لاءِ وڻنگ گهران نڪري ويو. هن ڌرتي ماءُ سان اڪيلائي ۾ ملڻ ٿي چاهيو. پنهنجي دل جون ڳالهيون ڌرتي ماءُ کي ٻڌائڻ ٿي چاهيائين ۽ سندس غير موجودگيءَ ۾ ڌرتيءَ سان ڇا وهيو واپريو سو ٻڌڻ ٿي چاهيائين. هن پنهنجي وڇڙيل محبوب سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ٿي چاهيو ۽ سندس اهو وڇڙيل محبوب ڪير هو؟ ڌرتي... زمين. X

پوءِ ڏينهن سج ايرڻ مهل سندس پاڙيسري ملڻ لاءِ آيا. ڏڪار ڪري سندن تعداد ڪافي گهٽ ٿي ويو هو. هو سڀني سان پاڻوهه سان گڏيو ۽ کانئن پڇيائين ڇا اوهان کي خبر آهي منهنجي گهر جي ڇت جون ڪاٺيون ۽ هر ڪنهن خود کي سيءَ کان بچائڻ لاءِ ٻاهر جو ٻڪ ٻڌايا؟

پر پاڙيسرين جواب ۾ نابري واري. هڪ پوڙهي چيو "ڪير تو چالي پٽ.. ٻک هر انسان کي چور ٻڌايو ڇڏي.

اڃان هو انهن ڳالهين ۾ ئي هئا ته وڻنگ جو ويجهو پاڙيسري ۽ دوست چنگ به اچي پهتو. وڻنگ اڳتي وڌي چنگ کي ڪيڪاريو ۽ کانئس به اهوئي سوال

پڇيائين. چنگ ورائيو، تنهنجي گهر ۾ چور ۽ ڌاڙيل رهيا پيا هئا. تنهنجو چاچو به انهن سان گڏ هو.

چنگ جي جسم تي گوشت نالي ڪنهن به شيءِ جو وجود نه هو. هو هاڻ صرف هڏين جو ڍانچو هو. وينگ جي اکين ۾، سندس اها حالت ڏسي لڙڪ اچي ويا.

وينگ پڇيس "چا ايترو وقت ڪجهه کاڌو پيتو نه اٿئي؟"

چنگ ورائيو.. چاچا نه کاڌو اٿم.. پيٽ جي جهنم کي ڀرڻ لاءِ مئل ڪتا ۽ ٻليون، ڪانءِ، ڏيڏر" ايتريقدر جو منهنجي زال مرڻ کان اڳ اسان جي پٽ کي به ماري کائي ويئي. چند سڪا حاصل ڪرڻ لاءِ مون پنهنجي ڌيءَ هڪ سپاهيءَ کي وڪرو ڪري ڏني... سپاهيءَ صاف صاف چيو ته هو پنهنجون جنسي خواهشون پوريون ڪرڻ خاطر کيس استعمال ڪندو.

ايترو ٻڌائي چنگ سڏڪن ۾ اچي پيو... وينگ کيس آٿت ڏيڻ لڳو ۽ پوءِ کيس سهارو ڏيئي پنهنجي اڱڻ تي وٺي آيو ۽ چيائين، هاڻ تو کي بکيو نه رهڻو پوندو. پيٽ ڀري پيو کاءِ. تنهنجي دوست وٽ سڀڪجهه آهي.

همدرديءَ جا اهي ٻول ٻڌي چنگ اڃان گهڻو روئڻ لڳو. وينگ چيس "تون سمجهين ٿو ته مون تنهنجو احسان وساري ڇڏيو هوندو؟ نه دوست... جي تون انهيءَ ڏينهن اها چڻن مٺ نه ڏين ها ته جيڪر منهنجي زال

مري وڃي ها.

وينگ کي اهو پڙهي اڻ مٺي خوشي ٿي ته سندس
پيڪار ڇاڇو هاڻي ڳوٺ ۾ نٿي رهيو. ڪن ٻڌايو ته
هو شهر ۾ رهي ٿو ۽ ڪن چيو ته هو چورن ۽ ڌاڙيلن
سان گڏ گهاٽن ٻيلن ۾ گم ٿي ويو آهي. هن به هڪ
هڪ ڪري پنهنجون نياڻيون وڪڻي ڇڏيون هيون شايد
انهن ٻڪرين سپاهين وٽ جيڪي ويران ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن
جي ڇڏيل مال جي حفاظت لاءِ موڪليا ويا هئا ۽
جيڪي ڳوٺن جي سڃ ۾ اڪيلائي محسوس ڪندا
هئا ۽ پنهنجون جسماني خواهشون پوريون ڪرڻ لاءِ
سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا.

وينگ هڪ دفعو وري ڏينهن رات زمين کي جنبي
ويو. بک لڳس ته اتيئي بصر ڪٽي سان ڊٺن جي ماني
کائيندو. ٿڪجي پوندو ته ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ زمين
تي ڍيري ٿي پوندو. ڌرتي وڇاڻ ۽ آسمان اوڇڻ. ڪڏهن
ڌرتيءَ جي هنج ۾ اهڙي ننڊ ايندي هئي جهڙي ڪنهن
معصوم ٻالڪ کي ماءُ جي هنج ۾.

اولين هاڻي گهر ۾ رهندي هئي. انهيءَ ڪري ته
نه هن هاڻ زمين تي ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ انهيءَ
ڪري جو پوڙهن گهر ۾ گهڻو ڪم هو. پٿرن تي راڳو
ڪرڻو هو. فرش ڌاڳو هو، ڇت ڌاڳي هئي، وينگ
ٻارن ۽ پوڙهي پيءُ لاءِ ماني ڌاڳي هئي. اهي سڀ ڪم
اولين ٻانهن تي کنيا هئا ۽ هر ڪراهه، ڪان اهي ڏاڪر ٿو

ٻنهي ۾ ئي مصروف هو. هڪ ڏينهن زوردار ۽ گهاٽو مينهن وٺو. انهيءَ ڏينهن وينگ زمين تي نه ويو. پر اولين کي ساڻ ڪري ڳوٺ جي بازار ۾ ويو جتان هنن گهر جي استعمال لاءِ نوان ٿانوَ ورتا. اولين هيئنر وري اميد سان هئي ۽ پيٽ ۾ ٻار هجڻ ڪري ٿلهي ۽ وڏي وڏي ٿي نظر آئي. اينڌڙ ٻار جو تصور وينگ لاءِ هاڻي نه نه فڪر منديءَ وارو هو ۽ نه ئي ڪيس تجسس ٿيندو هو ڇو نه اڳ ئي گهر ۾ ٻار هئا، چانديءَ ۽ سون جا سڪا هئا. پريشاني نه تڏهن ٿيندي آهي جڏهن گهر ۾ ان نه هجي، ڏوڪڙ نه هجن. پر هت نه سڀڪجهه هو!!

هڪ رات وينگ ۽ اولين ګڏ ستل هئا ۽ وينگ پنهنجي زال جي جسم سان ڪيڏي رهيو هو. وينگ جا کهرا هٿ جڏهن گهمندا ڦرندا اولين جي ٻن ٿڻن تي پهتا جيڪي ٻن ننڍڙن جبلن جيان ڪر ڪنيو بيٺا هئا ۽ انهي جي وچ ۾ هڪ ننڍي وادي هئي، نه انهي ڪيس ڪپڙي جي ننڍڙي ڳنڍ محسوس ٿي. ڳنڍ کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي اولين کان پڇيائين، اهو ڇا لڪايو اٿئي؟

اولين چيس "ڳنڍ کي کولجان نه."

انهيءَ تي ويتر وينگ جي دل ۾ هوران ڪوران وڌي ويئي. جهٽ ڪٺي ڳنڍ کي کوليائين. ڳنڍ ۾ ٻه انتها قيمتي هيرا ۽ لعل موجود هئا. جن کي ڏسي وينگ وائڙو ٿي ويو. اصل اکر ئي نه پئو آڪاس. انهن ۾ ٻه ڳاڙها لعل به هئا جيڪي بلورن کان ڪجهه، وڌا

هئا. ۽ انهن ۾ جرڪيا جڻ سج پوري آبتاب سان چمڪي رهيو هجي. پيا به چمڪي رهيا هئا.

وينگ ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو. هي لعل تو ورن ڪٿان آيا؟

اولين ورائيو ”جنهن گهر ۾ پاڻ وڪوڙين سان گڏ گهڙيا هئاسين، اتان.

خبر اٿيئي ته هي ڇا آهن؟

ها. آءُ هڪ وڏي گهرائي ۾ پاڇي وڏي تي آهيان انهن جي قيمت جو صحيح ڪاٿو ته نٿي لڳائي سگهان، ڇاڻ اٿم ته اهي انتهائي قيمتي آهن. سونن سڪن کان به وڌ.

وينگ چيو ”ايترا قيمتي هيرا ۽ موتي اسان غريبن جي گهر ۾ ڪٿا سونهن. مٿان وري جي ڪنهن کي ڪنڊ پهچي ويئي ته انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي جان وٺڻ کان به نه مڙندا. ڇونه انهن کي وڪڻي زمين وٺون؟ هاڻ ته هي جيسين هن گهر ۾ موجود رهندا مون کي ته ننڊ به نه ايندي. اها ڪهڙي مصيبت تون گڏ ڪٺي آئي آهين؟

هو هڪ دفعو وري غور سان موتين ڏانهن ڏسڻ لڳو. ۽ پوءِ ورائي انهن کي ساڳئي ڪپڙي ۾ ٻڌڻ لڳو. اولين ڏانهس ڏسندي رهي، پوءِ ڊڄندي ڊڄندي پڇيائين، ”ته ڇا تون سچ پچ انهن کي وڪرو ڪندين؟“

بالڪل. ڇو ته اهڙي گهر ۾ جتي ٽجوڙي نه آهي

جنهن کي دروازو به نه آهي، اهڙا قيمتي لعل ڪيترا ڏينهن حفاظت سان رکي سگهبا. بهتر اهوئي آهي ته انهن کي وڪڻي زمين خريد ڪري وٺجي جيڪا ڪير پاڻ ڪان کسي ته نه سگهندو، جنهن جي چوري ٿي وڃڻ جو ته ڊپ نه رهندو.

اولين خاموشيءَ سان وينگ جو جواب ٻڌندي رهي. سندس اکيون موتين تي مرڪوز هيون. انهن جيئن ٻار ڪانئي جي شيءِ ڏانهن نهاريندو آهي. پوءِ ڪنهن ضدي ٻار جي ٿي لهجي ۾ وينگ کي چيائين "ڇا آءٌ صرف اهي ٻه ڪاڙها بلورن جيڏا لعل پاڻ وٽ رکي سگهان نٿي؟ ٻيو ڪجهه به نه گهرجيم. ٻيل توهان سڀ وڪرو ڪري ڇڏ. پر اهي ٻه لعل مون کي پاڻ وٽ رکڻ ڏي.

ڇڻ ڪو ٻالڪ پنهنجي پسنديده رانديڪي لاءِ ضد ڪندو هجي. وينگ، اولين جي انهيءَ خواهش جو مطلب نه سمجهي سگهيو. اولين اهڙي زال هئي جنهن اڄ تائين وينگ کي ڏنو هو، ورتو نه هو. گهر جو سک ۽ آرام سندس جسماني خواهشن جي تڪميل ۽ کيس هر طرح مطمئن ڪرڻ، زمين تي ڪم ۾ سندس هٿ ونڊائڻ، کيس اولاد جهڙي نعمت پيدا ڪري ڏيڻ. ۽ انهن خدمتن عيوض هن وينگ ڪان ڇا ورتو؟؟ اڄ پهريون دفعو هوءَ ڪانئس ڪجهه گهري رهي هئي ۽ سندس اکين جي ٻنهي ٽي ٻه لڙڪ انهن موتين جيان چرڪي رهيا هئا جن جي خواهش اولين ڪئي هئي. وينگ سندس اکين

۾ آيل لڙڪن کي ڏسي انڪار نه ڪري سگهيو ۽
ٻئي ڳاڙها موتي اولين جي تري تي رکيائين جنهن
هڪدم انهن کي پنهنجي ٻن وچ ۾ لڪائي ڇڏيو.

لعل ۽ موتي حاصل ڪري هاڻ وينگ جي ذهن
۾ اهو خيال گردش ڪرڻ لڳو ته وڏي حويليءَ وارن
کان وڌيڪ زمين خريد ڪري وٺي. هن ڄاتو ٿي ته
حويليءَ جا مالڪ خوشيءَ سان زمين جو سودو ڪرڻ
تي تيار ٿي ويندا، ڇو ته زمين جي حيثيت انهن وٽ
ماءُ يا محبوب واري نه هئي جو زمين وڪڻندي ڪين
ڏک ٿئي. ڌرتيءَ کي ماتا، اهي ٿا سمجهن جن جو
ڏينهن رات جو تعلق زمين سان هجي، جيڪي زمين
کي پنهنجي رت سان ريج ڏيندا هجن، جيڪي اٿندا
ويهندا، سمهندا زمين تي هجن، باقي اهي وڏا جاگيردار
انهن کي ڪهڙن احساس ٿئي ته زمين ماءُ مثل آهي،
ورثي ۾ مليل بي انت اراضيءَ تي پکڙيل زمين، جنهن
تان ڦيرو ڪيڻ به هو پنهنجي شان خلاف سمجهن، تن
جي دلين ۾ ڌرتيءَ جي محبت جاڳي به ته ڪيئن؟
هنن کي ته بس گهر ويٺي چار پئسا پيا ملن جن جي
وسيلي هو پنهنجي شراب ۽ شباب، مستي ۽ مدهوشيءَ
جو انتظام ڪري سگهن ۽ بس.

اهي سڀ ڳالهيون سوچي هو ٻئي ڏينهن هيرا موتي
ساڻ ڪٺي وڃي وڏي حويليءَ تي پهتو. وڏي دروازي
تي چوڪيدار ڪونه هو انهيءَ ڪري وينگ اڳتي وڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کٿي دروازي کي ڏونـڏاڙيو. پـر ڪـو بہ جـواب نہ آيو. مايوس ٿي هو موٽڻ تي هـو تہ دروازي جي ڀـي پر ڪان هڪ سريلي آواز پڇيو "ڪور بدبخت. آهي" وينگ وراڻيو. آرام ۾ خلل وجهڻ لاءِ معافي ٿو چاهيان، چوڪيدار موجود ڪونہ هو انهيءَ ڪري مونکي اهو طريقو اختيار ڪرڻو پيو. آءٌ وينگ لينگ آهيان.

چوڪيدار سوئر جو ڦر پڇي ويو. پر تون ڇا لاءِ آيو آهين.

آءٌ ڪجهہ سڪا.

پڇي وچ سڪن جا سڪا. هت هاڻ ڪجهہ نـہ رهيو آهي جو توکي خيرات ملي سگهي.

آءٌ خيرات پنڻ نہ، توهان جي مدد ڪرڻ آيو آهيان مون وٽ سون آهي، هيرا موتي آهن.

اڇا اڇا. پوءِ تہ تون پل آئين، جي آئين. "اندرو ڇٽي هن دروازو کوليو."

هوءَ هڪ نرم ۽ نازڪ، پرپور جوانڙي هئي جنهن جا آرهہ سندس نامڪمل لباس مان ٻاهر جهاتيون پائي رهيا هئا ۽ سڊول، پريل پريل، کير جهڙيون رانون بہ ڏيکاءَ ڏيئي رهيون هيون. سندس اکيون وڏيون ۽ ڪجليون هيون ۽ انهن ۾ دعوت هئي، سندس سنهڙن گلابي چپن تي عجيب مرڪ هئي ۽ انهن سيني مظهرن، وينگ کي في الحال تہ ٻنڌ ٻهڻ ڪري ڇڏيو. تڏهن ان حسينہ اڳتي وڌي کيس ڏونداڙيو. جنهن تي وينگ حقيقت

جي دنيا ۾ آيو ۽ حسينه جي پوئيان حويليءَ اندر وڃڻ لڳو.

ايوان خاص ۾ پوڙهو جاگيردار پٿر جي ڪنهن بت جيان ساڪت ۽ جامد ويٺو هو. وينگ کيس بت ئي سمجهي ها جي سندس چڪ جو آواز نه ٻڌي ها. هن کي هڪ قيمتي پر پراڻو لباس پهريل هو جيڪو لاڳيتي استعمال جي ڪري هنڌان هنڌان ڳنڍل لڳي رهيو هو. جاگيردار اڳ ٿلهو هوندو هو، پر هاڻ سندس جسم تي گوشت ۽ چرٻي ڪونه هئي، هڏين گوشت جو ساٿ ڇڏي ڏنو هو جنهن ڪري سڄو جسم لڙڪي رهيو هو ۽ ڪل سراڻجي ويئي هئي.

جاگيردار اکيان پهچي وينگ ڪنبڻ لڳو. اهو خوف کيس ورثي ۾ مليل هو.

اڃا اڳهاڙي حسينه، انهيءَ هنڌ پهچي وينگ کي مخاطب ڪيو. زمين خريد ڪرڻ آيو آهين. رقم ڪتني آهي؟

پر وينگ خاموش رهيو. هن وڏي جاگيردار جي سامهون ڳالهائڻ مناسب نٿي سمجهيو. حسينه سمجهي ويئي، جنهن رعبدار لهجي ۾ جاگيردار کي چيو "زون اندر وڃ... ۽ هو ڪنهن حڪم جي غلام وانگر ٻنا چون چران ڪرڻ جي حويليءَ اندر هليو ويو. نڌهن وري حسينه چيو "دير چو پيو ڪرين. رقم ڪڍ."

وينگ چيو "آءٌ رقم ساڻ ڪونه ڪٺي آيو آهيان."

انهيءَ تي حسينه ڪاوڙجي پئي ۽ چيائين "نه پوءِ

پنهنجو ڪارو منهن ڪرڻ آيو آهين يا مون کي ڏسڻ
آيو آهين."
وينگ وراڻيو "مون کي جاگيرداريائيءَ سان ملڻو
آهي. هوءَ منهنجي محسن آهي."
"اها مري ويئي. ڪيس ڊاڙيلن ماري ڇڏيو. هو
حويليءَ کي ڦرڻ آيا هئا، ۽ حويليءَ جي ملازمن سندن
مدد ڪئي، ويندي ويندي هو جاگيرداريائيءَ کي ماري
ويا. ملازم ڀڄي ويا ۽ جاگيردار جا پٽ به حويلي ڇڏي
خبر نه آهي ڪيڏانهن ويا. هاڻ بس آءٌ آهيان يا پوڙهو
جاگيردار. ۽ پوڙهي کي اڃان به پنهنجين عياشين جي
تڪميل لاءِ پئسن جي ضرورت ٿئي ٿي.
پر آءٌ زمين جو سودو توسان ڪيئن ڪريان؟ توکي
ڪهڙي اختياري آهي؟
مون کي مڪمل اختيار حاصل آهي ڇوته سا ماڻهو
ڏسين ٿو جاگيردار منهنجي حڪم جو غلام آهي.
ڀلا ان مردار سان گڏ هن عمر ۾ ڪا جوان ڇوڪري
ڪيئن پسند ڪندي؟ اها آءٌ آهيان جيڪا خود کي
اڃيو رکي پوڙهي جي اڄ وسايان ٿي. ڇا منهنجي ايتري
قربانيءَ جو بدلو مون کي نه ملندو.
پر جي صبحاڻي جاگيردار جا پٽ ڊٺي ٿي اچي
پيا ته پوءِ؟؟؟.
ڪٿان ايندا؟ اهي بزدل هاڻ ڪڏهن به حويليءَ
جو رخ نه ڪندا.

۾ رقم ڪنهن کي ادا ڪرڻي پوندي؟
پوڙهي جاگيردار کي.
چڱو ! هڪ آهي — مون کي اطمينان آهي، هاڻ ڳالهه پوليس ڪري ٿا سگهون.

پاڻ سودي جي جاگيردار جي زمين جو ڪو آنت نه هو ۽ سندس پاران سودو ڪندڙ جوانڙي سهڻي ته هئي، سندس جسم جي بناوت، سندس ارهن جي بيهڪ، سندس ڪجلين اکين جي نهار ڪنهن به مرد کي سندس اڳيان گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪرڻ جهڙي هئي، پر زمين جي قيمت جي ڪيس ڪابه خبر نه هئي، ۽ وينگ سندس سونهن ۽ حسن کان هاڻ وڌيڪ متاثر ٿيڻ وارو نه هو، تنهن ڪري هن وڌ کان وڌ ۽ سٺي ۾ سٺي زمين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي ان حسينه کي ڪوبه اعتراض نه ٿيو، هن کي نه رقم گهربي هئي، جنهن سان ڪجهه وڌيڪ وقت هو عياشي ڪري سگهن، اهڙيءَ ريت وينگ ڪامياب سودو ڪري، انهن قيمتي ۽ خطرناڪ پٿرن کان خود کي آجو ڪري آ و. هالي وينگ وٽ ايتري زمين هئي جنهن تي هر هلائڻ هڪ ماڻهوءَ ۽ هڪ ڍڳي جي وس جي ڳالهه نه هئي، نه وري هو پنهنجي ڪل فصل کي گهر ۾ ذخيرو ڪري سگهيو. انهيءَ ڪري هن اڱڻ تي هڪ ٻيو ڪوٺڙي ٺاهي، هڪ ٻيو ڍڳو، هڪ نئون هر بار ڍوئڻ لاءِ هڪ گڏهه به ورتائين. اجان ڪيس هڪ ايماندار

ماڻهوءَ جي بہ ضرورت هئي جيڪو سندس زمين تي هر ڪاهي ۽ سندس هٿ وندائي سگهي. اهڙو ماڻهو چنگ کان سواءِ ٻيو ڪو ني نٿي سگهيو. هن چنگ کي چيو ”نون اڪيلو سير آهيان؛ پنهنجي زمين مون کي وڪرو ڪري ڏي، جنهن جي آءٌ توکي مناسب قيمت ڏيندس ۽ پاڻ مونسان گڏ زمين تي اچي ڪم ڪر، تنهنجي حيثيت نوڪر واري نہ، منهنجي وڏي ڀاءُ جي رهندي.

چنگ، سندس مشوري تي عمل ڪيو ۽ وينگ سان گڏ سندس گهر ۾ رهڻ لڳو ۽ وينگ جي زمين تي ڪم ڪرڻ لڳو.

انهيءَ سان سانوڻ اڳيون ٻيون ڪسرون ڪڍي ڇڏيون. ايترو وٿو جو حد نگاهہ تائين چئني طرفن جل ٿل نظر ايندو هو. فصل بہ انتهائي سٺو ٿيو ۽ وينگ ۽ چنگ، ٻن ڄڻن جي لاباري وجهڻ کان قصو زور هو، اهو ڏسي وينگ ٻہ ڪيت مزور پگهاردار طور رکيا جيڪي ساڻن گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا. هو پنهنجن ٻنهي ڀائن کي بہ زمين تي وٺي ويندو هو ۽ انهن کان اهو ڪم وٺندو هو جيڪو هو شوق ۽ خوشيءَ سان ڪندا هئا. هو گڏهہ تي ان بار ڪندا، گڏ ڪيندا، ۽ ڪنهن ڪنهن وقت هر بہ ڪاهيندا هئا. اڃان هو ايترا مضبوط نہ هئا جو سگهارا ۽ ڪارائتا هاري ثابت ٿي سگهن، پر تنهن هوندي بہ وينگ چاهيو ٿي تہ هو ننڍي عمر کان ئي ڪم ڪرڻ جا عادي ٿين ۽ سندس جسم سڄ ڄجي

Scanned with CamScanner

گرمائش برداشت ڪرڻ جي قابل ٿين، ڪيس ۽ هارين
کي محنت ڪندي ڏسن، محنت جو مطلب سمجهن ۽
محنت ڪرڻ جا عادي ٿين. وڏنگ پڙهيل ڪونه هو،
پر ايترو ڄاڻائين ٿي ته حويلي وارن زمين انهيءَ ڪري
وڪرو ڪئي هئي جو انهيءَ جاگيردار گهراڻي ۾ ڪنهن
کي به محنت ڪرڻ جي عادت هڪونه هئي، نه وري
هو پنهنجي زمين جي سار سنڀال لهندا. وڏنگ ڄاتو ٿي
ته زمين مالڪ جي محنت، ڌيان ۽ پڇاڳاڇا کانسواءِ
ڪجهه نه هئي. ماءُ جي ٻين سان پيلا ڪنهن ڏاڙهين ٻار
کي ڪير ملي سگهندو؟.

پريتما، پيلا پنهنجي پريميءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي
سان پيار ونڊي سگهندي؟ ڌرتيءَ جو مثل به اهڙوئي
آهي. جيڪو ڌرتيءَ کي ماتا سمجهندو ۽ ڌرتيءَ کي
پنهنجي پريتما مثل سمجهندو، سو ڌرتيءَ سان سلوڪ
به اهڙوئي ڪندو ۽ سندس پيار، احترام ۽ عبادت جو
صِلو ڌرتي به اهڙوئي ڏيندي. حسين من موهڻي مورت
سان پيار صرف سندس پريمي ڪندو آهي ۽ سندس هٿن
۽ چپن جي لمس اڳيان پريتما به هٿيار ڦٽا ڪري
ڇڏيندي آهي ۽ محنت جي ساگر ۾ پريميءَ سان گڏ
لڙهي ويندي آهي. نتيجن جي پرواهه ڪرڻ بنا ۽ اها
ساڳي عورت، ڪنهن راڪشش جي حملي جي صورت
۾، ممڪن آهي ته پنهنجو ست هارائي ويهي پر ڇا
انهيءَ راڪشش کي اهو ڪجهه ملي سگهندو جيڪو

حسن، جي پرهيءَ کي نصيب ٿيندو؟ هرگز نه... ماءُ جي ابن ۽ ٻڌڻ ٿڃ لهندي جڏهن سندس جگر گوشي جي ٻڪڙن هٿن جو لمس محسوس ڪندي جو انهيءَ لمس ۾ جيڪا محبت ۽ جيڪو احساس هوندو اهو ٻئي ڪنهن لمس ۾ نه ملي سگهندو. سو ڌرتيءَ جو معاملو به ساڳيو آهي. زمين معنيٰ مالڪ. ۽ حويليءَ وارن کي زمين انهيءَ ڪري وڪرو ڪرڻي پيئي جو هن جو زمين سان ماتا وارو يا پريتما وارو سنبنڌ ڪونه هو. سندن زمين نڌڪي هئي تنهن ڪري ايترو فصل ڪونه ڏيندي هئي جو سندن ضرورتون پوريون ٿي سگهن ۽ ائين ڪين وقت به وقت زمين وڪرو ڪرڻي پوندي هئي. ۽ اهي سوچون ذهن ۾ رکي هو پنهنجن انهي پٽن کي زمين تي وٺي ويندو هو جيئن هڪ ته هو محنت جا عادي ٿين ۽ ٻيو ته زمين سان سندن ماتا ۽ پريتما وارو سنبنڌ قائم ٿئي. اوائين کي هاڻ هو زمين تي ڪم ڪرڻ نه ڏيندو هو چاڪاڻ ته زمين تي ڪم ڪرڻ لاءِ هاڻي هن هاري ۽ مزور هٿ ڪري ورتا هئا. چنگ جي مدد سان هُن هِن دفعي هڪ وڏو گودام اناج ذخيرو ڪرڻ لاءِ ٺهرائي ورتو هو ۽ چنگ ۽ پوڙهي پيءُ جي صلاح سان ڍڳا، رڍون، ڪُڪڙ، ٻڪريون، ۽ ڪڪڙيون به ورتيون هيون جن جو کير ۽ آنا ٻارن جي کاڌي لاءِ ڪتب ايندا هئا.

اوائين صرف گهر جو ڪم ڪندي هئي. ڪٽڻ لاءِ

نيون ڀرت ڀريل چادرون ۽ وهاڻن جون ڇهون ڏاهيندي ٻارن لاءِ نوان لباس تيار ڪندي، وينگ ۽ سنڌس پوڙهي ڀيڻ جي آرام جو ۽ سندن خوراڪ جو خيال رکندي هئي، هر وقت گهر جي ڏاهه ڏوهه ۾ لڳي پيئي هوندي هئي، هن جيئن ته پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو جاگيرداري محل ۾ گذاريو هو تنهن ڪري کيس ڀلي ڀت ڄاڻ هئي ته گهر کي ڪهڙي ريت سينگاريو ويندو آهي ۽ لباس ڪهڙو ڀريو ويندو آهي. هن گهر جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو هو، هاڻ اهو گهر ڪنهن هاري جو ڪونه ٿي لڳو. ۽ هينئر وينگ صرف هاري نه هو پر ڪونه. هو ڇڱو خاصو زميندار ٿي چڪو هو.

زندگيءَ جي انهيءَ سفر ۾ هڪ ڏينهن وري اولين گهر جي اندرئين ڪوٺيءَ ۾ هلي ويٺي. هينئر هوءَ چاهي ته سئو دايون گهرائي سگهي ٿي، پر هن جو خيال هو ته داين جي اچڻ سان سندس تڪليف ۾ ڪمي ڪونه ٿيندي. ٻار پيدا ڪرڻ واري عمل ۾ ته دائي مدد ڪري سگهي ٿي پر تڪليف نٿي گهٽائي سگهي؛ پوءِ ڇو هرويرو دائي گهرائجي. انهيءَ ڪري هوءَ ڪنهن کي ٻڌائڻ بنا ئي ڪوٺڙيءَ ۾ هلي ويٺي. هن پيدائش دوران کيس اڳي کان گهٽ تڪليف ڏسڻي پيئي ۽ فارغ ٿيڻ ۾ به اڳي کان گهٽ وقت لڳس. وينگ جڏهن اوندهه ٿيڻ کان پوءِ گهر موٽيو ته پٽس دروازي تي ئي بيٺو هو. وينگ کي ڏسي خوشيءَ وچان ڪلندي ڪلندي کيس خوشخبري ٻڌايائين. "ٻٻلو منهنجي ننهن ۽ ننهنجي

زال هن دفعي ٻن جيئرن جاڳندن ٻارن کي جنم ڏنو آهي.
اهو ٻڌي وينگ ٽڪرو ٽڪرو ٿيندو ڪولڙي ۾
پهتو جتي اولهن ڪٽ تي ليٽيل هئي ۽ سنڌس پر ۾
ٻئي ٻار ليٽيا پيا هئا. ڏيءُ ۽ پٽ ٻن ٻارن کي ڏسي
وينگ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کلندي زال کي چيائين ”ڇا
انهيءَ ڪري تو ٻه هيرا مونکان ڳجهي ورتا هئا؟“
اولهن مڙس کي خوش ڏٺو ته سنڌس چپن تي ٻه
هڪ ٽڪل ٽڪل مرڪ تري آئي!.

ڪهڙي خوشي هئي جيڪا وينگ نه ماڻي هئي؟
پر هڪ ڏک اڃان به هوس ۽ اهو هو سنڌس ڌيءُ جو
نه ڳالهائڻ. هوءَ هاڻ هلڻ لڳي هئي پر زبان سان ڪجهه
به نه چوندي هئي. وينگ جا ڪن سنڌس زبان مان
لفظ ٻابا ٻڌڻ لاءِ آتا هئا، پر سنڌس اها خواهش اڃان
پوري نه ٿي سگهي هئي. ٻيءَ کي ڏسي هو مرڪندي
هئي. سنڌس مرڪ گلاب جي تازي ٽڙيل مکڙيءَ جهڙي
وڻندڙ ۽ دل ڇڪيندڙ هئي، ۽ سنڌس چهرو به من موهيندڙ
هو. پر هن ڳالهايو نٿي؟ ڇا هوءَ گونگي هئي؟ هو
اڪثر سوچيندو هو ته جي هن ٻڪ کان بيتاب ٿي هن
مکڙي کي وڪيو هجي ها ته هن عمر تائين نه ڳالهائڻ
ڪري خريدار جيڪر کيس ماري ڇڏين ها!.

وينگ جنهن علائقي ۾ رهندو هو انهي جي تاريخ
هئي ته هر پنجن سالن کان پوءِ ڏڪار جو عفريت ضرور
منهن ڪڍندو هو ڪڏهن مينهن نه وسڻ ڪري

سوڪ ني وهندي هئي ۽ پوک لاءِ پاڻي ڪونه هوندو
هو نه ڪڏهن وري تمام گهڻي مونهن وس جي ڪري
سڀڪجهه تباهه ٿي ويندو هو. انهي ڪري ويهنگ هر وقت
انهيءَ فڪر ۾ رهندو هو ته ڪهڙيءَ ريت اهڙو انتظام
ڪري جو ڪنهن به قسم جي ڏڪار جي صورت ۾
ڪيمن ۽ سندس خاندان کي اهي ڪشالا نه ڪڍڻا پون
جيڪي هو هڪ دفعو ڪڍي آيا هئا. هو هر وقت اناج
جو وڏو ذخيرو گودامن ۾ وڪرو ڪرڻ بنا رکندو هو
ته جيئن ڏکيءَ ويل ڪم اچي سگهي. انهيءَ مقصد لاءِ
هن پيا گودام ٺهرائي ورتا هئا ۽ پنهنجي رهائش لاءِ
نئون گهر ٺهرائي ورتو هئائين جنهن ۾ وڏا هوادار
ڪمرا هئا، پڪيون چٽيون هيون. وڏو شاهي اڱڻ هو
۽ در دروازن ۽ پٿين تي رنگ روغن به ٿيل هو. سندن
پراڻي گهر ۾ هاڻ چنگ ۽ پيا هاري رهندا هئا. چنگ
جي حيثيت ڪمدار واري هئي ۽ هو هر ڪم پنهنجو
ذاتي سمجهي ڪندو هو. ويهنگ به چنگ جي هر ضرورت
جو خيال رکندو هو پر چنگ، ويهنگ جي اصرار جي
باوجود گهڻي خوراڪ استعمال نه ڪندو هو، انهي ڪري
شايد سندس هڏيون گوشت بنا هيون. هو صبح جو سج
ايرڻ کان اڳ زمين تي ويندو هو ۽ سج لٿي مهل
واپس ورندو هو، انهيءَ عرصي دوران سندس تيز نگاهون
هر هاريءَ ۽ مزور تي ڪپيل هونديون هيون ۽ ڪنهن
کي به آرام ڪرڻ يا سست ٿيڻ جي اجازت نه ڏيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو. ۽ جڏهن لاباري جو وقت ايندو هو ته هارين جي زالن ۽ ٻارن کي زمين تي اچڻ نه ڏيندو هو متان هٿان ڪٿي هو پنهنجي لباس، ۽ داڻا چورائي ڪٿي وڃن.

وينگ ۽ چنگ جو پاڻ ۾ ڀائرن جهڙو سلوڪ هوندو هو، فرق صرف اهو هو جو چنگ عمر ۾ وڏو هجڻ جي باوجود خود کي ننڍو ڀاءُ سمجهندو هو ڇو ته کيس احساس هو ته هو وينگ جو ملازم هو.

هاڻي وينگ پاڻ زمين تي ڪم نه ڪندو هو. سندس زمين تي اپترو ته فصل ٿيندو هو جو کيس هر وقت مارڪيٽ ۾ ان جي وڪري جي سلسلي ۾ رهڻو پوندو هو، ڪڏهن قيمتون وڌن ٿيون، ڪڏهن مال وڪرو ڪرڻ گهرجي، ڪڏهن لڪائڻ گهرجي، اهي سڀ ڳالهيون ڄاڻڻ لاءِ کيس گهڻو ڏڦو وقت مارڪيٽ ۾ رهڻو پوندو هو. هو ٽڙ جو تمام وڏو نالي وارو زميندار هو پر مارڪيٽ ۾ ان جو سودو طئي ڪرڻ ڪانپوءِ اڪثر احساس ۽ ڪمتري جو شڪار ٿي ويندو هو جو هو پڙهيل نه هو. معاهدي جو ڪاغذ کيس ڪنهن ٻئي کان پڙهائڻو پوندو هو ۽ دوڪاندارن جا معمولي منشي جن جو پگهار وينگ جي ڪنهن ٻه هاري کان وڌيڪ نه هو، ڏانهس طنز ڀرين نظرن سان نهاريندا هئا ڇڻ چوندا هجن "پئسي وارو آهين ته ڇا ٿيو، آهين ته اڻ پڙهه." معاهدي جي ڪاغذ تي هو صحيح به نه وجهي سگهندو هو ۽ کيس آڱوٺو لڳائڻو پوندو هو. اهڙيءَ طرح هڪ ڏينهن جڏهن مال

ڊرائيز مارڪيٽ ۾ اچي رهيو ۽ ونهنگ هر وقت مارڪيٽ ۾ رهندو هو، مال جو سودو طئي ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سودي جا ڪاغذ ٺهڻ ۽ صحيح ڪرڻ جو وقت آيو ته ڪيس اڳي جيان پنهنجي اڻ پڙهيل هجڻ جو اعتراف ڪرڻو پيو ته دوڪان تي ويٺلن عجب مان ڏانهس نهاريو ۽ ٻن ٽن ته مٿس چٿر به ڪئي. اها سندس صبر جي انتها هئي، دوڪان تي ته هن ڪنهن سان مڇڻ نه اٽڪايو، پر واپسيءَ ۾ رستي تي هو خود سان جنگ ڪندو آيو. اڻ پڙهيل هجڻ ڪيڏي نه بدنصيبي ۽ شرم جهڙي ڳالهه هئي جو هو ڪاغذ تي لکيل آڏا ابتا لفظ به نٿي پڙهي سگهيو. پر انهيءَ ۾ سندس ڪهڙو ڏوهه هو؟ سندس پيءُ ڪيس شروع کان ئي محنت سان لڳايو هو پوءِ آخر پڙهڻ ڪٿان سگهي ها؟ اها ڳالهه سوچي هن فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي وڏي پٽ کي سڄت ڪنهن مدرسي ۾ داخل ڪرائيندو جيئن هو پڙهي لکي وڃي ۽ پوءِ سودي ڪرڻ وقت سندس ٻاران لکا پڙهيءَ جو ڪم ڪري، ائين ڪنهن کي به مٿس کلڻ جو موقعو نه ملندو.

گهر پهچي هن پنهنجي وڏي پٽ کي سڏيو. سندس عمر ٻارهن سال هئي ۽ عمر جي لحاظ کان سندس قدبت وڏيڪ ٿي لڳو. پٽ جي سامهون اچڻ تي ونهنگ پنهنجي فيصلي جو اعلان ڪيو. ”صبحاڻيءَ کان تنهنجو زمين تي وڃڻ بند، توکي مدرسي ۾ داخل ٿيڻو ۽ علم حاصل

ڪرڻو پوندو، پنهنجي خاندان ڪي هاڻ ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ پڙهيل ڪڙهيل شخص جي ضرورت آهي.

اهو ٻڌي وڏو چوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين "منهنجي ته اڳيئي اها خواهش هئي، پر ڪٿي نٿي سگهيس"

جڏهن ننڍي اهو ٻڌو تڏهن هو به گوڙ ڪندو پيو آيو. هو سخت هٺيلو ۽ ضدي ٻار هو. روئندي چيائين "آءٌ به زمين تي ڪم نه ڪندس، زمين تي ڪم ڪرڻ لاءِ هيترا سارا هاري جو آهن، پوءِ آءٌ ڇو ڪڏهن وانگر وهان ۽ وڏو آرام ۽ سک سان، ڪنهن ڇت جي ڇانو ۾ ويهي پڙهي؟

وينگ کي اهوڏسي خوشي ٿي ته سندس اولاد ۾ تعليم جو چاهه آهي. سو هن ننڍي کي به مدرسي ۾ داخل ڪرائڻ جي حامي ڀري.

ٻئي ڏينهن هو پاڻ، چنگ ۽ اولين بازار ويا جتان ٻارن جي مدرسي لاءِ نئين لباس لاءِ ڪپڙو ورتائون ۽ هڪ ڪتابن جي دوڪان تان ٻارن لاءِ قلم، ڦرهيون ۽ مس ورتائون. دوڪاندار سياڻو هو ۽ سمجهي ويو ته وينگ پاڻ پڙهيل ڪونه هو ۽ نه وري کيس انهن شين جي قيمتن جي ڪا سڌ هئي. جيڪي هو خريد ڪري رهيو هو انهيءَ ڪري هو هر شيءِ جي قيمت وڌائي رهيو هو ۽ وينگ پنهنجي جهالت لڪائڻ خاطر سندس من گهري قيمت ادا ڪئي.

ڀي ڏينھن وينگ ٻنھي ڀٽن کي ساڻ وٺي ڳوٺ
کي ويجھو قائم ھڪ مدرسي ۾ وٺي ويو جتي ھڪ
جھور ٻوڙھو ٻارن کي پڙھائيندو ھو. ٻوڙھي پنھنجي
گھر جي اڱڻ تي ننڍا رکي چڏيا ھئا جن تي ٻار ويھندا
ھئا. سندس ويھڻ لاءِ ھڪ موڙو ھوندو ھو ۽ سوڙي
اڳيان ھڪ ننڍل ميز پيئي ھوندي ھئي. ٻوڙھو ھر ڇھين
مھيني يا وري عيد برات تي ٻارن جي مائٽن کان چند
سڪا وصول ڪندو ھو ۽ انھن جي عيوض ٻارن کي
تعليم ڏيندو ھو. ٻوڙھي جي ھٿ ۾ ھر وقت ھڪ وڇڙو
ھوندو ھو، جنھن سان ھو خود کي ھوا به ھڻندو ھو
۽ ڇوڪرن کي سزا به ڏيندو ھو. سبق ڪچو ٿيڻ جي
صورت ۾ شاگردن کي سخت سزا برداشت ڪرڻي پوندي
ھئي. ٻوڙھي جي سخت مزاجي ۽ سزا ڏيڻ جي ڪري
شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪوتاھيءَ کان ڪم نه
وٺندا ھئا ۽ جلدي لکڻ پڙھڻ سکي ويندا ھئا. وينگ
به سندس انھن خاصيتن کان متاثر ٿي، سندس مدرسي
جو انتخاب ڪيو ھو، نه ته مدرسا نه ھيا به ڪيترائي ھئا.

وينگ جڏھن ٻارن کي وٺي مدرسي پھتو تڏھن سندس
ھٿ ۾ ھڪ ريشمي رومال ھو، جنھن ۾ ٻه ڀڙن آنا
ھئا. وينگ کي ڏسي، ٻوڙھي استاد پنھنجي پتل جي
ڪمانين واري عينڪ مان ڳوڙھي نظر سان سندس ۽
سندس ٻارن جو جائزو ورتو. ٻوڙھي جي انھيءَ انداز
وينگ کي اڃان به متاثر ڪيو ۽ ڪيس ٻڪ ني نه

هن صحيح انتخاب ڪيو آهي. ٻوڙهي استاد اکين ادب رچان جهڪي، ويٺڪ چيو "استاد محترم، هي ٻئي منهنجا پٽ آهن ۽ في الحال بيڪار آهن، مون کي اميد آهي ته اوهان جي مار کائي ۽ سڌڙون سهي هي ڪارائتا ٿي پوندا ۽ لکي پڙهي سگهي ويندا. اوهين بيشڪ هنن جا متا ڦاڙي ڇڏيو، ماري ماري اصل ساهه ڪڍي ڇڏيو ته به آءٌ توهان وٽ گلا ڪڏهن نه ايندس. هي اڄ کان توهان جي خدمت ۾ رهندا ۽ توهان جي هر حڪم جي بجا آوري ڪندا. آءٌ به هر خدمت لاءِ حاضر آهيان" اترو چئي هن ريشمي رومال استاد جي سامهون پيل ميز تي رکيو جنهن کي استاد قبول ڪيو ۽ ويٺڪ کي پڪ ڏنائين ته هو سنت ٿي سندس ٻنهي پٽن کي عالم فاضل بڻائي ڇڏيندو.

ٻارن کي مدرسي ۾ ڇڏي ويٺڪ جڏهن واپس پئي آيو ته خوشيءَ ۾ ٻهڪيو پئي، سندس پير زمين تي ڪٿائي نٿي. رستي ۾ هڪ پڙيسري گڏيس، جنهن جي اچڻ تي فخر واري لهجي ۾ ورائيائين "پنهنجن ٻنهي پٽن کي مدرسي ۾ داخل ڪرائي پيو اچان. مون کي ڪانئن زمين تي ڪم ناهي ڪرائڻو، ڪين علم جي روشني سان منور ڪرڻو آهي. تعليم حاصل ڪري پوءِ ڀلي اچي پنهنجون زمينون سنڀالين؛ ائين ڪير سائن دوکو دولاب نه نه ڪري سگهندو.

ٻوڙهي استاد ٻنهي ڇوڪرن جا نالا به رکيا، ته ته

اڳي هڪ وڏو هوندو هو ۽ ٻيو ننڍو... هاڻ وڏي جو نالو لهوان ۽ ننڍي جو نالو لهوون رکيو ويو. ٻنهي جي نالن جي پهرين لفظ جو مطلب هو "اهڙو مالهو جنهن جي دولت زمين هجي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب چوڏهون

ست ورهيه نهايت آرام سان لنگهي ويا. پر نيٺ اهو آرام جو مدو به پورو ٿيو. ڏاکڻي سرحدي علائقي مان لنگهندڙ دريا مچرجي پيو ۽ سمورا بند ٽوڙي ويرانا لتاڙي، آبادين ۾ ڪاهي پيو. جهنگ، جهر ۽ بر، جل ٿل ٿي ويا. هر طرف پاڻي ئي پاڻي. آباد زمينون پاڻيءَ هيٺ اچي ويون، فصل لڙهي ويا. ڪکائيون جهڳيون ۽ ڪچا گهر ٻوڏ جي پاڻيءَ جي جوش جو ٻک ٻڻجي ويا. ماڻهو بي گهر ٿي ويا، ان ناپيد ٿي ويو. هڪ دفعو وري ماڻهو بک مرڻ لڳا. ڪي وري انهن علائقن ڏانهن هجرت ڪري ويا جتي ٻوڏ جو پاڻي نه رسيو هو. شهرن ۾ وري لنگر کلي ويا. چندا گڏ ٿيا ۽ ٻوڏ جي ستايلن جي مدد جا سانباها ٿيڻ لڳا. گوٺ ۾ صرف وينگ اهڙو شخص هو جنهن کي ڪا پرواهه نه هئي. دور انديش نه هو اڳ ۾ ئي هو. مٿان وري دولت آهس ته ويتر وڌيڪ عقل وارو ٿي پيو هو. ٻوڏ کي ذهن ۾ رکندي هن پنهنجي لاءِ پڪو گهر هڪ مٿاهين هنڌ ٺهرايو هو ۽ اناج جا گودام به اتي ٺهرايا هئائين جيئن ٻوڏ جي پاڻيءَ کان ان کي محفوظ رکي سگهجي. سو جڏهن ٻوڏ آئي ته وينگ لاءِ ڪنهن به قسم جي تباهه ڪاريءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيغام نہ ڪٿي آئي. اهڙو سو ضرور ٿيو تہ سندس زمينن تي بيٺل فصل لڙهي ويو. پر هاڻ انهيءَ معمولي نقصان جو وينگ تي ڪوبہ اثر نٿي ٿي سگهيو. سندس گودام ان سان ڀريل هئا ۽ ٽجوڙي سون جي سڪن سان. ٻوڏ جو پاڻي سندس گهر ۽ گودامن تائين نہ پهچي سگهيو ۽ هو آرام سان گهر ويٺو ٻوڏ جون تباهہ ڪاريون ڏسندو رهيو. ڳوٺ جي جن ماڻهن ۾ ڪا ٿوري گهڻي پچت هئي ۽ جيڪي بالڪل لاچار ڪونہ هئا، سي ٻيڙين ۾ عارضي گهر ٺاهي پاڻيءَ ۾ ئي رهڻ لڳا، دريا مان وهي ايندڙ مڇيون ڦاسائيندا هئا ۽ دريا جا پکي ماريندا هئا ۽ پيٽ گذر ڪندا هئا. هوڏانهن وينگ کين هر وقت اناج مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ موجود هو. هن پنهنجي ذخيري کي لڪايو ڪونہ، ۽ نہ اجايا پئسا گهرندو هو. وينگ انهيءَ ڏکيءَ ويل ۾ پنهنجن ڳوٺواسين جي مدد ڪرڻ تي گهري، باقي بنا پئسن جي بہ اناج ڏيڻ جي خلاف هو جو چوندو هو تہ اها منهنجي محنت جي ڪمائي آهي، حق وصول ڪرڻ تہ منهنجو حق آهي، باقي اجايا پئسا وڃان تہ پوءِ ٿيس ڏوهاري.

ٻوڏ جي ڪري هر ماڻهو بيڪار ٿي ويو هو. ڳوٺ ۾ رهندا هئا رکو هاري ۽ ڪيت مزور. هينئون سڀ پاڻي هيٺ هيون، ڪم ڪٿي ڪجي؟ وينگ بہ لاڪيتو بيڪار رهڻ ڪري، ۽ بيڪاري جي باوجود هر وقت پيٽ ڀري خوراڪ کائڻ ڪري، ۽ لذيذ طعامن جي نشي جي ڪري سڄو سڄو ڏينهن سمهڻ ڪري، چڙچڙو ٿي ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنگ ۾ سالن گڏ رهندو هو ۽ سندس ماري ڌاري ۾ سالن گڏ رهندا هئا ۽ ڇو ته سندن مالڪ کي ڪا پرواهه ڪونه هئي ۽ ڪين ۾ وقت تي ماني ملي تي وڃي انهي ڪري سندو ذهن ڪچهريون لڳايو، ڪل يوڪ ڪرپو ويٺا هوندا هئا، جنهن ڪا ڳالهه وينگ کي ناپسند هئي، هو هر وقت انهي؛ سوچ ۾ هوندو هو ته مزورن لاءِ ڪونه ڪو ڪم ڪيڏي جنهن هو آرام سان نه ويهي سگهن. پر ڪم ڪٿان اچي؟ پوءِ ڪڏهن پنهنجي گهر جي ڀتين ۽ ڇتين تي ليپو پوتو ڪرائيندو، ڪڏهن رنگ ڪرائيندو. ڪڏهن وري چوندن ته واڻ مان رسا وٽهي وٺيو. مطلب ته اهڙا ڪم جيڪي اڪبر ڀاڻ واندڪائي؛ ۽ بيڪاري؛ ۾ ڪندو هو سي ۾ هاڻ پنهنجي ملازمن کان ڪرائيندو هو. خود سندس ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم نه هوندو هو. ۽ اها ڳالهه ۾ هن لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻيل هئي. آخر هڪو انسان ڪيترو وقت ويهي گذاري سگهي ٿو؟ هر وقت ڀالي جا نظارا ڏسڻ، ٻارن سان محبت جو مظاهرو ڪرڻ يا زال سان ڪچهري ڪرڻ هر ماڻهو جي ته وس جي ڳالهه نه آهي. سڀان وري جي ڪنهن جي حياتي جدوجهد ۽ محنت ڪندي گذري هجي ۽ سندس سياڻ ۾ بي چيني هجي ته اهو ماڻهو هڪ هنڌ ويهي ڪيئن؟ پر وس ۾ ته نٿي هليو. هوڏانهن پڻس ۾ عمر جي انهي؛ سرحد کي اچي پاڪر وڏا هئا جتي انهي، عقل ۽ سمجهه موڪلايو وڃي، انساني حيثون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرده، ٿيو وڃن، خواهشون ختم ٿيو وڃن! پوڙهو ماڻ
نه ته صحيح ڏسندو هو نه ٻڌندو هو. سچو سچو ذهن
بستري تي پيو هوندو هو. اولين سندس آرام ۽ خوراڪ
جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي ۽ ڪمس هر آسائش
مهيا ٿيل هئي. پر هن چاتو ٿئي ته سندس هاري پٽ
ماڻ علائقي جو وڏو زميندار ٻنجي چڪو آهي ۽ ڪيترا
ماڻهو سندس در تي سوالي آهن. وهنگ جي خواهش
هئي ته سندس پيءُ سندس ٿٽ ڏسي پر پوڙهو ماڻ انهن
ڳالهين کان متي چڙهي ويو هو. پوڙهو ۽ وهنگ جي
وڏي ڏيءُ جيڪا گونگي هئي هڪٻئي ڏانهن نهاريندا
۽ کلندا رهندا هئا. وهنگ جي ڏيءُ جيڪا سهڻي هئي
پر گونگي هئي، ۽ وهنگ کي انهيءَ ڏک به چڱو پريشان
ڪيو هو. هو ڏسندو هو ته سندس پيءُ ۽ ڏيءُ گونگن
وانگر هڪٻئي کي تڪيو پيا کلندا هئا ته سندس دل
مان آه نڪري ويندي هئي. ونس ڪهڙي شيءِ جي
ڪمي هئي؟ پر سچ آهي، جي انسان کي هر خوشي
ملي وڃي ته جيڪر هو خود کي ئي خدا سمجهڻ لڳي.
هر خوشي، سک ۽ وسيلو موجود هوندي به وهنگ
پنهنجي ڏيءُ جي خاموشي ٽوڙڻ کان قاصر هو، دل ئي
دل ۾ پيو پڇرندو هو پر ڪجهه ڪري ڪونه ٿي سگهيو.

اولين جيڪو پيلو چٽيو هو سو ماڻ گهر جي فرش
تي بانبڙا پائڻ لڳو هو. اڃين لڳندو هو جڻ ڪئا ريڙهيون
پائي رهيا هجن. وهنگ واري هر ٻار وٽ ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت گذاريندو هو، سائين ڳالهيون ڪندو، وري پوڙهي ٻيءَ وٽ هليو ويندو، سائس اوپاريون لهواريون ڪندو. پوڙهي ڪي ٻوڏ جي تازه صورتحال کان واقف ڪندو، سندس ضرورتن جي پڇا ڪندو ۽ پوءِ وري اولين وٽ اچي ويهندو. هُن اولين سان پنهنجي عمر جو هڪ وڏو حصو گذاريو هو ۽ هاڻ اولين وٽ ڪابه شيءِ نه هئي جيڪا پنهنجي مڙس کي ڏئي. هن پنهنجو پيار، محبت، خدمت ۽ آسودگي، سڀ ڪجهه وينگ جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. وينگ جي خدمت ڪئي هئائين سندس خواهشن کي تڪميل جو جامو پهرايو هئائين تڏهن وينگ غريب هاري هو. اولين ڪنهن به لحاظ کان سهڻي نه هئي، پر عورت هئي! ۽ غريب وينگ جڏهن سڄو ڏينهن زمين تي محنت مزوري ڪري، پگهر وهائي سج لٿي مهل گهر ايندو هو ته گرم گرم ماني مــلن ني ۽ پوءِ رات جو بستري ۾ گرم جسم جڏهن سندس پاڪر ۾ ايندو هو تڏهن هو اهو ڪونه ڏسندو ۽ سوچيندو هو ته سندس پاڪر ۾ جيڪو آهي سو سهڻو آهي يا نه، يا جنهن ڪيس گرم گرم ماني کارائي تنهن جا هٿ ننڍڙا ۽ نازڪ هئا يا ٿلها ۽ ٻي ڊولا. پر هاڻ هو وڏو زميندار هو. پيٽ ڀري ماني ملندي هيس ۽ ماني لاءِ ڪا محنت به نه ڪرڻي پوندي هيس تڏهن وٽي وٽي اهو خيال دل ۾ اچي ويندو هوس ته سندس زال سهڻي نه ڪونه آهي، پر پنهنجي ڏاهه ڏوهه ۽ سينگار تي به

ڏيان نہ ڏيندي هئي. ٻوڏ وارن انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جڏهن هو اولهن وٽ ويٺل هو ۽ اولهن ٻارن جا ڪپڙا سلائي ڪري رهي هئي تڏهن ويٺي ويٺي ويٺي ونگ اولهن جي جسم جي بناوت ۽ شڪل صورت تي غور ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مٿس واضح ٿيو تہ سندس زال جا وار اڇا ۽ منجهيل سٽ جهان هئا، سندس چهرو وڏو ۽ چمڙي کهري هئي، پرون وکريل ۽ ٽڙيل پکڙيل هئا، چپ ٿلها، نڪ ٻٺو، ۽ هٿ پير مردن جهڙا هئا. ڏڏڙ پکڙيل ۽ ٻي انتها وڏا، ۽ جبلن جيڏا ٻي سرا لڙڪيل آرهہ... ڪيس اهي ڳالهيون ڏسي ڪاوڙ اچي ويئي، ڇونہ هاڻ هو زميندار هو، پئسي وارو هو، سونهن ۽ نزاڪت جا چونچلا اهڙن ئي مالهن جي ذهن ۾ پيدا ٿيندا آهن. لوڪ مان اولہن کي مخاطب ڪري چوڻ لڳو. ”تو کي ڏسي ڪير چئي سگهي ٿو تون ڪنهن وڏي زميندار جي گهر واري آهين؟ مالهو تہ اهو ئي سمجهندا تہ تون ڪنهن ٻکن جي ماريل، هاريءَ جي زال آهين (جڏهن زميندار جي زال لاءِ سهڻو ۽ نازڪ نفيس هجڻ لازمي شرط ٿيو.)

اولهن سندس زهر ۾ ٻڏل لفظ ٻڌندي رهي ۽ حيرت ۽ عجب وچان ڏانس نهاري رهي. ٻوھ جڏهن هو ساهي پٽڻ لاءِ ترسيو تہ اولهن آهستڙي چيو ”اهو تون ڪونہ پيو ڳالهائين. ونگ ڪونہ پيو ڳالهائي. اهو ڪو ٻيو آهي. ونگ ڪجھ، نرم ٿيندي چيو ”منهنجي چوڻ جو

مطلب اهو آهي تہ تون پنهنجن وارن کي تيل ڇــوتہ نٿي لڳائين، پنهنجي جسم کي عطر عنبير ڇو نٿي لڳائين، صفا ڪپڙا ڇو نٿي پهرين، پنهنجا پير تہ ڏس ڪيـڏا نہ بي سرا ۽ وڏا آهن؟ انهن کي ڪنهن سٺيءَ جتيءَ ۾ ڇو نٿي لڪائين؟

اولين پنهنجن پيرن کي ڪپڙي ۾ لڪائي ڇڏيو. منلهن مٿس کي سندس کهرا ۽ وڏا پير هاڻ تڪليف ڏين لڳا هئا. هر ڪنهي کي بہ ڪين. هن کي ياد آهو تہ جڏهن هوءَ سائي زمين تي اگهاڙن پيرن ۾ ڊتل لٽن ۾ ڪم ڪندي هئي تڏهن تہ ڪيس منجهس ڪا برائي نظر ڪونہ ايندي هئي، رات جو جڏهن هو پاڻ بہ سڄي ڏينهن جي محنت کان پوءِ ٿڪل هوندي هئي ۽ ڪيس آرام جي ضرورت هوندي هئي، تڏهن وينگ ڪنهن وحشيءَ جيان سندس وجود کي ڇهتي ويندو هو ۽ ڪتن جيئن سندس جسم کي ڀنيوڙيندو هو پر هوءَ خاموش رهندي هئي، تڏهن تہ ڪيس سندس وجود ۾ ڪو بہ غضوو اعتراض جوڳو نہ لڳندو هو.

پر وينگ تي هينئر پئسي جي مستي ۽ سرور طاري هو. ماضيءَ کي وساري ڇڪو هو. وڏي واڪي ۽ ڪاوڙ مان ڇيائين "مون کي تنهنجي شڪل کان نفرت ٿي پيئي آهي، تنهنجي پيرن کان نفرت ٿي پيئي آهي."

اولين وراڻيو... آءٌ ننڍ پڻ ۾ ٿي وڪجي ويئي هئس ۽ منهنجي مالڪن ڪڏهن بہ مون کي جتي پهرڻ لاءِ

نه ڏني. شادي ٿيم ته توسان گڏ اگهاڙن پيرن زمين تي
ڪم ڪندي هئس، انهيءَ ڪري منهنجا پير کهرا،
ٻي ٻرلا ۽ ٻي سرا ٿي ويا آهن، ۽ انهيءَ ڪري ئي
آءٌ ٻارن کي ڪڏهن اگهاڙن پيرن هلڻ نه ڏيندي آهيان.
وينگ وڌيڪ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو. گهران
نڪتو ۽ منزل جو سوچڻ بنا هلڻ لڳو. ڪيتري علائقي
۾ صرف سندس ٻنهون ٻڪرٽيل هيون. ٻنهين کي ڏسي خيال
آيو ته هو زندگي ڀر پيو محنت ڪري ها پر ڪڏهن
به ايتري جائداد جو مالڪ نه ٿئجي ها جي اولين هيرا
۽ لعل سندس حوالي نه ڪري ها. هن ڪڏهن نه ٻنا
ڪنهن حيل حجت جي سڀ هيرا سندس حوالي ڪري
ڇڏيا هئا ۽ وري ڪڏهن انهن جو ڳالهه به نه ورتو هئائين
ته نون جنهن جائداد تي ڪيڏين ٿو سا منهنجي هيرن
جي ڪري حاصل ڪئي اٿئي... هيرن جو خيال آيس
ته گڏوگڏ اولين جي ارهن جو خيال به آيس جيڪي
جيتوڻيڪ پنج ٻارن کي کير پيارڻ جي ڪري هائي
لٽڪي پيا هئا پر ته به انهن تي هٿ ڦيرڻ سان ڪيڏو
نه لطف ملندو هو، ۽ اولين ڪيس ڪڏهن به اهو لطف
حاصل ڪرڻ کان نه روڪيو هو... پر وينگ کي هاڻ
اولين جي ڪابه چڱائي، پسند نه هئي. دولت سندس
دماغ خراب ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هو غريب هو نه
انسان هو. ۽ هاڻ دولت اچڻ کان پوءِ وحشي ٻنجي
ويو هو، ڪيس صرف پنهنجي دولت کان سواءِ ٻي ڪابه

ٿيءَ پسند ڪونه هئي.

پنهنجن ئي خيالن ۾ گم هو هلندو ڦرندو اچي شهر جي ٿهوي خاني تي پهتو، هتي شهر جو غريب طبقو چانهه، ٿهوو، ديسي شراب ۽ آفيم واري چانهه پيئي لاهه اچي ڪڌ نيندو هو. چرس ۽ گانجو به هلندو هو ۽ ٿهوي خاني ۾ رکيو دونهون ئي دونهون نظر ايندو هو. وينگ جڏهن هاري هو تڏهن احساس ڪمتريءَ ۾ ٻڏندو، لڪندو ڇپندو ٿهوي خاني ۾ گهڙندو هو ۽ ڪنهن نوڪر ڪي ڪنڊ ۾ ويهي ٽڪڙو ٽڪڙو چانهه جا ڍڪ ڀريندو ۽ جلدئي ٻاهر نڪري ويندو هو؛ پر هاڻ هو اڪ وارو غريب وينگ ڪونه هو. ٽر جو وڏو جاگيردار هو ۽ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو غريبن جي انهي بيٺڪ تي اچڻ عجب جهڙي ڳالهه هئي. هر ميز تي چوٻول شروع ٿي ويو. ”اهو انٽي وينگ لينگ جنهن وڏي حويليءَ وارن کان زمين ورتي آهي. ڏس ته سهي، ڪالهه جو ٻڪيو، اڄ ڪيئن سينو تاڻي هلي رهيو آهي.“

جيتوڻيڪ انهن جملن ۾ طنز ۽ حسد گهڻو هو، پر وينگ انهيءَ کي پنهنجي تعريف سمجهيو ۽ سندس ڇاتي ڦوڪجي ويئي. پر جڏهن هڪ ڪرسيءَ تي ويهي هو بيري جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو ۽ ماحول تي نظر وجهي رهيو هو ته اوچتو هڪ خيال سندس ذهن ۾ آيو. ”ڇا غريبن ۽ نيچ ماڻهن جي انهيءَ هوٽل ۾ سندس اچڻ ٺهيو ٿي؟ ڇا اها هوٽل سندس مان ۽

شان وڏان هئي؟ نه. اها هوٽل هرگز سندس شان جي
قابل نه هئي. جنهن هوٽل جي مالڪ جي ڪمائي سندس
هارين جي پگهار کان به گهٽ هئي، آئي سندس اچي
ويهڻ شاناڻتو نه هو. هن ڪيسي مان چند سڪا ڪڍيا
۽ ميز تي رکي ٽڪيون وکون ڪٽندو ٻاهر نڪري ويو.
سندس ڪيسي ۾ سون ۽ چانديءَ جا سڪا پئي کڙڪيا
۽ انهن کي خرچ تي ڪرڻ گهريو. ڪيترن ڏينهن کان
گهر ۾ بند ٿيو ويٺو هو ۽ پئسن خرچ ڪرڻ جو ڪو
موقعو ڪونه آيو هو. جڏهن ته پوڙ وارن انهن بيڪاريءَ
وارن ڏينهن ۾ به هو اناج جي وڪري مان جام ڪمائي رهيو
هو. مٿان وري اڄ زال سان ٽڪو ٿي آيو هو سو ذهن
تان اها گرمي به گهٽائڻ ٿي چاهيائين. اهو سوچي هو
شهر جي وڏي عيش گهر ڏانهن روانو ٿيو. اها هڪ
وڏي ۽ سهڻي عمارت هئي جنهن ۾ چئني طرفن وڏا
وڏا شيشا لڳل هئا، اندر نرم گادين واريون ڪرسيون
۽ صاف سهڻيون ميزون رکيل هيون، صاف ڪپڙن ۾
ملبوس، فضيلت وارا بيرا، بنا ڪو آواز پيدا ڪرڻ جي
ميزن تي ويٺل صاحبلوڪن کان آرڊر وٺي ۽ انهن جي
تعميل ڪري رهيا هئا. هال ۾ ڪٿي به ڪنهن قسم
جو گند ڪچرو، دونهون ۽ وڙڪو نه هو، هال جي ڇت
تي سهڻين من موهڻين جوانڙين جون تصويرون ٽهيل هيون
جن جي جسم تي نالي ماتر لباس ڏيکاريل هو. وينگ
اڄ هتي پهريون دفعو آيو هو، پر هتان جو ماحول ڏاڍو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ولوس.. چاڻاڻين تي نه هتي چانهه، جا گهڻا پئسا لڳندا هوندا پر پئسا نه هن خرچ ڪرڻ تي گهريا. پئسن جي ڪنهن کي پرواهه هئي.

هڪ اهڙو شخص جنهن رڪشا به چڪيو هو ۽ جنهن جي کيسي ۾ ڪڏهن چانديءَ جو هڪ سڪو به هوندو هو، اڄ هو کيسي ۾ سڪن جي بار کان پريشان هو. هوٽل ۾ هو هڪ ڪنڊ ۾ ماٺ ڪري ويهي رهيو ۽ ٿيڏين اکين سان ڇت تي ٽهيل اڳهاڙن جوانڙين جون تصويرون ڏسڻ لڳو. ڇا اهڙين عورتن جو حقيقت ۾ وجود هو؟ هن سوچيو. هن حقيقي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اهڙيون سهڻيون، نازڪڙيون، عورتون ڪونه ڏٺيون هيون. جن جا وار گهاٽا ڊگها ۽ ريشم جهڙا هجن، جن جون اکيون نشو پيارينڊڙ هجن، جن جا چپ گلاب جي مکڙين جهڙا هجن، جن جا ٻيا، ننڍڙا، گول، لسا ۽ ٽٽيل هجن، جن جي چيلهه سنڌس مٺ ۾ اچي جيڏي هجي ۽ جن جا پولهه، پورا ڀنا، ۽ سڊول هجن. هن نه صرف اولهن کي ڏٺو هو جهڪا هنن تصويرن کان بنهه مختلف هئي يا پين هارين جون زالون ۽ ڏيٺر ڏٺيون هئائين جن ۾ اهي خاصيتون بالڪل ڪونه هيون. پوءِ اهي آخر ڪٿي جي مخلوق هيون؟ ڇا آسمان جون حورون هيون يا پرستان جون پريون هيون؟ انهيءَ ڏينهن چانهه پي هو واپس هليو ويو، پر پوءِ جيترا ڏينهن سنڌس زمينون پاليءَ هيٺ هيون ۽ سنڌس ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه هو، هو روز شام جو انهيءَ هوٽل ۾ ضرور ايندو هو
ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي چانهه پيئندو ۽ ڇت تي ٽهيل
تصويرن کي ڏسندو رهندو هو. ڏينهون ڏينهن هوٽل ۾ سندس
ويهڻ جو وقت وڌندو ٿي ويو. هاڻ هو بهترين لباس
پائي، عطر عنبير لڳائي ايندو هو ۽ ماحول مان لطف
حاصل ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن چانئل سڀانئل چهرو
ڏٺو جيڪو ڇاڙهيون چڙهي هال جي مٿئين حصي ۾
ٽهيل ڪمرن ۾ گم ٿي ويو. وينگ اڄ اڳي ڪان گهڻو
وقت ويٺو رهيو تان جو سج لهي ويو ۽ اونده جو راڄ
قائم ٿيڻ لڳو، پر هوٽل ۾ نه هر طرف رنگين روشنيون
موجود هيون ۽ اوندهه جو ڪو نالو نشان ڪونه هو
اوچتو مٿئين ڪمرن مان سازن جو آواز هوا ۾ گردش
ڪندو سڄي هال ۾ پکڙجڻ لڳو. هو وائڙو ٿي ويو نه
هي ڇا؟ پر هال ۾ ويٺل ٻيا ماڻهو عجب ۾ نه هئا، هو
مشتاق نگاهن سان مٿي ٽهيل ڪمرن ڏانهن متوجه هئا. وينگ
به اوڏانهن نهاري رهيو هو نه ڪنهن سندس ڪلهي تي
هٿ هنيو. ڏٺائين ته هڪ سهڻي، ڀرپور جوانيءَ جي
مالڪ جوانڙي سندس سامهون بيٺي هئي ۽ پنهنجي ڀرالڙ
حسن جا جلو ڏيکاري رهي هئي. سندس جسم تي مڪمل
لباس هو پر ايترو نه هلڪو هو جو سندس جسم جا
سمورا عضوا ڏسڻ ۾ پئي آيا جن هڪ وار نه وينگ جا
ٻيڙ ٻرا ڪري ڇڏيا. وينگ، هڪ غريب هاري نئون
جاگيردار جنهن پنهنجي ٻي ڏولي زال جي جسم کان

مواھ ٿيو ڪي ڪين ڏٺو ھو تنھن جي اکين ھڪ عقل
۽ ھوش کان بيگانو بڻائيندڙ سوپياوان حسينه پنھنجي
تمام ترحشر سامانين جو مظاھرو ڪري رھي ھئي ۽
پنھنجي سنگمرمر جھڙي چاڪٽي، لسي ۽ سڊول جسم
جي نمائش ڪري رھي ھئي تنھن ڳالھ، وينگ جا حوصلا
گم ڪري ڇڏيا. پر ٻوھ جڏھن ھن جوانڙيءَ کلندي،
يعني چانديءَ جون گھنڊڙيون وڄائيندي پنھنجي سريلي
آواز ۾ کانئس پڇيو "ڪٿي ڪم تي وئين وينگ ليمنگ؟
جا نوڪي منھنجو اچڻ پسند نہ آيو؟" تڏھن ھو ستت ڏي
جوانڙيءَ جي حسن جي جادوءَ جي دائري مان نڪري
آيو ۽ ڪکو وکو ٿي چوڻ لڳو. "خوش آمديد... خوش
آمديد" منھنجا اھڙا ڀاڳ جو حسن پاڻ ھلي مون وٽ
آيو آھي. ڀلا مون کي ڪھڙو اعتراض ٿي سگھي ٿو.
ھاڻي وينگ کيس ٻہ سڃاتو. ھيءَ ماہ لقا اھا ھستي
ھئي جنھن وڏي حويليءَ واري زمين جي خريداريءَ
وارو سودو سائس طئي ڪيو ھو ۽ جيڪا جاگيردار جي
نفساني خواھشن کي پورو ڪرڻ لاءِ وڏي حويليءَ ۾
رھيل ھئي. پر اڄ تہ سندس ڪٽ ٿي قربا پيا ھئا. ان
تنھن، جڏھن وينگ کيس وڏي حويليءَ ۾ ڏٺو ھو،
موہ ايتري سھڻي ڪونہ ٿي لڳي. ھن وري کلندي چيو
"وينگ ليمنگ ڪنھن ٿي چاتو تہ پاڻ وري ملنداسين؟.
وينگ ھاڻ دولت مند ھو. مٿس اھو فرض ھو تہ
ماڻ ۾ آل سھڻي مھمان تي پنھنجي حيثيت مطابق خرچ

Scanned with CamScanner

خوشي ظاهر ڪندي چيائين ”ويهه ته پهرين
ڪري. سو آهين؟ ها آءُ تنهنجو ڳالهو وساري ويٺو آهيان
ڀيڻي جو ڪوڪو... حسينه ورائيو. ۽ پوءِ ڪرسي تي ويهندي
چيائين ”ڏوکي اڄ هتي پهريون دفعو ڏسي رهي آهيان.“
آءُ ته ڪيترن ڏينهن کان پيو اچان... تقريباً روز
شام جو.
۽ رات تيئن کان اڳ موٽي ويندو آهين؟
ها، اڄ پهريون دفعو آهي جو آءُ هيتري دير
ويٺو آهيان.
ڪڏهن شراب پيتو اٿئي؟ هتي هر قسم جو شراب
ملندو آهي، مٺو، ڪڙو ۽ تکو.!!
نه، آءُ صرف چانهه پيئندو آهيان.
۽ پاڻيان ني ته تو هت ڪا بي شيءِ به ڏٺي هوندي
ننڍڙا ننڍڙا نازڪ هٿڙا، ڇمڪندڙ ۽ مهڪندڙ گلن کي
نشو چاڙهيندڙ اکين کي... ۽ ايترو چئي جملو اڌ وچ
۾ ڇڏي هن پنهنجي جسم تي نظر وڌي... سندس نظرن
جو پيڇو ڪندي، ڏچندي ۽ لڄائيندي وينگ به سندس
جرڪندڙ، دعوت ڏيندڙ، لباس مان ظاهر ۽ نمايان ٿيندڙ
عضون ڏانهن نهاريو. واهه... ڇا ته سونهن هئي. سندس
زال ته ڪوڪوءَ اڳيان ڪجهه نه هئي. ڪوڪوءَ وري
جڏهن وينگ ڏانهن نهاريو ته ڪيس واڌڙن وانگر پنهنجي
جسم کي تڪيندو ڏٺائين. هوءَ تجربيڪار هئي. خبر هيس
ته جيئن پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳ ڪڏهن اهڙو جسم نه ڏٺو

هوندو، سو وينگ کي ٽوڪيائين ڪون... ڪيس ڳسندي ۽ مرڪندي رهي. نيٺ وينگ کي هوش آيو. جسم ٺان اکيون هٽائي ڪوڪو جي چهري ڏي ڏٺائين. ڪيس ٻرڪندو ڏسي لڄي ٿيو ۽ سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو اکيون جهڪي ويون.

ڪوڪو ٽهڪ ڏيندي چيو "گهٻراءِ نه... اڇا تو ڏٺوئي ڇا آهي؟ آءٌ ڇا آهيان؟ مون ۾ هاڻ ڇا رهيو آهي، پوڙهي جاگيردار منهنجو سمورو ست نپوڙي ورتو آهي. هو ڏس ڇت ۾. پسند ڪر انهن مان ڪنهن کي... چانديءَ جا ڪجهه سڪا منهنجي ٽري تي رک ۽ تنهنجي پسنديده جوانڙي تنهنجي هنج ۾ اچي ڪرندي."

وينگ ڇت ڏانهن نهاريندي چيو "ڇا اهي تصويرون جيڏرين جاڳنديون ڇوڪرين جون آهن؟ مون ته سمجهيو ٿي هي آسماني حورون آهن، خوابن جي دنيا جون پريون آهن!!

ها هاـ برابرـ انهن کي آسماني حورون ئي سمجهڻ گهرجي پر اهڙيون جيڪي ڌرتيءَ جي ڪڙڪي تي انساني روپ اختيار ڪري وٺنديون آهن ۽ سڪا خرچ ڪرڻ وارن جي هنج کي گرمائينديون آهن، کين لذت ۽ سرور جي اڻ ڏٺل دنيا جو سير ڪرائينديون آهن؛ کين خوش ڪنديون آهن." ايترو چئي هن پر مان لنگهندڙ هڪ ٻيري کي سڏيو ۽ اک جو اشارو ڪندي چيائين "سائين جن کي مٿين ڪمرن ۾ وٺي وڃ" ۽

پوءِ وينگ کي مخاطب ٿي چيائين ”جلدي ڪر، ڪا
جوانڙي پسند ڪر. ويهه تصويرون آهن ڪل.“
وينگ وري غور سان تصويرن ڏانهن نهارڻ شروع
ڪيو. ڪافي دير کان پوءِ هڪ تصوير پسند آيس جيڪا
سندس زال اولين کان هر لحاظ کان مختلف هئي. ديوين
جهڙو معصوم چهرو جنهن جي سندرتا ۾ وڏيون وڏيون
غزالي اکيون، سنهڙا، گلابي چپڙا، ڊگها ريشمي وار
اڃان وڌيڪ اضافو ڪري رهيا هئا. جهڙو هئس نڪ
نقشو تهڙوئي سڊولو جسم هوس، ارهه پولهه، سڙون،
ننڍڙا هٿ پير... مطلب ته سندس روپ ڪنهن اڻ ٽڙيل
ڪنول جي گل جهڙو پئي ڀاسيو. تصوير پسند ڪري
هن ڪوڪو ڏانهن نهاريو. هوءِ مرڪندڙ نيڻن سان سندس
فيصلو ٻڌڻ جي منتظر هئي. پر تڏهن اوچتو اولين جو
چهرو وينگ جي اکين اڳيان اچي ويو. ڇا اولين جي
موجودگيءَ ۾ هن جو ڪنهن ٻي عورت وٽ وڃڻ
مناسب هو؟
بنا ڪجهه چوڻ جي، هن کيسي مان چانديءَ جا
ڪجهه سڪا ڪڍيا ۽ ڪوڪوءَ اڳيان رکندي،
وري ايندس“ چئي، هوٽل مان نڪتو هليو ويو.
گهر ۽ ڪوٽ ۾ صورتحال ساڳي رهي. پوڙهي جو
پاڇي نه لهڻو هو سو نه لٿو. شايد وينگ کي صحيح
رستي تان هٽائڻ مقدر ۾ لکيجي ويو هو. هوا جي
لهي وڃي ها، زمين تي هر ڪاهڻ ۽ ٻج ڇٽڻ جو ڪم

شروع ٿئي ها ته وينگ آتي مصروف ٿي وڃي ها ۽
شهر جي انهيءَ پُرنور عمش گهر جو وري رُخ نه
ڪري ها، ڇو جو وينگ اولين ڪي ته ڪٿي ناپسند
ڪري؛ پر زمين سان جهڙو سندس عشق هو تنهن جي
سچائيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونه هو ۽ زمين کي سندس
ضرورت پوي ها ته هو لک جوانڙيون قربان ڪري به
زمين جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿئي ها. پر ائين نه ٿيو.
اچان جي سندس پوڙهي پيءُ تي سڪرات طاري ٿي
وڃي ها ته به ڪر هو شهر کي وساري ڇڏي ها يا
سندس ڪو پار بيمار ٿئي ها. پر ڪجهه به نه ٿيو.
وينگ سچو ڏينهن واندو ويٺو هوندو هو ۽ انهيءَ
واندڪائيءَ جي وقت ۾ اها نازڪ پري هر وقت پيئي
سندس اکين اڳيان ڦرندي هئي. وينگ کي زندگي ۾
پهريون دفعو خبر پيئي ته اهڙيون اهڙيون سونهن ۽
نزاڪت جون ديويون به هن دنيا ۾ موجود هيون ۽
انهن کي حاصل ڪرڻ ڪيترو نه سولو هو. بس ڪيسي
۾ چاندي هجي، حسين ترين مورت هلي اچي توهان
جي هنج ۾ ڪرندي ۽ توهان جي تسڪين لاءِ اهو
سڀ ڪجهه ڪرڻ کان بنهه نه ڪيٻائيندي جيڪو توهان
ڪيس حڪم ڪندا. سندس دماغ ۾ هينئر ويڙهه پيئي
ٿيندي هئي. ضمير چوندو "تون هڪ زال جو مڙس
آهين، ٻارن ٻچن وارو آهين،" تنهنجو اوڏانهن وڃڻ ٺيڪ
نه آهي. نفس چوندو. زال کي جيڪي گهرجي سو ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون ڏين پيو، باقي تنهنجو به حق آهي ته سونهن ۽ حسن مالڪين، اهڙو موقعو وري نه ملندئي.

ضمير هارائي ويو. نفس کٽي ويو. اول- هن ويچاري هڪ نه سهڻي ڪونه هئي، مٿان وري سڏي ساڏي ڪوڙائي زال هئي. ڪيس نه ناز ڪرڻ ايندا هئا نه نخرا، هوءَ ته بس مڙس جو هر حڪم مڃڻ کي سڀ ڪجهه سمجهندي هئي. سندس مرضي ۽ خواهش هجي يا نه... پر جي مڙس اچي پاڪر ۾ قابو ڪيس ته هنا کو اعتراض ڪرڻ جي پنهنجو وجود سندس حوالي ڪري ڇڏيندي. خود کي پلي ڪجهه نه حاصل ٿئي، پر مڙس جي خواهش پوري ٿئي. ۽ اهي ڳالهيون شايد هاڻ وينگ کي پسند ڪونه ٿي آيون. هن نفساني خواهشن جي تڪميل لاءِ سڪا ٿي خرچ ڪرڻ گهريا. ناز ۽ نخرا ٿي ڏسڻ چاهيائين. نه ته اصل ۾ اهڙي ڪهڙي شيءِ هئي جيڪا ڪوڪو ۽ ڪنول وٽ هئي ۽ اولين وٽ نه؟ جيڪو لذت ۽ ڪيف ڪيس ڪوڪو وٽان مليو هو اهوئي اولين کان به مليس ٿي؛ پر ايترو فرق هو جو اولين وٽ انڪار ڪونه هو، ناز ۽ نخرا ڪونه هئا، ماڻا ڪونه هئا ۽ هاڻ اهوئي وينگ کي گهربو هو. ڳالهه ايتري هئي جو هاڻ ڪيسي ۾ پئسا هئس جن ڪيس اهي ڳالهيون سوچڻ تي مجبور ٿي ڪيو نه ته جيسين غريب هو تڏهن نه ڪڏهن به ڪيس اولين جي سهڻي نه هجڻ تي اعتراض ڪونه ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضمير ۽ نفس جي جنگ ۾ ضمير جي شڪست کان پوءِ هڪ ڏينهن وينگ وري پنهنجو ڳاڙهو ريشمي لباس پاتو، وارن کي خوشبودار تيل سان چڳڙ ڪيائين، عطرعنبير مکيائين؛ ڪيسا سون ۽ چانديءَ جي سڪن سان پرپائين ۽ سونهن، جوانيءَ ۽ نزاڪت جي مارڪيٽ ڏانهن روانو ٿيو. هوٽل ۾ اڳي جيان نور جهڙو دريا وهي رهيو هو. اصل ڏينهن پئي لڳو. هو دروازي وٽ پهچي بيهي رهيو. خبر نه آهي ڇو دولتمند هجڻ جي باوجود هو هتي پهچي احساس، ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويندو هو. اڃان پڌتر ۾ئي هو ته ڪوڪوءَ ڪيس اندران ڏسي ورتو ۽ تکيون وکون کڻندي سندس آڏرياءَ لاءِ دروازي تي اچي سهيڙي ۽ مرڪندي مخاطب ڪيائين. ”سونهن ۽ سوپيا، نزاڪت ۽ نفاست، توهان جي مهمان نوازيءَ جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ منتظر آهي. رات جو سفر شروع ٿي ويو آهي، حسن جا دروازا کلي ويا آهن، رڳو سائينجن جي ملڻ جي دير آهي. پر جي تون ڊڄين ٿو، پئسا خرچ ڪرڻ کان لهرائين ٿو ته تنهنجي مرضي. هت ايندڙ هر ماڻهوءَ جو ڪيسو سڪن سان پرپل هوندو آهي، ۽ هو پنهنجي دل کهري جوانڙيءَ جي پاڪرن ۾ رات گذارڻ لاءِ پئسا خرچ ڪرڻ لاءِ آنا ٻه هوندا آهن، تون نه، پيو ڪو.

اها وينگ جي بي عزتي هئي ته هو پئسا خرچ ڪرڻ نٿو چاهي. هن پنهنجو سخت کهرو، محنتي هٿ ڪيسي ۾

وڏو ۽ مٿ پري ڪوڪوءَ جي قدمن ۾ اڇلايائين.
ڪوڪو مُرڪي ۽ سندس سخاوت جي ساراهه ڪيائين
پوءِ ڪيس پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪري اڳتي
ٿي. مٿي ڪمرن وٽ پهچي هن هڪ ڪمري جي دروازي
تي ڏڪاءَ ڪرايو ۽ چيائين "دروازو کوليو. اڄ رات
جو خريدار اچي ويو آهي."

ڪن پل ۾ پندرهن ويهه نازڪ حسينائون سندن آڏو
بيٺيون هيون. هرهڪ ٻيءَ کان وڌ. وينگ ڪو فيصلو
نه ڪري سگهيو ته ڪنهن کي ڇڏي ۽ ڪنهن جو
انتخاب ڪري. دل ته چيس ٿي جيڪر اهي سڀ جوانڙيون
هجن ۽ هو اڪيلو هجي ۽ هڪ ڪمرو هجي؛ ۽ زندگي
ائين ئي گذري وڃي. ڪيس منجهيل ڏسي ڪوڪو هڪ
ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيائين "نون ڪنول.
نون جيڪا بهار جي ڏاڙهون جيان ڳاڙهي ڳٽرل آهين
۽ جنهن جي جسم تي اڃان هاڻ بهار اچي رهي آهي
جيڪا اڃان مڪڙيءَ مان گل ٿيڻ واري مرحلي ۾ آهين.
نون اڄ مهمان کي خوش ڪندينءَ. ياد رک هي مهمان
هڪ محنتي هاري ائٿي، مضبوط ۽ سخت جان.. ۽
ڪڪڪ اپائيندڙ ڌرتيءَ تان پهريون دفعو انساني نسل
وڌائيندڙ ڌرتي ڏانهن آيو آهي. هن کي ڪڪڪ پيدا
ڪندڙ زمين سان عشق آهي ۽ آءٌ چاهيان ٿي ته هن
کي توسان به عشق ٿئي. انهيءَ ڪري ڪيس هر طرح
خوش ڪرڻ ۽ مطمئن ڪرڻ هاڻ توتي فرض آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ايترو چئي کوڪوءَ وري وينگ اڳيان هٿ وڌايو.
وينگ پنهنجي کيسي ۾ موجود سڪن مان اڌ جيترا
سنڌس تري تي رکيا. ڪنول اڳ ئي هڪ ڪمري ۾
هلي ويئي هئي. سڪا وصول ڪري کوڪوءَ وينگ
کي به اندر وڃڻ جي اجازت ڏني. وينگ ڪمري ۾ گهڙيو
ته سنڌس پويان پاڻ مرادو دروازو بند ٿي ويو. ڪمري
جو ماحول انتهائي خوابناڪ هو. فرش تي نرم غاليچو
وڇايل هو، ديوارن تي مشهور مصورن جون ٺاهيل
خوبصورت تصويرون ٽنگيل هيون، ڪمري ۾ هلڪي
کير جهڙي روشني پکڙيل هئي، ڄڻ هن ڪمري لاءِ
ڪو ڌار چنڊ اڀريو هو، ۽ هر طرف چنبيلي ۽ موتئي
جي خوشبو گردش ڪري رهي هئي. انهيءَ ماحول ۾
سامهون هڪ آرام ڪرسيءَ تي ڪنول ويٺل هئي.
سنڌس جسم تي هينئر سنهڙي، سفيد رنگ جي ريشم
جو لبادو پيو هو جنهن مان سنڌس قيامت خيز عضوا
دعوت بي‌ايماني ڏيئي رهيا هئا. سنڌس چپن تي معصوم
مُرڪ هئي ۽ نيڻن ۾ خمار، مستي، ۽ نشو.... ۽سنڌس
جيترو جاڳندو وجود ڏسي، وينگ جتي هو، اتئي بيٺو
رهجي ويو. سنڌس اکيون، ڪنول جي وجود تي مرڪوز
هيون، پر پير مڻ مڻ جا ٿي ويا هئس، هڪ قدم اڳتي
نه وڌائي سگهي. سنڌس محويت جو اهو عالم ڏسي
ڪنول اڳتي وڌي آئي ۽ سنڌس سامهون بيهي، سنڌس
ڪلهي تي هٿ رکي، سڌو سنڌس اکين ۾ ڏسڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوءَ وڻنگ کي اندرو ويجهو هئي جو سندس ساهه ڪنهن ٻہ وڻنگ محسوس ڪري رهيو هو. ساهه ڪنهن ڪري سندس آره، هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا ۽ اهي وڻنگ جي دل ۾ هلچل مچائي رهيا هئا. مٿان وري سندس جسم ۾ خبر نہ آهي ڪهڙي باهہ ٻري رهي هئي جو وڻنگ کي پنهنجو سمورو وجود پگهرجندو ۽ ڳرندو محسوس ٿيڻ لڳو.. ڪنول جا نازڪ هٿڙا سندس ڪلهن تان هيٺ اچڻ لڳا، ۽ سندس لباس جا ٻيڙا کولڻ لڳا. وڻنگ جي سموري جسم تي ڏڪڻيءَ واري ڪيفيت طاري ٿي وئي، چهرو ڳاڙهو لال ٿي ويس ڇڻ جسم جو سارو خون چهري تي اچي گڏ ٿيو هجي. اهو حال ڏسي ڪنول ٽهڪ ڏنو... ڇڻ ڪمري ۾ سون جون گهنڊڙيون وڳيون هجن. ۽ پوءِ پنهنجي سريلي آواز ۾ چيائين ”ڇا اهڙو سادو آهين؟ سڄي رات بس ائين ڏسندو رهندين؟

اهو ٻڌي وڻنگ سندس نازڪ هٿڙا پنهنجن هٿن ۾ جهليا... ڇڻ گلاب جون پنکڙيون سندس هٿن ۾ اچي ويون هجن.

وڻنگ ويران، سخت ٽوٽ زمين ۾ هر ڪاهيو هو ڏڪرن ۽ ٻوڏن جو مقابلو ڪيو هو، رڪشا ۾ ماڻهن کي ڍويو هو. بکون ڪٽيون هيون، غريبيءَ جي تڪليفن جو مقابلو ڪيو هو، پر اڄ ڪنول جا هٿڙا پنهنجن سخت محنتي هٿن ۾ پڪڙي ڇڻ هن پنهنجا سڀ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا.. هر آفت جو مردانگيءَ سان مقابلو

ڪنڌرَ بهادر اڄ هڪ نازڪڙي حسينہ کان شڪست کائي ويو. ڪنول جي جسم ۽ جلنڌرَ ٻاهہ جي چڻين وينگ جي وجود کي ڀسم ڪري ڇڏيو.

هاڻي هو روز رات جو ڪنول وٽ وڃڻ لڳو، پر ڪيس نصيب ڪجهہ بہ نہ ٿيندو هو. ڪنول سندس جسم تي پنهنجا نازڪ هٿڙا ڦيرينديي هئي ۽ ساڻس مٺڙيون مٺڙيون ڳالهيون ڪندي هئي، روز نئين قسم جو لباس پهري پنهنجي سنگمرمر مان ٺهيل سڊول عضون جي نمائش ڪندي هئي ۽ وينگ جي آتش شوق کي اڳي کان اڳرو ڪندي هئي، پر ڪيس جنسي آسودگي نہ پري رهي، پنهنجي سهڻن عضون تي هٿ بہ گهمائڻ نہ ڏيندي هئي، وينگ اهو پڪل ميوو چکڻ تي چاهيو، لطف تي حاصل ڪرڻ چاهيائين، پر ڪوڪو ڪنول کي سيکاري ڇڏيو هو تہ جنهن ڏينهن جٽ اکيان هٿيار ڦٽا ڪيئي، تنهن ڏينهن کان پوءِ سمجهہ تہ تنهنجي بادشاهي ختم معنيٰ تهنجي جواني ختم، زمين ۽ هر ڪاهڻ وارو سخت جان هاري جلدئي تنهنجي شباب جو سورو ست چوسي وٺندو ۽ جڏهن تو وٽ ڪجهہ نہ رهيو تڏهن ڪنهن ٻي در جو مهمان وڃي ٿيندو، انهيءَ ڪري اهڙو رستو جهل جو نہ هي توکي ختم ڪري سگهي نہ توکي ڇڏي سگهي.

۽ ڪنول انهيءَ ڳالهہ تي لفظ بہ لفظ عمل ڪري رهي هئي. نہ وينگ کي هٿ لائڻ تي ڏنائين ۽ نہ سندس

Scanned with CamScanner

آس تي ڏوڙائين. هو ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو
رهيو ۽ پنهنجي دولت لٽائيندو رهيو. يا نه هو ڏانهن
اولهن هئي جيڪا سندس هر خواهش اڳيان ڪنڌ نوائيندي
هئي ۽ سندس سادگيءَ جو ڪيس اهو سلو مليو هو جو
هاڻ وينگ ڪنهن ٻي جي ڪلي هو. گرمين دوران به
پاڻي نه لٿو ۽ وينگ پنهنجي اڃ مٽائڻ لاءِ باقائده ڪنول
جي آستاني تي حاضري ڀريندو رهيو ۽ روز اجايل ڏي
موٽي ايندو. راتين جو آرام ڪانئس موڪلائي ويو هو.
سندس جسم باهه وانگر ٻرندو هو پر ڪنول ان تي
ٿڌي پاڻيءَ جو ڪو هڪ ڇنڊو به هڻڻ لاءِ تيار نه هئي
راتين جو جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي سمهي پوندا هئا
تڏهن وينگ تارن جي روشنيءَ ۾ گهر ٻاهران ويهي
آسمان کي تڪيندو هو. هاڻ هو گهر ۾ ڪنهن ساڻ
به نه ڳالهائيندو هو، هر وقت ڪنول جي خيالن ۾ گم
رهندو هو، ماڻي به نه وٺندي هيس.

نيٺ پاڻي لهڻ شروع ٿيو. هڪ ڏينهن چنگ ڪانئس
اچي پڇيو "پاڻي پوئتي هٽي رهيو آهي، جلدي پيجائي
جو وقت ايندو. ڪيتري زمين تي ڇانور ۽ ڪيتري...
وينگ ڪاوڙ ۾ وراڻيو "پاڻي لهي وڃي نه پوءِ
سوچيندس."

اهو پهريون دفعو هو جو وينگ چنگ ساڻ مالڪن
واري انداز ۾ گفتگو ڪئي هئي.

هڪ ڏينهن سندس پوڙهي پيءُ به ڪانئس پڇيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نوڪي ڇا ٿيو آهي جو ايترو چڙچڙو ٿي پيو آهين؟

هنيئر ڪنول هڪ نئين فرمائش ڪئي هئي. وينگ جا وار ڊگها ۽ مڇون وڏيون ۽ گهاٽيون هيون، ڪنول فرمائش ڪئي هئي ته وار ننڍا ڪرائي ۽ مڇون بنهه ڪوڙائي ڇڏي. ڇو جو ڊگها وار ۽ وڏيون مڇون کيس ناپسند هيون. وينگ ٻئي ڏينهن صبح جوئي وار ننڍا ڪرائي مڇون ڪوڙائي آيو. اولين جو کيس انهيءَ روپ ۾ ڏٺو سا خاموش رهي نه سگهي ۽ ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيائين ”هي ڇا ڪيئي؟ مڇون ته مرد جي زيور مثل آهن، مڇ بنا مرد ڇا آهي؟ پنهنجي شڪل ڏٺي اٿئي ته ڪهڙو پيو لڳين.؟“

وينگ به ڪاوڙ ۾ ورائيو ”تون ته چاهين ٿي آءٌ ساري عمر جهنگلي ۽ ڄٽ رهان، جڏهن ته هاڻ آءٌ وڏو زميندار آهيان ۽ مون کي مهذب انسانن وانگر رهڻ گهرجي. شهر جو هر جوان مڇون ڪوڙائيندو آهي، ائين ڪرڻ سان ڪو سندن مردانگي تي اثر ٿوري نو ڇا جو مون تي ٿيندو؟

اولين کي ته جواب ڏنائين، پر دل ئي دل ۾ هو هاڻ به ڪکو وکو ٿيو ٿيو. مڇن بنا صفا ڪدڙو ٿي لڳو ۽ سندس شخصيت مان رعب ۽ دٻدٻو موڪلائي ويو هو.

پر ڪنول جو حڪم ٽارڻ به ته سندس وس ۾ نه هو. اهو ته هن صرف مڇون لهرائڻ جي فرمائش ڪئي هئي، هوءَ جي ڪانئس زندگيءَ جو نذرانو گهري ها ته

هو انهيءَ متعلق به نه سوچي ها ۽ پنهنجي محبوبڙيءَ جي فرمائش پوري ڪري ها...

هن دفعي وينگ نوان ڪپڙا هڪ درزيءَ کان سبرايا هئا، چمڪدار ۽ نرم ڪلُ مان ٺهيل جتي نهرائي هئائين ۽ اهي شيون وري هوٽل جي مالڪ وٽ رکي ڇڏيون هئائين ڇو جو گهران تيار ٿي نڪرڻ چاهيائين. اڄڪلهه هن بصبر ڪانه به ڇڏي ڏنو هو نه متان ڪنول کي سندس منهن مان ڏپ اچي ۽ هوءِ ڪيس ڌڪارڻ لڳي.

هڪ ڏينهن جڏهن هو منجهند جي وقت گهر ۾ ماني پئي کاڌي، تڏهن اولين چيس، ”ڪاوڙ نه ڪرين ته هڪ ڳالهه چوان؟ تون اڄڪلهه وڏي حويليءَ وارن جي نقش قدم تي هلي رهيو آهين. تنهنجا پرڪار وڏي حويليءَ وارن آقائن جهڙا ٿيندا پيا وڃن ۽ انهن جو حشر وسري ويو اٿئي ڇا.“

وينگ انهي ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو، پر دل ئي دل ۾ خوش ٿيو ته هاڻ هو به وڏي حويليءَ جي مالڪن جهڙو ٿي رهيو هو. دولت پائي وانگر خرچ ڪري رهيو هو، گهر وارا سڀ ڪجهه ڏسي ۽ سمجهي رهيا هئا پر وٽن انهيءَ جو ڪو علاج نه هو. هوڏانهن ڪنول جون خواهشون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون هيون ۽ جي اتفاق سان ڪڏهن ڪنهن فرمائش جي پوراڻيءَ ۾ ڪيس دير ٿيو ٿي وڃي ته ڪنول سندس سيني سان لڳي

چوندي هئي ”ها آءٌ تيان چا اوهان جي، جنهن جي خواهش اوهين پوري ڪريو. ۽ سندس چوڻ جو انداز اهڙو هوندو هو جو وينگ سندس خواهش هڪدم پوري ڪندو ۽ پنهن خواهشن جي تڪميل لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. ڪنول کي مخاطب ڪرڻ لاءِ هن طرح طرح جا ڪيترا لفظ ياد ڪري ورتا هئا جيڪي هر عاشق جي لغات ۾ ضرور هوندا آهن، يعني، ”جاني“، ”زندگي“ ”راڻي“، ”شهزادي“ ڪنول لاءِ هن جيترا لفظ ياد ڪيا هئا اوترا هن اڄ تائين پنهنجي زمين ۽ فصل لاءِ به ياد نه ڪيا هئا.

هڪ ڏينهن جڏهن اولين پارن جا مهرا ڪپڙا ڌوئي رهي هئي تڏهن وينگ آهستي آهستي اچي سندس پر ۾ ويٺو جڏهن اولين ڏانهس نهاريو تڏهن چيائين ”اهي ٻه لعل جيڪي تو پاڻ رکيا هئا، سي ڪٿي آهن؟ تنهنجي ڪهڙي ڪم جا؟؟

اولين چيو ”اهي مون انهيءَ خيال کان رکيا هئا نه جڏهن پنهنجي ڌيءَ جي شادي ٿيندي تڏهن ڪيس ڏيج ۾ ڏيندس“

وينگ چيو ”انهي وقت تائين ٻيا ملي ويندا. هينئر اهي مون کي ڏي، گهرج ۾ آهن.

اولين ٻنا وڌيڪ ڪوبه سوال يا حجت ڪرڻ جي پنهنجو هريو هٿ چوليءَ ۾ وڌو ۽ ڪپڙي ۾ ٻڌل اهي ٻئي هيرا ڪڍي سندس حوالي ڪيائين ۽ ڪپڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ڏکيءَ جو وڪارو لاهي ڏنائين. سندس اکيون انهيءَ ظلم تي لڙڪ وهائڻ لڳيون، پر هن لڙڪ اگهڻ جي ڪا ضرورت محسوس نه ڪئي، هو صرف لڙڪ نه وهائڻ ٿي سگهي، لڙڪن تي ٿي ته ڪيس اختيار هو.

وينگ جا اهي طور طريقا جاري هئا ته هڪ ڏينهن اوچتو سندس بيڪار نشائي چاچو سندس گهر ۾ اچي پهتو. سندس ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل هئا ۽ سندس جسم جي حالت به سٺي نه هئي. وينگ پنهنجي چاچي کي ڏسي پريشان ۽ خوفزده ٿي ويو هو ته چاچي کي مثل سمجهي مطمئن ٿي ويو هو، چاچي جي آمد تي کيس ائين لڳو ڄڻ مُردو قبر مان نڪري آيو هجي، وينگ ڪڏهن به کيس گهر ۾ اچڻ نه ڏني ها، پر هن اجازت جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي تڏهن وينگ کي مجبوراً کيس خوش آمديد چوڻو پيو. چاچهنس اينديئي حڪم ڪيو ”ڪجهه کائڻ پيئڻ جو بندوبست ڪريو. بدو اٿم، بلڪ ڏئو به اٿم ته غريبي هن گهر مان موڪلائي ويئي آهي.“

ماني سامهون آئي ته هو ڇرڻ وانگر اچي ماني گوشت تي پيو. ڪجهه ئي دير ۾ جڏهن هو مڇي، تڏهن چانورن جا ڪيترا طشت خالي ڪري چڪو هو ننڍا ڪڙي لهجي ۾ چيائين، هاڻ ڪجهه دير آرام ڪري وٺان، ڏاڍو ٿڪل آهيان.“ ايترو چئي هو هڪ ڪنڊ تي ڍيري ٿي پيو ۽ ستت ئي کونگهرا هڻڻ لڳو. ننڍا

مان جڏهن سجاڳ ٿيو تڏهن وينگ کي چيائين ”مون
ٻڌو هو ته تون دولت مند ٿي ويو آهين پر اها خبر
ڪونه هئم ته ڪو ايترو امير ٿي ويو آهين. آءٌ صبحاڻ ٿي
تنهنجي چاچيءَ ۽ ياءُ کي به هٽ وٺي ايندس، هو ويچارا
ڳوٺ جي مسافرخاني ۾ سڙن پيا. تنهنجو گهر ته هاڻ
حويلي لڳو پيو آهي، ڪا هڪڙي ڪنڊ ته اسان کي
به رهڻ لاءِ بخشي ڇڏ. باقي رهيو ماني جو سوال، سو
جتي تنهنجا هاري ناري ماني کائيندا اتي اسين ٿي
مانهو نوڪي کٽائي ڪونه ڇڏينداسين.

اٿين نه چئو چاچا. تون نه منهنجي پيءُ جي جاءِ
ني آهين. وينگ اهو جملو مڙيئي خانه پريءَ خاطر چيو
هو، نه ته دل ۾ ته هو چاچي جو پروگرام ٻڌي سڙي
ڪباب ٿي ويو هو. سوچڻ لڳو ته امير ٿيڻ به هڪ
وڏو عذاب آهي، اڄ جي هو امير نه هجي ها ته سندس
چاچو ڪڏهن به سندس گهر نه اچي ها ۽ هاڻ هو ڪيس
گهر مان ڪڍي به نٿي سگهيو. ڳوٺ ۾ هو هڪ معزز
حيثيت جو مالڪ هو، جي چاچي کي گهر ۾ جاءِ نه ڏئي
ها نه هرڪو چوي ها ته دولت وينگ کي مغرور ڪري
ڇڏيو آهي ۽ منجهانئس پنهنجي پرائي جي تميز نڪري
ويئي آهي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ چاچو پنهنجي کهٽو
ڳالهائيندڙ زال ۽ بدتميز پٽ کي به وٺي آيو. وينگ
پنهنجي پرائي گهر جو هڪ حصو هن خاندان لاءِ خالي
ڪرائي ورتو ۽ هو وينگ جي دولت مان وهٽي ويهاري

حاصل ڪرڻ لڳا.
پنهنجو حصو ونڪ ڪي پنهنجي چاچي جي خاندان سان نفرت ڪي ڪلي سندن سلام جو جواب ڏيندو هئي، پر هن کي کين جيب خرچ ڏيندو پوندو هو، ۽ سندن پوندو هو. وساڻي لاءِ نت نئون بندوبست ڪرڻو پيٽن جي باهه ڪان پوءِ هو ڪنول پوندو هو. هوڏانهن چاچي جي اچڻ ڪان پوءِ هو ڪنول ڏانهن به نه وڃي سگهيو هو. برهه جي باهه سندس وجود کي پچرائي رهي هئي. ڪنول جي يادگيري هر وقت کيس پريشان ڪندي رهندي هئي، سندس وجود نه گهر ۾ موجود رهندو هو، پر دل ڪنول جي حاضري ۾ هوندي هئي. نه هو ڪنهن جي سوال جو سنئين منهن جواب ڏيندو هو، نه ڪنهن سان پاڻ مرادو ڳالهائيندو هو. نه پيٽ پري ماني کائيندو هو.
ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ هن وري ڪنول جي حضور ۾ حاضري ڏيڻ شروع ڪئي، پر جيڪا ڳالهه سادي سماجهي اولين، پنهنجي بي‌عقليءَ، پوڙهو پيءُ نظر جي ڪمزوري ۽ چنگ پنهنجي وفاداريءَ جي ڪري اڄ تائين نه سمجهي سگهيا هئا سا ڳالهه چالاڪ چاچيءَ هڪدم پروڙي ورتي. ۽ هڪ ڏينهن ڪلندي ڪلندي اولين کي چيائين "تنهنجو مڙس ڪو بيو ڳل هٿ ڪرڻ جي فڪر ۾ آهي شايد."
پر اولين ڪو جواب نه ڏنو. تڏهن چاچيءَ وري چيو "ڪنهن ڳالهه جي ته، تائين جهسمن نه وڃجو،

تيسين اها سمجهي نه سگهي... سمجهه ته وينگ کنهن
اڃا عورت جي چڪر ۾ آهي.“ ۽ اهي ڳالهيون وينگ
هئي ڪمري جي دريءَ مان ٻڌي رهيو هو.

چاچيءَ اولين کي سمجهائي رهي هئي. ”مون ڪيترا
مرد ڏٺا آهن. جڏهن ڪو به مرد پنهنجن وارن کي سنوارڻ
ني گهڻو وقت لڳائي، نوان ويس ڪري، ۽ لباس تي
خوشبو لڳائي ته سمجهڻ گهرجي ته هو ڪا نئين عورت
گهر ۾ آڻڻ جي تياريءَ ۾ آهي.

انهيءَ کان پوءِ اولين به ڪجهه چيو ”جيڪو
وينگ نه ٻڌي سگهيو. پر چاچيءَ انهيءَ جي جواب ۾
جيڪي چيو سو وينگ ٻڌو هوءَ چئي رهي هئي ”تون
نه بيوقوف آهين. مرد هڪ عورت تي ڪڏهن به راضي رهندو
آهي. ۽ جي عورت هوشيار هجي ته مرد ٻي عورت
ڏانهن جيڪر نهاري به ڪونه، پر تو ڪڏهن پنهنجي
مڙس کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ئي نه
ڪئي آهي، سدائين ڏکي وانگر زمين تي جوتيل رهئين،
منهن وانگر سندس ٻارن کي ڪير پيار ڪندي رهي آهين،
تو ڪڏهن اهڙي عورت بڻجڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي
آهي جيڪا مرد کي سندس غلام بڻائي رکي. حڪم
جو ٻانهو، جيئن زال چوي تيئن هو ڪري. تو پهرين
ڪڏهن ڪنهن ڳالهه سمهڻ کان روڪيو؟ مون کي ٻڌايو
آهي نه تون ڪڏهن ائين نه ڪيو هوندو. جيسين وينگ
غريب هو، تيسين ته هو توکي ئي غنيمت سمجهندو هو،

پر هاڻ هو دولتمند آهي، ۽ ڪيس تو ۽ ڪجھ، نظر
نہ ايندو هوندو، هاڻ ڪنهن بہ وقت ڪا ٻي عورت هن
گهر ۾ داخل ٿي سگهي ٿي!!

امور جي ٻار لاءِ هڪ راندڪو ڪافي نہ هوندو
آهي، جيسين وينگ جو ڪيسو خالي هو، گهر ۾ ان
نہ هو، هن ڪڏهن بہ عورت متعلق سوچيو بہ نہ هوندو
۽ تڏهن ڪا عورت هن گهر ۾ اچي بہ ڪونہ ها، بک
مرڻ لاءِ، محنت مزوري ڪرڻ لاءِ اچي ها؛ پر هاڻ
هن اڳهن ٿي سون ۽ چاندي اچي ويئي آهي. سٺا ۽ لذيذ
طعام کائڻ لاءِ، سٺا سٺا لباس پائڻ ۽ قيمتي زيور حاصل
ڪرڻ لاءِ ڪير نہ ايندو هن اڳهن ٿي؟؟.

چاچي اندازو لڳائي چڪي هئي تہ وينگ جا ڪرتوت
ڪهڙا هئا ۽ هو ڇا ڪري رهيو هو. وينگ سندس
ڳالهيون ٻڌيون ۽ فيصلو ڪيائين تہ سندس منهن بند
رکڻ جو ڪو بندوبست ڪرڻ گهرجي نہ تہ هوءَ اولين
کي پڙڪائي گهر ۾ ڪا باهہ ٻاري ڏي. اهو سوچي
هو انهيءَ ڏينهن شام جو گهر کان ٻاهر چاچيءَ سان
مليو ۽ کيس مخاطب ڪري چيائين ”اڄ تون اولين
کي جيڪي ٻڌائي رهي هئين اهو مون ٻڌو پئي. تنهنجو
خيال صحيح آهي تہ آءٌ هڪ ٻي عورت جي چڪر ۾
آهيان. مون کي هاڻي بہ عورت جي ضرورت آ هي ۽
چونہ هجي. مون وٽ زمين آهي، دولت آهي، ۽ هڪ ٿي
عورت کي ڏسي منهنجون اکيون ٽڪجي پيون آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوشيار ۽ مڪار چاچيءَ ورائيو. ”چوڻ، ڇو ونه...
جيڪو مرد خوشحال هجي ۽ جيڪو خرچ ڪري سگهي
تنهن کي حق ٿو پهچي ته هو هڪ ڪان وڌيڪ عورتون
رکي. هڪ ئي ڪوپ مان سڄي عمر چانهه پيئڻ ته
ويچاري غريب مرد جو مقدر آهي.

چاچي هوشيار ۽ معاملي فهم عورت هئي. هن چاتو
ٿي ته وينگ ڪنهن عورت سان اک ته لڙائي ويٺو آهي
پر معاملي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ کيس هڪ دلال جي
ضرورت هئي... سو هوءَ اهڙي قسم جي گفتگو ڪرڻ
لڳي جيئن وينگ مٿس اعتبار ڪري ۽ انهيءَ ڪم لاءِ
کيس مقرر ڪري.

وينگ چيو ”آءٌ انهيءَ عورت سان شادي ٿو ڪرڻ
چاهيان ۽ کيس پنهنجي گهر ٿو آڻڻ چاهيان. پر انهيءَ
ڪم ڪرڻ کان اڳ ڪجهه ڳالهيون طئي ڪرڻيون
آهن، عورت جا مطالبا معلوم ڪرڻا آهن وغيره.“

اهو ڪم تون مون تي ڇڏي ڏي. مون کي صرف
ڇوڪريءَ جو نالو ۽ ڏس پتو ٻڌاءِ ڇڏ. باقي سڄو
معاملو آءٌ نبيري وٺنديس.

ڇوڪري جو نالو ڪنول آهي. وينگ نالو ائين
ٻڌايو ڄڻ ڪنول کي دنيا ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو سڃاڻندا
هوندا.

رهي ڪٿي ٿي؟ ”چاچيءَ پڇيو.“
شهر واري وڏي هوٽل ۾. اها هوٽل جيڪا عورتن

واري بازار جي ڪنڊ تي آهي. اهو ٻڌائيندي وينگ جي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا ظاهر ٿي آيا ۽ هو ڪجهه لچارو ٿي ويو.

اها هوٽل ته نه جنهن کي ”سونهن ۽ هوس جو گهر“ ٿو چيو وڃي...؟

ها ها... اهائي.

۽ انهي ڇوڪرين جي والي وارث ڪير آهي؟

ڪوڪو... وينگ ورائيو.

ڪوڪو جو نالو ٻڌي چاچي کي گهڙيون ويچار ۾ پئجي ويئي، پوءِ پڇيائين، ”اها ته ڪونه آهي جيڪا وڏي جاگيردار جي داشته هئي ۽ آخر تائين ساڻس گڏ رهي هئي؟ اهائي هوندي. چوندا هوءَ هميشه دولت مند ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي آهي ۽ جنس جي ڪاروبار کان وڌيڪ نفعو ٻيو ڪٿي ٿو ملي؟

”پئسن جي پرواهه نه آهي“. وينگ چيو ”اڳ آءُ زمين خريد ڪندو هوس. هاڻ زمين مون وٽ جام آهي“ هن دفعي زمين نه، صورت لاءِ پيسا خرچ ڪندس.

چاچيءَ کي هڪ تي ته وينگ پنهنجو قائل آهي ۽ ڪنول کي حاصل ڪرڻ لاءِ ويهن ٿي نهن جو زور لڳائيندو ۽ سون ۽ چاندي بنا سوچڻ جي خرچ ڪندو ۽ اهو موقعو هو جو ڪيس چڱي نموني ڦري ونجي، وري خبر نه آهي وجهه ملي يا نه ملي. سو هڪ ذهنن

وجهه ڏسي وينگ کي چيائين. ”تون ته پرخلوص آهين، پر ساهرين ڏر لالچي آهي. هو تنهنجي خواهش ۽ پيار جو ناجائز فائدو ٿا وٺڻ چاهين. ڏينهون ڏينهن سندن گهرجون وڌنديون پيون وڃن. منهنجي ته صلاح آهي انهيءَ گهر جي پچر ڇڏ.. ڪو ٻيو گهر ٻڌائي. هي نه توکي ڦري ڏول (ڪنگال) ڪري ڇڏيندا.

ڪنول کي ڇڏڻ جو ته وينگ سوچي ئي نٿي سگهيو. ولس جيتري به دولت هئي سا هو ڪنول جي نالي تان قربان ڪري سگهيو ٿي؛ سو ڪاوڙ مان چاچيءَ کي چيائين ٻيءَ ڪنهن جو آءٌ سوچي به نٿو سگهان. ڪوڪوءَ کي ٻڌاءِ ته منهنجي سموري جائداد ۽ جاگير ڪنول تان قربان آهي. هوءَ منهنجي گهر اچي راڄ ڪندي، ريشم ۽ زرلفت جو لباس پائيندي ۽ سون ۽ هيرن جا زيور پائيندي. ڪين ٻيو ڇا گهرجي.

”بس بس.. انهيءَ کان وڌيڪ ڀلا ٻيو ڇا گهرجن؟ تون فڪر نه ڪر ۽ پڪ سمجهه ته هاڻ ڪم ٿي ويو.“

هائي چاچي وري روز اولين کي نيون نيون ڳالهيون ٻڌائيندي ته نئين عورت گهر ۾ آئي ته سندس حيثيت ڇا ٿي ويندي. ڪيس ڪيئن نه پنهنجي سوڪ جي خدمت ڪرڻي پوندي. گهر جو انتظام هلائڻو پوندو، مڙس جي ٻي زال لاءِ سٺا سٺا طعام ٺاهڻا پوندا، وغيره... اولين ويچاري اهي ڳالهيون ٻڌندي هئي ۽ خاموش رهندي هئي هوءَ آخر ڪري به ڇا ٿي سگهي. هن ننڍپڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ونئي ڪڏهن پنهنجي حق لاءِ جنگ نہ ڪئي هئي. هرحال ۾ خاموش رهي، ۽ هينئر بہ هن وينگ کي ڪا ڳالهہ ياد ڏيارڻ، مناسب نہ سمجهي ۽ حالتن جي فيري کي ڏسندي رهي. گهر ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو هو تنهن جو مشاهدو ڪندي رهي.×

چاچيءَ جڏهن کان وينگ کي پڪو آمرو ڏنو هو تڏهن کان وري وينگ جون ننڊون حرام ٿي ويون هيون. اهو ميوو جنهن کي اجان صرف ڏٺو هئائين ۽ سنگهيو هئائين پر اج نائين چکيو نہ هئائين، مزو نہ ورتو هئائين سو ميوو هاڻ سندس ملڪيت بڻجڻ وارو هو، سندس هنج ۾ ڪرڻ وارو هو. وينگ هاڻ نئين مهمان، پنهنجي محبوب جي آجيان جي فڪر ۾ هو. اولين ويچاري سادي عورت هئي، وڏي حويلي وارن جي زرخريد ٻانهي هئي، ان کي جنهن بہ حال ۾ رکيائين، هن ڪڏهن ڪابہ شڪايت نہ ڪئي هرحال ۾ خوش رهي ۽ صرف پنهنجي مڙس جي خوشنوديءَ جي فڪر ۾ رهي پر ڪنول مختلف قسم جي عورت هئي سهڻي ۽ نازڪ هئي، شهري ڇوڪري هئي. ۽ نازن نخرن ۽ منٿن ميڙن کان پوءِ وينگ جي اڱڻ تي اچي رهي هئي، سا ڪو اولين رهي ها ڇا؟ انهي ڪري وينگ فيصلو ڪيو نہ اڱڻ جي ٻئي پاسي ٻہ نوان ڪمرا ٺهرائجن جيڪي ڪنول جي رهائش گاهہ طور استعمال ٿين. انهيءَ مقصد خاطر هن زمين تان هاري گهرايا ۽ نون ڪمرن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زميندار جو ڪم شروع ٿيو. انهيءَ ڪم جي نگراني خود وينگ ڪري رهيو هو ۽ هن ڪنهن ساڻ به، ڪنهن به قسم جو صلاح مشورو نٿي ڪيو. ايتريقدر جو چنگ سان به نه، جو خبر هوس ته سندس انهيءَ اقدم کي ڪنهن به پسند نٿي ڪيو. اهي ٻئي ڪمرا پڪين سرن سان ٺهي رهيا هئا ۽ ڪمري جي ڇتين ۽ ڇتين تي ڏاڍي سهڻي انداز ۾ چٽسالي ۽ گلڪاري ڪئي ويئي؛ ڪمرن جي درين ۽ دروازن لاءِ عاليشان ريشم جا ڳاڙهي رنگ جا پردا ورتا ويا ۽ ڪمري کي سينگارڻ لاءِ ٻيو سامان به وينگ پاڻ شهر مان وٺي آيو، انهيءَ سامان ۾ پلنگ ڪرسيون، گاديلا، ريشمي چادرون ۽ وهاڻا، ڪرسين جون گاديون، چينيءَ جا نازڪ سهڻا ٿانو، شامل هئا..

وينگ جو انگ ٻهڪي رهيو هو، پر گهر ۾ هو پنهنجي خوشيءَ جو اظهار نه ڪندو هو ڇو ته انهي گهر ۾ سندس پهرين زال به موجود هئي. هوڏانهن اولين به سڀ ڪجهه ڏسي رهي هئي، پر هن وينگ کي ڪجهه نه چيو، هن نٿي چاهيو ته پنهنجي مڙس جي خوشيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي... جيتوڻيڪ سمجهيائين ٿي ته جنهن جي اچڻ کان اڳ ٿي ايترو اهتمام ٿي رهيو هو تنهن جي اچڻ کان پوءِ ته خبر نه آهي ڇا ڇا ٿيندو.

نيٺ هڪ ڏينهن وينگ کي چاچيءَ اچي خوشخبري ڏني ته چنڊ جي پنجين تاريخ چنڊ، سندس اڱڻ تي ملهو. جنهن ڏينهن ڏسڻ لاءِ هو ايترو بيتاب هو، سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهن اچڻ وارو هو. ۽ پوءِ چند جي پنجين تاريخ،
ڪنول سندس اڳيان تي اچي پهتي. کيس بانسن جي
ٺهيل هڪ رنگين پالڪيءَ ۾ آندو ويو، جنهن تي ريشمي
چادر ڍڪيل هئي ۽ جنهن کي چار ڪهارن کنيو هو.
ڪوڪو پالڪيءَ سان گڏ هئي.
پري کان پالڪيءَ کي ايندو ڏسي وينگس ڊوڙي
ٻاهر نڪتو. سندس، دل جي ڪيفيت عجيب هئي. تمام
گهڻي خوشي هيس پر گڏوگڏ سندس وجود جو هڪ
حصو، سندس ضمير لاڳيتو کيس ملامت ڪري رهيو
هو. ”سوچي وٺ اي مورک انسان... ته تون ڪهڙي
آفت پنهنجي اڳيان تي لاهي رهيو آهين. تنهنجو گهر
جيڪو پيار ۽ محنت جو گهر آهي. جنهن گهر ۾
اهڙي سلڇڻي عورت هجي جنهن مهينن جا مهينا ٻکون
ڪڍيون، سخت سرگرمين ۾ جانورن وانگر زمين تي
مزوري ڪئي، تنهنجي اڳيان کي ٻارن جي نعمت سان
اجاريائين، هر ڏک ۽ تڪليف کلندي مرڪندي برداشت
ڪيائين پر ڪڏهن به شڪايت نه ڪيائين، تنهن جي
موجودگي ۾ توکي ٻي ڪنهن عورت جي ڪهڙي
ضرورت. ڇا تون هڪ بازاري عورت جي موجودگيءَ
۾ پنهنجي صابر، پاڪباز زال سان انصاف ڪري سگهندين.
ضمير جا اهي پڙاڏا ٻڌي هڪ وار ته وينگ ڏکي
ويو. پر سندس دل ۽ دماغ تي هوس جي اڄ غالب
هئي. ڪنول جي جسم جي خوشبو ۽ سندس سڏبول

مضمون ۽ پرپور شباب جي نشي ڪانئس مت ڪسي ورتي
هئي. مستيءَ ۽ سرور جي انهيءَ عالم ۾ هو ضمير جي
آواز تي لبيڪ نه چئي سگهيو. صرف ايترو سو ڪيائين
جو اڱڻ جا اهي دروازا بند ڪري ڇڏيائين
جيڪي اولهه جي ڪمرن جي پاسي کُليا ٿي. اهي
ڪمرا جن ۾ هو ورهين کان پنهنجي محنتي ۽ صابر
زال سان گڏ سمهندو هو.. هُن نٿي چاهيو ته اولهه سندس
نئين زال کي ڏسي يا سندس پيار ۽ محبت جا ڍنگ ڏسي.
پالڪي جڏهن اڱڻ جي دروازي تي اچي پهتي تڏهن
ڪوڪو ۽ چاچيءَ وينگ کي مخاطب ٿي چيو پنهنجي
ڪنوار جو هٿ پڪڙي کڻس پالڪيءَ سان پنهنجي
ڪمري ۾ وٺي وڃ.

وينگ چورن وانگر ڊڄندي پالڪيءَ جو ريشمي
پردو مٿي ڪنيو. اندر ڪنول جو نازڪ وجود، ڪنوارپڻي
جي ڳاڙهي لباس ۾ ويڙهيل، قيمتي زيورن سان سٿيل
۽ گلاب جي خوشبوءِ ۾ وهنجيل، اکيون جهڪايون،
مٿو مونن ۾ هنيو، وينگ جي صبر جو امتحان وٺي
رهيو هو. هن نهايت احتياط سان، پريم سان پر ڊڄندي
۽ شرمائيندي ڪنول جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽
ٻيو هٿ ڪنول جي چهري جي چوگرد واري ڪيس
سهارو ڏيئي، اٿاريائين. ڪنول جي اک کُلي ڪي نٿي.
هوءَ نهايت نزاڪت سان پير کڻندي، وينگ جي سهاري
تي، پنهنجي نئين گهر ۾ داخل ٿي. چنڊ جي ٿڌڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روشني اگڻ کي منور ڪري رهي هئي ۽ واڍ-ومنڊل
گلاب جي خوشبوءِ سان واسيل هو سمو اظهار عشق
لاءِ انتهائي موزون ۽ مناسب هو.. ڪوڪو ۽ چاچي
ڪنول ۽ وينگ کي اگڻ تي پهچائي موٽي ويون. هاڻ
اگڻ تي صرف محبوب ۽ معشوق هئا. چنڊ جي روشني
هئي ۽ گلاب جي خوشبو هئي. وينگ پنهنجي مهانگي
محبوب کي اندر وٺي آيو. سڀ کان پهرين ڪيس اهو
تلاءُ ڏيکاريائين جيڪو اگڻ تي هن ڪنول جي وهنجڻ
لاءِ ٺهرايو هو، جنهن ۾ شفاف پاڻي هو ۽ رنگين مڇيون
ڊيون، ۽ پوءِ کيس ڪمرا ڏيکارڻ لڳو. ڪمري ۾
هر شيءِ نفيس، سهڻي ۽ مهانگي ورتل رکيل هئي. انهي
جو احساس ڪنول کي به ٿيو ته سندس گهوٽ سندس
استقبال لاءِ ڍادو خرچ ڪيو هو. ڪيس ڪمري ۾ پهچائي
هو گهڙيءَ ساعت لاءِ ٻاهر نڪتو جيئن چاچيءَ ۽
ڪوڪوءَ کي انعام ڏيئي اچي. ٻاهر کيس ڏسي چاچيءَ
چيو "تنهنجي ڪنوار لکن ۾ هڪ آهي. سهڻي، نازڪ،
شباب سان پرپور.. شل اوهان جي جوڙي سلامت رهي."
وينگ ٻنهي کي سونا سڪا انعام طور ڏنا ۽ وري
موٽي ڪمري ۾ آيو جتي پنهنجي دل جي ڌڙڪن کي
چڏي ويو هو..
گهر ۾ اڄ ڪير به ڪونه هو، جيڪو وينگ جي
پيار وانڍڻ ۾ رڪاوٽ ثابت ٿئي. اولين اڄ صبح کان
پنهنجن پٽن سميت زمين تي ويل هئي، وينگ جو پوڙهو

ٻيءَ نه جيئرن ڳڌ هو نه مٿن ڳڌ. بس سندس ڳونگي ڏيءَ هئي، سا به اڱڻ جي هُن طرف هئي. رات ڪافي وهامي ويئي تڏهن اولين زمين تان موٽي. سڄو ڏينهن هُن زمين تي هارين سان ڳڌ ڪم ڪيو هو، سو سخت ٿڪل هئي. هينئر هن ڪافي ڏينهن کان پوءِ زمين تي ڪوڏر هنئي هئي، هڪ لحاظ کان وينگ جي خوشحال نيڻ کان پوءِ هوءَ پهريون دفعو گهر مان نڪتي هئي ۽ ايترو عرصو ڪوڏر ۽ ڪُرپي کان دور رهڻ ڪري اڄ ڪيس ڏاڍو ٿڪ ٿيو هو. پر انهيءَ هوندي به هوءَ ڏڍو رڌلي ۽ ويئي، ماني ٿاهي ميز تي رکيائين، پٽن کي ۽ ڳونگي ڌيءَ کي ماني کارايائين، ۽ پوءِ سُهري کي وڃي کارايائين؛ تنهن کان پوءِ ٻارن کي سندن هنڌن تي سمهاري پاڻ به اڪيلي، پنهنجي پلنگ تي ڪري پيئي.

۽ پوءِ اهائي روز جي ڪرت ثابت ٿي. وينگ نه ڏينهن جي ڪنهن به حصي ۽ ڪنول جي ڪمري مان ٻاهر نه نڪرندو هو ۽ نه وري ڪنول کي ٻاهر نڪرڻ جي ڪا ضرورت هئي. هوءَ ته آئي ئي ان شرط تي هئي ته محنت مزوريءَ وارو ڪو ڪم نه ڪندي. هن لاءِ ماني ٺاهڻ جي ذميواري ڪوڪو جي هئي ۽ ڪوڪو ئي روز ڪنول کي وهنجاريندي، ڪپڙا مٽائيندي ۽ سندس جسم تي مالش ڪندي هئي ۽ ڪيس سينگار ڪرائيندي هئي. ڪوڪو وٽ اهڙا ڪئي ديسي نسخا هئا جن جي مدد سان عورت جي جسم کي ڍڪ هي

عرصي تائين جوان، پُرڪشش ۽ پُرشباب رکي سگهيو
هو. هوءَ اهي نسخا وينگ جي اجازت سان ڪنول تي
بہ آزمائي رهي هئي جيئن هوءَ ڏکهي عرصي تائين انهي
قابل رهي جو وينگ کانئس سواءِ ٻي ڪنهن عورت ڏانهن
ڏسڻ جو سوچي بہ نہ سگهي. انهن خدمتن عيوض وينگ
کيس تمام گهڻو پگهار ڏيندو هو. ڪنول سڄو ڏينهن
نرم ريشمي وهاڻن کي ٽيڪ لڳايو، مختصر لباس ۾،
ڍير تي ويٺي هوندي هئي، ڪوڪو سندس چاڪري ۾
مصروف هوندي هئي ۽ هوءَ پاڻ هر وقت ڪونہ ڪو
ميوو يا مٺائي کائڻ ۾ مصروف رهندي هئي، رات پوندي
تہ ڪوڪو ڪمري مان هلي ويندي ۽ وينگ ڪتن
وانگر ڪنول جي جسم کي ڀنڀوڙيندو، سندس شباب
جي گلن جو رس چوسيندو. ۽ پنهنجي هوس جي باهہ
کي وسائيندو هو باقي ٻاهرين دنيا ۾ ڇا ٿي رهيو هو،
زمين تي ڇا وهي واپري رهيو هو. سندس ٻار ڪهڙي
حال ۾ هئا ۽ پوڙهي پيءُ جي ڪهڙي حالت هئي تن
ڳالهين سان وينگ جو ڄڻ ڪو واسطو ئي نہ هو. هن
وقت وينگ جي دنيا صرف ڪنول جي وجود تائين
محدود هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

باب پندرهون

هڪڙي گهر ۾، هڪ مرد جي ٻن زالن جو گڏ رهڻ جي ناممڪن نه آهي، ته ڏکيو ضرور آهي. وينگ سوچيو هو ته هن گهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي تنهن ڪري ڪو به جهڳڙو ڪونه ٿيندو. پر ڇا اهو ممڪن هو؟ اولين مڙس اڳيان ڪو احتجاج ڪونه ڪيو هو، ڪو گوڙ نه ڪيو هو. هوءَ هر حال ۾ گهارڻ واري عورت هئي. مڙس ٻي زال گهر ۾ وٺي آيو تنهن تي هن ڪو اعتراض نه ڪيو پر ڪوڪو جو به گهر ۾ رهڻ کيس ٻنهي نه آئڙيو ۽ وينگ به اها ڳالهه محسوس ڪئي ته اولين پهرئين ڏينهن کان ئي ڪوڪو خلاف جنگ جوٽڻ جو خاموش اعلان ڪري ڇڏيو هو. وينگ ٻڌو هو ۽ اڪثر ڏٺو به هئائين ته ٻي عورت اچڻ تي پهرين زال يا ته زهر کائي مرندي هئي يا کوهه ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻيندي هئي، يا وري ٻنهي جي جنگ ۾ گهر جو آرام ۽ سڪون برباد ٿي ويندو هو ۽ گهر دوزخ جو نمونو بڻجي ويندو هو. پر اولين اهڙي ڪابه ڳالهه نه ڪئي، هن صرف ڪوڪوءَ لاءِ پنهنجي نفرت ۽ سندس گهر ۾ موجودگيءَ تي اعتراض ڪيو، جيڪو شايد ان سڄي طرح ڪنول متعلق هجي. پر ڇو ته ڪنول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متعلق هو ظاهر ظهور اعتراض نٿي ڪري سگهي. انهيءَ
ڪري سندس نفرت ۽ ناراضگيءَ جو شڪار ڪوڪوءَ
کي ٿيڻو پيو. وينگ پاڻ به ڪوڪوءَ کي گهر نٿي
رکڻ چاهيو. هن ڪنول کي شريف زادي ۽ ڪوڪوءَ
کي وڏشيا ٿي سمجهيو، وڏشياڻن جي اڏي تي، رهندڙ
ڪنول سان هو شادي ڪري ٿي سگهيو پر ڪوڪوءَ
کي انهي گهر ۾ نٿي رکڻ چاهيائين ته هوءَ گهر جي
ماحول کي گندو ڪندي، پر ڪنول ته ڪوڪو جي
تربيت يافته ۽ پڙهايل هئي، سا اهو ڪيئن برداشت ڪري
ها؟ روئندي، اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي، وينگ کي پاڪر
پائي التجا ڪيائين. انهن لفظن ۾ حڪم ڏنائينس ته
”سرتاج آءٌ اڄان ننڍڙي هيس ته ماءُ پيءُ مري ويا ۽
ظالم چاچي مون کي وڪڻي ڇڏيو. جڏهن کان ڪوڪو
منهنجي چاڪري ۽ سرپرستي ڪندي آئي آهي، جي
ڪوڪو خلوص نيت سان منهنجي خدمت نه ڪري
ها ۽ مون کي شهر جي وحشي ۽ هوس پرست جاگيردارن
جي هوس کان نه بچائي ها ته اڄ آءٌ توهان جي زندگي
۾ اچڻ جهڙي نه هجان ها. مٿان وري هن گهر جو
ماحول؟ سوچيو ته ڇا آءٌ اڪيلي حالتن جو مقابلو
ڪري سگهنديس؟ ۽ آءٌ جو روز توهان کي نئين نئين
لڳندي آهيان ۽ توهان کي روز نئون لطف ۽ سرور
حاصل ٿيندو آهي سو سڀ ڪوڪوءَ جي مهربانين ۽
چاڪريءَ ته آهي. مهرباني ڪري ڪوڪوءَ کي مونکان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دور نہ ڪريو.. ڪوڪوءَ کان سواءِ آءٌ ڪجھہ بہ نہ آھيان...

ڪنول جي انھيءَ درخواست کان پوءِ وينگ ڪوڪو کي گھر ۾ رھڻ کان نہ روڪي سگھيو. ۽ ڪنول جي اھا درخواست اجائي بہ ڪونہ ھئي، گھر ۾ ڪنھن بہ ٻئين فرد جو اڪيلو رھڻ واقعي ڏکيو ھو ۽ اھو تہ ممڪن ئي نہ ھو تہ ڪنھن بہ تڪليف يا ضرورت جي وقت اولين اچي ڪنول جي مدد ڪري يا سندس دلجوئي ڪري ھا. انھيءَ خيال کان وينگ ڪوڪوءَ کي ڪنول جي ٻانھيءَ طور رکي ڇڏيو، پر انھيءَ ڪري ڪوڪو کي اولين جي نفرت جو بہ شڪار ٿيڻو پيو. ڪوڪوءَ کي ڏسنديئي اولين ڪاوڙ ۾ ٻاھر ٿي ويندي ھئي. بہ چار پيرا ڪوڪو ھيٺاھين ھلت ھلندي اولين جي ڪاوڙ دور ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي پر ڪيس ڪاميابي نہ ٿي. دراصل اولين جي نفرت جو ھڪ ٻيو بہ سبب ھو. جاگيردار واري حويليءَ ۾ جتي اولين زرخريد ٻانھيءَ جي حيثيت ۾ رڌڻي ۾ ڏانو ملڻ جي ڪم تي مقرر ٿي آني ڪوڪو ساڳي حيثيت ۾ پر سھڻو چھرو ۽ سڊول جسم ھجڻ ڪري جاگيردار ۽ سندس پٽن جي خاص ٻانھي مقرر ٿيل ھئي ۽ وقت ضرورت سندن بستري تي ساڻن گڏ سمھڻ جو اعزاز بہ حاصل ٿيندو رھندو ھوس، انھي ڪري ڪوڪوءَ جو آتي دماغ عرش تي موللو ھو ۽ ھو ٻين گھٽ درجي وارن ملازمن سان

انتهائي خراب سلوڪ ڪندي هئي. هڪ ڏينهن ڪوڪو نهايت ادب سان اولين کي چيو "سائين، اوهين مونتي ناراض ڇو آهيو، ٻاڻ ته ننڍپڻ کان هڪٻئي سڃاڻون. قدرت کي اهوئي منظور هو ته ٻاڻ وري هڪ ئي گهر ۾ گڏ ٿيون اها ٻي ڳالهه آهي ته اوهان مالڪ آهيو ۽ آءٌ ٻانهي.

پر اولين سندس ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ۽ ڪاوڙ ۾ وينگ جي ڪمري ۾ هلي ويئي جيڪو آئي اڪيلو ويٺو هو. ۽ وڏي واڪ پڇيائين "زال نه اوهان وٺي آيا، مون ڪو اعتراض نه ڪيو پر هي وٺشيا ڪهڙي حساب ۾ ٿي هن گهر ۾ رهي؟"

وينگ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ اولين ڏانهن نهاريائين، ڄڻ چوندو هجي "هي منهنجو گهر آهي ۽ آءٌ جنهن کي چاهيان هن گهر ۾ رهايان. تون ٻڌڻ واري ڪير آهين؟" پر هو زبان سان ڇئي ڪجهه ڪين سگهيو. اولين سامهون بيٺي ڏانهس نهاري رهي هئي ڄڻ انصاف جو انتظار ڪري رهي هجي. پر جواب نه مليس تڏهن وري چيائين "مون ڇا پڇيو؟ توهان جواب ڪونه ڏنو."

وينگ سلفي ڏکائيندي چيو "انهيءَ سان تنهنجو ڪهڙو واسطو..."

تنهن تي اولين کيس پنهنجي نفرت جي پس منظر کان واقف ڪيو. ۽ چيائين "هڪ عورت ڇا منهنجي

مگت ڏرڻ لاءِ ڪافي نه هئي جو هن وڌيشيا
هيڻي نئي ڪُڏ وڌي اڇي منهنجي ڏکن ۾ اضافو ڪيو اٿو؟
ڪي به لاءِ نه هي گهر دوزخ بڻجي چڪو آهي. دنيا
منهنجي ۾ ڪو به نڪالو به ڪونه اٿم جتي وڃي مــران...
اهڙو چئي اولين پنهنجا لڙڪ اگهندي واپس هلي ويئي.
وينگ چڻ گونگو ٿي ويو هو. اولين جي ڪنهــن به
ڳالهه جو وٽس ڪو جواب ڪونه هو. بس اولين جي
وڃڻ کان پوءِ دل ئي دل ۾ اهو سوچي پنهنجــو پاڻ
کي تسلي ڏنائين ته "ڀلي شادي ڪري مون اولين سان
ناحق ڪيو آهي، پر مون کان به خراب ماڻهو دنيا ۾
موجود آهن جيڪي ٻي شادي ڪان پوءِ پهرين زال کي
گهر مان ئي ڪيڍيو ڇڏين. مون اڃين ته ڪونه ڪيو
آهي، نه وري ڪيس ٻي ڪا تڪليف ڏني اٿم. اهي
ڪري اولين کي برداشت کان ڪم وٺڻ گهرجي.
اولين روز صبح جو اٿي جيان چانهه ٺاهي وينگ جي
ٻه ڪي پيار ڪندي هئي، ۽ جي وينگ به ڪنول جو پاسو
ڇڏي هن پاسي آيل هوندو هو ته ڪيس به چانهه ڏيندي ۽
جڏهن سج چڙهندي مهل ڪوڪو چانهه ٺاهڻ ايندي ته
نه ٻاهر پرندڙ هوندي نه وڏي سٽ ۾ پاڻي جو ڪــو
هڪ به ڦڙو هوندو... ۽ نوري ڪاٺيون هونديون. هڪ
ڏينهن ڪوڪوءَ پريشان ٿي چيو "هاڻ آءٌ ويچاريءَ
منهنجي مالڪڻ لاءِ چانهه ڪيئن ٺاهيان؟" ۽ پوءِ وڃي
ڪنول جي ساهون وينگ کي ڇپائين ته سندس ڀرين

زال سنڌس جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪنول به ڪوڪوءَ جي حمايت ۾ گهٽو ڪجهه ڳالهايو جنهن تي وينگ ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿي ويو ۽ ڪاوڙ مان اولين کي چيائين ”تون ڇو ڪوڪوءَ کي تنگ ٿي ڪرين؟ نه مٽ ۾ پاڻي ٿي ڇڏين نه ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون.“ اهو ٻڌي اولين آهستي ورائيو ”آءٌ ڪنهن ٽڪي جي نوڪرائيءَ جي پانهي ڪونه آهيان..“ وينگ وري ڪاوڙ مان چيو ”ڇا تون ڄاڻين نٿي ته ڪوڪوءَ کي صبح جو ڪنول لاءِ چانهه ٺاهڻي هوندي آهي؛ پنهنجي لاءِ نه...

”انهيءَ عورت جو ته منهنجي اڳيان ذڪر نه ڪندو ڪر جنهن کي تو منهنجي آخري پوڄي به هيرا به ڏيئي ڇڏيا“، اهو چوندي اولين جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ سنڌس جملو ٻڌي وينگ به شرمسار ٿي ويو ۽ سنڌس ڪاوڙ ۽ جوش ڪافور ٿي ويو. ڪنڌ جهڪائي هو واپس ڪنول ڏانهن هليو ويو ۽ ڪوڪوءَ کي چيائين آءٌ نوڪي نٿو ۽ وڏو رڌو ٺهرائي ڏيندس جنهن ۾ ضرورت جي هر شيءَ موجود هوندي. پوءِ نوڪي جيڪي وٺي، جنهن وقت وٺي، پڻي ٺاهي ج. آءٌ هن جهنگلي عورت جي منهن نٿو لڳڻ چاهيان.

ٻئي ڏينهن ٿي زمين تان هاري نئون بورچي خانو ٺاهڻ لاءِ اچي ويا. چنگ کي وينگ پيسا ڏيئي شهر موڪليو جيئن رڌ پچاءُ ۾ استعمال ٿيندڙ ديڳڙا، هنديون ۽ ٻيا بارن وٺي اچي. ٻن ڏينهن ۾ بورچي خانو تيار ٿي

رهو ۽ ٻوھ روز صبح جو ڪوڪو ڪنهن نه ڪنهن
هاري کي ساڻ ڪري شهر ويندي هئي ۽ گهر جي
استعمال لاءِ گوشت، ڀاڄيون، ميوا، پستا ۽ بادام وٺي
ايندي هئي ۽ رڌڻي ۾ هر وقت ڪجهه نه ڪجهه پيو
ٺهندو هو. وينگ جي چاچي به سڄو ڏينهن ڪنول جو
پاسو جهليو ويٺي هوندي هئي ۽ پنهنجي سندس خدمت
چاڪري ڪندي هئي ڇو جو ائين ڪرڻ سان ڪيس
به کائڻ لاءِ هر اها شيءِ ملي ويندي هئي، جيڪا ڪنول
لاءِ ٺهندي هئي يا ڪنول لاءِ آيل هوندي هئي. چاچي
هڪڙي مهيني ۾ تمام گهڻي ٿلهي ٿي وئي هئي ۽
سندس جسم تي بي حساب چربي چڙهي وئي هئي،
ڪنول ۽ ڪوڪو به ڪا روڪ ٽوڪ نه ڪڄڻ ڪري
سڄو ڏينهن پيون کائينديون هيون ۽ ائين وينگ جي
گهرڀلو خرچ ۾ بي پناهه اضافو ٿي ويو هو. وينگ اها
ڳالهه محسوس ڪئي ٿي پر ڪنول اڳيان ڪڇي نٿي
سگهيو. هو بنيادي طور تي هڪ غريب هاري رهي
چڪو هو، جيتوڻيڪ هن وقت دولتمند هو پر
انهيءَ مقام تي پهچڻ لاءِ کيس سخت محنت ۽ جاکوڙ
ڪرڻي پيئي هئي ۽ هن چاتو ٿي ته دولت ڪيتري
محنتسان ٿي گڏ ٿئي ۽ ايتري محنت سان گڏ ڪيل
دولت صرف زبان جي ذائقي مٽائڻ تي خرچ ڪرڻ فضول
خرچي هئي. ۽ انهيءَ فضول خرچي جو سبب چاڪاڻ
ته ڪنول هئي انهيءَ ڪري وينگ جي دل مان سندس

محبت جي گرمي پگهرجي ختم ٿيڻ لڳي هئي. هڪ
ڏينهن نيٺ دل جهلي هن رات جو اڪلائيءَ ۾ ڪنول
کي سمجهائيندي چيو ”توکي جيترو وٺي اوترو خرچ
ڪر، جهڙي وٺي سا کاءُ، پر مون کي اها ڳالهه پسند
نه آهي ته منهنجي چاچي ۽ ڪوڪو به سڄو ڏينهن
پيون چرن ۽ هر اها شيءِ کائين جيڪا تو لاءِ تيار ٿئي.
وينگ چوڻ وارو ته چئي ويو ڇو ته ڪيس اميد
هئي ته سندس پاڪر جي پيڙ ۾ ۽ محبت جي گرمي
۾ ڪنول ضرور سندس ڳالهه کي سمجهندي ۽ پنهنجي
مڙس جي ٿيندڙ نقصان جو ڪيس احساس ٿيندو، پر
وينگ جي حيرت جي ڪا انتها نه رهي جڏهن مکڙين
جهڙي نازڪ جسم جي مالڪ ۽ هميشه ڌيمي لهجي ۾
گفتگو ڪندڙ ڪنول ڪنهن زخمي شينهڻ وانگر ڪجگوڙ
ڪندي چيو ”تون ڀلي پيٽ چاڙهين ٿو ته هن گهر ۾
توکان سواءِ سڀ منهنجا دشمن آهن، تنهنجي ڀرين
زال مون کي جيترو ٿي نٿي ڏسڻ چاهي ۽ تنهنجا منحوس
ٻار منهنجي ڀاڄي کان به نفرت ڪن ٿا، اهڙي ماحول
۾ تون مون کي ڪوڪو ۽ چاچيءَ کان به دور ٿيو
ڪرڻ چاهين! ڇا تنهنجي مرضي آهي ته آءٌ پيتين
سان مٿو هڻي خود کي ماري ڇڏيان؟“ ۽ ايترو
۽ ايترو چئي هوءَ رانڀاڙ ڪري روئڻ لڳي، منهن مٿو
پٽڻ لڳي ۽ وار پٽڻ لڳي. انهيءَ عالم ۾ ٿي وري
چوائين ”نڪري وڃ منهنجي ڪمري مان.. جي تنهنجي

دل پرجي ويٺي آهي ته آءٌ به تنهنجو منحوس چهرو نٿي ڏسڻ چاهيان. آءٌ واپس اوڏانهن هلي وينديس جتان آئي آهيان، چڱو ٿيو جو مون ڪوڪوءَ سان تعلق نه ٽوڙيو نه ته تنهنجي انهيءَ بي رخيءَ کان پوءِ منهنجو نجاڻ ڪهڙو حشر ٿئي ها.

ڪنول، وينڪ جي محبت هئي. هوءَ ڪيس ڏاڍي جاکوڙ کان پوءِ ملي سگهي هئي ۽ ڪيس ماڻڻ لاءِ هن پنهنجو محنت سان ڪمايل پئسو پاڻيءَ وانگر خرچ ڪيو هو، سو ائين هلي وڃي؟ اهو وينڪ ڪيئن ڪر برداشت ڪري ها. سو هن جڏهن ڪنول کي ڪاوڙ ۾ ڏٺو، ايتري قدر جو هن ڪيس ڇڏي وڃڻ جي ڌمڪي به ڏني، تنهن ڳالهه وينڪ جا هوش آڏائي ڇڏيا. جهٽ ڪئي ڪيس پنهنجي ٻاڪر ۾ قابو ڪيائين ۽ لڳو سندس جسم کي چمڻ، ۽ آزيون نيزاريون ڪرڻ... پنهنجي پيار ۽ محبت جا واسطا ڏنائين، پيرن فقيرن جا قسم ڏنائين، معافيون ورتائين توبهه زاري ڪيائين، تڏهن ڪو مس وڃي شهزادي صاحبه جي ڪاوڙ ڍري ٿي. گهريلو ناچاڪائي جي اها شروعات هئي.

هڪ ڏينهن، صبح جو سويل جڏهن اڃان ٿڌڙي هير گهلي رهي هئي ۽ سج جا پهريان ڪرڻا ڌرتي ماتا اڳيان سجدو ڪري رهيا هئا، وينڪ جو پوڙهو پيءُ پنهنجي ٻڍاپي جي ساٿي لٺ ٺڙڪائيندو، ٻئين کي جهليندو انهي پاسي اچي نڪتو جتي وينڪ ۽ ڪنول

اڳئين ڏينهن حوض ۾ ڇمڪندڙ مڇين جو تماشو ڏسي رهيا هئا ۽ صبح جي هير جو مزو وٺي رهيا هئا. وينگ پوڙهي کي اها خبر ٻڌائڻ جي ضرورت ڏسي محسوس نه ڪئي هئي ته ڪو هُن ٻي شادي ڪئي آهي ڇو ته کيس خبر هئي ته پوڙهو انهيءَ ڳالهه تي سخت ناراض ٿيندو، باقي پڪ هئس ته ٻاڻ مرادو پوڙهي کي خبر نه پئي سگهندي ڇو ته هو ڪنهن ڪان ٻوڙو ٿي چڪو هو ۽ بينائي ذري گهٽ پوري ٿي چڪي هئس. پر اها وينگ جي غلطي هئي. پوڙهي جي نظر ايتري به ڪمزور نه هئي جيتري وينگ سمجهي هئي. سج جي روشني ۾ جو پوڙهي وينگ سان گڏ هڪ اوپري عورت کي ڏٺو جنهن جو چهرو سرخي پائوڊر سان ستيل هو ۽ جنهن جو لباس به شريف عورتن جهڙو ڪونه هو، تنهن وٺي وڏي واڪي پڇيو، ”ته ڇا هاڻ هن شريفن جي گهر ۾ بازاري عورتون به اچڻ لڳيون آهن.؟“

پوڙهي جا اهي لفظ ٻڌي وينگ جو اڌ ساهه نڪري ويو. مُبادا بازاري عورت واري الزام تي ڪنول هاهه پٽ شروع ڪري ڏئي، سو تيزيءَ سان پوڙهي وٽ آيو ۽ کيس ٻانهن کان جهليندي چيائين، ”اچ بابا اچ، ٻئي اڳئين تي هلون، اتي آس ستي هوندي آهي، ۽ هيءَ عورت بازاري عورت نه، منهنجي ٻي زال آهي.

پر پوڙهو گوڙ ڪندو رهيو.. ”نه نه هيءَ رنڊي آهي. طوائف.. مون کي هڪ زال هئي، منهنجي ٻيءَ

جي ۾ هڪ زال هئي.. اسان هڪ ٻئي زمين تي هر
ڪاهيندا رهيا آهيون.

پوڙهو آڏان اصل ڇڏڻ جي ئي نه ڪري. وينگ ڏاڍي
ڪوشش سان ڪيس ٻئي اڱڻ تي وٺي آيو جتي اولهن
رڌلي ۾ ماني تيار ڪري رهي هئي.

ماڻ ڇڻ پوڙهي کي اهو شغل هٿ اچي ويو. هو
روز صبح جو ننڊ مان جاڳي، ٽڙندو ٿاٻڙندو اٿي دريءَ
وٽ ويندو جتي ڪنول واري اڱڻ تي ڪلندي هئي
۽ وڏي راڳ پڪاريندو "رنڊي... طوائف."

پوڙهو عمر جي انهيءَ حصي ۾ پهچي چڪو هو
جتي پهچي انسان وري ٻار مثل ٿيو پوي ۽ ڪنهن
ڳالهه کان کيس روڪجي نه اها حرڪت ٻاڻ ڳڻي
ڪندو. وينگ پيءُ تي سختي به نٿي ڪري سگهيو ۽
پيءُ ڳالهه کان به ڏنو ٿي ته ڪٿي ڪنول انهيءَ ڳالهه
جي بنياد ٻڌائي کيس ڇڏي وڃي. آخر ڪري ته ڪري
؟ انهيءَ فڪر سنڌس آرام حرام ڪري ڇڏيو. ڪنول
نه هٿ نٿي ڪٿي سگهيو ۽ پيءُ سان سختي به
ڪري سگهيو. پريشانيءَ وارن انهن ڏينهن ۾ هڪ
ان هُن اوطاق ۾ ويٺي چنگ سان ٻج ۽ اناج جي
داري ۽ وڪري متعلق صلاح مشورو ڪيو ته اوچتو
زوردار رڙ جو آواز سنڌس ڪنن تي پيو آواز ڇاتل
ل هو، وينگ پريشان ٿي ڪنول واري ٻوڙي پاسي
اني پهچي ڏٺائين ته سنڌس گونگي ڏيءُ، ۽ ٻئي آخري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻار ڪنول جي ڪمري ۾ موجود هئا.
اولين جا ٻار ڪڏهن به ڪنول جي اڳ ۾ تي نه آيا هئا جو اولين کين سختيءَ سان منع ڪئي هئي. پر تڏهن به ٻار کي ڪير ٿو روڪي سگهي؟ اهي پنهنجي فطري تجسس وچان پنهنجي ڪوٺي مان ٿي اڳڻ تي ڪلنڊڙ دريءَ مان ٻيا ليئا پائيندا هئا ۽ ڪنول کي اڳڻ تي پسار ڪندي ڏسندا هئا تان جو ڪنول جي جسم تي هاربل قيمتي عطر جي تيز خوشبو ٻارن جي ڪن تائين پهچندي ۽ کين ڇڪون اچڻ لڳنديون ۽ دريءَ تان هٽڻو پوندو يا وري ڪنول جي قيمتي، چمڪندڙ لباس ۾ ان مان ظاهر ٿيندڙ سندس مختلف عضون کي ڏسندا رهندا، جيسين وڃي هو پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿئي ۽ سندس نگاهن کان دور ٿئي. ڪنول ٻارن کي پاڻ ڏانهن عجب ڀرين نگاهن سان نهاريندي ڏسندي هئي ۽ انهيءَ تي کيس ڪاوڙ به ايندي هئي، تنهن ڪري هن ڪيترا ڀيرا وينگ کي چيو هو ته سندس اڳڻ تي ڪلنڊڙ دري بند ڪرائي ڇڏي. پر وينگ اڄ تائين ڪنول جي انهيءَ خواهش تي سنجيدگي سان نه سوچيو هو. پر اڄ خبر نه آهي ٻارن اها همت ڪيئن ڪئي جو پنهنجي گوڻنگي ڀيڻ کي ساڻ ڪري ڪنول واري اڳڻ تي لنگهي آيا ۽ ڪنول جي ڪمري ۾ گهڙي ويا جتي وينگ جي گوڻنگي ڌيءَ کي شايد اچرج ٿيو جو هوءَ لاڪيتو ڪنول ڏانهن نهارڻ لڳي. ڪنول هر ڳالهه ۾ سندن

ماڻهن کان مختلف هئي، هن جو رنگ سون جهڙو هو، جسم ٿي چربي چڙهيل هئي، چهري تي ڪريم پائوڊر جا تهه هوندا هئا ۽ ڪپڙا پهريل هوندي به هوءَ اگهاڙي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ڪونڪيءَ جي اٺين لاڳيتو نهارڻ کان ڪنول کي خوف محسوس ٿيو ۽ آها هنيان ڦاڙ رڙ سندس دل جي اونهاين مان نڪتي جنهن کي پڌي ويهگ پوڙندو سندس ڪمري ڏانهن آيو هو. وينگ کي ڏسي ڪنول ڪاوڙ ۽ نفرت ڳاڍڙ لهجي ۾ چيو، ”آءٌ هاڻ هتي هڪ منٽ به نه ترسنديس. ڪاش مون کي خبر هجي ها نه آءٌ جنهن منحوس گهر ۾ وڃي رهي آهيان اتي حرامي ٻارن جي هڪ فوج موجود آهي جيڪي بدتميز آهن، بڇڙا ۽ غليظ آهن، نه جيڪر آءٌ هت ڪنهن به قيمت تي نه اچان ها.

۽ ايترو چئي هن پنهنجي وزني هٿ سان پر ڪري ڪونڪيءَ کي چماٽ وهائي ڪڍي. چماٽ لڳنديئي ڪونڪيءَ جي معصوم ڳل تي آگرين جا نشان اڀري آيا ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهي آيا. لڙڪ هارين اکين سان هن پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريو ڄڻ فرياد ڪندو هجي. ڪونڪي ڏيءَ سان وينگ کي به ڏاڍو پيار هو، ڪنول جو ساڻس اهڙو سلوڪ ڏسي هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. سندس جسم ڪنبڻ لڳو ڪنول کي مخاطب ٿي چيائين، توکي اها همٿ ڪيئن ٿي جو منهنجي هن معصوم ٻالي ڀولي ڌيءَ تي هٿ

ڪنيو... ۽ منهنجي ٻارن کي حرامي چيئي؟ ذليل... بازاري عورت... پاڻ ته ڇئي به ڪونه سگهي آهين ۽ هلي آهين منهنجن ٻارن کي طعنو ڏيڻ.

پوءِ وري ٻارن کي چيائين ”هلو هتان هلو. اوهان کي ڪهڙي ضرورت پيئي جو هن ڪم ذات جي پاسي آيا. ٻيهر ڪڏهن به هيڏانهن نه اچجو... هي اوهان کي پسند نٿي ڪري، يعني مون کي پسند نٿي ڪري...“ ايترو چئي هن گونگيءَ کي هٿ کان ورتو. پيءُ جي شفقت جو اهو انداز ڏسي، گونگي پنهنجو ڏک وساري مُرڪڻ لڳي. ۽ وينگ ٻارن کي پاڻ سان وٺي هليو آيو.

وينگ کي ويندو ڏسي ڪنول حيران ٿي ويئي. هُن نه سمجهيو هو سندس ڪنهن به ڳالهه تي وينگ کي ڪاوڙ نه ايندي، پر اڄ کيس ايترو ڪاوڙ ۾ ڏسي هو اچرج ۾ پئجي ويئي. هڪدم کيس اهو خيال آيو ته متان وينگ پاڻ کيس گهر مان ڪڍي ڇڏي. اهڙي صورت ۾ سندس زندگي ڪيئن گذرندي؟ ٻيو ڪٿي کيس اهڙيون عياشيون ميسر ٿينديون؟ پر هاڻ ته تير ڪمان مان نڪري چڪو هو. اتي ويٺي ويٺي سوچي ورتائين ته وينگ کي هر صورت ۾ پرچائڻو پوندو ۽ هيٺاهين هلت هلڻي پوندي. رعب ۽ زور سان ڪم نه هلندو. هوڏانهن وينگ وري الهيءَ واقعي کان پوءِ لاڳيتا ٻه ڏينهن ڪنول جي ڪمري ۾ نه ويو. هن کي ڪنول سان پيار هو. سندس جملي لاڏڪوڏ ۽ ناز نخرا برداشت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا ھئائون، پر اھو طعنو سندس برداشت ڪان ٻاھر ھو ته سندس ٻار حرامي ھئا. ھن ڪنول ڏانھن نه وڃي ڪيس ھلڪي ڦلڪي سزا ٿي ڏيڻ چاھي جيئن ڪيس احساس ٿئي ته ھو سندس زندگيءَ جو ناگزير حصو نه ھئي ۽ سندس حد کان ٽپڻ ڪيس منظور نه ھو. اھي ٻه ڏينھن ھن اولين واري پاسي گذاريا ۽ سڄو ڏينھن پنھنجن ٻارن سان کيڏندو رھيو، شھر وڃي ھنن لاءِ رانديڪا ۽ مٺائيون به وٺي آيو. سندس انھيءَ بدليل رويي تي اولين به خوش ھئي ۽ سندس چھري تي نئين تازگي ۽ زندگيءَ جا آثار ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. ٽئين ڏينھن نيٺ وينگ ڪنول ڏانھن ويو. ان وقت ڪنول ڪوڪو ۽ چاچيءَ سان گڏ چانھه پي رھي ھئي. وينگ کي ڏسي ھوءَ چشم مارشن، دل ماشاد جي ھوبھو تصوير ڏسڻ ۾ آئي. ھن ھڪدم اٿي وڏي وينگ جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ٻنھي عورتن کي ڪمري مان وڃڻ جو اشارو ڪيو. اڪيلائي ٿيڻ تي ھن وينگ لاءِ پنھنجي اڪٽ پيار جو عملي مظاھرو شروع ڪيو ۽ جنھن لذت ۽ سرور جي حصول لاءِ وينگ ڪنول اڳيان ٻڪاري ٿيو رھندو ھو سو اڄ ھن پاڻ مرادو ۽ نھايت گرم جوشي سان وينگ کي پيش ڪيو. ھو به ڪنول جي وجود مان سرور حاصل ڪري ۽ مستيءَ جي ڪيفيت ۾ ٻڏي ويو ۽ ڪنول کي پنھنجي ٻڪن ۾ ڪٺي ڦابو ڪيائين. ٻنھي طرفن دليون صاف ٿي ويون. شڪايتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دور ٿي ويون. ڪنول کي ٻئي ڪنهن هنڌ امڙي آرام ده، زندگي ميسر نه ٿي سگهي ها ۽ سندس پريل پريل نرم گرم جسم ۽ انهي سان لاڳاپيل لذت جي دنيا وٽنس جي ڪمزوري هئي. ٻئي هڪ ٻئي کي ڇڏي نٿي سگهيا انهيءَ ڪري ٻه ڏينهن اڳ پيش آيل واقعو لئي مٿي ٿي ويو. پر ايترو سو ضرور ٿيو هاڻ وٽنس جي پيار ۽ طلب ۾ اها شدت نه رهي هئي جيڪا شروعاتي ڏينهن ۾ هوندي هئي. هو ديوانگيءَ واري دور مان نڪري آيو هو. عشق جو ڀوت سر تان لٿو ته سندس ذهن ۾ اڳيون ڳالهيون تازيون ٿيڻ لڳيون. زمين، فصل، ٽڏڙي هير، آسمان، سج چنڊ تارا... ۽ انهن ڏينهن هڪ ڏينهن جڏهن اچان ٻاک مس ڦٽي هئي، صبح جي ٽڏڙي هير ڪُهلي رهي هئي، آسمان، سمنڊ جي نيري شفاف پاڻيءَ جهڙو پاسي رهيو هو وٽنس بي اختيار ٿي گهر مان ٻاهر نڪري ويو. نچاڻ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڌرتي ماتا جي خوشبو سندس نڪ وسيلي دماغ تائين پهتي ۽ سندس سموري وجود ۾ ڪتڪتايون ٿيڻ لڳيون وٽنس جي اصلا اصل محبوبه ته زمين هئي، ڌرتي... جنهن کي اڻ ڳڻين ڏينهن کان هن ڇڻ ته طلاق ڏيئي ڇڏي هئي.. اڄ ٻاهر جو نڪتو ته ڌرتي هر طرف کان کيس ٻڌڪارڻ لڳي. سائس شڪايت ڪرڻ لڳي، پراڻا ڏينهن ۽ پراڻي محبت ياد ڏيارڻ لاءِ رنج ۽ خوشي، فراق ۽ وصل جي جذبن سان ڀرپور سُريلو گيت

جهونگارڻ لڳي.. پکي پکڻ پنهنجن پنهنجن ڳڙدن تي روانا ٿي رهيا هئا. بهار فصل جا ٿلا هوا جي ساز تي نچي رهيا هئا، ۽ انهيءَ ماحول وينگ کي ياد ڏياريو ته ڪاڻ محبوبه اهڙي پياري ٿي لڳي سگهي جهڙي ڌرتي ماتا.

هو گهر ويو اولهن جي پاسي ۽ پنهنجو ريشمي لباس لاهي ڪڍيءَ جو ڊگهو جبو پائي گوڏ ٻڌي، هر ڪلهي تي رکي، ڪوڏر هٿ ۾ کڻي هو نڪري پيو ۽ چنگ کي وڃي سڏ ڪيائين "چنگ، چنگ. ٻاهر نڪر منهنجا يار.. آرام جو وقت نه آهي، ڌرتي ماءُ ۽ اسان جا فصل اسان کي سڏي رهيا آهن."

چنگ، جيڪو اڳ وينگ جي پاءُ جي حيثيت رکندو هو ۽ ڪنول واري زماني کان صرف ڪمدار رهجي ويو هو تنهن جڏهن وينگ کي پراڻي روپ ۾ ڏٺو ته ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي ڳڏجي زمين تي پهتا. هاري هر ڪاهڻ ۽ ڳڏ ڪيڻ ۾ مصروف هئا. مالڪ کي سامهون ڏسي هنن اجان وڌيڪ محنت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. وينگ هڪ هاريءَ کي هٽائي، پاڻ هر ڪاهڻ لڳو. اڄ هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ محنت ڪرڻ ۾ هن کي هڪ عجيب لذت ۽ مستي محسوس ٿي رهي هئي.

ڪو اهڙو به وقت هو جڏهن وينگ صبح جو سوير زمين تي ويندو هو ۽ اونده ٿيڻ تائين ڏکي واڪر پنيءَ ۾ پيو ڪم ڪندو هو جو ته تڏهن مسئلو هو پيٽ جو

محنت نہ ڪري ها تہ ٻہ ٽڪتان پري ها.. هاڻ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي. قدرت ڪيس ايترو تہ نوازي ڇڏيو هو جو ڪيس وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت نہ هئي. پر اڄ جڏهن هن ڏڪن کي هڪليو تہ ڪيس ڏاڍو لطف آيو. ۽ شام جو جڏهن ٻڪهر ۾ شل، ٿڪ ۾ ساڻو ٿي هو گهر پهتو تہ سندس چهري تي اطمينان جي حڪمراني هئي. هو انهيءَ حالت ۾ سڌو ڪنول جي پاسي هليو ويو. هن پنهنجي مڙس کي اڄ ڪڏهن انهيءَ حالت ۾ نہ ڏٺو هو. هٿ، پير، وار، جسم جو هر حصو، مٽيءَ هاڻو هو، ڪپڙا ٻڪهر سان ڀسيل هئا ۽ انهن مان ٻڪهر جي باس پئي آئي. وينگ کي انهي حال ۾ ڏسي ڪنول واڏڙي ٿي وئي. پنهنجي نازڪ نفيس زال کي اچرج ۾ ڏسي وينگ ٽهڪ ڏنو ۽ ڪنول جا ٻتڪڙا هٿ پنهنجن مٽيءَ هاڻن هٿن ۾ جهلي چيائين. "ڏسُي پنهنجي مڙس جو اصل روپ؟ تنهنجو گهر وارو دراصل هڪ محنتي هاري آهي. رئيس نہ."

"اهو ٻڌي ڪنول چيو "خدا نہ ڪري جو ائين ٿئي."

وينگ کلندي چيو "ٿئي ڇا منهنجي رالي، ائين آهي" ۽ ايترو چئي هو پراڻي گهر ڏانهن هليو ويو. اڄ ڪيس وهنجڻ ۾ بہ ڏاڍو مزو آيو. ٿڌو ٿڌو پاڻي جيئن ٿي سندس ٻڪهريل ۽ ٿڪل جسم تي پيو ڪيس ناقابل بيان سُرور حاصل ٿي رهيو هو. محنت جي خوشي ۽ عظمت ۽ انهيءَ ڪان پوءِ وهنجڻ ۾ ماني

ڪاڻ سان جيڪو لطف مزور کي حاصل ٿئي ٿو، تنهن جو اندازو به صرف اهي ئي لڳائي سگهن جيڪي پاڻ مزور هجن.

هاڻي اهو وينگ جو روز جو معمول بڻجي ويو. هن ٻانڌڪيءَ سان پنهنجي زمين تي وڃڻ ۽ پاڻ محنت ڪرڻ شروع ڪئي. سڄو ڏينهن سج جي روشنيءَ ۾ سخت محنت ڪرڻ جي ڪري سندس رنگ سانورو ٿي ويو، جسم سخت ٿي ويو، هٿ مضبوط ۽ ڪُهرا ٿي ويا ۽ هو اڳي کان وڌيڪ ماني کائڻ لڳو. اولين کي چڱيءَ پر ڄاڻ هئي ته هڪ محنتي هاريءَ جي خوراڪ ڇا هجڻ گهرجي. هوءَ هر ويلي تي خوشبودار چانور، گوشت جو شُوروو ۽ بصر اڇي وينگ جي اڳيان رکندي ۽ هو پيٽ ڀري کائيندو. وينگ کي هاڻ انهيءَ ڳالهه جي پرواهه نه هئي. ته سندس محبوبه ڪنول کي بصر جي ڌپ کان نفرت هئي هاڻ انهيءَ صورتحال ۾ ٻنهي عورتن جي حيثيت مٽجي وئي. ڪنول جي حيثيت صرف هڪ رانديڪي مثل هئي جنهن سان وينگ راندڪائيءَ جي وقت ۾ راند ڪندو هو، پنهنجي خواهشن جي پورائي ڪندو هو.. ۽ اولين وري گهر واري حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي جنهن جو فرض هو ته پنهنجي محنتي مڙس لاءِ سٺي خوراڪ تيار ڪري، ۽ سندس خدمت ڪري.

وينگ جو چاچو ۽ چاچي به گهر جي هڪ ڪنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ پيا هئا ۽ سچو ڏينهن بنا ڪنهن ڪم ڪار جي پيا رليون ڏوڙيندا هئا... چاچو ته نشائي به هو ۽ ڪيس نشي جي پوراڻي لاءِ رقم کپندي هئي. پنهنجين ضرورتن جي پوراڻيءَ لاءِ هو هر وقت پيو پنهنجي پاڻ ــي جي واڪاڻ ڪندو هو، سندس امارت ۽ ذهانت جا گيت ڳائيندو هو. ڳوٺ ۾ دولت مند ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، وينگ جي عزت ڪافي وڌي ويئي هئي، ڳوٺاڻا پنهنجي ضرورت جي وقت وينگ ڪان ٿورڙي وياج عيوض قرض حاصل ڪري سگهندا هئا، جهيڙي جهٽي وقت ڪاڻس فيصلا ڪرائيندا هئا ۽ ڪيس هنن پنهنجو چڱو مڙس چونڊي ورتو هو.

قدرت وينگ تي لاڳيتو مهربانيون پئي ڪندي آئي. هن دفعي به ڏاڍا سٺا مينهن وٺا. مٿان وينگ پاڻ جو زمين تي موجود رهندو هو ۽ محنت ڪندو هو، تنهن ڪري ڏمي هارين به گهڻي محنت ڪئي ۽ وينگ جا گودام اناج سان ڀرجي ويا. هن دفعي جڏهن وينگ اناج جي وڪري لاءِ مارڪيٽ ويو ته سندس وڏو پٽ به ساڻس گڏ هو جيڪو لکي پڙهي هاڻ انهيءَ قابل ٿي ويو هو جو خريداري ۽ وڪري جو حساب ڪتاب ڪري سگهي. اڳ وينگ کي انهيءَ سلسلي ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. هو پاڻ ويچارو اڻ پڙهيل هو. ۽ اها خاطري ڪرڻ لاءِ ته حساب ڪتاب ۾ ساڻس دوکو ڪونه ڪيو ويو آهي ڪيس ڪيترن ئي ماڻهن جي

خوشامد ڪرڻي پوندي هئي. شرمساري ڌار ٿيندي هئس. پر اڄ سنڌس پڙهيل پٽ گڏ هو ننڍڙي وڻنگ کي ڪو ٻيو ڏاءُ نه هو ته ڪير سائس حساب ۽ حرامپائي ڪري وڃي... سودو چڪائي جڏهن هو شام جو گهر ڏانهن ٿي موٽيو ته سنڌس پير زمين تي پيا ٿي ڪونه ٿي. اڄ فخر سان سنڌس ڳاٽ اوچو هو. پاڻ ته ڪونه پڙهيو هو، پر پنهنجي اولاد کي تعليم جي زيور سان مالامال ڪري ڇڏيو هئائين. هاڻ اڳتي اها سندن مرضي هئي ته هو علم جي حصول لاءِ ڪيترو اڳتي نا وڃن... پٽ جي تعليمي قابليت جو اندازو لڳائڻ کان پوءِ هن گهر موٽندي رستي ۾ ئي اهو فيصلو ڪري ورتو ته هاڻ پٽ جي شادي ڪجي، ڪنهن وڏگهرائي [illegible] ۽ سچيٽي نهڪر سان... رات جو جڏهن هو ۽ چنگ نوڪلا تي ويٺا ٽڏهن چانهه پيئندي وڻنگ، چنگ کي پنهنجي خواهش کان آگاهه ڪيو ۽ اهو ڪم ٻه مٿس رکيائين ته انهيءَ مقصد لاءِ ڪا سٺي ڇوڪري ڳولهي هٿ ڪري منگ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪجي.

چنگ اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇوڪري جي هوشياري ۽ ذهانت جي واکاڻ ڪيائين ۽ خوشي سان اهو ڪم پنهنجي ڪلهن تي کنيائين. چنگ کي ڪا هئي ته ڇوڪري لاءِ سڱ ڳولهڻ ڪو ڏکيو ڪم نه ٿيندو. ڇو ته وينگ کي ڳوٺ ۽ پرپاسي وارا سڀ ماڻهو سڃاڻندا هئا ۽ ڪين خبر هئي ته وينگ هڪ

امير ڪبير شخص هو، اهڙي ماڻهوءَ جي گهران سڱ
جي گهُر ٿئي ۽ ڪير انڪار ڪري؟ اهڙو بدنصيب
پيو ڪهڙو ٿيندو؟ پر اڃان ڇوڪري جي شاديءَ جو
معاملو وچ ۾ ٿي پيو هو ته هڪ ڏينهن اوچتو ڇوڪري
کي نڄاڻ ڇا ٿيو جو هن پنهنجا ڪتاب ۽ ڪاپيون
ڦاڙي ڇڏيون ۽ پٿين سان مٿو ٽڪرائڻ لڳو، وينگ
ڪيس سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڇوڪري پيءُ سان
به ڏند ڏنا. اهو ڏسي وينگ پريشان ٿي ويو، ڪيس
سمجهه، ئي نه اچي ته ڇوڪري کي ٿيو ڇا.. هو هڪ
سادو سودو ڳوٺاڻو هو، ۽ ڪيس دنيا جي ناٽڪن جي
ڪا خبر نه هئي. سو انهيءَ معاملي ۾ به هن ڇنگ
سان صلاح ڪئي. ڇنگ جواب ڏنس ته سُٺي ۽ طاقتور
خوراڪ ۽ پيسي جي گهٽائيءَ تنهنجي پٽ کي عمر
کان اڳ جوان بڻائي ڇڏيو آهي. ۽ اهو سڀ ناٽڪ
انهيءَ ڪري رچائي رهيو آهي جو هاڻ جوانيءَ جي
قوت ڪانئس برداشت نٿي ٿئي. اڄ جڏهن شهر ويو
هوس ته رستي تي سندس پوڙهي استاد ٻڌايو پئي ته
وڏو ڇوڪرو هاڻ پڙهائي ڏانهن ڌيان ڪونه ٿو ڏئي ۽
ڪيترن ڏينهن کان مدرسي ۾ آيو به نه آهي. ”اها
ڳالهه ٻڌي وينگ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ جڏهن
انهيءَ سلسلي ۾ هُن پٽ کان سوال ڪيا ته هن نهايت
بدتميزيءَ سان ورائيو ته ”آءٌ هاڻ واپار ڪرڻ لاءِ شهر
ٿو وڃڻ چاهيان، هت هن ڳوٺڙي ۾ هاڻ منهنجي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ، ٻہ نہ آهي. ۽ وڌيڪ پڙهڻ ٻہ نٿو چاهيان."

وينگ، جيڪو ٻاڻ هميشہ پنهنجي پيءُ جو فرمانبردار ٿي رهيو هو ۽ جنهن پيءُ تہ ڇا پنهنجي ڪنهن وڏي بزرگ سان ٻہ ڪڏهن منهن نہ اڙايو هو، سو پٽ جي بدتميزي برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ لڪڻ ڪٺي اچي پٽ تان پيو... اهو ڏسي اولين پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ اچي پيئي، پر وينگ ساهي نہ پٽي... لڪڻ جو وسڪارو ڪندو رهيو جنهن جي ڪري اولين کي ٻہ ڌڪ لڳا. پر هوءَ نہ ٻہ پٽ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. ۽ ڇوڪرو جيڪو نينڍپڻ ۾ پيءُ کان ڏاڍو ڊڄندو هو ۽ هڪڙي چمات تي مُٺ وهي ويندو هوس سو اڄ ڪيتري مار کائڻ ڪانپوءِ ٻہ پنهنجي هٺ تان نہ لٿو ۽ پيءُ سامهون اڪڙيو بيٺو رهيو. اولين مس مس، وينگ کي ڇڪي ڪمري ۾ وٺي ويئي ۽ دروازو بند ڪري، روئنهارڪي آواز ۾ ڪيس چيائين "ڇاڻان ٿي تہ اوهين سخت ڪاوڙ ۾ آهيو ۽ اوهان کي صدمو رسيو آهي.. پر خدا جي واسطي منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌو، پوءِ فيصلو ڪجو تہ ڇوڪرو ايترو بدتميز ڪيئن ٿيو آهي.

وينگ، جيڪو ساهہ پرجي وڃڻ ڪري ٻيهي نٿي سگهيو سو ڪمري ۾ پيل هڪ اسٽول تي ويهي رهيو. ۽ اولين جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳو، جيڪا چئي رهي هئي.

"اها مارڪيٽ بيڪار آهي، آءٌ اهو سڀ ڪجھہ اڳي ٻہ ڏسي چڪي آهيان، تڏهن جڏهن آءٌ وڏي حويلي

۽ پاڻهيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي هوس. انهيءَ دولت مند گهراڻي ۾ ڇوڪرا جڏهن جوانيءَ جي ماڻري ۾ وک پائيندا هئا ته اهي به انهيءَ قسم جو حرڪتون ڪندا هئا ۽ وڏي جاگيردار سان منهن ماري ڪندا هئا ۽ جيڪي پاڻهيون جاگيردار جي بستريءَ تي سمهڻ کان خارج قرار ڏنيون وينديون هيون، انهن سان هٿ چراند ڪندا هئا. اوهان کي سمجهڻ گهرجي ته اسان جي جوان پٽ جي اها آرهه زورائي انهيءَ ڳالهه جي علامت آهي ته ڪيس سٺي خوراڪ ۽ پئسن سان گڏ هڪ ٻي شيءِ جي به ضرورت آهي. شايد عورت جي.

پر نوجوانيءَ ۾ ۽ بالغ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به مون ته ڪڏهن اهڙيون حرڪتون ڪونه ڪيون هيون. منهنجي ذهن ۾ ته ڪڏهن عورت جو خيال به نه آيو هو... وينگ پنهنجي ڪاوڙ کي دپائيندي چيو.

”توهان جو معاملو ٻيو آهي. توهان ته هڪ محنتي مزور هئا. جيڪي سڄو ڏينهن زمين ۾ هر هلائيندو هو ۽ سج لٿي مهل ٿڪجي لٿي سمهي پوندو هو. اوهان کي ته اهڙين ڳالهين متعلق سوچڻ لاءِ به وقت ڪٿي هوندو هو.. آءٌ ته نوابزادن جي ڳالهه پئي ڪريان جن کي محنت جو ڪو ڪم نٿو ڪرڻو پوي ۽ وٽن اهڙيون ڳالهيون سوچڻ لاءِ تمام گهڻو وقت ٿو هجي.“

اولين جي واتان عقل منديءَ جون ڳالهيون ٻڌي وينگ حيران ٿي ويو.. سندس چوڻ بلاشڪ صحيح هو.

ڪيس ته سچو ڏينهن هر ۽ وڌندو پوندو هو ۽ هر وقت
اهو انديشو بڻيو هوندو هو ته اڪيئن ويلي تي ماني به
ملندي يا نه... اهڙو ماڻهو عورت جهڙي عياشيءَ متعلق
ڪيئن ٿو سوچي سگهي. جڏهن ته سندس پٽ اميرزادو
هو، لکيل پڙهيل هو ۽ هاڻ جوان به هو. اهو سوچيندي
هن چيو ”نون ٺيڪ ٿي چوين اولهن. چنگ جو به اهوئي
خيال آهي. هاڻ آءٌ ڇوڪري جي شادي ۾ دير نه
ڪندس... ايترو چئي وينگ ڪنول جي پاسي هليو ويو.

اڄ ڪافي ڏينهن کان پوءِ ڪنول جي ڪمري ۾
گهڙيو هو. ڪنول، سندس غير حاضري جي ڪري اهو
سوچڻ لڳي هئي ته شايد هاڻي هو پنهنجي مڙس لاءِ
ڪشش نه رهي هئي، تنهن وينگ کي ايندو ڏسي،
اڳتي وڌي سندس استقبال ڪيو ۽ سندس هٿ پنهنجن
هٿن ۾ جهليندي چيائين ”جي مون کي خبر هجي ها
نه صرف هڪ سال اندر تنهنجي دل پرچي ويندي ۽
تون مون سان نفرت ڪرڻ لڳندين ته جيڪر آءٌ پنهنجي
رنگين دنيا ڇڏي تنهنجي هن بي رنگ گهر ۾ ڪڏهن
به نه اچان ها.“ ايترو چئي هن اکين جي ڪنڊن مان
وينگ ڏانهن نهاريو ۽ سندس چهري جا تاثر پڙهڻ جي
ڪوشش ڪيائين. ۽ سندس هٿ کڻي پنهنجن ڳلن تي
رکيائين. وينگ جا هٿ هيئنر وري سخت ۽ کهرا هئا.

ڪنول وري چيو ”قيمتي هيرو جيسين انسان جي
اڳ کان پري هوندو آهي، تيسين سندس ئي چمڪ ڏسڻ

وڃان هوندي آهي، پر هڪ دفعو جي اهو هرو سندس
ڪنڌ جي هار جو حصو بڻجي ويو ته پوءِ انهيءَ جو
قدر ۽ قيمت جهڙ گهٽجيو وڃي. ياد ڪر اهو وقت
جڏهن تون اڄان مون کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان
هئين تڏهن تنهنجو ڪهڙو حال هوندو هو... هڪ پل
به مون کان سواءِ گهارڻ تو لاءِ مشڪل هوندو هو.
پر اڄ؟ آءٌ توکي ياد ئي ڪونه آهيان.

وينگ سندس شڪايت ٻڌي چيو "تنهنجي شڪايت
بجا آهي پر اڄڪلهه آءٌ دراصل پنهنجي وڏي پٽ متعلق
پريشان آهيان. جيڪو جوان ٿي چڪو آهي ۽ مونکي
سندس شادي جو فڪر لڳل آهي. پر سمجهه ۾ نٿو
اچي ته ڪيس ڪٿي پرڻايان. اهو به نٿو چاهيان ته
ڪنهن هاري جي ڌيءَ منهنجي گهر ۾ ننهن بڻجي اچي،
۽ شادي جو ڪاروبار ڪندڙن جي مدد به نٿو وٺڻ
چاهيان جو اهي ڪوڙا ڳالهائي غلط سلط سڱ
ڪرائيندا آهن.

اهو ٻڌي ڪنول چيو "انهيءَ ۾ پريشان ٿيڻ جي
ڪهڙي ضرورت آهي... ڪوڪو جو موجود آهي!
پنهنجي ڳوٺڙي ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ ڪهڙو امير
گهرانو آهي جن کي ڪوڪو نه سڃاڻندي هجي. اهو
چئي هن ڪوڪو کي سڏ ڪيو جيڪا ڪڻ گهڙين
کان پوءِ دروازي ۾ ظاهر ٿي... کيس ڏسي ڪنول چيو
"تنهنجو مالڪ پنهنجي وڏي پٽ جي شادي تو ڪرڻ

چاهي ڪنهن وڏ گهراڻي لينگر سان نوڪيءَ کي گهر سڃجهي ٿو؟

ها چوندو... هڪ ته ”ليو“ جو گهر آهي. جنهن جون ڌيئر هاڻي جوان اڃي ٿيون آهن. هو ڪوٽ جي مارڪيٽ ۾ سڀ کان وڏو واپاري آهي، شريف گهر آهي ۽ دولت جي وٽن ڪا ڪمي نه آهي.

ڪير ”ليو“؟ آهو ته نه جنهن جو دوڪان پٿرن واري دروازي جي پر ۾ آهي؟ وينگ پڇيو.

ها... اهوئي.

ان کي ته آءٌ به سڃاڻان. اسان جي فصل جو وڏي ۾ وڏو خريدار اهوئي ته آهي... جي اتان سڱ ملي سگهي ته پيو ڇا گهرجي.

ڪنول چيو ”مون کي اميد آهي ته هو انڪار نه ڪندا.“

وينگ ”چيو نوڪي پڪ آهي ته اهو ڪم ٿي ويندو؟“

نوڪي ڪوڪو جي قابليت جو اڃان اندازو نه ٿيو آهي شايد، پر جي ڪوڪو مون کي قائل نه ڪري ها ته آءٌ تنهنجي گهر واري ٻئجي ڪڏهن به نه قبوليان ها... هن لاءِ انعام مقرر ڪر... ڪنول چيو.

چوندو... چوندو... پر اڄ رات اڃان ترس... آءٌ پنهنجي دوست چنگ سان صلاح مشورو ڪري وٺان. هو ليو کي مون کان وڌيڪ سڃاڻي. آخر ڇوڪري جي زندگي جو سوال آهي... ”بهترو چئي وينگ اتان هليو ويو.

چنگ سان صلاح به ڪيائين ۽ تنهن کان پوءِ به ڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهن پاڻ انهيءَ مسئلي تي سوچيندو رهيو، تان جو هڪ ٻيو واقعو به ظهور پذير ٿي ويو.

هڪ ڏينهن صبح جو سوير، جيئن ئي چالهه، ٻي، وينگ ۽ چنگ زمين تي وڃڻ لاءِ گهران نڪتا، هنن وڏي ڇوڪري کي ٿڙندي ٿاٻڙندي، گهر ۾ گهڙندي ڏٺو. هن جو چهرو ڳاڙهو ٿي لڳو ۽ اکيون به ڳاڙهيون هيس. زمين تي پير به صحيح نٿي پيس. گهر ۾ داخل ٿيندي هو ٿاٻڙجي ڪريو ۽ ڪرنديئي کيس آلٽي ٿي. آلٽي ڪرڻ کان پوءِ هو ائين ڦٿڪڻ لڳو ڄڻ کيس زهر ڏنو ويو هجي... اهو ڏسي اولين اگهاڙن پيرن ڊوڙندي آئي... وينگ ۽ چنگ کيس کڻي اندر آڻي ۽ پيل کٽ تي ليٽايو جتي اولين ڪپڙن سان سندس منهن صاف ڪرائڻ لڳي ۽ چنگ سندس بوٽ لاهڻ لڳو. جڏهن ته وينگ ڪجهه سوچي اندرئين ڪمري ۾ ويو جتي سندس ٻيو نمبر پٽ مدرسي وڃڻ لاءِ ڪتاب گڏ ڪري رهيو هو. پٽ کي مخاطب ٿيندي، وينگ چيو ”رات تنهنجو وڏو ڀاءُ ڪيڏانهن ويو هو؟“

مون کي خبر ڪونهي... ننڍي پٽ آهستگيءَ سان جواب ڏنو.

کل لاهي ڇڏيندوسان... نه ته سچ ٻڌاءِ ڇا هو رات گهر هو؟؟

نه... ننڍي پٽ ڊڄندي ڊڄندي ورائيو.

ته پوءِ ڪيڏانهن ويو هو؟

مون کي خبر نہ آهي...

ڳڏهہ جا ڦر.. مونسان ٿو آنءون ڪانيون ڪرئين؟ ايترو چئي وينگ سندس ڪنڌ ۾ ڪئي هٿ وڌو. ڇوڪري جو ساهہ منجهي ٿي لڳو تہ ٻاتاڙيندي چيائين "ادا ڇو هو نہ جي مون ڪنهن سان ذڪر ڪيو تہ هو مون کي ماري ڇڏيندو."

ٻڌاءِ نہ تہ آءٌ تو ساهہ ڪڍائين... وينگ اکيون ڪرڙيون ڪندي چيو...

ڇوڪري سڏڪا ڀريندي چيو "هو ڪيترين ئي راتين کان توهان جي چاچي جي پٽ سان ڪيڏانهن ويندو آهي... وڌيڪ مون کي خبر نہ آهي...

اتيئي پر ۾ هڪ ڏاڏو پيو هو. وينگ اهو کنيو ۽ ٻوڙندو اوڏانهن ويو جتي سندس چاچي جو خاندان رهيل هو. سندس سوٽ موجود هو ۽ نشي ۾ هو. پر عادي شرابي هئڻ ڪري سندس حالت خراب ڪونہ هئي. نہ سندس چال ۾ بي ترتيبي هئي، ۽ نہ آواز ۾.. سندس ويجهو اچي وينگ وڏي واڪ پڇيو "رات منهنجي پٽ کي ڪيڏانهن وٺي ويو هئين؟

آءٌ ڪيڏانهن وٺي ويندس. هو ٻاڻ جوان آهي، جتي مرضي پوس اتي وڃي سگهي ٿو.

وينگ ڏاڏو الاريندي وري پڇيو... "ٻڌاءِ... نہ تہ ٻورو ڪري ڇڏيندوسانءِ.

چاچي جو پٽ، سوٽ کي ايتري ڪاوڙ ۾ ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڌي ويو. وڌيڪ حجت ڪرڻ بنا چيائين ”وڏي حويلي ۾... جيڪا هاڻ عياشيءَ جو اڏو بڻجي ويئي آهي. هڪ رنڊي وٽ...

نالو ڇا آهي ان رنڊيءَ جو؟

رجي...

ونگ لوهه جي سيخ کڻي ۽ وڏي حويليءَ ڏانهن روانو ٿيو. حويلي جو وڏو دروازو جيڪو هميشه بند رهندو هو سو کليل هو. ونگ بنا ڪنهن روڪ جي اندر هليو ويو. حويليءَ تائين پهچڻ لاءِ کيس ڪافي پنڌ ڪرڻو پيو. ڦاٽڪ کان حويلي تائين، پڪين سرن سان رستو ٺهيل هو، ۽ رستي جي ٻنهي پاسن وڏا شاهي وڻ هئا. ۽ انيڪ قسمن جا گلن جا ٻوٽا پوکيل هئا. ٻچيل ميدان ۾ اوسي پاسي جي غريب ماڻهن پنهنجون ڪکايون جهوپڙيون ٺاهي ڇڏيون هيون. هر طرف گند ۽ ڪچري جا ڍير هئا ۽ فضا ۾ ڌپ ڦهليل هئي. هڪ وقت هو جڏهن انهي رستي تان هلندي ونگ ڏکي رهيو هو ۽ اڄ هن جي هٿن ۾ لوهه جي سيخ هئي ۽ قدمن ۾ پختگي ۽ اعتماد..

حويلي جي مرڪزي دروازي تي هڪ پوڙهي عورت اسٽول تي ويٺي هئي جنهن جي منهن ۾ هڪ به ڏند ڪونه هو کيس ڏسي ونگ بيٺو ۽ پڇيائين ”رجي ڪٿي آهي جيڪا هن حويلي ۾ ڌنڌو پيئي ڪري.

پوڙهيءَ چيس ”اندر هليو وڃ ۽ آخري ڪمري

جي دروازي تي هٿ هڻ."

وينگ بدمست هاٿي وانگر ڏڪندو اندر ويو ۽ آخري ڪمري جي بند ٿيل دروازي تي زور سان ڌڪا ڪرايائين. پر پهرئين ڌڪا تي ڪو جواب نہ مليس. وري پهر ڌڪا ڪيائين تہ اندران نشي ۾ ٻڏل عورت جو آواز آيو "تنگ نہ ڪر ڇوڪرا... واپس هليو وڃ..اڄ سڄي رات اوهان جا انگل سهندي رهي آهيان ۽ هن وقت منهنجو جسم ڪنهن مرد جو بار نٿو سهي سگهي سمهڻ ڏيو مون کي.

پر وينگ ڪٿي ٿو مڙي. هو ائين ئي واپس وڃڻ لاءِ نہ ڪونہ آيو هو. سو هن وري دروازي تي هٿ هنيو. نيٺ هڪ عورت دروازو کوليو جيڪا جواني جي سرحدن کي عبور ڪري چڪي هئي. سندس اکيون سڄي رات جاڳڻ جي ڪري ۽ نشي واپرائڻ ڪري ڳاڙهيون هيون ۽ سڄل هيون، چهري تي ڏندن جا نشان هئا ۽ چپن جي لالي پکڙيل هئي.

هن دروازو کوليندي چيو "صبح رات اچجان. هينئر آءٌ توکي ڪو مزو نہ ڏيئي سگهنديس. عورت ٿڪل ٿڪل، اکڙيل لهجي ۾ چيو.

آءٌ ڪو مزو يا لطف حاصل ڪرڻ ڪونہ آيو آهيان. منهنجي بہت متعلق معلومات حاصل ڪرڻ آيو آهيان.

تہ بوءِ جلدي پڇي وٺ مون کي سمهڻو آهي.

ڇا هو رات تو وٽ آيو هو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون وٽ هڪ ڏي رات ۾ ڪيترائي نوجوان ايندا آهن. ڪهڙي خبر تنهنجو پٽ ڪهڙو آهي.

هو سنهڙو ۽ ڏٻرو آهي. اڃان مس جوان ٿيو آهي.

سائين گڏ ٿيو به هو؟ جيڪو ٻاڏو آهي ۽ سندس نڪ پڪوڙي جهڙو آهي.؟

هاها اهو منهنجو سوٽ آهي.

نه پوءِ تنهنجو پٽ جنهن کي مرد ٿيڻ جو شوق آهي سو هتان وڃي چڪو آهي. تون هاڻ وڌيڪ ڇا ٿو چاهين؟

صرف ايترو ته جي هو ٻيو دفعو تو وٽ اچي ته کيس اندر نه اچڻ ڏجان..“ اهو چئي وينگ ڪجهه سڪا ڪڍي جميءَ جي ٽريءَ تي رکيا ۽ چيائين ”اهي پيشگي اٿئي. جي تو ائين ئي ڪيو جيئن مون چيو آهي ته آءٌ باقاعدگيءَ سان توکي ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو رهندس.“

جميءَ ورائيو ”قبول آهي. هاڻ هن عمر ۾ مونکي مردن جي ضرورت آهي، اهي ڳتي ٻاڙها ڇورا ته الٽو منهنجي تن ۾ لڳل باهه کي وڌيڪ ڀڙڪائين ٿا.

پوءِ انهيءَ ڏينهن شام جو ڪنول جي ڪمري ۾ وينگ ڪوڪوءَ کي هدايت ڪئي ته ”صبحاڻي ليو جي گهر وڃي شاديءَ جي ڳالهه پڪي ڪري اچ. ليو لالچي ۽ ڪنجوس انسان آهي، کيس اهو به چئج ته اسان کي ڏيج جي به ضرورت نه آهي.“ پوءِ هن

ڪوڪو ڪي به ڪجهه سڪا ڏنا ۽ اتان سڌو پنهنجي چاچي جي پاسي ويو. چاچي ڪيس ڏسي طنز ڀريل لهجي ۾ چيو اچ اچ وينگ" اچ هن پاسي ڪيئن ڀُلجي پئين. پر وينگ سندس ڳالهه اڻ ٻڌي ڪري چيو "آءٌ اهو معلوم ڪرڻ آيو آهيان ته ڇا مون پنهنجي ڇت هيٺ نانگن ۽ بلائن کي پناهه ڏني آهي؟"

چاچي حيران ٿي پڇيو.. آءٌ تنهنجي ڳالهه نه سمجهيس.

ان تي وينگ ڏک ڀريئي لهجي ۾ سچي ڳالهه چاچي کي ٻڌائي.. جنهن تي هن ٺهڪ ڏيندي چيو "صفا ڪو ٻورو آهين وينگ.. ڀلا ڪنهن کي جوان ٿيڻ کان پوءِ ڪيئن ٿو روڪي سگهجي" ڇا تون ڪنهن ڪُتي کي ڪتيءَ کان دور رکي سگهندين.؟

اهو ٻڌي وينگ چيو "مون کي توکان انهيءَ جواب جي اميد ڪونه هئي چاچا." آءٌ اهو چوڻ آيو آهيان ته جي تو وٽ مون لاءِ همدرديءَ جا ٻه لفظ به نه آهن، ته مون وٽ به تو لاءِ ڪجهه نه آهي. نه رهڻ لاءِ جاءِ نه کائڻ لاءِ خوراڪ...

ڊرو ٿي ڳالهايو وينگ.. توکي خبر نه آهي ته تون ڪنهن سان مخاطب آهين. ڇا تون نٿو ڄاڻين ته ڳوٺ جي سڀ کان امير شخص جي گهر ۾ ڌاڙو ڇو نٿو لڳي، سندس اناج جي گودامن مان ڦر ڇو نٿي ٿئي جڏهن ته اوسي پاسي جو هر ڪو زميندار ۽ وڏو ماڻهو ڌاڙيلن جي سرگرمين کان بچيل نه آهي؟ ايترو چئي

هن پنهنجي چوغو جا بٽڻ کوليا. سندس سيني سان هڪ ڳاڙهي ڏاڙهي ۽ هڪ ڪارو نقاب پيل هو.

غور سان ڏسي پيائيتا. اهي اهي انسانيون هن علائقي جي خطرناڪ ترين ڌاڙيلن جي سردار جون آهن جيڪي ان ۽ دولت ڦري مالڪن کي ڪٺي ڇڏيندا آهن پر تنهنجو گهر انهيءَ ڪري محفوظ آهي ۽ اوهين انهيءَ ڪري زنده آهيو جو ڌاڙيلن جو سردار بڪاري وانگر تنهنجي نڏي تي پيو آهي.

چاچي جون ڳالهيون پڌي وينگ کي چڻ نانگ سنگهي ويو. اهڙو ڪنچي جهڙي پٽ... ته اهو سبب هو جو سندس دولت ۽ آن سان ڀريل گودام ڌاڙيلن جي ڪارروائين کان محفوظ هئا... هن ته اڄين پئي سمجهيو ته ديوتا مٿس مهربان آهن ۽ سندس دولت جي حفاظت ڪري رهيا آهن. هو ماڙي ڪري چاچي جي ڪمري مان نڪري آيو ۽ شام جو چاچيءَ کي سڀئي لاءِ نوان ڪپڙا تيار ڪرڻ لاءِ ۽ چاچي جي تماڪ ۽ نشي جي ضرورتن پوريون ڪرڻ لاءِ چانديءَ جا سڪا ڏنائين... هاڻ ته چاچي جي ضرورتن جو خيال رکڻ وينگ مٿس فرض ٿي ويو هو.

هوڏانهن ڪوڪو، ليو سان ملي سڱ جي ڳالهه پڪي ڪري آئي هئي. ليو کي انهي سڱابندي ۾ تي ڪو اعتراض نه هو، پر هو هن وقت ڇوڪريءَ جي رخصتيءَ لاءِ تيار نه هو. سندس ڌيءَ جي عمر اڃان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صرف چوڏهن سال هئي ۽ هن ٽن سالن کان پوءِ شادي
ڪرائڻ جي ڳالهه ڪئي. باقي في الوقت هو مڱڻي
ڪرڻ ۾ راضي هو. اهو وينگ جي پريشانين جو حل
ڪونه هو. سندس پٽ تي نفساني خواهشن جو غلبو
هو ۽ هو پنهنجون خواهشون پوريون ڪرڻ لاءِ رنڊين
رٽ وڃڻ مجبور هو ۽ شراب جو سهارو به ڳولهي رهيو
هو، جنهن جي ڪري وينگ جلد از جلد قانوني ۽ اخلاقي
ڌن اندر هڪ نوجوان ڇوڪري سندس حوالي ڪرڻ
چاهي ٿي جيئن هو آواره ۽ رول ٿيڻ کان بچي وڃي.
ر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو. هن پنهنجي ذهني پريشانين
کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪُلي طور پنهنجي
زندگي وري ڌرتي لاءِ وقف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽
روز صبح جو ڪنهن معمولي هاريءَ وانگر هر ڪلهي
ي رکي، ڪوڏر هٿ ۾ ڪٽي ڍڳن کي هڪليندو اچي
مين تي پهچندو ۽ پوءِ سڄو ڏينهن هر پيو ڪاهيندو
و.. گهريلو مسئلن کان منهن موڙي هن ذهني سڪون
ي حاصل ڪرڻ چاهيو پر هيڏانهن به ڪُل خير ڪونه
و. قدرت کي ٻيو ڪو تماشو ڏيکارڻو هو. هڪ ڏينهن
بح جي ٿڌي هوا جو مزو وٺندو، ڪو گيت جهونگاريندو
يئن وينگ ۽ چنگ زمينن ڏانهن ٿي ويا تيئن آسمان
ي اوچتو مٽيءَ جا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ ڪجهه دير
طوفان اچي سندن مهمان ٿيو. جڏهن طوفان جهڪو
و، ۽ اکيون ڏسڻ جي قابل ٿيون ته وينگ ڏٺو پريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه مڪڙ مئا پيا هئا... شايد مٿيءَ جو طوفان ڪين
سنڌن ولر ڪان ڏار ڪري ڪٿي آيو هو. يعني، ماڪڙ
جو حملو ٿيڻ وارو هو ۽ مڪڙ ڪٿي ويجهوئي موجود
هئا.. انهيءَ خيال اينديئي ڇنگ جي ڇهري تي نراسائي
ڇا ڪري ڇانئجي ويا وينگ به پريشان ٿي ويو ڇئني
طرفن اناج جا ٻلا ڪري ڪنيو بيٺا هئا، پر اڃان لڻڻ
جي منزل ڏور هئي، مڪڙن جو لشڪر، ديوتائن جي
قهر جي صورت ۾ تمام تيزيءَ سان سنڌن ڪوٽ ڏانهن
وڌي رهيو هو ۽ هو پنهنجي محنت کي بچائڻ لاءِ
ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهيا؟ ليڪن مڪڙن اچي
سنڌن ڪوٽ ۾ ديرو ڄمايو.. ڪروڙن، اربن جي تعداد
۾ ڪاڙها ۽ پيلا مڪڙ فصلن ۾ ڪاهي پيا.. زمين تي
سواءِ مڪڙن جي ٻيو ڪجهه به نظر نٿي آيو... فصل
وڻ، ٽڻ، گهه، جهنگ جهر... مطلب ته هر هنڌ مڪڙئي
مڪڙ هئا. اُن جي هڪ هڪ سلي تي سوين مڪڙ چهٽل
ڏسڻ ۾ ايندا هئا.. هاري ويچارا پنهنجي رت ۽ پگهر
جي ڪمائي انهن ضايع ٿيندي ڏسندا رهيا، سڄو ڏينهن
مڪڙن کي ماريندا هئا ۽ باهه تي پچائي کائيندا هئا،
مڪڙ سنڌن روزگار کائي رهيا هئا ۽ هي خود مڪڙن
کي کائي رهيا هئا پر مڪڙ گهٽجا هئا، انسانن جو مڪڙن
سان پهچڻ محال هو. هڪ هفتي اندر، ڌرتي ماءُ ڇڻ
بيواهه ٿي ويئي. سندس سونهن، سندس سهاڳ، سندس
زندگي، يعني فصل چٽ ٿي ويا. ماڪڙ پنهنجو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪم پورو ڪري وري ڪنهن ٻئي علائقي ۾ تباهي
مچائڻ رواني ٿي ويئي. هت هاري، مزور، سندن ٻار ٻچا،
پوڙها ماڻهو پيءُ، بک مرڻ لڳا. جيتوڻيڪ وينگ جا ٻه
سورا فصل تباهه ٿي ويا هئا، پر تڏهن به ڪيس بک مرڻ
جو انديشو لاحق ڪونه هو. سندس گودام اناج سان
ڀريل هئا ۽ وٽس هيرا موتي ۽ سون چاندي جام هو.

جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاري مزور ويچارا
هڪ ڏک ٻچائي وري جنمي ويا.. سندن پيٽ جو ذريعو
ها ڌرتي ماءُ ئي هئي انهيءَ کي ڇڏي ٻيو ڪيڏانهن
وڃن ها؟ سندن زميندار چڱو ماڻهو هو جنهن کين بک
وکهي مرڻ کان بچائي ورتو هو... ۽ کين انهيءَ بيرزگاري
واري دور مان آڪرڻ لاءِ قرض ڏنو هئائين.. بعت ۾
ڪجهه ساهه اچان موجود هئن، تنهن ڪري هو هڪ
دفعو وري اٿي بيٺا هئا ۽ جدوجهد ڪري رهيا هئا
ندهه رهڻ لاءِ.

هوڏانهن وينگ جو پٽ هاڻ نيڪ ٿي چڪو هو.
سندس، ارڏاين ۽ ارهه زوراين کي ٻنجو اچي ويو هو ۽
هو گهڻو وقت خاموش رهڻ لڳو هو. هڪ ڏينهن جڏهن
وينگ، چنگ سان گڏ زمينن تي وڃڻ جي تياري ڪري
رهيو هو، هو پيءُ وٽ ويو ۽ کيس چيائين: "جي اوهين
چاهيو ٿا ته آءٌ تعليم جاري رکان ته مون کي شهر
وڃڻ جي اجازت ڏيو. هتي جيڪي ڪجهه آءٌ پڙهي
سکيس ٿي سو پڙهي پورو ڪيو اٿم... هاڻ هتي

وڌيڪ پڙهڻ ممڪن نه آهي.

وينگ غور سان پنهنجي تخم ڏانهن نهاريو. هو قد جو ڊگهو ۽ سنهڙي جسم جو مالڪ هو. سندس مٿئين چپ، ڪاڏيءَ ۽ ڳلن تي ڏاڙهي مڇن جي سانول آڪي آئي هئي. پر هو اهڙو نئي لڳو جهڙو مردن کي هجڻ گهرجي. وينگ چيس ”شهر وڃڻ جي ضرورت نه آهي. مونسان زمينن تي هل. هر ڪاهي، محنت ڪر ۽ مرد ٿي، تون هن وقت مرد نه پر عورت ٿو لڳين.“ ڇوڪري ڪنڌ جهڪائي آهستگيءَ سان چيو ”آءٌ توهان جي فيصلي جو انتظار ڪندس. مون کي ڪا تڪڙ نه آهي پر توهان فيصلو ڪندي جلدبازيءَ جو مظاهرو ڪندا آهيو.“

تنهن ڏينهن شام جو تڪل ٿئل وينگ گهر پهچي، سنان پاڻي ڪري، نوان ريشمي ڪپڙا پاتا ۽ ڪنول مرڪي سندس آڌرڀاءُ ڪيو ۽ چيائين ”توهين رات جو مون وٽ رهو، يا پراڻي گهر وڃو، پر رات جي ماني ضرور مونسان گڏ کائجو. ڪوڪوءَ توهان لاءِ ڏيتر ڏريا آهن. هوءَ چنگ کان ٻه ٽتر ڦري آئي هئي جيڪو ڇهه ٽتر توهان جي پهرين زال لاءِ ڪٽي پئي ويو. چنگ کي سمجهايو ته هو غلط ورتاءُ نه ڪري.

چڱو چڱو.. آءٌ ڇٽي ڇڏيندس ۽ اڄ ماني هتي ئي کائيندس، پر خبر نه آهي ڇو مون کي گهٽي بڪ هن پاسي محسوس ٿيندي آهي. ايترو چئي وينگ ڪنول جي نرم ريشمي بستري تي آهلي پيو.. ڪنول ڪجهه

دير خاموش رهڻ کان پوءِ چيو ”ٻڌو اٿم وڏو ٻٽ اچڪلهه توهان جي ڳالهه نٿو مڃي؟ هو شهر وڃڻ ٿو چاهي؟

ها اهو صحيح آهي، پر آءٌ کيس شهر وڃڻ جي اجازت نه ڏيندس، کيس اتيئي رهڻو پوندو... توهان اجايو ضد ڇوٿا ڪريو. جوان ٻٽ آهي، سندس خواهش توهان کي پوري ڪرڻ گهرجي. اهو منهنجي سوچڻ جو مسئلو آهي، تون پنهنجي ذهن کي نه تڪاءِ.

رات وينگ ڪنول سان گڏ گذاري. ٻئي ڏينهن سج جا ڪرڻا اجان مس زمين تي پهتا نه وينگ اٿي ويٺو ۽ هو زمين تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. ڪنول بدستور سُتي پيئي هئي. کيس احساس ئي نه هو نه مڙس کي ڏندي ڪاروبار تي موڪلڻ لاءِ تيار ڪرڻ زال جو فرض هو. هن کي ته بس ايتري خبر هئي ته زال جو فرض مڙس سان گڏ سمهڻ ۽ کيس لذت پهچائڻ آهي.

فصل تيار هو. وينگ جي مرضي هئي ته هيل جلد از جلد لاٻارو وجهي فصل لڻي ونجي ڪٽي ائين نه ٿئي جو هو سستيءَ ۾ رهي وڃن ۽ هن دفعي وري فصل ۾ ماڪڙ اچي پوي. هُن پاڻ ۾ سندس هاريـن ڏينهن رات هڪ ڪري فصل لڻي ورتو. اناج جا گودام هڪ دفعو وري ڀرجي ويا. سندس دولت ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو ۽ هو سڀ ڪجهه وساري، صرف پنهنجين ٻنين جي حوالي ٿي ويو. گهرجي مسئلن ۽ فڪرن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ميدان ۾ ڇا ٿي رهيو هو تنهن جو ڇڻ نه هاڻ وينگ سان ڪو واسطو نه هو.

اولين ته اڪ ٿي صبر سان رهڻ جو گُر سکي ورتو هو.. هو پنهنجو وقت پنهنجي پارن پوڙهي سنهري ۽ مڙس جي خدمت ۾ گذاري ڇڏيندي هئي.. ڪنول جهڙا هاڻ اڳي جهڙان سنهڙي سڀڪ نه رهي ۽ سندس جسم تي چڱي خاصي چربي چڙهي ويئي هئي، ۽ سندس پوله ۽ آرهه ڳرا وڏا ۽ سڊول ٿي ويا هئا ۽ چهرو به سمرقندي صوفن جهڙو پرپل پرپل ۽ ڳاڙهو لڳندو هو سا سچو ڏينهن ڦانهه تي پلنگ تي پئي هوندي هئي، ۽ هر وقت ڪجهه نه ڪجهه کائڻ ۾ مصروف هوندي. هئي. ڪوڪو بدستور سندس خدمت گذاريءَ ۾ حاضر رهندي هئي، هوءَ يا ته رڌڻي ۾ ڪنول جي کائڻ لاءِ ڪو طعام تيار ڪرڻ ۾ مشغول نظر ايندي يا وري ڪنول جي جسم تي مختلف قسمن جي تيلن جي مالش ڪندي نظر ايندي. ڪنول جوان ڪونه هئي پر هوءَ خود کي جوان رکڻ لاءِ سوين جتن ڪندي هئي جو جو ڪجهه احساس هو ته وينگ وٽس صرف انهيءَ جسم ۽ سونهن جي ڪري ايندو هو، جنهن ڏينهن سندس جسم تي پوڙهپڻ جا آثار ظاهر ٿيا ۽ جنهن ڏينهن وينگ کي جسماني آسودگي نه نصيب ٿي اهو ڏينهن سندس ڪنول وٽ سهمريءَ جو آخري ڏينهن ثابت ٿيندو.

وينگ جو وڏو پٽ هاڻ اڪيلائي پسند ٿي ويو هو. هو نه ڪنهن سان ڳالهائيندو هو، نه ملندو هو نه گهر جي معاملن ۾ دلچسپي وٺندو هو. هڪ ڪمري ۾ بند هر وقت ڪجهه لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مگن هوندو هو. گهر واري محاذ تي سک ۽ شانتي هجڻ ڪري وينگ کي به ڪو فڪر نه هو. نه اوچتو هڪ ڏينهن اولين کيس ٻڌايو "تنهنجو وڏو پٽ، تنهنجي غير حاضري ۾ ٻئي اڱڻ تي وڃڻ لڳو آهي." اها ڳالهه ٻڌي وينگ کي ٻخيلي وٺي وئي ۽ اولين کي دٻ ڪيڏندي چيائين "اهڙي ڳالهه ڪندي توکي شرم اچڻ کپندو هو. ڪنول ڪجهه به آهي، پر منهنجي زال آهي ۽ اها ڳالهه منهنجو پٽ به ڄاڻي ٿو."

پر اولين چيس ته پوءِ ڪنهن ڏينهن جڏهن سڀ اهو سمجهن ته توهان زمين تي ويا هليا آهيو، واپس گهر اچي پنهنجي اکين سان اهو تماشو ڏسي وٺجو.

وينگ انهيءَ رات سمهڻ لاءِ ڪنول ڏانهن ويو. اڄ هن ڪوبه اهتمام نه ڪيو هو، يعني جنهن حال ۾ هو تنهن ۾ هليو ويو. بستري تي ليٽي جڏهن هن ڪنول کي پنهنجي ڀاڪر ۾ گرفتار ڪرڻ چاهيو تڏهن هو نفرت ڀريئي انداز ۾ ٻانهن ڇڏائي پريان پيل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي ۽ چيائين "مون وٽ اچڻ نه وهنجي خوشبو لڳائي پوءِ ايندو ڪر. تنهنجي جسم مان جيڪا ڌپ پئي اچي سا مون کان برداشت نٿي ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ ڪافي ڏينهن کان پوءِ وينگ کي جسماني آسودگي حاصل ڪرڻ جي خواهش ٿي هئي سو ڪنول جو اهو رويو ڏسي ٻاهر ٿي ويو ۽ وينديءَ ويندي چوندو ويو ته ”هاڻ اِتو کي هميشه اڪيلائيءَ جي ٻاهر ۾ جلڻو پوندو.“

وينگ جو ذهن عجيب عجيب خيالن سان ڀرجي ويو. هو سوچڻ لڳو ته ڇا اولين جيڪي ڪجهه چيو هئي سو واقعي صحيح هو؟ ڇا ڪنول هڪ ننڍي نيٽي، جوان ۽ گرم، جذبن ۽ آرزوئن سان ڀريل وجود جي خون جي گرمي حاصل ڪري ڪانئس نفرت ڪرڻ لڳي آهي؟ سندس پٽ هاڻ چو ڪنهن رنڊيءَ وٽ نٿو وڃي ڇا انهيءَ ڪري ته جنهن مقصد خاطر هو رنڊي وٽ ويندو هو سو هاڻ گهر ۾ ئي پورو ٿي رهيو آهي؟ ڇا ڪنول کي اها خبر نه آهي ته اهو نوجوان جنهن مان هوءَ لذت حاصل ڪري رهي آهي، سندس مڙس جو پٽ آهي؟ ۽ ڇا سندس پٽ کي انهيءَ حقيقت جي ڄاڻ نه آهي ته جنهن عورت جي آغوش مان هو پنهنجون خواهشون پوريون ڪري رهيو آهي سا سندس پيءُ جي زال آهي؟؟ ڇا دنيا ۾ ائين به ٿي سگهي ٿو؟ ڇا رشتا ايترا انڌا به ٿين ٿا؟؟ جيئن جيئن هُن سوچيو ٿي ليون ڳالهيون ٿي ذهن ۾ پيدا ٿيس. تنهن ڪري فيصلو ڪيائين ته اولين جي صلاح تي عمل ڪري پاڻ حقيقت معلوم ڪندو. ۽ پڻ ڏينهن هن رڙ ڪري چيو ”نه

ٻه ٻج جي خريداري لاءِ شهر وڃي رهيو آهيان ۽ دير مان موٽندس، منهنجي ماني زمين تي نه موڪلجو." ايترو چئي هو گهر مان نڪري ويو. ڪافي پنڌ ڪري رستي جي هڪ پاسي هڪ گهاٽي وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي وقت گذرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. منجهند مهل هن واپس گهر وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٽڪل ٽڪل انداز ۾ گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. اها سوچ ٿي هُن لاءِ ذهني اذيت جو سبب هئي ته جڏهن هو گهر پهچندو ته ڏهن ڪنول ۽ پنهنجي پٽ کي هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ ڏسندو.. اها ڪنول جنهن لاءِ هن پنهنجي ڪلندڙ ڪڏندڙ خوشين مان ٽمٽار زندگي برباد ڪئي جنهن جي هر خواهش پوري ٿي ڪيائين، سا سائس اهڙو دولاب ڪندي، سو هن ڪڏهن خوابن ۾ نه سوچيو هو.

هو ٻليءَ وانگر پير پير ۾ پائي گهر ۾ گهڙيو ڪو آواز ڪرڻ بنا ڪنول جي ڪمري وٽ پهتو. اندران سندس پٽ جو آواز اچي رهيو هو.

وينڪ جو منهن ڏٺمي هٽي ويو. اکيون ڪارڙهيون ٿي ويون ۽ دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار تيز ٿي ويئي. هو اهڙيءَ ريت ساهه کڻي رهيو هو ڄڻ ميلن پنڌ تان ڀوڙندو آيو هجي. هن واپس پنهنجي ڪمري ۾ اچي لڪڻ کنيو ۽ واپس ڪنول جي ڪمري ڏانهن ويو. اندران اڃان به آواز اچي رهيا هئا ۽ کين ڪا خبر نه هئي ته سندن چوري پڪڙجي پئي آهي مٿن عذاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نازل ٽوڻ وارو آهي "وينگ اندر گهڙيو ته ڪنول کي
پلنگ تي ليٽيل ڏٺائين، سندس جسم تي اهڙو لباس
هو جنهن مان جسم جو هر انگ پڌرو هو. سندس اکين
۾ سرور هو ۽ چهري تي اڻ لکي خوشيءَ جا اڻ ڳڻيا
تاثر ۽ سندس پٺ مٿس اهڙيءَ ريت جهڪيل هو جڻ
ڪوس پيار ڪري رهيو هجي.

وينگ روڙهه ڪري وڃي پٺ تان پيو ۽ للڪارون جو
وڪارو ڪري ڏنائين. ڇوڪرو اوچتي حملي جي ڪري
پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيو ۽ رڙيون
ڪرڻ لڳو. هوئمن به هو اجان ڪچڙو جوان هو ۽
وينگ مضبوط، محنتي هاري، تنهن سان ڇوڪري جو
پهچڻ محال هو. ڪنول ڪيس بچائڻ لاءِ وچ ۾ آئي
ته وينگ کيس به سهڙي رکيو. ڪنول نه نازڪ جسم
جي مالڪ هئي جنهن کي ڪڏهن ڪنهن ڪک به نه هنيو
هو، سا پلا اهڙي مار ڪيئن برداشت ڪري ها، ڪن پل
۾ ديري تي پئي. وينگ جو پٺ به بيهوش تي ويو ۽
هو کيس گهليندو ڪنول جي ڪمري مان ٻاهر ويو.
ڇوڪري جي نڪ ۽ منهن مان رت جاري هو.

ڇوڪري کي ٻاهر ڇڏي هو وري ڪنول جي
ڪمري ۾ آيو جنهن جي جسم تان سنهڙو ريشمي لباس
هاڻ بالڪل لهي ويو هو ۽ اگهاڙي پئي هئي.. وينگ
کي وري ايندو ڏسي هوءَ سندس پيرن تي ڪري پئي
۽ روئڻهارڪي ٿي چيائين "توهان چو مون کي ۽ پنهنجي

پٽ کي مارڻ ٿا چاهيو؟ ماءُ ۽ پٽ جو رشتو اهڙو نه هوندو آهي جنهن تي ڪنهن به قسم جو شڪ ڪجي. اعتبار ڪريو هو اڄ پهريون دفعو آيو هو ۽ ڪوڪوءَ کي چوڻ آيو هو ته جلد سندس شاديءَ جو ٻلو ڪرائي.

پر وينگ کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار نه آيو. هن ڪنول تي ٽڪيو ۽ سندس ڪمري مان نڪري ويو. ٻئي ڏينهن هن وڏي پٽ کي شهر وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ چيائينس هاڻ تنهنجو هن گهر مان ڪو واسطو نه آهي. وڃي ڪمائي زندگي گذار، سمجهه ته تون يتيم آهين."

چوڪري وينگ کي ڪو جواب نه ڏنو ۽ جڏهن موڪلائڻ لاءِ ماءُ جي ڪمري ۾ پهتو ته اولهن نفرت وچان پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب سورهون

وڏي پٽ جي وڃڻ کان پوءِ وينگ سُک جو ساهه کنيو. سندس حرڪتن وينگ کي ڏاڍو پريشان ڪيو هو. هاڻ هن ٻئي اولاد تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو، متان انهن مان به ڪو ٽڙي وڃي.. سندس ننڍو پٽ جسماني طور تي اهڙو نه هو جيڪو سڄو ڏينهن گڏ زمين تي محنت جو ڪم ڪري سگهي، اهو سوچي هن فيصلو ڪيو ته کيس ڪنهن ڪاروبار ۾ لڳائجي" ٻئي ڏينهن هن ڪوڪوءَ کي چانديءَ جا ڪجهه سڪا ڏيندي چيو "تون وڏي پٽ جي سهري وٽ وڃ ۽ کيس چئو ته آءٌ ساڻس هڪ ضروري معاملي ۾ صلاح مشورو ڪرڻ چاهيان ٿو. پوءِ هو اسان جي گهر اچڻ پسند ڪري يا آءٌ اوڏانهن وڃان. تنهن سان ڪو فرق نٿو پوي."

ڪوڪو سج لٿي مهل موٽي آئي ۽ وينگ کي چيائين "محترم ليو صبحاڻ شام جو پنهنجي گهر توهان جو منتظر رهندو." ۽ پوءِ لهجي ۾ وڌيڪ مٺيان پيدا ڪري چيائين، سرڪار هو ايترو امير ۽ وڏو ماڻهو نه آهي جيترا اوهان آهيو.. پنهنجي مرتبي ۽ حيثيت جي شايد خود اوهان کي خبر نه آهي.. ليو سان ڪوبه معاملو ڪندي انهيءَ ڳالهه جو خيال رکجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"وقت بي وقت مشورا ڏيڻ لاءِ مهرباني. آءٌ صبحاڻي
مقرر وقت تي پهچي ويندس." ٻئي ڏينهن عاليشان ريشمي
لباس ۽ چمڙي جي اعليٰ جتي پائي، وارن کي تيل
۽ جسم کي عطر لڳائي هو ليو جي گهر پهچي ويو.
دروازي تي هڪ پوڙهي ماڻهوءَ سندس آڌرڀاءُ ڪيو
۽ ملاقاتي ڪمري ڏانهن رهنمائي ڪيائين.. ڪن پل
کان پوءِ ليو به اچي پهتو... رسمي عليڪ سليڪ ۽
خير خيريت جي مٽا سٽا کان پوءِ وينگ هڪدم مقصد
جي ڳالهه شروع ڪئي. آءٌ هڪ ڪم سان آيو آهيان
محترم ليو.. تون شهر جو سٺو واپاري آهين ۽ منهنجو
ننڍو پٽ اهڙو نه آهي جيڪو زمين جو سينو چيري
ان ۾ ٻج ڇٽي ۽ فصل اڳائي سگهي.. آءٌ چاهيان ٿو
ته ڪيس پاڻ سان گڏ ڪاروبار ۾ لڳا ۽ ڪيس ڪاروباري
اصول سيکار.. هو توکان ڪو پگهار نه وٺندو، آلٽو
آءٌ توکي انهيءَ خدمت عيوض ڪجهه رقم ڏيندس ۽
انهيءَ سان تون پنهنجي ڪاروبار کي وڌائج ۽ منهنجي
پٽ کي پگهار به ڏج، پر ڪيس اها خبر نه پوي ته هو
توکان پگهار ٿو حاصل ڪري. ۽ نه ساڻس ڪو لحاظ
ڪج.. ڪيس پنهنجو نوڪر سمجهج.. بس ايترو ڪج
جو ڇوڪرو ڪاروبار ۾ قابل ٿي وڃي ۽ ڪيس احساس
ٿي وڃي ته زندگي ڪو رنگين خواب نه آهي.

ڇا هو ڪجهه پڙهيل آهي؟ ليو پڇيو.

ها.. هو حساب ڪتاب ڪري ٿو ڄاڻي ۽ انگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ـڇائي نو سگهي.“ اِترو چئي وينگ هڪ ٿيلهيءَ مان چانديءَ جا پنج سئو سڪا ڪڍي ليو کي پيش ڪيا. هن جهٽ ۾ سڪا پنهنجي قبضي ۾ ورتا ۽ چيائين انهن جي پلا ڪهڙي ضرورت هئي.“ ظاهر آهي ته اهو جملو صرف رسمي طور چيو ويو هو..

ليو چيو ”تنهنجو پٽ منهنجو پٽ آهي.. آءٌ کيس جلدئي ڪاروباري ڪرڻ ۾ ماهر ڪري ڇڏيندس، پر منهنجو هڪ شرط آهي..

سو وري ڪهڙو؟

”منهنجي ڌيءَ به جوان ٿي رهي آهي، تو کي پنهنجي پٽ کي منهنجو نائي بڻائڻو پوندو..

وينگ کلندي چيو ”تون سچو پچ ڪاروباري آهين. مون کي تنهنجو اهو شرط به منظور آهي.. تنهن ڏينهن وينگ جڏهن گهر موٽيو ته ڪنول ڏانهن وڃڻ بدران اولين وٽ آيو. اڄ هن تمام ڏکي عرصي کان پوءِ پنهنجي غمگسار ۽ همدرد زال ڏانهن غور سان نهاريو.. اولين ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي وئي هئي.. سندس چهري ۽ جسم تي گوشت بالڪل نه رهيو هو ۽ اکين ۾ معمولي چمڪ به نه هئس.. وينگ جڏهن کيس ننڍي پٽ جي مڱڻي جي ڳالهه ٻڌائي ته به هن ڪنهن خوشيءَ جو اظهار نه ڪيو.. اولين کي غمن کائي ڇڏيو هو ۽ هوءَ فڪرات جي ڍڪ ۾ قابو ٿي چڪي هئي. اهو ڏسي وينگ جي دل کي ڌڪ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شرمساريءَ جي احساس واري لهجي ۾ پڇيائين ”ڇا تون بيمار آهين؟ اهو توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ تون اهڙي ته نه هئين.

اولين نگاهون مٿي ڪري پنهنجي مڙس ڏانهن نهاريو ڄڻ چوندي هجي، ڇگهو جو توکي نيٺ منهنجو خيال ته آيو.. وينگ سندس نگاهن سان نگاهون ملائي نه سگهيو. هن پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون.. اها عورت جنهن ڪيس ٻار ڄڻي ڏنا، جنهن ساڻس گڏ زمين تي محنت ڪئي، ڏکون ڏٺيون ۽ ڪشالا ڪيا، هميشه سندس ٺيڪ لاءِ ڪوشان رهي ۽ بدلي ۾ پنهنجي لاءِ ڪجهه به طلب نه ڪيائين، تنهن ساٿيءَ کي هن بيمار ۽ مددگار ڇڏي ڏنو.. وينگ جي نظرن جهڪائڻ تي اولين چيو ”دا، منهنجي طبيعت ٺيڪ نٿي رهي.. صبح جو بستري تان اٿي نٿي سگهان، ٻارا کي اٽاريان ٿي ته ساهه ۾ رنجهو وڃان، ڪرنگهي جي هڏيءَ ۾ سور ٿئيم ٿو ۽ گوڏرو به نٿي ڏيئي سگهان.“ ايترو چوندي اولين جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

وينگ چيو ته تون آرام ڪر.. پنهنجي حصي کان گهڻو ڪم تون ڪري ڇڪي آهين، هاڻ تنهنجو آرام ڪرڻ جو وارو آهي. آءٌ صبحاڻ ئي ٽرلاءِ هڪ خاص ٻانهيءَ جو بندوبست ڪرائي ٿو وٺان ۽ شهر مان حڪيم گهرائي تنهنجو علاج به شروع ٿو ڪرايان.

اولين چيو ”منهنجي بيماريءَ جو هاڻ ڪوبه علاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ممڪن نہ آهي. مون هڪ ڏکي مدت ۾ بيماري سان جنگ ڪئي آهي، ۽ بيماريءَ کي فتح حاصل ٿي آهي.

وينگ اولين کي سهارو ڏيئي پلنگ ڏانهن وٺي آيو، پوءِ ڏينهن ۾ شهر ويو ۽ اتان جي مشهور حڪيم کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. حڪيم اولين جي طبيعت ڏسي چيو بيماري چوٽ چڙهي چڪي آهي، پڇڙ ڏکيو آهي جي چانديءَ جا سئو سڪا خرچ ڪري سگهين تہ پوءِ ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. چيرو ۽ بکيون جواب ڏيئي رهيا آهن ۽ دل ڪبوتر جي کنڀن جيان ڦڙ ڦڙ پيو ڪري."

وينگ وراڻيو "توکي سڀڪجهہ ملندو، منهنجي زال کي بچائڻ لاءِ جتن ڪر.. هيءَ منهنجي پراڻن جي ماءُ آهي."

لالچي حڪيم چيو "انهي خرچ تي هوءَ صرف ڏهہ هفتا زندهہ رهندي، باقي جي هڪ هزار چانديءَ جا سڪا خرچ ڪرين تہ شايد سندس حياتي اڃان ڏکهي ٿئي"

وينگ ڪاوڙ مان چيو "ڇا تون مونکي غريب ٿو سمجهين؟ آءٌ پنهنجي زال کي مرڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي سموري زمين بہ وڪڻي سگهان ٿو.. بار بار خرچ جي ڳالهہ نہ ڪر.."

حڪيم کي چانديءَ جا سڪا ڏيئي هو اندر ڪمري ۾ ويو تہ اولين ڦٿڪي رهي هئي.. هو اولين سان گڏ وڃي ويٺو ۽ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتائين..

اولين شڪر گذاري وارين نظرن سان وينگ ڏانهن نهاريندي چيو ”مون کي بچائڻ جي ڪوشش فضول آهي سرتاج منهنجي زندگي ايتري اهم ۽ ضروري نه آهي جنهن لاء اوهين ڏرتي ماءُ کي وڪڻو.“

پر وينگ کي هاڻ احساس ٿي رهيو هو ته اولين کي بيمار سندس لاپرواهيءَ ڪيو هو، ۽ ڪيس نئين زندگي بخشڻ لاء هو هر جتن ڪرڻ لاء تيار هو. اولين جي عمر اڃان ايتري گهڻي نه هئي. هن اڃان زندگيءَ ۾ پوريون چاليهه بهارون به نه ڏٺيون هيون. پر ڪيترين ئي بيمارين هڪ ئي وقت سندس وجود سان چهٽي پيون هيون. پر موت شايد اڃان ڪانئس ڊڄي رهيو هو. جيڪو سندس ويجهو نٿي آيو جيتوڻيڪ هوءَ اڌ مئي ٿي چڪي هئي.

سيارو آيو ته اولين صفا اٿڻ کان رهجي ويئي. وينگ ۽ سندس پٽن کي هاڻ خبر پيئي ته اولين جي زندگي ڪيتري اهم هئي! ٻاهه ٻارڻ، مانيون پچائڻ، ڪوشت ۽ ڀاڄي ڌوئڻ ۽ گهر جي صفائي جهڙا ڪم ڪيترا نه ڏکيا هئا. پيو ته ٺهيو، وينگ جي پوڙهي پيءَ کي سهارو ڏيئي ويهارڻ ۽ ڪيس چانهه پيارڻ ڪين ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو.

پوڙهو جيڪو هاڻ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان ٻنهي لاچار هو، تنهن کي خبر ئي نه پيئي ته هاڻ اولين صبح جو ڪيس چانهه پيارڻ ڇو نه ايندي آهي ۽ رات جو سيءَ کان

بچائڻ لاءِ سندس پيرن ۾ گرم پاڻيءَ جي بوتل ڇو نه
رکندي آهي... هڪ ڏينهن وينگ پنهنجي پوڙهي ضعيف
۽ لاغر پيءُ کي سهارو ڏيئي اولين جي ڪمري ۾ وٺي
ويو. جتي هوءَ آخري پساهه کڻي رهي هئي. پوڙهي کي
جڏهن حقيقت جو علم ٿيو ته هو زاروزار روئڻ لڳو.
اولين ويهه سالن نائن جهڙي نموني سندس خدمت
ڪئي هئي. تيئن شايد ڪا ڪيءَ به نه ڪري ها. سا
تنهن هاڻ ڪانئن موڪلائي رهي هئي. پوڙهي سوچيو،
جنهن کي مرڻ گهرجي سو زنده آهي ۽ جنهن جي
زندگيءَ تي ڪيترن ئي جانين جو دارومدار هو سا اُئين
بي وس ۽ لاچار پيئي هئي ۽ موت جو انتظار ڪري
رهي هئي. بيماري جي تمام عرصي دوران وينگ زمين
کي وساري ويٺو رهيو. هو هر وقت اولين جي پلنگ
تي ويٺو هوندو هو ۽ وقت تي کيس دوا ڏيندو ۽ ماني
کارائيندو هو. وقفي وقفي سان ڪمري ۾ باهه تازي ڪندو
هو. جيئن ڪمرو گرم رهي، ۽ ڪوشش ڪندو هو جيئن
ڳالهين سان سندس تڪليف جي شدت ڪجهه گهٽ
ٿئي.. چنگ به وينگ وٽ اچي ويهندو هو ۽ پنهنجي
دوست جي غم کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو
هو. اهڙي ئي هڪ ٿڌي رات جڏهن ٻاهر زبردست مينهن
پئجي رهيو هو ۽ وينگ، اولين جي سيرانديءَ کان
ويٺو هو، تڏهن اولين پنهنجن چپن تي مرڪ پکيڙيندي
چيو ”اڄ بچي ته ڪون، سگهندس پوءِ توهان پنهنجو

آرام ڇوڙنا ڦٽايو. منهنجي ڳالهه ٻڌو، دل وڏي ڪريو،
ان ۾ همٿ پيدا ڪريو، توهان ته بهادر ۽ محنتي آهيو.
ئين دل هارڻ توهان کي نه جڳائي. صبحاڻي مارڪيٽ
ڇو ۽ مون لاءِ ڪفن جو ڪپڙو وٺي اچو ۽ ها مونکي
رستان ۾ دفن نه ڪجو. پر انهيءَ هنڌ دفن ڪجو
تي اسان گڏجي هر ڪاهيو هو. ائين ڪرڻ سان
هان جي زمين ڪجهه. گهٽ ٿي ويندي، اناج ڪجهه
ٽ پيدا ٿيندو پر توهان جڏهن هر ڪاهيندا روز
هنجي قبر وٽ پهچندا ته منهنجي ياد توهان جي دل
تازي ٿي ويندي...

اولهن جون ڳالهيون ٻڌي وينگ پنهنجي وجود ۾
و خال محسوس ڪيو... سندس سيني ۾ چڻ ته ڏک
و. پنهنجي آواز تي ڪنٽرول ڪندي چيائين.. ”اهڙيون
لهيون نه ڪر اولهن. تون ٺيڪ ٿي ويندين.“

ٻئي ڏينهن وينگ بازار ويو ۽ ڪپڙن جي دوڪان
هڪ نرم ۽ نفيس ريشمي ڪفن ورتائين.. دوڪاندار
ڪ کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندو هو تنهن کيس صلاح
”هي ڪفن وٺ، سستا ملي ويندي.. هيءُ کي به
ريشمي ۽ قيمتي ڪفن پرائيندين. پوڙهو به هاڻ زمين
ويجهو ٿي رهيو آهي.“

وينگ به ڪفن خريد ڪيا ۽ واپس گهر موٽيو.
ڪ ڏينهن هو انهيءَ رستي تان زال جي ڏيج جي پيٽي
گهر آيو هو، ۽ اڄ سندس ڪفن وٺي ٻئي آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ رات هن چنگ کي چيو ته زمين جي هڪ ماڻهين هٿ لاءِ زمين هموار ڪري ڇڏي، جو ته سين کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي...

چنگ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. وينگ کي چپائين توکي چا ٿي ويو آهي؛ اهڙيون منحوس ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين.."

پر وينگ ورائيو. "اها حقيقت آهي چنگ پاڻ پاڻ سين کي مٽيءَ جو ذائقو چکڻو پوندو.. موت ڪان ڪهڙو ميهڻو."

اولين جي انهن بيماريءَ وارن ڏينهن ۾ وينگ هڪ دفعو ڪنول ڏانهن نه ويو هو. ڪنول به چوري پڪڙجي پوڻ ڪري ڪا حجت نٿي ڪري سگهي. هاڻ ته هوءَ بس انهيءَ ۾ خوش هئي ته وينگ ڪيس گهر مان ڪڍيو ڪونه هو ۽ انهي ڪري سندس ڪاڏهن پهرين واري عياشي برقرار هئي. هڪ ڏينهن اولين وينگ کي چيو "ڪوڪو کي سڏي وٺو..."

ڇو؟ ڪوڪوءَ سان تنهنجو ڪهڙو ڪم.؟؟

"آءٌ ڪيس توهان جي مانيءَ متعلق سمجهائڻ چاهيان ٿي. توهان جي پسند ۽ ناپسند کان ڪيس واقف ڪرڻ ٿي چاهيان."

خدا جي مار پوي ڪوڪوءَ تي.. تون زنده رهندئين ۽ آءٌ صرف تنهنجي هٿ جي ٺاهيل ماني کائيندس...

اولين چيو.. منهنجي هڪ ڳالهه ياد رکجو. ڪير به منهنجي ڪمري ۾ نه اچي، نه منهنجي سامان سان هٿ چراند ڪري. جي ڪنهن ائين ڪيو ته آءٌ راتين جو خوابن ۾ ڪيس ڏيڄارڻ ايندس ۽ ها منهنجي هڪ آخري خواهش پوري ڪريو. مون پنهنجي ننهن کي اڄ تائين نه ڏٺو آهي. مرڻ کان اڳ ڪيس پنهنجي اکين تي ڏسڻ چاهيان ٿي ڪيس گهرايو.

ونگ چيو ”آءٌ پوري ڪوشش ڪندس ته ننهنجي ننهن هت اچي سگهي پر واعدو نٿو ڪري سگهان ڇو جو اها ڳالهه منهنجي وس ۾ نه آهي.“

ٻئي ڏينهن ونگ ڪوڪوءَ کي چانديءَ جا سڪا ڏيئي ليو جي گهر روانو ڪيو ۽ شام ٿيڻ تي ليو جي زال پنهنجي ڌيءَ سان گڏ سندس گهر اچي سهڙي. ننهن کي ڏسي اولين جي چهري تي خوشيءَ جا تاثر پکڙجي ويا ۽ سندس سڪل چپن تي مرڪ تري آئي سندس ننهن سهڻي ۽ باحيا هئي، شرم وچان هن ڪنڌ ڏئي مٿي نٿي ڪنيو. پر سس کي انهيءَ مرڻينگ حالت ۾ ڏسي سندس وڏين ڪجلين اکين ۾ لڙڪ تري آيا. اولين کيس ويجهو سڏ ڪيو ۽ پنهنجي سيني سان لڳائي کيس پيار ڪيائين. ننهن هوريان هوريان اولين جو مٿو دٻڻ شروع ڪيو. جنهن سان سس کي عجيب سرور ملڻ لڳو.. هن ننهن جي ماٿ کي منٿ ڪندي چيو ”پيڻ ليمنگر کي هت رهڻ ڏي. منهنجو پٽ هتي ڪونه آهي

۽ تون ڏسين پيئي ته ”قبر، هن بستري کان گهڻو پري نه آهي..

سيٺ، اولين جي ڳالهه، ٻڌي چيو، ”هي توهان جي ڏي آهي.. پل اتيئي رهي اوهان جي خدمت ڪري. آخر ته ڪيس هن ئي گهر ۾ اچڻو آهي..“ ۽ پوءِ ڏيءَ کي چيائين ”اسان کي وساري ڇڏ. پنهنجي سس جي خوشيءَ لاءِ جتن ڪر، سندس ٻه خدمت پهچيئي ڪر، تون چوبهه قسمن جا طعام ڏاهي ڄاڻين ٿي، سس لاءِ طاقت واري لذيز خوراڪ تيار ڪج. ۽ ها مٿن بار نه ٻڌج. ”اِتري ڇٽي هن چانديءَ ۽ سون جا ڪافي سڪا ڪيڏي ڪيءَ ڏانهن وڌايا.“ اهو ڏسي اولين چيو ”اهو ڇا ٿي ڪرين پيئي.. سون ۽ چاندي ته هن گهر ۾ اڳئي بيحساب موجود آهي، اهو سڀ منهنجي هن ساڃهڻي ڏانهن ٿان قربان. تون پنهنجا پئسا پاڻ وٽ رک.“

پوءِ وينگ پنهنجي سيٺ کي روانو ڪري جڏهن موٽيو ته هن اولين ۾ زندگيءَ جي رمق ڏٺي. اولين مرڪندي چيو ڏانهن اچي ويئي آهي، پٽ کي ٻه گهرائي وٺ، پنهنجن هنن ڪمرن جي روشني وڌي ويندي.

وينگ اهو ٻڌو ته مرڪندو ٻاهر نڪتو. ٻاهر چنگ سلفيءَ سان شغل ڪري رهيو هو. ڪيس چيائين ”چنگ، منهنجا دوست، توکي هينئر جو هينئر هڪ ٻگهي سفر تي اُٿڻو پوندو ۽ هن رول ڪٽي کي ڳولي اچڻو پوندو..“

چنگ مرڪيو ۽ چيائين ”مون کي خبر آهي ته هو ڪٿي آهي ۽ ڇا ڪندو آهي آءٌ ضرور کيس وٺي ايندس.“

وينگ چيو ”ڇوجانس ته تنهنجي ماءُ مرڻ ۾ آهي ۽ قبر ۾ لهڻ کان اڳ تنهنجي شادي ڪرڻ ٿي چاهي. جي توکي ماءُ سان ۽ هن گهر سان ڪو ٿورو اُنس به هجي ته هڪدم گهر هليو اچ.“

پوءِ ڏينهن سندس وڏو پٽ گهر پهچي ويو. هو هاڻ هڪ سخت جان ۽ مضبوط جوان ٿي لڳو. قد اڳيئي ڊگهو هوس ۽ رنگ ڳاڙهو هو. کيس ڏسي وينگ دل ئي دل ۾ فخر محسوس ڪيو ۽ کيس سيني سان لڳائي، پيار ڪري کيس ماءُ جي ڪمري ڏانهن وٺي هليو. اولين جڏهن پنهنجي ڳورو پٽ کي ڏٺو ته سندس ڳلن تي ڳاڙهاڻ پکڙجي وئي. مُرڪندي چيائين، چڱو ٿيو جو تون اچي وئين پٽ.. منهنجي خواهش هئي ته مرڻ کان اڳ تنهنجي خوشي ڏسان.

پٽ ماءُ کي ڳراٽڙي پائيندي چيو ”ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين امان؟ تون ته اڳي کان گهڻو ٺيڪ ٿي لڳين. شل تنهنجو پاڇو امان مٿان قائم رهي.

پوءِ ليو جي مرضيءَ سان وينگ، چنگ کي ساڻ وٺي دوستن کي لينڊ ڏيڻ لاءِ نڪري پيو. سڀني ڳوٺ کي هنن شادي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني.. اها رات ۽ اڳيون ڏينهن خوب آتش بازي ڇڏي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دهلن ۽ شرنائي نوازن شادي جي ڳيتن جون ڌنون
وڄايون ۽ ڳائڻين ڳيت ڳايا.. وينگ شادي جي انتظامن
تي ڀالي وانگر پئسو لٽائي رهيو هو، ڇو ته انهيءَ
ڪري جيئن ماڻهن کي خبر پوي ته سندس حيثيت ڇا
آهي ۽ ٻيو انهيءَ ڪري جيئن موت جي دروازي تي
بيٺل سندس زال اهو نه سمجهي ته وينگ پٽ جي شادي
۾ ڪنجوسيءَ کان ڪم ورتو. هن هڪ تمام وڏي
دعوت جو به بندوبست ڪيو هو جنهن ۾ انيڪ قسمن
جا طعام وافر مقدار ۾ تيار ڪرايا ويا هئا ۽ دعوت جو
انتظام چينگ، ڪوڪو، وينگ جي چاچي ۽ چاچيءَ جي
هٿن ۾ هو.

اولين بيماريءَ ۽ تمام گهٽي ڪمزوريءَ جي باوجود
ڳاڙهو وڳو پاتو هو ۽ ڇاڪاڻ ته هوءَ خود شاديءَ
جي رسمن ۽ سمورن سائن ۾ حصو نٿي وٺي سگهي
تنهن ڪري وينگ سندس ڪمري جون تمام دريون ۽
دروازا کولرائي ڇڏيا هئا جيئن هو درين ۽ دروازن مان
تماشو ڏسندي رهي.. نيٺ شاديءَ جون ريتون رسمون
پوريون ٿيون ۽ گهوٽ ڪنوار کي سندن ڪمري ۾
پهچايو ويو. هوڏانهن ٻاهر دعوت اڃان هلي رهي هئي.
ڳوٺ جو ٻچو ٻچو دعوت ۾ شريڪ هو ۽ اولين پنهنجي
ڪمري مان اهو سڀ هُل هنگامو ڏسي ۽ ٻڌي رهي
هئي ۽ کيس عجيب طمانيت جو احساس ٿي رهيو هو.
نيٺ دعوت به خيرخوبيءَ سان پوري ٿي.. مهمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ هڪ ڪري موڪلائي ويا ۽ هنڌانهن اولين جي
سيني تان ڄڻ ڪو وڏو بار هٽي ويو. ڪجهه عرصي
کان پوء ڪيس ننڊ آئي ۽ هوءَ دنيا کان بي خبر ننڊ
جي واديءَ ۾ گم ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن صبح جو سندس
حالت ا چتو وڌيڪ خراب ٿي ويئي ۽ هن ڪنوار کي
ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري. هڪدم ڪنوار کي سندس
ڪمري ۾ پهچايو ويو. جيڪا قيمتي بخمل جي ڳاڙهي
لباس ۾ ويڙهيل هئي جنهن تي سون جي تند سان ڀرت
ڀريل هو، سندس هٿن تي مهندي لڳل هئي ۽ جسم
مان خوشبو اچي رهي هئي. اولين ڏڪندڙ هٿن سان
کيس پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ ٻڏندڙ آواز ۾ چيائين
"منهنجو وقت پورو ٿي ويو ڏيٺڙي.. هاڻ هي گهر
تنهنجي حوالي. پنهنجي مڙس، سندس پيءُ ۽ انهيءَ جي
ڀيڻ جي آرام جو هرممڪن خيال رکج ۽ منهنجي
معصوم ڌيءَ جي به پارت اٿئي جيڪا نه ڳالهائي ٿي
سگهي ۽ نه ٻڌي ٿي سگهي. کيس پنهنجي ڀيڻ ڪري
ڄاڻج." ايترو چئي سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا.
ٺيڪ انهي وقت وينگ به ڪمري ۾ آيو. هن اولين
ڏانهن نهاريو ۽ کيس احساس ٿيو ڄڻ اولين ڊگهي سفر
لاء تيار هئي. اهو ڏسي هن سڀني کي ڪمري مان
ٻاهر وڃڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن سڀ ڪمري مان
نڪري ويا ته هن ٻوڙي وڃي اولين کي سهارو ڏنو ۽
سندس مٿو پنهنجي هنج ۾ رکيائين. اولين ڏاڍي

ڪوشش سان مُرڪي ۽ پرپور نگاهن سان هڪ وار
پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي کي ڏٺائين ۽ پوءِ جهٽ ڪن
۾ سڀ رشتا ناتا ٽوڙي ابدي سفر تي رواني ٿي ويئي.
وينگ جي اکين مان لڙڪن جو درياءُ اٿلي پيو..
هن جهڪي پنهنجي همدرد غمگسار ساٿيءَ جي نراڙ
کي چميو ۽ پنهنجي هٿن سان سندس اکيون بند ڪري
خدا حافظ چيائين. ايتري ۾ چنگ اندر گهڙي آيو. هن
جي اکين ۾ به لڙڪ هئا. ڪيس ڏسي وينگ جي ضبط
جا سڀ بند ٽٽي پيا ۽ هو ٻارن وانگر روئندي چنگ
کي ٻڌائڻ لڳو، منهنجي همدرد، منهنجي وفادار منهنجي
زندگيءَ جي ساٿي مون کان رُسي ويئي چنگ. چنگ
سندس ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکندي چيو "صبر ڪبر
منهنجا دوست تنهنجو پيءُ به اسان کي ڇڏي ويو آهي.
هاڻ هن گهر مان هڪ ئي وقت ٻه جنازا کڄندا.

زمين جي هڪ سرسبز ٽڪر ۾ زمين هموار ڪري
اتي ٻه قبرون ٺاهيون ويون. وينگ جي گهر مان ٻه جنازا
هڪ ئي وقت کنيا ويا. سندن ڳوٺ ۽ پر رهاسي مان
تمام گهڻي خلق جنازن ۾ شامل هئي. ڇا ته قدرت جو
نظام آهي. اڃان هڪ ڏينهن اڳ اهي سڀ ماڻهو وينگ
جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ موجود هئا ۽ اڄ سندس
زال ۽ پيءُ کي قبر ۾ داخل ڪرڻ لاءِ آيل هئا. ڪنول
به جنازن سان گڏ هلي رهي هئي، ۽ سين کان گهڻو
اُٻو پئي رهي هئي. شايد هن ماڻهن تي اهو ٿي ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ چاهيو ته هو پنهنجي مڙس جي غم ۾ شريڪ ٿئي ۽ ڪيس پنهنجي سوڪ جي موت تي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. وينگ بلڪل خاموش هو، هن نه رڙيون ڪيون ۽ نه رُنو. پر جڏهن بي جان جسمن کي قبرن ۾ لاهي، مٽي برابر ڪئي ويئي ته هو وڌيڪ ضبط نه ڪري سگهيو ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهي آيا. ۽ سندس آواز روئڻهارڪو ٿي ويو. اڄ هو پنهنجي ٻن عزيز ترين هستين کان هميشه لاءِ جدا ٿي رهيو هو. جڏهن ماڻهو واپس ورڻ لڳا ته هو به ننڍيون ننڍيون وکون کڻندو انهن سان شامل ٿي ويو. ٿورو اڳيرو هلي هو بيهي رهيو هو ۽ مُڙي پوئتي نهارڻ لڳو. اوڏانهن جتي سندس اڌ عمر سمهيل هئي. هاڻ ڪيس هڪ نئين زندگي شروع ڪرڻي هئي.. لڙڪ رمجهم سندس اکين مان وهڻ لڳا ۽ هن بالڪل ڪنهن ٻار جيان پنهنجي هٿ جي ترِيءَ سان لڙڪ اگهڻ جي ڪوشش ڪئي.

خوشي ۽ غم جا ڪکر جڏهن ڪجهه هٽيا، موت جهڙي سانحي جو پڙاڏو جڏهن ڪجهه هلڪو ٿيو تڏهن هڪ ڏينهن چنگ، وينگ وٽ لنگهي آيو ۽ ٻڇندي ٻڇندي چوائين "چاڻان تو منهنجا دوست ته زندگيءَ جي عزيز ترين ساٿين جي وڇوڙي توکي نهوڙي ڇڏيو آهي، پر انهيءَ غم ۾ هاڻ پنهنجي زندگي ته برباد نه ڪر.. ڌرتي ماءُ کي تنهنجي ضرورت آهي.

وينگ وراڻيو. "ون کان ته اها ڳالهه ڏي وسري ويئي

آهي ته ڪو منهنجي زمين آهي. پنهنجن پيارن کي دفن ڪرڻ سولو نه آهي.

چنگ ڪجهه دير خاموش رهي چيو ”پاڻ-يان تو ته هيل وري پوڙهون اينديون. آسمان تي جهڪي ڪڪر نظر اچن ٿا تن جو رخ ظاهر ڪري ٿو ته هن دفعي تمام گهڻا مينهن پوندا، ايترا جو ڪي تمام فصلن کي لوڙهي ويندا، واهه ۽ شاخون دريا ۽ نديون ٿي پونديون. سڄي زمين جل ٿل ٿي ويندي.

اهو ٻڌي وينگ ٻاهر نڪري آيو. چنگ جو خيال صحيح ٿي لڳو. آسمان تي هڪ آفت موجود هئي جيڪا مٿن تباهي جو پيغام کڻي اچڻ واري هئي. فصل تيار هئا پر ڪجهه نٿي ڪري سگهيا. ٻئي ڏينهن ٿي مينهن وسڻ شروع ٿي ويو ۽ پوءِ بند ٽٽڻ جو نالو ئي نه ورتائين. گهوڙن جا گهوٽ دريائن ۽ سمنڊ جو منظر پيش ڪرڻ لڳا. حد نگاهه تائين رڳو پاڻي ئي نظر آيو. فصل تباهه ٿي ويا. غريبن جا گهر ڊهي پيا ۽ سندن ٿوري گهڻي پونجي به پاڻي جي حوالي ٿي وئي. ماڻهو بک مرڻ لڳا ۽ ٻڪن کان بچڻ لاءِ ڪي اتر ڏانهن شهر طرف لڏي ويا ۽ ڪي ڏکڻ پاسي، جتي ٻوڏ ڪونه آئي هئي. وينگ ٻوڏ جي پاڻيءَ کان محفوظ هو. سندس گودامن ۾ اناج جو ذخيرو موجود هو، هن پنهنجن ڪڙمن کي به پنهنجي مٿان ٺهيل گهر ۾ گهرائي ورتو هو جتي کين باقاعدي راشن پاڻي ملندو هو. وينگ کي پنهنجي

بزور ساڻس جو ڏاڍو خيال هو. ڪيس چاڻ هئي ته انهن جي ڏي محنت ۽ پورهئي ڪيس انهي مقام تي پهچايو هو ۽ اهي ڏي پاڻي لهڻ ڪانپوءِ سندس زمين جو سينو چيري ٻج ڇٽيندا ۽ فصل تيار ڪندا. تنهن ڪري هن نٿي چاهيو ته مصيبت جي هن وقت ۾ ڪين ٻڪ مرڻ لاءِ اڪيلو ۽ بي يار ۽ مددگار ڇڏي ڏي. هاري مينهن جي گڏ تيل پاڻي سان مڇيون جهلي ايندا هئا ۽ پاڻي جا پکي شڪار ڪري ايندا هئا جن کي وري ڪوڪو ۽ وينگ جي ننهن ٻچائيندئون هيون ۽ سڀ گڏجي کائيندا هئا.. هوڏانهن وينگ جو چاچو هو. جنهن کي نٿي لاءِ رقم جي ضرورت پوندي هئي ۽ وينگ اهـا رقم ڏيڻ لاءِ مجبور هو. جيتوڻيڪ هو ظاهر اهو ڪندو ڪندو هو ته ڪيس پنهنجي بيروزگار چاچي جو ڏاڍو خيال هو ۽ هو خوشي سان سندس ضرورتون پوريـون ڪندو هو. چاچي جون ضرورتون پوريون نـه ڪري ها ته سندس ڏولي جا ڏاڙيل ڪيس پيمگيو ڪري ڇڏين ها. پوڏ نه صرف سندس، بيٺل فصل کي نقصان ڪيو هو، ڏاڙيل سندس گـڏ ڪهل ڪـُل پوڄجـي ڪانئس کسي وڃن ها، ۽ هن هاڻ وري غريب نٿي ٿيڻ چاهيو، پر سندس انهي ڪمزوريءَ جي ڪري چاچي جـي مطالبن ۾ روز بروز اضافو ٿيندو ويو. تازي پوڏ وينگ کي خرچ جي معاملي ۾ محتاط تي وڃڻ تي مجبور ڪيو هو سو چاچي جي روز روز جـي مطالبن کان

Scanned with CamScanner

نهٽ ڪڪ تي ٻيو ۽ هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ کيس چيائين،
”چا توهان اهو چاهيو ٿا ته اسين وقت کان اڳ بُک
مري وڃون؟ پوڙ جو ڀاڱي اڃا لٿو به نه آهي ۽ توهان
منهنجي سموري پونجي ڦرڻ پٺيان اچي پيا آهيو...“

پر شاطر ۽ ظالم چاچي تي سندس انهي تقرير جو
ڪو اثر نه ٿيو. هن چيو ”ڪوڙ نه ڳالهاءِ ياڻتيا آءٌ ڄاڻان
ٿو ته تو وٽ ڪيتري دولت آهي. پر جي تو اسانجون
ضرورتون پوريون ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته آءٌ پنهنجو
حق ڪسي به سگهان ٿو. اهو نه وسار ته ڪو آءٌ بيوس
۽ اڪيلو آهيان. منهنجي ساٿين رت پيتيون به آهن ۽
هو هڪ دفعو هٿ اچي ويا ته ڪک به نه ڇڏيندا. ۽
پوءِ مون کي نه چئجان..

اهو ٻڌي وينگ خاموش ٿي ويو.. هيٺاهين ونندي
چيائين ”چاچا سائين، آءٌ توهان جو ڀاڻتيو آهيان..
مونکي غلط نه سمجهو. دراصل پوڙ جي ڀاڱي جي ڪا
خبر نٿي پوي ته ڪڏهن لهندو ۽ وري ڪڏهن پيچائي
تي سگهندي.. ڀاڻ سين کي خرچ جي معاملي ۾ احتياط
ڪرڻ گهرجي. هي ڏکيو وقت گذري وڃي پوءِ توهان کي
جيترو وڻي اوترو خرچ ڪجو.

اهو ٻڌي چاچي ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين. ها اٿين ٺهڪ
آهي. پرواهه نه ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

وينگ جو وڏو پٽ هر وقت چاچي جي آواره ۽
لوفر پٽ تي نظر رکندو هو جيڪو درين ۽ دروازن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي سيرن مان سندس زال کي پيو ڏسندو هو. هن
پنهنجي نوجوان زال تي پابندي وجهي ڇڏي هئي ته
هوءَ اڳڻ تي نه نڪري، ۽ هڪ ڏينهن نيٺ هن پنهنجي
پيءُ کي چيو ”توهانجو سئوٽ سڄو ڏينهن اڳڻ
تي نوس نوس پيو ڪندو آهي، ڪٿي منهنجي هٿان
مارجي نه وڃي. اوهين کيس گهر مان ڪڍو جي نه ته
آئون پنهنجي زال کي هتان وٺي ٿو وڃان.

وينگ جواب ڏنس. توکي خبر آهي منهنجو چاچو
ڪير آهي؟ هو صرف منهنجي پيءُ جو ڀاءُ نه پر هن
علائقي جي رهزن ڌاڙيلن جو سردار پڻ آهي. آءٌ به
سائس اهڙي نفرت ڪريان ٿو جهڙو تنهنجي دل ۾
آهي، پر پنهنجي خاندان کي نقصان کان بچائڻ لاءِ
هن ڪتن اڳيان دولت جي خيرات اڇلائڻي پوي ٿي. جي
اسان انهن کي ناراض ڪيو ته اسان مان ڪنهن کي
به سڄ ڏسڻ نصيب نه ٿيندو.

”ڇا ائين نٿو ٿي سگهي ته اسين پنهنجن هارين
جي مدد سان انهن ٽنهي کي قتل ڪري ڇڏيون ۽
سندن لاش پوڙ جي پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيون؟

ٿي ته سگهي ٿو پٽ. پر ائين ڪرڻ سان به ڌاڙيلن
لاءِ اسان جي گهر جا دروازا کلي ويندا. انهن جو زنده
رهڻ، اسان جي زندگي لاءِ ضروري آهي.

وينگ، پنهنجي چاچي کي فصلن کي نقصان پهچائڻ
واري سوڏر کان به وڌيڪ بيدردي سان ٿي سارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيو، پر انهن ڪرڻ ۾ سنڌن ڏي نقصان هو ۽ انهيءَ ڪري هو خاموش رهي تماشو ڏسڻ تي مجبور هو.

رات جو وينگ انهي مسئلي تي چنگ سان ڳالهايو چنگ چيو تنهنجي چاچي جو صرف هڪ علاج آهي. ڪيس ايترو نشو پيار جو هو ارگرد کان بيخبر ٿي وڃي. ۽ ڪنهن کي سچائي به نه سکهي.

وينگ ورائيو "پرچنگ، اڄڪله، آفيم سون جي اگهه تي ملي ٿي.

ڪجهه نه ڪرڻو پوندو. پنهنجي خاندان کي بدنام ڌاڙيلن جي ڪاروائين کان بچائڻ لاءِ ايترو خرچ ته ڪرڻو ئي پوندو.. نه ته ٻي ته ڪا صورت نه آهي.

وينگ چيو" برابر. اسان کي ائين ئي ڪرڻو پوندو.

ٻئي ڏينهن وينگ ٻڪا ويهه، تولا آفيم پنهنجي چاچي لاءِ وٺي آيو، جنهن جي عوض ڪيس ڪٽرائي چاندي جا سڪا ڏيڻا پيا.

ٻئي ڏينهن وينگ چاچي وٽ ويو ۽ آفيم جي دٻلي سندس حوالي ڪيائين. ايترو آفيم ڏسي چاچي جون واڇون ٽڙي ويون خوشي مان ٻهڪندي چيائين. آفيم ته سون جي اگهه تي وڪجي پائنيا. ۽ تون ٻڪي هيتري آفيم وٺي آيو آهين؟؟

وينگ فرمانبرداري واري انداز ۾ ورائيو" بابا ڪانپوءِ هن گهر جا بزرگ توهان ئي ته آهيو. بابا به آفيم جو

شوقين هوندو هو پر تڏهن هن گهر ۾ وقت تي کاڌي
لاءِ اناج بہ ڪونہ هوندو هو. هاڻ توهان لاءِ آفيم وٺي
آءٌ پنهنجي دل کي تسلي ڏيڻ ٿو چاهيان.

چاچي کي آفيم ڏيئي وينگ واپس هليو آيو. ڪيس
پڪ هئي تہ هاڻ چاچهنس ڪيس ڪو نئــون دڙڪو
ڪونہ ڏيندو.

جيئن وينگ واپس ٿي ويو تيئن سندس ڪنن پنهنجي
ننڍي ڌيءَ جون رڙيون پيون. هو ڊوڙي انهيءَ پاسي
ويو جتان رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون هيون. اتي ڇا ڏٺائين تہ
سندس ننڍي ڌي جهڪا جواني جي ماڻري ۾ قدم رکي
رهي هئي ۽ انتهائي سهڻي ۽ سڊول جسم جي مالڪ
هئي. سا وينگ جي لوفر سئوٽ جي پاڪر ۾ قابو
هئي. سئوٽ جا هٿ ڇوڪري جي نوخيز ارهن تي هئا
۽ هو ڪيس چمي رهيو هو. اهو ڏسي وينگ جو رت
ٽهڪي هليو. پر ۾ پيل هڪ سيخ کڻي ٻڪساهي اٿ
ڌم وهائي ڪڍيائينس. ڌڪن لڳڻ ڪري سندس منهن
تڪ ۽ مٿي مان رت جاري ٿي ويو ۽ سندس گرفت
ڍري ٿي وڃڻ ڪري ڇوڪري پاڻ ڇڏائي اچي پيءُ
کي چنبڙي پيئي ۽ سڏڪا ڀرڻ لڳي. وينگ سندس
مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي پاسي
وٺي ويو. چاچو ۽ سندس پٽ لاڳيتو سنڌن خاندان لاءِ
مصيبت بڻيل هئا پر هو ڪجهہ بہ ڪري نٿي سگهيو.
ڇوڪري ليو جي پٽ سان مڱايل هئي سو هن فيصلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کيو ته جلد از جلد ڇوڪري جي شادي ڪري ڇڏجي. ائين نه ٿئي جو اڄ ته هو موجود هو ۽ ڇوڪري بچي وڃي. ڪڏهن سندس غيرموجودگي ۾ بي غيرت سڏوت ڇوڪري جي عزت لٽڻ ۾ ڪامياب نه ٿي وڃي. اهو ويچاري هو ليو وٽ پاڻ هلي ويو ۽ کيس شادي جو چيائين، پر ليو وراڻيو هن سال ٻوڏن جي ڪري مون کي ڪاروبار ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي ۽ شادي جو خرچ پڙڻ جي سگهه نٿو ساريان.

وينگ چيس" خرچ جي پرواهه نه ڪريو. سمورو خرچ آءٌ ڪندس. پر ليو اها ڳالهه نه مڃي، چيائين نه ڀاءُ ائين نه ٿيندو خدا مونکي به هر نموني نوازيو آهي. بس رڳو هي سال صبر ڪر، پوءِ آءٌ توکي وڌيڪ انتظار ڪرڻ جو ڪونه چوندس.

وينگ وڌيڪ ڪجهه نه سگهيو. ڪيئن ليو کي ٻڌائي ها ته هو ڪهڙو خطرو محسوس ڪري ولس آيو هو نه ته ڪا سندس ڌي ڪا ايڏي وڏي به ڪونه ٿي وئي هئي جو هو پاڻ ڌيءَ جي سامهون ۾ ٻوڙندو وڃي ۽ شادي جي درخواست ڪري.

هاڻ هو پيو ڪجهه به نٿي ڪري سگهيو سواءِ انهي جي ته ڌيءَ تي نظر رکي، سندس حفاظت ڪري ۽ پنهنجي راڪاس سڏوت کان کيس بچائي.

ٻوڏ جو پالي هالي پوئتي موٽڻ شروع ٿيو هو. ڇنگ اچي کيس اها ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين زمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهن. ياد رک منهنجا دوست
غربت سستي جو پيو آهي، وقت هتي مان نڪري
ويو ته وري ڪونه موٽي ايندو. تون ته محنت جو عادي آهين.

وينگ وراڻيو. "جنگ تو مونکي اهي ڏينهن ياد
ڏياريا آهن جڏهن آءُ واقعي هڪ محنتي هاري هوس،
جن ته سٺو انسان هوس.

۽ پوءِ هو سنهري زمين تي وڃڻ لاءِ اٿيو ئي
ته سندس وڏو پٽ ڊوڙندو ڏانهس آيو ۽ خوشي ڀري
لهجي ۾ چيائين بابا سائين، اناج ۾ حصو ونڊائڻ لاءِ
هڪ ٻيو جيو گهر ۾ اچي رهيو آهي.

وينگ سمجهي ويو ته هو ڏاڏو ٿيڻ وارو هو.
مرڪندي پٽ جي پٺي تي هٿ ڦيريندي چيائين "
قدرتي اسان سڀني جي ماءُ آهي. مهربان ۽ شفيق ماءُ...
هوءَ هن دفعي وڌيڪ اناج پيدا ڪندي. تون ڪو فڪر
نه ڪر.

زمين ڏانهن ويندي رستي ۾ هن چنگ کي چيو"
ننهن جو پهريون ٻار آهي. کيس سٺي خوراڪ جي
ضرورت ٿيندي. گوشت، مڇي، بيضا، پشتا بادام منهنجي
ٻي زال سندس خيال ڪونه رکندي. اهو ڪم توکي ڪرڻو
پوندو. اڃا چاهيان ٿو ته منهنجو پوٽو صحتمند هجي.

تون فڪر نه ڪر دوست. مونکي ڏاڏو ٿيڻ اچي ٿو.

وينگ کي هاڻ پوٽي جي پيدائش جو انتظار هو.
هڪ ڏينهن صبح جو کيس اها خوشخبري ملي ته هو

Scanned with CamScanner

ڏاڏو ٻڌجي ويو آهي. اها خوشي جي خبر هئي، وينگ کي اڄ اها خوشي ٻيو دفعو ملي هئي. پهريون دفعو تڏهن جڏهن هو پيءُ ٻڌيو هو. تڏهن ٻه سندس ذهن ۾ عجيب خيال هئا. پيءُ ٻڌجڻ جو اهو سندس پهريون تجربو هو. ۽ اڄ ٻه سندس دلي ڪيفيت عجيب هئي. اڄ وري ڏاڏو ٻڌجڻ جو پهريون تجربو ٿيو هوس. خيالن ئي خيالن ۾ هو ماضي ۾ موٽي ويو. جڏهن سندس زال پهريون ٻار ٿي ڄڻيو. زمين تي ڪم ڪندي ڪندي اوچتو هوءَ گهر ڏانهن رواني ٿي هئي ۽ صبح جو ٻار ڄڻيو هئائين. سندس مدد لاءِ نه ته ڪا ٻانهي هئي ۽ نه ڪا دائي. نه هن ڪا رڙ ڪئي نه تڪليف جي شڪايت ۽ ٻار ڄمڻ جي ٻن ڏينهن ڪانپوءِ هوءَ وري زمين تي ڪم ڪري رهي هئي. ۽ هيڏانهن وينگ جي ننهن هئي. جنهن جي خدمت لاءِ چار ٻانهيون مقرر هيون، ۽ ٻه دايون سڄي رات سائس گڏ رهيون هيون. نه ٻه هوءَ سڄي رات ذبح ٿيندڙ ٻڪري جيان رڙيون ڪندي رهي هئي. وينگ سوچيو. سڀ نخرا ۽ ناز دولت سان آهن.

پوءِ هن چنگ کي گهرائي کيس حڪم ڏنو ته هڪ اهڙي عورت ڳولهي هٿ ڪر جنهن جي اُرهن ۾ کير جو دريا هجي... مون کي اندازو آهي ته منهنجي ننهن، پوٽي جي بک نه مٽائي سگهندي، مٿان وري ٻار جي ڏاڏڻ سان سندس جسم ٻي ڍرو ٿي پوندو

جيڪا ڳالهه منهنجي نفس پرهيل پٽ لاءِ قابل قبول نه هوندي.

خوشيون اچن ٿيون ته پوءِ گڏ اچن ٿيون. هڪ طرف پوٽي جي پيدائش جي خوشي ته ٻئي پاسي ٻوڙ جي پاڻي جي موٽ. ڳوٺ ۾ ڪوبه گهر سلامت ڪو نه هو. ڳوٺاڻا جڏهن واپس موٽيا ته وٽن ڪجهه به نه هو، ڪين پنهنجا گهرڙا ٺاهڻ لاءِ، نه فصل لئي ٽائين ڪڍڻ لاءِ، نه ڍڳن ۽ ٻجن جي خريداريءَ لاءِ رقم جي ضرورت هئي ۽ رقم کين صرف وينگ کان ملي سگهي ٿي. وينگ پاڻ به انهي دور مان گذري چڪو هو. کيس احساس هو ته هن وقت سندس غريب ڳوٺاڻن ڀائرن جي ڇا ڪيفيت هوندي. هن سندن مدد ڪرڻ چاهي ٿي. ٻر هو پاڻ به قسمت جي مهرباني سان امير ٿيل ڪونه هو. هن پنهنجو رت ۽ ست هڪ ڪيو هو، سچو سچو سال، ڇا اونهارو ڇا سيارو. پنهنجو پگهر وهايو هئائين، ڪفايت شعاري کان ڪم ورتو هئائين، پئسو پئسو سنڀالي رکيو هئائين تڏهن وڃي هو ان منزل تي پهتو هو. جو اڄ پيا سڀ سندس در تي سوالي هئا. هن مناسب شرطن تي ماڻهن کي قرض ڏنا اناج به ڏنائين ته جيئن فصل تيار ٿين، هو پڪ ڪرڻ.

وينگ هاڻ فيصلو ڪيو هو ته هو پاڻ زمين ۾ ڪم نه ڪندو. هاڻ هو جوان ۽ اڳي جيان مضبوط

سکون رهيو هو. هاڻ کيس آرام جي ضرورت هئي. سندس پٽ جوان هئا ۽ پڙهيل ڳڙهيل هئا. اهي زمين جو ڪم سنڀالي سگهيا ٿي، هو کين مشورو ڏيندو ۽ ڇوڪرا انهن تي عمل ڪندا ۽ ائين زمين جي ڪم ۾ ڪرولو به نه پوندو ۽ نه نقصان جو انديشو رهندو. وينگ سوچيو شايد هاڻ زندگي جا باقي ڏينهن آزاد ۽ سڪون سان گذري سگهن. ڳوٺ ۾ هر ڪو ماڻهو کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. اولاد جي نظرن ۾ به سندس عزت موجود هئي. پيو هاڻ کيس ڇا گهرجي. پر ڇا زندگي ايتري سولي آهي؟؟ اڃان هڪ وڏو مسئلو نه موجود هو جنهن ڪو کيس سک جو ساهه نه کڻڻ ڏيندو. انهيءَ مسئلي جو تعلق سندس ڇاڇي جي خاندان جي گهر ۾ موجودگي هئي. ڇاڇي خود کي نه هو خريد ڪري ڇڪو هو. پر ڇاڇي جي لوفر پٽ جو ڪو مناسب علاج نه ٿي سگهيو هو. هن جي اکين ۾ غيرت جو انگ موجود نه هو، ويٺي ويهاري کي بنا ڪنهن ڪم ۾ محنت ڪرڻ جي پئيءَ جي صدقي مالي پيئي ملندي هئي ۽ نشو پورو ڪرڻ لاءِ چاندي به ملندي هئي. تنهنڪري هو سڄو سڄو ڏينهن پيو گهر ۾ نوس نوس ڪندو هو ۽ وينگ جي نازڪ ۽ سهڻي ڌي ۽ سندس ننهن (جنهڪا پڻ پار چمڻ ڪانپوءِ وڌيڪ سهڻي ٿي وئي هئي) پويان ناسڪا هڻندو هو. وڏو پٽ انهي صورتحال جي ڪري هر وقت ڪاوڙيو وتندو هو. انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صورتحال جو ڪو حل ڳولهي نہ سگهيو هو.
نہ تہ ڪيس گهران ڪڍي ٿي سگهيو، نہ ڪين قتل ڪري
ٿي سگهيو. پڻ مسئلن کان فارغ ٿي هاڻ هو انهيءَ
مسئلي تي غور ڪندو هو تہ هڪ ڏينهن سندس وڏو
پٽ ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ڪري وٽس لنگهي آيو ۽
کيس چوڻ لڳو تہ بابا هاڻ قصو حد کان وڌي ويو
آهي. توهان جو سنوت شراب پيو مست الست ٿيو
پيو اڱڻ تي گهمندو آهي. ڪڏهن منهنجي ڪمري جي
در ۾ درين مان پيو اندر نهاريندو آهي تہ ڪڏهن امڙ
(ڪنول) واري اڱڻ تي هليو ويندو آهي.

وينگ پٽ جي شڪايت کي بجاءِ ٿي سمجهيو،
پر هو ڪري ڇا ٿي سگهيو. هن جو خيال هو تہ انهي
مسئلي جو حل جذباتي انداز فڪر ۾ نہ هو پر ٿڌي
ذهن سان سوچڻو پوندو ۽ اهڙوئي حل ڳولڻو پوندو
جنهن سان نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچي. پر انهي وقت
اڃان تائين سندس وڏو پٽ ڪا گڙ ٻڙ نہ ڪري وڃي
تنهن خيال کان کيس ٿورو ڪاوڙ ۾ چيائين تہ توکي
ڇا ٿي ويو آهي؟ ڇا تنهنجي زال ڪا ٻار آهي جنهن
جي عزت جو توکي ايترو فڪر اچي لڳو آهي؟ گهر
۾ هر وقت ايترا ٻاتي موجود رهن ٿا تن جي موجودگي
۾ ڀلا هن لوفر کي ايتري همت ٿيندي؟ باقي جي گهر
۾ نوس نوس، ٻو ڪري نہ ڪرڻ ڏينس، ڪٿي کي
تو ڇا چوندين؟

پٽ چيو” بابا سائين، هن گهر جي اڳئي ئي صرف منهنجي زال نٽي رهي جنهنجي عزت کي خطرو لاحق هجي. منهنجو ٻه جوان ۽ ڪنواريون ڀينرن ٻه رهن ٿيون، ۽ هو جيڪي ڪجهه ڪري پيو سو مناسب نه آهي.

وڏيري چيس” پوءِ ڀلا تون آخر ڇا ٿو چاهين؟ آءٌ توکي ٻڌائي چڪو آهيان ته چاچي جي خاندان کي گهر مان لوڏڻ يا سندن زندگيون ختم ڪرڻ سان پنهنجا مسئلا حل نه ٿي ويندا.

پٽ وراڻيو” ڇا ائين نٿو ٿي سگهي ته پاڻ شهر لڏي هلون؟ هن ڳوٺائي زندگي ۾ ڀلا ڇا رکيو آهي؟ هاڻ پاڻ وٽ خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي، شهر هلي آرام جي زندگي گذاريون“ پوءِ هن گهر ۾ ڀلي چاچي جو خاندان پيو رهي. شهر ۾ ڌاڙيلن جو به ڪو خطرو نه هوندو.

زندگي فرار جو نالو نه آهي ٻچا. هڪ معمولي مسئلي جي ڪري پاڻ پنهنجون زمينون، گهر ۽ ڳوٺ ڇڏي شهر هليا هلون، اها ٻزدلي آهي. هن زمين ۾ منهنجي مائٽن ۽ منهنجي زال جا هڏا موجود آهن، ڌرتي جي هن ٽڪري، مونکي هڪ غريب مسڪين هاري واري حيثيت مان هن مرتبي تي پهچايو آهي. تنهن کي آءٌ ڪيئن ڇڏي ڏيان؟ انهي کانسواءِ زمين مالڪ سان آهي. مالڪ غير حاضر آهي ۽ زمين سان پيار ۽ شفقت جو مظاهرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڻو ڪري ته زمين به رهيو وڃي، زمين هڪ اهڙي محبوبه آهي جنهن جا پيار جي جواب ۾ بي انت سک مهيا ڪري ٿي، پر جي ڏانهس ڌيان نه ڏجي ته ڌرتي جي ڪک خالي رهجيو وڃي. تون اڄ جيڪي ڪجهه آهين سو زمين جي هن حصي جي مهربانين جي ڪري.

پٽ چيو” ته پوءِ ائين ڪريو جو وڏي حويلي خريد ڪري وٺو. وڏي حويلي اڄڪلهه خالي پيئي آهي، ۽ اها هن علائقي جي سڀ کان وڏي جاگيردار جي ملڪيت هئي، اڄڪلهه اوهين تر جا وڏا جاگيردار آهيو ۽ اها حويلي آهي به پنهنجي زمينن جي وچ ۾، چاچي وارا هت رهيا پيا هجن ۽ پاڻ حويلي ۾ اچي هلون. ائين ڪرڻ سان توهان جي ڳالهه بـه رهجي ايندي ۽ آءٌ به مستقل جي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندس. ۽ آئون توهان سان واعدو ٿـو ڪريان بابا ته هميشه هڪ فرمانبردار پٽ ٿي رهندس، نه جوا کيڏندس، نه نشو ڪندس، ۽ پنهنجــي زال کان سواءِ ٻي ڪنهن عورت ڏانهن اک کڻي نهاريندس به ڪونه.

پٽ جي اها صلاح وينگ کي به پسند آئي. اها حويلي جنهن جي وڏي در تي ڪنهن زماني ۾ سندس پيءُ چوڪيدار هو، ۽ سندس زال ماڻهن جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي هئي. اڄ هو خريد ڪري سگهيو ٿـي پنهنجي رهائش لاءِ. حويلي جي مالڪن عياشين پويان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿي پنهنجو ڏينگو ڏيري ڪري ڇڏيو ۽ وينگ پنهنجي
محنت ۽ قسمت ۽ مهرباني سان انهي مرتبي تي اچي
پهتو هو جو اها حويلي خريد ڪري سگهي. هن پٽ
جي انهيءَ صلاح تي عمل ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽
ڪيس ان ڳالهه ۾ صبر کان ڪم وٺڻ جي تلقين
ڪيائين.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب سترهون

اهو خواب به حقيقت بڻجي ويو. وينگ وڏي حويلي جو مالڪ بڻجي ويو. حويلي خريد ڪرڻ کان پوءِ هن سڀ کان اڳ ڪنول ۽ ڪوڪوءَ کي لڏڻ جو حڪم ڏنو. ڪنول جي جسماني حالت اهڙي ته ٿي چڪي هئي جو هن وينگ سان ناز نخرا ڪرڻ ڇڏي ڏنا هئا. سمجهائين ٿي ته وينگ جنهن ڪنول تي مٺو هو سا نازڪ ۽ سنهڙي هئي، جوان هئي، سندس ارهه هٿن ۾ اچي سگهيا ۽ سندس پولهه ڏسڻ وٽان هئا، پر هاڻ جيڪا ڪنول زنده هئي سا ٿلهي ۽ بي ڊولي هئي. سندس چهري ۽ جسم جي پڻ حسن تي چربيءَ جا مڙ چڙهيل هئا. ارهه ۽ پولهه ته نظر پري ڏسڻ جهڙا به ڪين رهيا هئا. مٿان وري عمر به وڌي ٿي وئي هئس تنهنڪري هوءَ سٺي خوراڪ، ٻانهين جي خدمت چاڪري ۽ بي فڪري واري زندگيءَ کي پسند ڪرڻ لڳي هئي ۽ انهي تي شڪر ڪندي هئي. انساني خواهشون اڳي وانگر هر وقت غالب نه رهنديون هيون جيڪو ڪنهن وينگ جي ضرورت محسوس ٿئي. هونئن به وينگ پاڻ ٻي هفتي ڏهين ڏينهن ۾ هڪ چڪر وٽس لڳائي ويندو هو ۽ وينگ جي پيو دنعو اڄ ڪ تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منجهس جنسي خواهشون بيدار نه ٿينديون هيون. سو
ڪنول الهيءَ ڳالهه، تي ڪو اعتراض نه ڪيو ته ڪيس
اڪيلو ڇڏي نئين جاءِ ۾ رهڻ لاءِ هلي ڇو ويو. ڪنول
ڪانپوءِ وينگ پنهنجي وڏي پٽ کي هدايت ڪئي ته
پنهنجي زال ٻار ۽ خادمن سان گڏ حويلي ۾ هليو وڃي.
پٽ کانئس پڇيو. ”پر بابا، پوءِ توهان ڪڏهن هلندا؟
وينگ جواب ڏنس“ توکي ڪهڙي تڪڙ هئي هن
گهر کي ڇڏڻ جي، آءٌ جلدي هي گهر نٿو ڇڏي
سگهان. هڪ ته هن گهر سان منهنجي سموري زندگيءَ
جون يادون وابسته آهن ۽ ٻيو ته منهنجي معصوم ٻاليپولي
ڌيءَ جي زندگي جو به سوال آهي.

پيءُ کي ته آءٌ ڳالهه سان وٺيو ٿو هلان.
ٿي سگهي ٿو ته تنهنجي دل ۾ پيءُ جي محبت
هجي، پر مون محسوس ڪيو آهي ته تنهنجي زال ڪيس
نٿي ڀانئي. زالن جي اچڻ ڪانپوءِ پيئن جا رشتا ختم
ٿيو وڃن.

چوڪري وڌيڪ حجت نه ڪئي ۽ پنهنجو سامان ٽڙو
ڪمائي وڏي حويلي ۾ وڃي ڏيرو ڄمايائين.
پوپان وينگ جي اباڻي گهر ۾ هو پاڻ، سندس
چاچي جو خاندان وڃي بچيا. چاچهنس جو خاندان هاڻ
وري ڪنول جي خالي ڪيل ڪمرن ۾ رهڻ لڳو.
جنگ ۽ ٻيا هاري گهرجي ٻاهرين ڪمرن ۾ اچي رهيا
۽ خود وينگ اولهه واري پاسي رهڻ لڳو. هن هڪ

محنتي عورت کي خادمہ جي حيثيت ۾ پگهار تي رکيو
جيڪا سندس گونگي ڌيءَ جي ضرورتن جو خيال رکڻ
لڳي ۽ هر وقت ساڻس گڏ رهندي هئي جيئن ونگ جو
سئوٽ ڪڏهن ڪا ڪريل حرڪت نہ ڪري وجهي. هاڻي گهر
۾ انهي خيال کان ڪجهہ سڪون رهڻ لڳو جو ونگ
جو وڏو پٽ حويلي ۾ وڃي رهڻ لڳو هو جنهن ڪري
ونگ جي سوٽ ۽ منجهس جنگ جو خطرو ٽري ويو.
خود ونگ سڄو ڏينهن گهر ۾ رهندو هو ۽
هڪ نوڪرائي بہ موجود هئي جنهن ڪري ونگ جي
سئوٽ کي ڪنهن ڪريل حرڪت ڪرڻ جي همت ئي
نہ ٿي سگهي. ائين زندگي، هڪ اهڙي دور ۾ داخل
ٿي جتي صرف آرام ۽ سڪون هو. ونگ جو ننڍو
پٽ هاڻ ڪاروبار جا سمورا ڪم سکي چڪو هو ۽
عمر بہ شادي واري ٿي وئي هئس تنهن ڪري ونگ
فيصلو ڪيو تہ سندس شادي بہ ڪري ڇڏجي. ڇوڪرو
اڳ ئي ليو جي گهر منگايل هو تنهن ڪري ڇوڪري
جي ڳولها جو مسئلو بہ ڪونہ هو.

ونگ هاڻ گهڻو آرام ڪرڻ جي ڪري ۽ طاقت
واريون خوراڪون کائڻ جي ڪري ٿلهو ٿي ويو هو ۽
سمهڻ دوران گونگهرا بہ هڻڻ لڳو هو. سندس دوست
چنگ بدستور سنهڙو ۽ ڪمزور هو ڇو تہ هو ڇڙهي
واري خوراڪ ۽ گهٽي خوراڪ کان پري ڀڄندو هو
۽ ڪمس ونگ جي زمين جي نگراني جو ڪم بہ

ڪرڻو پوندو هو. وينگ ڪڏهن ڪڏهن رات گذارڻ
لاءِ ڪنول وٽ پهچي ويندو هو پر هاڻي انهي عمل
۾ نه ته ڪنول ڪا خاص دلچسپي وٺندي هئي ۽ نه
خود وينگ کي جواني وارو مزو حاصل ٿيندو هو. مٿان
وڏي عمر ۽ چرسي وڏي وڃڻ ڪري منجهس اڳين
طاقت به ڪونه رهي هئي ۽ هو نامردي وازي شاهراه
جو مسافر بڻجي ويو هو. پر انهي تي به ڪنول ڪا
شڪايت نه ڪئي ڇو جو هن پاڻ هاڻ پنهنجي خواهش
جي تڪميل جو هڪ ٻيو ذريعو ڳولهي هٿ ڪيو هو
جنهن ۾ کيس ننڍين نينهن جوان، ۽ گرم ڇوڪرين
جي ضرورت پوندي هئي جنهن لاءِ ڪيترين ئي ٻانهيون
رکي ڇڏيون هيون جوڪي سندس جسم کي گرمائش
پهچائينديون هيون ۽ سانس گڏوگڏ ڪوڪوءَ کي به
لذت مهيا ڪنديون هيون. ڪنول کي انهي رستي تي
هلائڻ واري به ڪوڪو ئي هئي.

ڪجهه عرصي ڪانپوءِ وينگ کي خبر پئي ته ملڪ
جي ڏاکڻين حصي ۾ جنگ ٿي رهي هئي. ۽ سندس سوٽ
به جنگ ۾ حصو وٺڻ لاءِ اوڏانهن وڃي رهيو هو. اها
خبر وڏي خوشي جي هئي ڇو ته کيس ڪهڙي اميد
هئي ته سندس بزدل سوٽ مارجي ويندو ۽ سندس ذهن
تان هڪ وڏو بار لهي ويندو. اهي ڳالهيون سوچي هو
چاچي جي ڪمري ۾ ويو ۽ کيس آفيم جي ڏهلي
ڏيندي چيائين ”هن دفعي تو لاءِ خاص آفيم هٿ ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٿم.. ۽ چاچا ٻڌو اٿم تہ منھنجو ڀاءُ دشمنن سان وڙھڻ لاءِ ميدان ۾ وڃي رھيو آھي. اھين ھو اسانجي خاندان جو نالو روشن ڪندو.. ”پوءِ ڪيسي مان چاندي جا سڪا ڪڍندي چيائين ”ھي منھنجي طرفان پنھنجي ڀاءُ جي ضرورتن لاءِ آھن. جنگ مان فاتح ٿي موٽيو تہ آءٌ پوري ڳوٺ جي دعوت ڪندس ۽ ڀاءُ جي فتح جو جشن شاھان شان نموني ملھائيندس ۽ جي مري ويو تہ سندس جنازي ۾ سڄو ڳوٺ شامل ٿيندو. ۽ کيس تمام شان ۽ شوڪت سان دفن ڪيو ويندو ۽ سندس يادگار تعمير ڪرائي ويندي.

تجربيڪار چاچي مرڪندي چيو ”بيوقوف آھي، ملڪ لاءِ جان خطري ۾ وجھڻ عقلمندن جو شيوو نہ آھي. آءٌ سندس جاءِ تي ھجان ھا تہ جيڪر ڀڄي وڃان ھا. زندگي اھين لٽائڻ لاءِ نہ ٿي ملي.

وينگ وراڻيو. ”اھا تنھنجي سوچ آھي چاچا آءٌ تہ. اھين ٿو سوچيان تہ منھنجو ڀاءُ اھو قدم کڻي خاندان جو نالو روشن ڪري رھيو آھي. ايترو چئي وينگ اتان ھليو ويو. رات جو ھن پنھنجي چاچي جي روئڻ جو آواز ٻڌو. ھوءَ پٽ جي جدائي ۽ جنگ جي ميدان ۾ سندس زندگي جي خاتمي جي خيال کان روئي رھي ھئي. پر وينگ خوشيون ملھائي رھيو ھو ۽ دعائون گھري رھيو ھو تہ سندس سوٽ جنگ

جي ميدان ۾ دشمنن جي گولين جو بک بڻجي وڃي.
سنوت جي وڃڻ ڪانپوءِ وينگ سڪ جو ساهه کنيو
هاڻ ڪيس ڪوبہ فڪر نہ هو. ڏيڻرن جي عزت مٿان
لٽڪندڙ تلوار بہ هٽي چڪي هئي هو سچو سچو ذهنن
آرام ڪندو هو ۽ سٺا سٺا طعام کائيندو هو. زمين تي
ڪم ڪرڻ لاءِ صحتمند ۽ محنتي هاري هئا ۽ انهن
جي نظرداري ڪرڻ لاءِ سندس وفادار سائي چنگ
موجود هو. مهيني ڪان پوءِ وينگ پوٽي جي پيدائش
جي خوشي ۾ سڄي ڳوٺ کي دعوت ڏني. تمام
وڏي دعوت جو بندوبست ڪيو ويو ۽ ڪئي قسمن
جا طعام تيار ڪرايا ويا ۽ شراب جو بندوبست بہ ڪيو
ويو هو. دعوتي اچا کائي رهيا هئا تہ هڪ هاري ڊوڙندو
آيو ۽ اچي وينگ کي ٻڌايائين تہ چنگ مٿان چٽ
ڪري پيئي آهي. اسان ڪيس هڪيدي تہ ورتو آهي پر
بچڻ جي ڪا اميد نہ آهي ۽ هو اوهان سان ملڻ
چاهي ٿو.
وينگ مهمانن کي اهو واقعو ٻڌايو ۽ کانئن اجازت
وٺي اوڏانهن ويو هليو. چنگ زخمي هو ۽ سندس حالت
خراب هئي. وينگ کي ڏسي هن مرڪڻ جي ڪوشش
ڪئي ۽ چيائين تہ آءٌ تنهنجي نمڪ خوار ۽ ايماندار
دوست جي حيثيت ۾ مري رهيو آهيان. ڇا تون مونکي
قيمتي ڪفن جي قابل سمجهين ٿو؟
وينگ لڙڪن تي ڪنٽرول ڪندي چيو آءٌ توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرڻ ڪونہ ڏيندس.

چنگ چيو" يارن جهڙيون ڳالهيون نہ ڪر منهنجا دوست. منهنجو وقت پورو ٿي ويو ۽ مونکي اطمينان آهي تہ مون ڪڏهن بي‌ايماني نہ ڪئي ۽ توکي ڪڏهن دوکو نہ ڏنم. هاڻي موت منهنجي بستري جي پر ۾ موجود آهي. تون سندس رستو نٿو روڪي سگهين ۽ مونکي بہ وڌيڪ وقت زندہ رهڻ جي تمنا نہ آهي" ايترو چئي هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ وينگ ڏانهن وڌايو. وينگ اڳتي وڌي سندس ڪمزور هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو ڪيو. ۽ چنگ جي ساهہ جي ڏور ٽٽي پيئي. ورهين جي دوستي ۽ اعتماد جو رشتو، ظالم موت سيڪنڊن ۾ ٽوڙي ڇڏيو. موت ڪيڏي نہ بي‌دردي سان ڪن پل ۾ زندگي پر جي سات کي ٽوڙيو ڇڏي. ۽ وينگ پنهنجي دوست جي لاش جي مٿان جهڪي روئڻ لڳو. ڪنهن نہ يڙي يار جيان، جنهن جا رانديڪا هڪ هڪ ڪري ڪو ظالم ڀڃندو هجي. هارين ٻئي ۽ وفادار زال ۽ هاڻ وفادار ساٿي ۽ دوست، چنگ، هارين سان بہ ڪڏهن ڪو برو ورتاءُ نہ ڪيو هو. هو سڀ بہ سندس موت تي ڏکي هئا ۽ سندن اکين ۾ بہ لڙڪ هئا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ وينگ پنهنجي خاص ملازم کي شاندار ۽ قيمتي ڪفن جو ڪپڙو خريد ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ جڏهن سڀ بندوبست ٿي ويو. تڏهن چنگ کي اولهہ ۾ وينگ جي پيءُ جي پر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس

وڏي پٽ انهي تي اعتراض ڪيو پر وينگ جي اکيان
سندس اعتراض جي ڪا اهميت نه هئي، اهو ئي ڪيو
ويو جيڪو وينگ چاهيو ٿي.

چنگ جي مرڻ ڪانپوءِ وينگ ذهني طور تي هر وقت ڪنهن نه ڪنهن تڪليف ۾ مبتلا رهڻ لڳو. هن زمين تي وڃڻ نه چنگ جي زندگي ۾ ئي ڇڏي ڏنو هو. سو هاڻ به ڪونه ويندو هو ۽ زمينن تي ڪم ڪنهن به نگراني ڪانسواءِ هلي رهيو هو. وينگ کي هاڻ پراڻو گهر ڪائڻ ٿي آيو. هن فيصلو ڪيو ته ڪيس به نئين خريد ڪيل حويلي ۾ وڃي رهڻ گهرجي. اتي پوءِ به غم غلط ڪرڻ جا ڪئي موقعا ملي سگهيا ٿي. ڪنول هئي، سندس وڏي پٽ جو خاندان هو جنهن ۾ هڪ ننڍڙو صحتمند ٻار به شامل هو. اهو سوچي هو پنهنجي ننڍين پٽن ۽ ڌيئرن کي ساڻ وٺي حويلي ۾ وڃي رهيو. حويلي ۾ سندس اچڻ سان به ڪا سوڙهه ڪونه ٿي هئي ڇو جو حويلي ڪنهن بادشاهه جي محل کان هرگز گهٽ نه هئي.

اڃا حويلي ۾ وئي هفتو ڪسن ئي مس ٿيو هو ته هڪ ڏينهن فوجين جو هڪ قافلو جنهن جو سردار وينگ جو ننڍو هو. سندن ڪوٺ مان لنگهيو ۽ ڪجهه دير آرام ڪرڻ لاءِ حويلي ۾ گهڙي آيا. فوجين کي خاڪي رنگ جونورديون پهريل هيون ۽ پيرن ۾ لانگ بوٽ هئا. وينگ کي ڏسي سندس ننوٽ ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاڍي حب ۽ اڪير مان اڳتي وڌيو ۽ خوشيءَ مان رڙ ڪري ڪڍي کيس ڀاڪر وڌائين. رواجي نموني جيتوڻيڪ هن جي دل ۾ هنن لاءِ نفرت ۽ ڪدورت هئي، پر لوڪ کي ڏيکارڻ لاءِ هو انهيءَ ملاقات تي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيا هئا. فوجن پنهنجا بوٽ ۽ ورديون لاهي ڦٽيون ڪيون ۽ پنهنجي جسم تان سفر جي مٽي ۽ گرمي جي ڪري تيل پگهر جي تهه کي دور ڪرڻ لاءِ حويلي جي باغ ۾ ڍنڍ تلاءُ ۾ ٽپي پيا. ننڍڙي تلاءُ ۾ ڄڻ طوفان اچي ويو. رنگ برنگي، ننڍڙيون مڇيون جيڪي خاص طور تي شهر مان آڻي تلاءُ ۾ ڇڏيون ويون هيون سي انهيءَ طوفان بدتميزي کان گهٻرائجي هيڏانهن هوڏانهن ڪا پناهه ڳولهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. ۽ نظم ۽ ضبط کان وانجهيل فوجي ڪن پڪڙي پڪڙي تلاءُ کان ٻاهر اڇلائڻ لڳا ۽ سندن ڦٿڪڻ جو تماشو ڏسي ٽهڪ ڏيڻ لڳا. اها صورتحال ويهنگ لاءِ تڪليف ده هئي پر هو انهيءَ جي باوجود سندن ميزباني ڪرڻ تي مجبور هو ڇو ته سندن انڪار، فوجن کي حويلي جو حشر نشر ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي ها. اهو سوچي هن مٺاڻن دل مان مسرت کي ڇڪيو منهنجي غريباڻي گهر جا دروازا انهيءَ وقت تائين توهان لاءِ کليل رهندا جيستائين توهان هن ڪوٽ ۾ مقيم آهيو. توهين منهنجا مهمان آهيو.

ياڪ ڇوس* اسان کي تنهنجي آڇ قبول آهي. تنهنجي

مهرباني جو تو منهنجو مان مٿاهون ڪيو. منهنجي هنن ساٿين جي نظرن ۾ منهنجي عزت وڌي ويندي.

فوجي ٻاهر باغ ۾ رهندا هئا ۽ وينگ جو سمورت اندر گهر ۾، فوج جي سخت ۽ ضابطن واري زندگي ۾ منجهس ڪا تبديلي نه آندي هئي. هو سڄو ڏينهن گهر ۾ پيو نوس نوس ڪندو هو ۽ وينگ جي ڏيئرن سندس ننهن، ڪنول ۽ ڪوڪوءَ سان ڇيڙخاني پيو ڪندو هو. سندن جسم جي مخصوص عضون متعلق واهه رڳي ڪندو ۽ وجهه ملندس ته هٿ چراند ڪان به نه ڪسندو هو. اڳ ته ڪيس پيءُ جي اڙ هئي ۽ هاڻ ته هو فوج جي هڪ ڪمپني جو اڳواڻ هو جيڪي سڀ جو سڀ مٿي ڦريل هئا. انهيءَ ڪري وينگ ۽ سندس پٽ، سندس بدتميزين تي خاموش رهڻ تي مجبور هئا. حويلي جو نقشو ئي مٽجي ويو. فوجي ٻاهر باهه ٻارڻ لاءِ ميوي جي وڻن مان ڏاريون پٽيندا هئا ۽ هلندي ڦرندي رنگين ۽ سهڻن گلن کي ڇني پنهنجن پيرن هيٺ چيڀاٽي ڇڏيندا هئا. وينگ حويلي جي باغ ۽ گلن ڦلن کي سنوارڻ تي تمام گهڻو خرچ ڪيو هو. فوجين سندس سڄو خرچ ضايع ڪرائي ڇڏيو.

هوڏانهن وينگ جي سڀوت جون ٻه مستيون جاري هيون، هن هڪ ٻن خادمائن تي هٿ وجهڻ جي ٻه ڪوشش ڪئي پر اهي ڪنهن نموني رڙيون ڪندي سندس گرفت مان نڪري ڀڄي ويون. اما صورتحال

ڏسي وينگ کي فيصلو ڪرڻو پيو ته انهي بدمست جنسي جانور کي پنهنجي اندر جي باهه وسائڻ لاءِ پال ڏي ڪا خادمه پيش ڪجي نه ته عين ممڪن آهي ته ڪنهن وقت گهٽي جوش ۾ هو وينگ جي خانــدان جي عزت تي هٿ وجهي ويهي ۽ حويلي ۾ رتو ڇاڻ ٿي پوي. اهو سوچي هن ڪوڪوءَ کي وٽس موڪليو ته ڪانئس پڇا ڪري اچي ته خادمائن مان ڪهڙي ڪهڙي پسند آهي. ڪوڪو واپس اچي ٻڌايو تـه هن کي ڪنول جي جسم تي مالش ڪندڙ ڇوڪري پسند آهي.

ڪنول جي انهي خادمه جو نالو پير بلاسم هو، عمر تيرهن چوڏهن سال مس هوندي هوس پر سنــدس جسم تي اهڙي جواني ۽ بهار آيل هئي جو هر ڏسندڙ جي منهن ۾ جيڪر پاڻي اچي وڃي. پيــر بلاسم اڃا ن ڪنواري هئي. هن کي جڏهن خبر پيئي مالڪ جــو پاڳل، بدمست هاٿي پنهنجي بستري لاءِ سندس گهر ڪري رهيو هو ته سڄي وجود کي ڏڪڻي وٺي ويئي ۽ هوءَ ٻارن وانگر روئڻ لڳي. ڪوڪوءَ کي چيائين ”مونکي بچاءِ سائين. هو مون کي ماري ڇڏينــدو. ڪوڪو رعب مان چيس“ روئين ٿي؟ تون ته صفا ڪا ڪانئر زال آهين، اڙي مرد بستري ۾ ڪڏهن زال کي ماري سگهيو آهي؟ گهبراءِ نه، هو ٿڪجي پوندو ۽ توکي گهڻو وقت تڪليف نه ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ڇوڪري ڇا جو ماٺ ڪري، اٿي ۽ مٿان
وينگ اچي ويو. ڇوڪريءَ جي روئڻ جو سبب پڇڻ
ڪانپوءِ چيائين "هن معصوم ڇوڪريءَ کي منهنجي پاڻ
جي ڪمري ۾ نه موڪليو. انهيءَ مقصد لاءِ ڪا
تجربيڪار ۽ صحتمند خادم موڪليو. هن جو مقصد
صرف پنهنجي خواهشن جي تسڪين آهي انهي لاءِ ڪنهن
ننڍڙي کي ڇپائڻ ضروري نه آهي.

رات جو ڪوڪو اڳتي ٿي هڪ خادم کي جوڪا
جوان هئي، مردن جو تجربو هئس ۽ جسم مضبوط
هئس، کي وٺي فوجي سردار جي ڪمري ۾ ڇڏي آئي
ڇوڪري جي پرڪشش جسم ۽ سهڻن ۽ پرنور ارهن کي
ڏسي هن انهي ڳالهه تي ڪوبه گوڙ نه ڪيو نه سندس
پسند جو خيال ڇو نه رکيو ويو. ڪوڪوءَ کي ٻاهر
وڃڻ جو اشارو ڪيائين ۽ ڳڪ ڳاڙهيندو خادم کي
ڇهڻ ويو. ميدان جنگ ۾ گوليون هلائيندڙ جوان ۽
مضبوط فوجي نوڙي دير ڪانپوءِ ٿڪو ٿڪو پلنگ تي
پيو هو ۽ خادم اڌوڙن نظرن سان ڏانهس نهاري رهي
هئي جڻ چوندي هجي "بس همت به ايتري؟"

ٻئي ڏينهن صبح جو فوجن جي ڪمپني ڪوچ
ڪري ويئي.

فوجن جي رواني ٿيڻ وڃڻ کان پوءِ حويلي ۾
نوان گل پوکيا ويا ۽ تلاءَ جي مرمت ڪرائي، تازو
پاڻي ڇڏي نيون ڇپيون ڇڏيون ويون ۽ جهڪي فرش،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دريون، دروازا ۽ آرائشي محراب، فوجي ڀڄي ويا هئا
تن جي مرمت لاءِ شهر مان ڪاريگر گهرايا ويا.

وينگ هاڻ ستر ورهين جو اچي ٿيو هو، جيتوڻيڪ
سندس صحت ڪافي سٺي هئي ته به هو خود ڪمزور
۽ سست محسوس ڪندو هو. ظاهر آهي ته سڄي زندگي
ماڻهو هڪجهڙي صحت جو مالڪ نٿو رهي سگهي.
عمر گذرڻ سان گڏوگڏ جوانيءَ واري طاقت ۽ قوت
به آهستي آهستي ساٿ ڇڏيو وڃي. وينگ کي ڪاڏي
ٻوٽي ۽ طاقت جي دوائن جي ڪا ڪمي نه هئي. پر عمر
انهن سڀني ڳالهين جي دشمن هئي ۽ هو هاڻ عمر جي انهي
حصي ۾ پهچي چڪو هو جتي پهچي نامردي ۽ ڪجهه
نه ڪري سگهڻ ڪري پوڙها شرافت جو لباس پهري
ويندا آهن. وينگ ۾ به هاڻ شهواني خواهشون ڪونه
رهيون هيون. کيس ضرورت ۽ طلب هئي ته صرف
ذهني سڪون ۽ آرام جي- دلي اطمينان جي. پر اهي
ڳالهيون ڪاٿس پوريون هيون. غريب هو سڄو ڏينهن
محنت مزدوري ڪندو هو، ٿوم ۽ بصر جي چٽڻي سان
ماني کائيندو هو. تڏهن به زندگي ۾ سک هو، آرام ۽
راحت هئي، پر هاڻ ٻيو سڀڪجهه هو سک ۽ سڪون
نه هو. دولت سندس گهر مان اهي اڻ ملهه شيون ڪڍي
ٻاهر ڪيون ۽ انهن جي جاءِ تي نفرت ڏڪار ۽ بعض
اچي والاري هئي. وينگ ننڍي پٽ جي شادي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرائي ڇڏي هئي، ۽ سندس ٻئي ڀيڻون پڻ هجڻ
(لهو جون ڏيون) جي باوجود هڪٻئي جون جق تہ
سخت دشمن هيون. ننڍين ننڍين ڳالهين تان منجهن
جهڳڙو شروع ٿي ويندو هو ۽ سندن اهي دشمني ٻنهي
ڀائرن کي بہ هڪٻئي جو دشمن بڻائي ڇڏيو هو. انهي
ڪانسواءِ هو ٻئي وڏيڪ جي ڳونگي ڏيءُ کي بہ نہ
سهنديون هيون ۽ ڇوڪري جا ڀائر بہ انهي سلسلي ۾
پنهنجن زالن کي ڪجهہ نہ چوندا هئا. هو تہ ٻئي زالن
جا غلام هئا. جيئن زالون چونديون هيون. تيئن ڪندا
هئا. گهر ۾ هر وقت اهو جهڳڙو لڳو پيو هو ۽ انهي
جي موجودگيءَ ۾ سک ۽ سڪون ڪٿان ڪراچي
جنهن جي وڏيڪ کي ضرورت ۽ ڳولها هئي. هو اڪثر
سوچيندو هو تہ ڪاش جي هو امير ۽ دولتمند ٿئي
جي آس نہ ڪري ها، وٽس اهڙي دولت نہ هجي ها. ايڏا
سک نہ هجن تہ جيڪر سندس پٽن کي بہ محنت ۽
مزوري ڪري پيٽ پالڻو پوي ها. ۽ محنت ڪن ها
تہ شايد منجهن اهي نفرتون ۽ دشمنيون نہ پيدا ٿين
ها. ڇو تہ غريبي ۽ محنت نفرت جو نہ پر محبت
جو سبق ڏينديون آهن. پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو.
هو تہ جو تمام وڏو جاگيردار هو. جنهن کي رهڻ
لاءِ ست ڪمرن واري حويلي هئي، باغ هئا، زمينون
هيون ۽ اناج جو تمام وڏو ڪاروبار هو، پر سک ئي
نہ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ئي سوچن وارن ڏينهن ۾ هڪ رات هو حويليءَ جي باغ ۾ ڇپر تي ليٽيو پيو هو ته پريان پيربلاسم کي ويندي ڏٺائين. نڄاڻ ڇو پيربلاسم کي ڏسي سندس دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار تيز ٿي ويئي. سڄي جسم ۾ ڄڻ ته ساڪوڙيون ڇڪ هڻڻ لڳيون. دماغ ۾ عجيب عجيب خيالن اچي گهر ڪيو. هو پريشان ٿي اٿي ويهي رهيو ۽ سڏ ڪيائين.

پيربلاسم.

رات جي خاموشيءَ ۾ وينگ جو آواز ٻڙاڏو ٻڌجي گونجيو. ستر سالن جو پوڙهو، چوڏهن سالن جي نوخيز مکڙيءَ کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيو هو. پيربلاسم آواز ٻڌي ٻيهي رهي ۽ پوءِ بناڪنهن ڊپ جي ڏانهنس هلي آئي.

پيربلاسم .... جڏهن هوءَ وينگ جي پير ۾ پهتي تڏهن وينگ ڌيمي آواز ۾ وري کيس پڪاريو. وايومنڊل خاموش هو. ڪٿان به ڪو آواز ڪونه ٿي ٻڌڻ ۾ آيو. صرف وڻن جا پن هوا جي زور تي سرسر ڪري رهيا هئا. ڇوڪري بلڪل وينگ کي سامهون بيٺي هئي. شايد هن به سمجهي ورتو هو ته مالڪ رات ۾ اڪيلائيءَ وقت کيس ڇو سڏيو هو. پر ته به کيس ڪو ڊپ نه هو. هوءَ ساهه کڻي رهي هئي ته سندس سڊول آرهه هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا ۽ سندس اکين ۾ چمڪ هئي. وينگ کيس ساهه کڻندي ۽ سندس آرهن کي هيٺ مٿي ٿيندي ڏسندو رهيو. پوءِ پنهنجا ڏڪندڙ هٿ وڌائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌس آرهن تي ڦيرائڻ لڳو. ڇوڪريءَ جي ڇهري تي پگهر جون بوندون ظاهر ٿي بيٺيون ۽ دل ائين ڌڙ ڌڙ ڪرڻ لڳي جو وينگ پنهنجي هٿ جي ترِيءَ تي محسوس ڪرڻ لڳو. وينگ کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اهو اڄ ڪيس ڇا ٿي ويو هو. پيربلاسم سنڌس پوٽي يا ڏهٽيءَ جي عمر جي هئي. ڪيس ڏسي رت سنڌس شريانن ۾ ڇو ٽهڪڻ لڳو هو ۽ ڇو سنڌس دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار تيز ٿي هئي؟ مٿان وري ڇوڪري به خاموش رهي ڇو ته ڪيس همٿائي رهي هئي. هوءَ ٿي جي انڪار ڪري ها ته به وينگ جا ارادا بدلجي وڃن ها. پر هن جي ڇهري جا تاثر ته اهو چئي رهيا هئا ته ڪيس ڪو اعتراض نه هو. ائين ڇو هو؟ جڏهن ڪيس وينگ جي سوٽ جي بستري تي سمهڻ لاءِ چونڊيو ويو هو تڏهن هن اهڙو ڪم ڪيو هو جو الامان .... ۽ هينئر وينگ جي سامهون سنڌس روپ يڪسر ٻيو هو.

وينگ چيو "ڏسو .... منهنجي پر ۾ ٿي ويهه. آءٌ پوڙهو ٿي ويو آهيان، منهنجو جسم ٿڌو آهي، مان تنهنجي جسم جي گرميءَ سان منهنجو جسم به گرم ٿئي.

وينگ محسوس ڪيو ته سنڌس زبان ٿڙي رهي هئي. هڪ نوجوان، پرپور شباب ۽ گرم جسم جي مالڪ ڇوڪريءَ جو قرب سنڌس زبان ۽ هٿن جي ڏڪڻ جو سبب بڻجي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيربلاسم جنهن جو آواز ٻڌو ٻڌو پئي لڳو ۽ سندس
وجود تي عجيب نشو طاري ٿي رهيو هو تنهن ورائيو
"مون کي پوڙها مرد پسند آهن ڇو ته هو مهربان هوندا
آهن، ظلم نه ڪندا آهن ۽ ساٿين کي تڪليف نه
رسائيندا آهن.

وينگ اهو ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ وري پڇيائين
"توکي جوانن کان نفرت ڇو آهي؟" پيربلاسم ورائيو
"جوان مرد ظالم ۽ نامهربان هوندا آهن، هو ساٿين
کي اذيت ۾ مبتلا ڪري لذت حاصل ڪندا آهن. ۽
آءٌ اذيت ۽ تڪليف برداشت نٿي ڪري سگهان.

اهو جواب ٻڌي وينگ، پيربلاسم جو نازڪ گل
جهڙو وجود پنهنجي ٻاڪر ۾ جڪڙي ورتو ۽ کيس
کڻي انهيءَ ڪمري ۾ آيو جيڪو هن ڪئي هزار سون
جا سڪا خرچ ڪري پنهنجي آرام لاءِ تيار ڪرايو
هو. پيربلاسم جي انگ انگ مان خوشي ظاهر ٿي رهي
هئي. هوءَ هن وقت ڪا اڻ ٽڙيل مکڙي نٿي ڀاسي.
ائين ٿي لڳي ڄڻ ٽڙيل گلاب هئي. خوشبوءِ سان
ڀرپور، رنگين، تازي تازي.

ڪمري ۾ پهچڻ کان پوءِ معاملو ختم ٿيڻ ۾ ڪا
دير نه لڳي. وينگ کي خدشو ٿيو ته پيربلاسم جون
خواهشون اڌوريون رهجي ويون هونديون. کيس لذت
نه ملي هوندي. انهيءَ ڪري سندس احساس ختم ڪرڻ
لاءِ پڇيائين "تون ڏسين پئي ته آءٌ بلڪل پوڙهو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڪو آهيان ۽ منهنجو وجود مرد تي چڪو آهي. منهنجي وجود ۾ هاڻ ڪوبه شعلو باقي نه آهي.

پيربلاسم جنهن جون اکيون بند هيون ۽ جسم ڍڪيل ۽ پڏل هو تنهن مطمئن لهجي ۾ جواب ڏنو "اوهان جو قرب منهنجي عزت افزائي آهي. توهان مون کي انهيءَ قابل سمجهيو تنهن لاءِ مهرباني، مون کي ٻئي ڪنهن به وڏيڪ شعلي جي ضرورت نه آهي.

۽ واقعي پيربلاسم جي انداز مان اهو ظاهر ٿي رهيو هو ته هوءَ لذت جي حصول کان وانجهيل نه رهي هئي. هوءَ بلڪل مطمئن هئي.

پيربلاسم هاڻ ڀانهي نه رهي هئي. هوءَ وينگ جي دل جي راڻي ٿي چڪي هئي ۽ هر وقت وينگ جي خدمت ۾ حاضر رهندي هئي. ايتري دولت ۽ جاگير هوندي به وينگ خود کي غريب محسوس ڪندو هو. ڪيس آرام ۽ سک جي تلاش هئي. انهيءَ ڪري هر وقت اڪيلو اڪيلو رهندو هو ۽ سندس سمورو وقت حويليءَ جي باغ ۾ گذرندو هو. هاڻ پيربلاسم جي ڪري سندس وقت ڪجهه سٺو گذرڻ لڳو. پر هو پاڻ محسوس ڪندو هو ته مردانگي هاڻ منجهس ناليماتر وڃي رهي آهي. انهيءَ سوچ سان گڏ ڪيس اهو احساس به ٿيندو هو ته هو پيربلاسم تي ظلم ڪري رهيو هو جيڪا جوان هئي، ترتازه هئي، گرم هئي، جنهن جو شباب اصل ڦاٽو ٿي. سندس وجود جي گرمي کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ اوتري ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گرمي ۽ جوش درڪار هو. اهو خيال اچڻ تي ڪڏهن ڪڏهن هو پيرلامر کي چوندو هو ”تون ٻانهي آهين ۽ آءٌ مالڪ، تون ننڍي آهين ۽ آءٌ پوڙهو .... تون ضرور سوچيندي هوندين ته مون دولت جي زور تي تنهنجي جواني ۽ شباب جي بي عزتي ڪئي آهي.

پيرلامر نظرون جهڪائي جواب ڏيندي ”ائين نه سوچيندا ڪريو مالڪ .... مون کي توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن مرد جي ضرورت نه آهي.

هن دفعي جڏهن بهار آيو، نوان گل ٽڙيا، وڻن ڦوٽ ڪئي ۽ هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر اچڻ لڳي. تڏهن ڪافي ڏينهن کان پوءِ وينگ جي ناسن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ گهر ڪري ويئي، زمين تي وڻي ڪافي عرصو ٿي ويو هوس. چنگ جي مرڻ کان پوءِ هن خود کي بنهه اڪيلو اڪيلو محسوس ڪيو هو ۽ سڀڪجهه ڇڏي حويليءَ ۾ هليو آيو هو. اهو سوچي ته آئي سندس ننهي پٽن جا ٻار هئا، زالون هيون، ڪنول هئي، تنهنڪري کيس اڪيلائيءَ جو جيڪو احساس ٿي رهيو هو سو ختم ٿي ويندو ... پر ٿيو ان جي ابتڙ. حويليءَ ۾ ماڳهين کيس اهو احساس ڏنگڻ لڳو ته دولت حاصل ڪرڻ تي وڃڻ کان پوءِ سکون کانئس موڪلائي ويو آهي ۽ هو چرين وانگر سکون جي تلاش ۾ ڏڪا کائڻ لڳو. مٽيءَ جي خوشبوءِ نڪ ۾ پهتس ته هڪ دفعو وري پنهنجي اصل ڏانهن موٽي وڃڻ جي خواهش ڪر

ڳڻي جاڳي. سو هڪ ڏينهن پنهنجي وفادار نوڪر ۽
پيرلاسم کي ڳڏ وٺي هو پنهنجي اصلي گهر ڏانهن
وڃي نڪتو جتي هن غربت ۽ ڏک وارو دور گذاريو
هو. آتي پهچي کيس سُک جو اڻ سيو احساس ٿيو، هو
ڪافي ڏينهن ڪان پوءِ سُک واري بي اولي ننڊ ستو.
بصر ۽ ٿوم جي چٽڻيءَ سان ماني کاڌائين ۽ صبح جو
جڏهن اڃان سج جا پهريان ڪرڻا به زمين تائين نه
پهتا هئا، هو زمين ڏانهن نڪري ويو. ڌرتي ماءُ جو
ذرو ذرو سندس اچڻ تي خوش ٿيو ۽ ويهنگ کي محسوس
ٿيو ڄڻ ان جا پيلل سلا سندس اچڻ جي خوشيءَ ۾
ٽهڪڻ لڳا هئا. وڻ ٽڻ ساوا ٿي ويا، ۽ فضا ۾ گيت
گونجڻ لڳا. جن ۾ سندس بيوفائيءَ جو شڪوو هو ۽
وري موٽي اچڻ تي خوشيءَ جو اظهار هو. ڌرتي ماءُ
پڪاري پڪاري کيس چئي رهي هئي ته مون مان وفا
جي آميد تيسينءَ رکجان جيسين تون پاڻ وفا ڪندين.
تون بيوفائي ڪندين ۽ ڦيرو به نه ڪندين ته پوءِ آءٌ
به لاچار هونديس... ويهنگ خود کي به احساس ٿيو ته
ڌرتي ماءُ سان بيوفائي ڪري هن چڱو نه ڪيو هو.
هلندي هلندي هو انهيءَ هنڌ اچي پهتو جتي سندس پيءُ،
اوائين ۽ چنگ جون قبرون هيون. هُن انهن سان به
بيوفائي ڪئي هئي. جڏهن ته کيس به هڪ ڏينهن ڌرتيءَ
جي انهيءَ ٽڪري کي وسائڻو هو — هميشه هميشه لاءِ
انهيءَ هنڌ سمهڻو هو. پنهنجن پيارن جون قبرون ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ اهو هنڌ ڏسي جتي کيس هميشه لاءِ قيام ڪرڻو هو، سندس دل کي سڪون مليو. پيءُ ۽ اولين جي قبرن وچ ۾ جيڪا خالي جاءِ پيل هئي، جتي کيس سمهڻو هو، اتي ويهي هن ٽڏي مٽيءَ کي ڇُهيو. مٽيءَ کي ڇهندي سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا. قبر جو تصور ئي ڊيڄاريندڙ آهي.

گهر واپس اچي هن پنهنجي ڌيءَ کي ٻه پاڻ رت گهرائي ورتو ۽ پٽن کي گهرائي کين ٻڌايائين ته هو هاڻ ٻرائي گهر ۾ رهندو ۽ سندس لاءِ هڪ ريشمي ۽ نرم ڪفن گهرايو وڃي.

اهو ٻڌي پٽن چيو "اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو بابا ... توهان ته اڃان اسان ڪان به جوان آهيو.

پر وينگ چيو "اهو منهنجو حڪم آهي .... منهنجي حڪم جي تعميل ڪريو. آءٌ هاڻ وڌيڪ وقت زنده ڪونه رهندس.

ٻئي ڏينهن ڪفن اچي ويو جيڪو وينگ پنهنجي پلنگ جي سامهون پٽ تي ڏکڏي چڙهيو جيئن هر وقت ڪفن سندس اکين اڳيان رهي. ڪفن کي ڏسي کيس ابدي سڪون جو احساس ٿيندو هو. سڪون، جنهن جي ڳولا ۾ هو جهنگ ۽ ٻـَر جهاڳي آيو هو. سو هاڻ ڪانئس گهڻو پري نه هو.

هاڻ سندس نظر ۽ ٻڌڻ جي قوت به گهٽ ٿي ويئي هئي، هو سڄو ڏينهن پنهنجي ابيءُ جـي

اڏوهي ڪاڏل ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو هو ۽ ٻڙن ڪن نوڪر سندس حڪمن جي بجا آوريءَ لاءِ هر وقت مستعد رهندا هئا ۽ رات جو بستري تي سمهندو هو ته هڪ جوان جسم سڄي سڄي رات سندس سرد وجود کي گرمي پهچائيندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن ڪنول، ڪوڪوءَ کي ساڻ وٺي وينگ سان ملڻ آئي. هوءَ هاڻ ايتري ته ٿلهي ٿي چڪي هئي جو ڪانئس هلڻو به نٿي ٿيو. وينگ کيس ڏسي پڇيو "منهنجون نهرون ته خوش آهن نه؟"

ڪنول نشي ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو "هو چٽين ٻلين وانگر هر وقت هڪٻئي کي پيون رُهڙين. تنهنجي وڏي پٽ ٻي شادي ڪري ورتي آهي ۽ ننڍي پٽ ڳوٺ جي بازار ۾ اناج جو دوڪان کوليو آهي."

وينگ کيس پيغام ڏنو ته سندس ٻنهي پٽن کي سائس ملڻ لاءِ موڪلي.

ٻئي ڏينهن ٻئي پٽ اچي پهتا. وينگ کين ڏسي چيو "آءٌ مرڻ کان اڳ سموري جائداد، ڪاروبار ۽ زمين جي ورهاست ڪرڻ ٿو چاهيان جيئن مون کان پوءِ اوهان ۾ جهيڙو نه ٿئي."

وڏي پٽ چيو "سموري زمين وڪڻي اسين رقم پاڻ ۾ ورهائي وٺنداسين."

اهو ٻڌي وينگ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ چيائين "اهو ڪڏهن به نه ٿيندو. پاڻ سڀ ڌرتي ماءُ جا

ٻچا آهيون، ۽ ماءُ ڪي وڪڻبو نه آهي .... ماءُ ڪي ڪير به نه وڪڻندو آهي. زمين وڪڻڻ، ماءُ وڪڻڻ مثل آهي. ڇا اوهين پنهنجي مثل ماءُ جو ڪنهن واپاريءَ سان سودو ڪندا؟ ڌرتيءَ ڪي پنهنجي ماءُ سمجهو .... ماءُ وڪرو ڪرڻ واري جنس نه آهي.

اهو ٻڌي پنهي پٽن جون اکيون شرم وچان جهڪي ويون ۽ هنن وراڻيو "نه بابا ... توهين اطمينان رکو. اسين زمين وڪرو نه ڪنداسين."

شايد وينگ اهي ئي لفظ ٻڌڻ ٿي چاهيا. هُن مرڻ کان اڳ اهو اطمينان ٿي ڪرڻ چاهيو ته سندس پٽ زمين وڪرو نه ڪندا. پٽن جي واتان اهڙو اظهار ٻڌي کيس ڇڪ ته ابدي سڪون حاصل ٿي ويو. هاڻ هو آرام ۽ اطمينان سان مري سگهندو .... سُک ۽ سڪون حاصل ڪري سگهندو جيڪو دولتمند ٻچي هو پنهنجي ئي هٿن سان وڃائي ويٺو هو. قبر ۾ ته هو خالي هٿين ويندو نه .... غريبيءَ جي حالت ۾، ۽ انهيءَ ذهني اطمينان سان ته پويان سندس پٽ ڌرتي ماءُ جو سودو نه ڪندا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

نومبر ۾ شايع ٿيل پهريون ڪتاب:

نــاري

ناري هڪ سياسي ڪارڪن .... هن پارٽيءَ خاطر ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون، پارٽيءَ جي جدوجهد ۾ ڪهڙيءَ ريت حصو ورتو، پر بيمار ٿيڻ کان پوءِ پارٽيءَ جي اڳواڻن سائس ڪهڙو سلوڪ ڪيو. هڪ عام ڪارڪن جو الميو .... هڪ عام ڪارڪن جي زندگيءَ جو داستان.

سفيد ڪاغذ، ٩٠ صفحا، ڪارڊ ڪور، قيمت ٨-٠٠

آڪٽوبر ۾ ڇپيل ڪتاب:

١. مهڪريءَ جا مضمون

جي. ايم مهڪري / محمد ابراهيم جويو

ملڪ جي ناماري مفڪر ۽ دانشور ڊاڪٽر جي. ايم مهڪري جا لکيل مضمون جيڪي انگريزي اخبارن ۾ ڇپيا ۽ انهن جو سنڌي ترجمو سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن ڪيو. سياسي ڪارڪنن ۽ سياست ۽ فلسفي ۾ دلچسپي رکندڙ سنڌي پڙهندڙن لاءِ اڻمُلهه تحفو.

سفيد ڪاغذ، ٢٧٥ صفحا، ڪارڊ ڪور، قيمت ٢٥-٠٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۳. سچ جو فلسفو — رشيد ڀٽي

جرمن دانشور هيگل تاريخ متعلق سڀ کان پهرين جدلياتي ماديت جو فلسفو پيش ڪيو جنهن کي اڳتي هلي ڪارل مارڪس پنهنجي تاريخي ماديت واري نظرئي لاءِ بنياد بڻايو. جدلياتي فلسفو ۽ جدلياتي علم ڇا آهي؟ رشيد ڀٽي سنڌي ٻوليءَ ۾، آسان ۽ سلوس ٻوليءَ ۾، وضاحتن ۽ دليلن ۽ مثالن سان اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تاريخ ۽ سياست جي شاگردن ۽ ڪارڪنن لاءِ.
سفيد ڪاغذ، ۱۷۵ صفحا، ڪارڊ ڪور، قيمت ۰۰-۱۸

انهن کان علاوه اڳ ڇپيل ڪتابن جو تعارف:

۱. علم تدريس مظلومن لاءِ —

اسپيني مصنف پائلو فراريءَ جو لکيل ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عظيم ڄاڻو محترم ابراهيم جويو جو ترجمو ڪيل ڪتاب .... سموري دنيا جي مظلومن لاءِ درسي ڪتاب. جيڪو ٻارڙن کي سڀ کان پهريائين پرائمر ڪتاب پڙهايو ويندو آهي، تيئن مظلومن لاءِ هن ڪتاب ۾ بنيادي سبق سيکاريا ويا آهن، ظالم ڪير آهن، ظلم ڪيئن ٿو ٿئي ۽ مظلوم کي پنهنجو حق ڪيئن حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کي ظالم جي ظلم کان ڪهڙيءَ ريت بچائجي .... اهو آهي انهيءَ ڪتاب جو متن. صفحا ۴۰۰، سفيد ڪاغذ، ڪارڊ ڪور، قيمت ۰۰-۲۵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۲. اڌو اڌو ۽ اڃهو —

ايشيا جي عظيم ليکڪ ڪرشن چندر جو لکيل ناول، هڪ هاريءَ جي زندگيءَ جي ڪهاڻي، جنهن زميندار جي ظلمن کان مجبور ٿي هارين جي حقن لاءِ تحريڪ هلائي .... هن هارين کي ڪيئن منظم ڪيو، سندن تربيت ڪهڙي ريت ڪئي، انهيءَ راهه ۾ ڪيس ڪهڙيون تڪليفون ڏسڻيون پيون، زميندارن سندس خلاف ڪهڙيون چالون ڪيڏيون، انهيءَ سان گڏوگڏ محبت جا جذبا ۽ آخر ۾ هاريءَ کي مليل موت جي سزا جو احوال .... سفيد ڪاغذ، صفحا اٽڪل ۲۰۰، ڪارڊ ڪور، قيمت ۰۰–۱۶ رپيا صرف.

۳. جڏهن جهوڪ جهري —

ننڍي کنڊ جي مهان دانشور سبط حسن جو لکيل، شاهه عنايت شهيد، سنڌ جي پهرئين سوشلسٽ جي زندگيءَ جو احوال جنهن جاگيردارن خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو ۽ ڏتڙيل، پيڙهيل، غريب ۽ بيوس ۽ مظلوم هاريءَ جي ڀلي لاءِ آواز بلند ڪيو .... رشيد ڀٽي انهيءَ ڪتابڙي کي سهڻي سنڌيءَ جو روپ ڏنو .... دلفريب ٽائيٽل، سفيد ڪاغذ، صفحا ۷۵ ۽ قيمت ۰۰–۶ رپيا صرف.

۴. چين ۾ قومي سوال —

ڪنهن گهڻ قومي ملڪ ۾ قوميت جي مسئلي کي ڪيئن حل ڪجي، انهيءَ جو بهترين جواب چين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قيادت قومي مسئلي کي ڪيئن نبيريو، انهيءَ مسئلي ۾ چين جي سڀ کان وڏي "هان" قوم جو ڪردار ڇا رهيو، ننڍين قومن جي احساس محروميءَ کي ڪهڙيءَ ريت ختم ڪيو ويو، ننڍين قومن جي حقن لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اپاءَ ورتا ويا، تن سڀني جو ذڪر هن ڪتاب ۾ موجود آهي .... صفحا ١٨٠، سفيد ڪاغذ، ٻه رنگو خوبصورت ڪارڊ ڪور، قيمت ١٦-٠٠ رپيا

٥. تاريخ ڇا آهي —

ننڍي کنڊ جي ڪميونسٽ نظرين جي حامي اديب باري عليڪ جو تاريخ متعلق لکيل ڪتاب. تاريخ متعلق مختلف دورن ۾ مفڪرن ۽ دانشورن ڪهڙا ڪهڙا نظريا پيش ڪيا تن جو تت، ۽ تاريخ جي سبق جو احوال ته تاريخ پاڻ ورجائي ٿي .... ڪهڙيءَ ريت؟ اڄ جا حاڪم، جي ڪلهه جي حاڪمن جي قدمن جي نشانن تي هليا ته جهڙيءَ ريت ڪلهه جا حاڪم تباهه ٿي ويا، اڄ جا حڪمران به تباهه ٿي ويندا. اهو آهي تاريخ جو سبق، انهيءَ انجام کان بچڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟؟ .... صفحا ١٥٠، سفيد ڪاغذ، سهڻو ڪارڊ ڪور، قيمت ١٢-٠٠ رپيا

٦. لڱ ڏهڪا لوهه —

شاهه ايران خلاف هلايل تحريڪ جي هڪ سرگرم اڳواڻ اشرف دهقاني جي گوريلا زندگيءَ جو احوال ..

Scanned with CamScanner

تحريڪ دوران مشن ۾ سنڌ ۾ ماڻهن تي ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا ويا، ڪين ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون پيون. اهو ڪتاب جنهن جو پهريون ڇاپو صرف ٽن هفتن ۾ ختم ٿي ويو هو. اٽڪل ٻن سالن کان پوءِ ٻيو ڇاپو مارڪيٽ ۾ .... سفيد ڪاغذ، ١٥٠ صفحا، خوبصورت ڪارڊ ڪور، قيمت ١٤-٠٠ رپيا.

٠٧ ماؤزيتنگ جا قول —

هن صديءَ جي عظيم ترين انقلابي سياسي رهنما، چين ملڪ جي آزاديءَ جي ناميارې اڳواڻ، عظيم سياسي اديب ڪامريڊ ماؤزيتنگ جي قولن جو ميڙ جيڪو هر سياسي ڪارڪن جي لائبريريءَ ۾ سياسي تربيت لاءِ لازمي آهي. طويل عرصي کان پوءِ ٻيو ڇاپو .... نئين خوبصورت ڪارڊ ڪور سان سينگاريل، سهڻي مصري ٽائيپ ۾ ڪمپوز ٿيل. ٢٢٤ صفحا، سفيد ڪاغذ، قيمت ٢٠-٠٠ رپيا صرف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عظمت ادبي اڪيڊميءَ جا
ڪل ڇپرايل ڪتاب

٠١. اڳهاڙي	(ختم ٿي ويل)	ٻه ڇاپا
٠٢. عشق	(ختم)	ٻه ڇاپا
٠٣. قرب جا ناتا	"	جلد ٻيو ايڊيشن اچڻ وارو
٤ قيدياڻيءَ جي ڊائري	"	ٻه ڇاپا
٠٥. پيار ۽ پاپ	"	ٻه ڇاپا
٠٦. پوڙهو ۽ سمنڊ	"	جلد ٻيو ڇاپو اچڻ وارو
٠٧. جنم قيدي	صرف چند ڪاپيون بچيل	١٦-٠٠
٠٨. جنگ ۽ انسان	(ختم)	جلد ٽيون ڇاپو اچڻ وارو
٠٩. جي ماريا نه موت	"	جلد ٽيون ڇاپو اچڻ وارو
١٠. ڏراڙن جا ڏک	"	
١١. ڳالهيون ڳنوارن جون	"	
١٢. جنس پيار ۽ شادي	"	٢٠-٠٠
١٣. پريت پراڻي ريت نرالي	"	
١٤. سنڌي ٻوليءَ ڪي للڪار	ٻئين ڇاپي جون ڪجهه ڪاپيون باقي	٦-٠٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٠١٥	ان دانا	هيءَ ڇاپي جوڻ ۾ ڪجهه ڪاپيون باقي (ختم)	٦-٠٠
٠١٦	ويتنامي ڪهاڻيون		
٠١٧	پيار پيار پيڙا پيڙا		١٠-٠٠
٠١٨	تو جنين جي تات		١١-٠٠
٠١٩	لڳ منهنجا لوهه	(ٻيو ڇاپو)	١٤-٠٠
٠٢٠	بي اولاد		٥-٠٠
٠٢١	ڪرنڌڙ ديوارين		١٢-٠٠
٠٢٢	رام محمد ڊيسوزا		١٢-٠٠
٠٢٣	علم تدريس مظلومن لاءِ		٢٥-٠٠
٠٢٤	جڌمن جهوڪ جهرڪو		٦-٠٠
٠٢٥	اڌو لٽو ۽ اجهو		١٦-٠٠
٠٢٦	ماڊوزيتنگ جا قول		٢٠-٠٠
٠٢٧	چين ۾ قومي سوال		١٦-٠٠
٠٢٨	تاريخ ڇا آهي		١٢-٠٠
٠٢٩	سچ جو فلسفو		١٨-٠٠
٠٣٠	مهڪريءَ جا مضمون		٢٥-٠٠

عظمت ادبي اڪيڊمي
سردار پريس، ڪاڌي ڪانو، حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHERALI CHANDIO

SINDH

CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu